


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# عورت، جنس ۽ مذهب

(گرو رجنيش (اوشو) جي مختلف آڊيو/ وڊيو ڪيسٽس، ليڪچرز ۽ ڪجھ ڪتابن تان ورتل مواد تي آڌاريل)

گرو رجنيش (اوشو)

الطاف ملڪاڻي

انڊس اڪيڊمي

ڪراچي۔ 2013ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# فهرست


## باب پهريون

پاڻ سان محبت ڪيو 03

- پڙاڏي جو ماڳ 12
- محبت، آزادي ۽ اڪيلائپ 14
- محبت فلسفو ۽ خالي پڻ 18
- جنم تہ موت مثل هوندو آهي 25

## باب ٻيو

دل ۾ جرئت نہ هجي تہ محبت نا هي ملندي 32

- محبت جي جرئت 32

## باب ٽيون

ڇا محبت سکي سگهجي ٿي؟ 39

- پهريون نظم 49
- پهريون گيت 51

## باب چوٿون

محبت، دوستي ۽ آگهي 63

- هڪ سوال 70


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

باب پنجون

محبت ۽ حسد 114

• غير مشروط محبت 126

باب ڇهون

جنس، جماليات ۽ شعور 153

باب ستون

عورت، جنس ۽ مذهب 178

• محبت! دل ۾ دڪندڙ آڳ 187

• علم زندگي جي رڪاوٽ آهي 202

• محبت ۽ حوس- بي خواهش زندگي 204

باب اٺون

محبت مستقل ناهي هوندي 245

باب نائون

قانون جي نه محبت جي حڪمراني 254

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آهي توهان کي پنهنجو پاڻ سان محبت نہ ڪرڻ جو درس..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت نہ ٿا ڪيو تہ پوءِ توهان ڪنهن سان بہ محبت نہ ٿا ڪري سگهو پر پوءِ بہ اُهي چوندا رهندا آهن تہ ٻين سان محبت ڪيو. انسانيت سان محبت ڪيو. خدا سان محبت ڪيو فطرت سان محبت ڪيو. پنهنجي زال سان محبت ڪيو. مڙس سان محبت ڪيو. پنهنجي ٻارن سان ۽ والدين سان محبت ڪيو پر پنهنجو پاڻ سان محبت نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ انهن موجب پنهنجو پاڻ محبت ڪرڻ خودغرضي آهي. انهن پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ جي ايتري تہ تذليل ڪئي آهي جو ايتري تذليل ڪنهن ٻي شيءِ جي ناهي ڪئي وئي..... ۽ انهن پنهنجي اهڙي تعليم کي بظاهر ڏاڍو منطقي ناهي رکيو آهي. اُهي چون ٿا: جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت ڪندؤ تہ توهان اناپرست بڻجي ويندؤ. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت ڪئي تہ توهان نرگيست پسند (نارسي سسٽ) بڻجي پوندؤ..... پر اهو سچ ناهي. جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪري ٿو اهو تہ ڄاڻي ٿو تہ سندس ۾ انا آهي ئي ڪانہ. انا تہ پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ ڪانسواءِ ٻين سان محبت ڪرڻ ۾ هوندي آهي. ٻين سان محبت جي ڪوشش ڪرڻ دوران انا ماڻهوءَ ۾ اُڀري اچي ٿي.

محبت ڪنهن بہ فرض فرائض جي محتاج ناهي. فرض تہ هڪ وزن هوندو آهي. هڪ حجاب ۽ تڪلف هوندو آهي. محبت تہ خوشي آهي، مسرت آهي. شراڪت آهي. محبت تہ بلا تڪلف هوندي آهي محبت ڪرڻ واري کي ڪڏهن اهو محسوس ناهي ٿيندو تہ هو گهڻو ڪجهہ ڪري چڪو آهي. محبت ڪرڻ وارو تہ هميشہ اهو محسوس ڪندو آهي. اڃان گهڻو ڪجهہ ممڪن آهي. محبت ڪرڻ وارو ڪڏهن اهو محسوس ناهي ڪندو تہ ”مون ٻئي کي برتري ڏني آهي يا متاثرڪيو آهي.“ ان جي ابتڙ هو محسوس ڪندو آهي تہ ”جيئن تہ منهنجي محبت کي قبول ڪيو ويو آهي سو مون کي فوقيت ۽ برتري ملي آهي.“ ٻئي منهنجي محبت قبول ڪري مون کي رد نہ ڪري مون کي متاثر ڪيو آهي. مان وڏايو آهي. فرض فرائض وارو ماڻهو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سمجهندو آهي "مان اعليٰ آهيان. روحاني آهيان. غير معمولي آهيان. ڏسو مان ڪيئن نه ٻين جي ڀيٽ ۾ ڪم اچي رهيو آهيان."

جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪري ٿو اهو پاڻ پنهنجي عزت ۽ تڪريم ڪري ٿو. ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪري ٿو پنهنجو شان ۽ مان ڄاڻي ٿو سو ٻين کي به شان ۽ مان بخشي ٿو. ان جو سبب هيءُ آهي ته هو ڄاڻي ٿو ته: "بلڪل ائين جيئن مان آهيان. تيئن ٻيا به آهن ۽ جيئن عزت ۽ مان، ملڻ تي مان خوش ۽ مسرور ٿيان ٿو تيئن ٻيا به خوش ٿيندا آهن."

هو ڄاڻي ونندو آهي ته اسان مختلف. الڳ الڳ ناهيون. جيستائين پاڻ جو تعلق آهي، بنياد جو لاڳاپو آهي، ته اسان هڪ آهيون. اسان هڪ ضابطي هيٺ زنده آهيون.

جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪري ٿو اهو محبت مان تمام گهڻي لست ماڻي ٿو. ۽ اهو سراپاءِ رحمت بڻجي پوي ٿو. ايستائين جو سندس هر عمل مان محبت ڇلڪڻ لڳي ٿي ۽ اها ٻين تائين پهچڻ شروع ڪري ٿي. ان کي ٻين تائين پهچڻو هوندو آهي. جيڪڏهن توهان محبت ماڻيو ٿا ته پوءِ انهيءَ کي ورهائڻو ئي پوندو آهي. توهان رڳو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪندي اڪيلا رهي نه ٿا سگهو. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته هڪ شيءِ توهان مٿان مڪمل طور تي ظاهر ٿي چڪي آهي، جيڪڏهن هڪ ماڻهو سان محبت ڪرڻ ايترو خوش ڪندڙ ايترو لذت ڀريو عمل آهي ته پوءِ ڪيڏي نه خوشي، ڪيڏو نه مزو توهان جو منتظر آهي، جڏهن توهان ڪوڙ سارن ماڻهن سان محبت ڪرڻ شروع ڪيو ته؟!

آهستي آهستي لهرون اڳتي ۽ اڃا اڳتي پهچڻ شروع ٿي وينديون آهن. توهان ٻين ماڻهن سان محبت ڪيو ٿا پوءِ جانورن سان وڻ، ٻوٽن، پکين، سان محبت ڪرڻ لڳو ٿا. توهان پنهنجي محبت ذريعي سموري ڪائنات کي ڀري سگهو ٿا. سموري ڪائنات کي محبت جي نور سان روشن ڪرڻ لاءِ رڳو هڪ شخص ئي ڪافي آهي. بلڪل ائين جيئن هڪ ننڍڙو پٿر سموري تلاءُ ۾ ڪرڻ سان لهرون پيدا ڪري سگهي ٿو. ها هڪ ننڍڙو پٿر. انسان کي ديوتا بڻجڻو پوندو آهي. جيستائين ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ديوتا نہ ٿو بنجي اوستائين آسودگي ۽ اطمينان جو ڪو امڪان ڪونهي. پر سوال هيءُ آهي تہ توهان آخر ڪيئن ٿا ديوتا بنجي سگهو؟ توهان جا مذهبي پيشوا چون ٿا تہ توهان گناهگار آهيو. توهان ايترا تہ ڏوهاري آهيو جو جهنم توهان جو گهر ٿيندو ۽ اُهي توهان کي پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ کان تمام گهڻو خوفزده ڪري ڇڏين ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو رڳو خاميون ۽ نقص ڳولين ٿا. اهي پنهنجي اندر جا پاڻ نقص ڳولين ٿا ۽ پوءِ ڀلا اُهي ڪيئن ٿا ٻين ۾ ساڳيان نقص ڳولڻ کان پوئتي رهجي سگهن؟ حقيقت ۾ ماڻهو رڳو خاميون ڳوليندا ۽ پوءِ انهن خامين کي وڌائي چڙهاءِ بيان ڪندا. اُهي ايترو تہ گناهن کي وڌو بيان ڪندا. جيترو بہ انهن کان ممڪن آهي. اها تہ بس رڳو انهن جي هڪ حفاظتي چال آهي. اهو ئي سبب آهي جو تنقيد ۽ نقطاچيني ۽ عيب جوئي عام آهي ۽ اوتروئي محبت جي کوٽ ۽ گهٽتائي آهي. مان چوان ٿو تہ اهو حضرت ٻڌ جي سڀ کان ڳوڙهن اصولن مان هڪ اصول آهي تہ: رڳو هڪ اهڙو ڄاڻندڙ ماڻهو ئي توهان کي اهڙي بصيرت (روشني) عطا ڪري سگهي ٿو. جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ڪندو هجي. اهو تمام سؤلائيءَ سان مراقبو ڪندڙ بنجي سگهي ٿو. ان جو سبب هيءُ آهي تہ مراقبي جو مطلب آهي پنهنجو پاڻ سان گڏ هجڻ. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان نفرت ڪيو ٿا..... جيئن هميشہ توهان ڪندا آهيو ۽ ايئن ڪرڻ لاءِ توهان کي چيو ويندو آهي ۽ توهان انهيءَ تي مذهبي اصولن ڪري عمل پيرا آهيو. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان نفرت ڪيو ٿا تہ پوءِ آخر ڪيئن توهان پنهنجو پاڻ سان گڏ ٿي سگهندؤ؟ مراقبو ڪجهہ بہ ناهي سواءِ پنهنجي پاڻ کان اڪيلائپ ۾ لطف اندوز ٿيڻ جي ۽ پاڻ پنهنجي ذات جو ميلو ڏسڻ جي ۽ اهوئي بس مراقبو آهي. مراقبو ڪو رشتو ناتو يا لڳ لاڳاپو ناهي هوندو.

مراقبي لاءِ ٻئي جي ضرورت ئي ناهي هوندي. هڪ ماڻهو پنهنجي پاڻ لاءِ ڪافي آهي. هڪ ماڻهو پاڻ پنهنجي عظمت ۽ جلال جي برسات ۾ پُسندو آهي. پنهنجي ئي نور، پنهنجي ئي روشنيءَ ۾ وهنجندو آهي. هڪ ماڻهو خوش ٿيندو آهي ڇو تہ هڪ هوندو آهي ۽


Scanned by CamScanner

زنده هوندو آهي دنيا جو سڀ کان عظيم معجزو آهي ٿي اهو ته تون تون هجين ۽ مان، مان هجان.

هئڻ سڀ کان عظيم معجزو آهي. ۽ مراقبو انهيءَ معجزي جي بند دروازي کي کولي ٿو. پر رڳو اهو ماڻهو ٿي مراقبو ڪندڙ بڻجي سگهي ٿو جنهن کي پنهنجو پاڻ سان محبت آهي. توهان هميشه پنهنجو پاڻ کان فرار گهرندا آهيو. پنهنجو پاڻ کان پاسو ڪندا آهيو ته پوءِ ڪير آهي، جيڪو ڪنهن بدنما چهري کي چاهيندو هجي ۽ ڪير آهي جيڪو ڪنهن بدنما هستيءَ ۾ جذب ٿيڻ چاهيندو هجي؟ ڪير آهي جيڪو پاڻ پنهنجي گپ ۽ گرڻ ۾ ٻڏڻ چاهيندو هجي. پاڻ پنهنجي اونده ۾ لهڻ چاهيندو هجي ۽ ڪير آهي جيڪو دوزخ ۾ داخل ٿيڻ چاهيندو هجي؟ توهان هن سموري معاملي کي خوبصورت گلن سان ڍڪيل رکڻ چاهيو ٿا ۽ توهان هميشه پنهنجو پاڻ کان فرار جي ڪوشش ۾ رهو ٿا. بس ماڻهو ته رڳو مسلسل محبت ۽ رفاقت جي ڳولا ۾ رهن ٿا. پر اُهي پاڻ پنهنجي ساٿ ۾ اهو نه ٿا ڏسي سگهن. اُهي ته ٻين جي پناه ۾ رهڻ ٿا چاهين. ماڻهو ڪنهن به قسم جي رفاقت ۽ صحبت جي جستجو ۾ آهن. جيڪڏهن اُهي پنهنجو پاڻ کان فرار جي ڪوشش ۾ هوندا ته ضرور بيو ڪجهه نه ڪجهه ڪندا رهندا. جيئن ٽن ڪلاڪن جي مووي، فلم ڏسڻ لاءِ سئنيما هائوس هليا ويندا. هڪ مڪمل طور تي احمقانه شيءِ تي وقت وڃائيندا. اهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪو جاسوسي ناول پڙهڻ لڳندا ۽ پنهنجو قيمتي وقت خراب ڪندا. اُهي هڪجهڙين اخبارن کي ورجائي ورجائي پڙهندا رهندا بس رڳو پاڻ کي اجايو مصروف ۽ گم رکڻ لاءِ. اُهي تاس ۽ شطرنج راند کيڏندا. رڳو وقت کي قتل ڪرڻ لاءِ..... جڻ ته انهن وٽ تمام گهڻو وقت آهي.

محبت خود توهان جي پنهنجي ذات کان شروع ٿيندي آهي. پوءِ اها ڦهلجندي ويندي آهي. اها پنهنجي داخلي طاقت مان وسعت حاصل ڪندي آهي. توهان کي ان کي ڦهلائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي ڪرڻو پوندو.

"پاڻ سان محبت ڪيو.....!" ٻُڌ جو چوڻ آهي ۽ پوءِ فوري طور تي ان ۾ اضافو ٿو ڪري"..... "ڏسو اهو ٿي ته مراقبو آهي." مراقبي کي ٻڌ

انهيءَ نالي سان منسوب ڪيو آهي پر ان جو شرط آهي پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت نہ ٿا ڪيو ۽ انئين ڏسڻ شروع ڪيو ٿا تہ توهان محسوس ڪندؤ ڄڻ توهان خودڪشي ڪري رهيا آهيو.

ڪوڙ سارا ٻڌ جا پيروڪار خودڪشي ڪندي محسوس ٿيندا آهن. ان جو سبب هيءُ آهي تہ اهي ان اصول جي پهرئين جزي تي ڌيان ڏيڻ ڪانسواءِ ٻئي جزي تي ٽپ ڏيندا آهن. يعني تہ "پنهنجو مشاهدو ڪيو پاڻ کي ڏسو" حقيقت ۾ مون ٻڌ جي تعليمات "ڌم پد" تي لکيل تبصرن ۾ ڪنهن ۾ بہ اهو ناهي ڏٺو تہ پهرئين جزي تي ڌيان ڏنو ويو هجي. يعني تہ "پنهنجي پاڻ سان محبت ڪيو ڏانهن."

سقراط چوي ٿو تہ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو ٻڌ چوي ٿو تہ پنهنجو پاڻ سان محبت ڪريو..... ۽ ٻُڌ وڌيڪ سچو آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ جيستائين توهان پاڻ سان محبت نہ ٿا ڪيو توهان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي نہ ٿا سگهو. ڄاڻ علم ۽ آگهي رڳو ۽ رڳو پوءِ تي اچي محبت جي زمين هموار پوءِ ٿئي ٿي.... محبت ڪنهن بہ شخص کي پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ جو امڪان هوندي آهي. ڪنهن بہ شخص کي پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ لاءِ صحيح ۽ موزون طريقو محبت آهي.

"پنهنجو پاڻ سان محبت ڪريو ۽ ڏسو ماضي، حال، مستقبل هميشہ"

پنهنجي آسپاس محبت جي توانائيءَ کي تخليق ڪيو. پنهنجي جسم سان محبت ڪريو ۽ پنهنجي ذهن سان محبت ڪريو. پنهنجي سموري ميڪنزم سان محبت ڪريو. پنهنجي سموري وجود سان محبت ڪريو. محبت جو مطلب آهي شيءِ کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ. دٻائڻ جي، جبر ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اسان شين کي تڏهن ئي دٻايون ٿا، جڏهن ڪنهن شيءِ کان نفرت ڪيون ٿا. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ توهان جيڪڏهن ڪنهن کي دٻائيندؤ تہ پوءِ مشاهدو ڪيئن ڪري سگهندؤ؟ اسان دشمن جي اکين ۾ اکيون وجهي نٿا ڏسي سگهون. اسان صرف ۽ صرف پنهنجي محبوب جي اکين ۾ ڏسي سگهون ٿا. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ وارا ناهيو تہ پاڻ پنهنجي اکين ۾ جهاتي پائڻ جا اهل نہ هوندؤ. پاڻ پنهنجي


Scanned by CamScanner

ڇهري ڪي ڏسڻ جي قابل نه هوندؤ ۽ ائين پاڻ پنهنجي حقيقت جي مشاهدي ڪرڻ کان قاصر رهندؤ.

ڏسڻ، مشاهدو ڪرڻ مراقبو آهي، مراقبي لاءِ ٻئڏ جو ڏنل نالو..... هو چوي ٿو ته: سجاڻ ٿيو مشاهدو ڪيو چوڪس رهو بيشعور نه رهو ننڊاڪڙي پڻ ڪي اختيار نه ڪيو مشين جيان، روبوٽ جيان عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيو..... ماڻهو ائين ئي ته عمل ڪن ٿا.

ڏسو مشاهدو ڪيو..... صرف مشاهدو ٻئڏ اهو نه ٿو چوي ته ڇا ڏسڻو آهي..... هر شيءِ ڏانهن، پنهنجي هلڻ جو مشاهدو ڪيو کائڻ، پنهنجي کائڻ جو مشاهدو ڪيو وهنجڻ وقت پاڻي جو مشاهدو ڪيو ٿڌو پاڻي توهان مٿان ڪري رهيو هجي ته ان جي ڇهاءَ کي محسوس ڪيو ان جي ٿڌاڻ کي محسوس ڪيو پنهنجي ڪرنگهي جي هڏيءَ ۾ ڊوڙندڙ سرور جي لهر جو مشاهدو ڪيو..... هر شيءِ جو مشاهدو ڪيو ”اڄ، سياڻي ۽ هميشه“.

نيٺ هڪ اهڙو لمحو ايندو جڏهن توهان پنهنجي ننڊ جو به مشاهدو ڪري سگهندؤ اهو مشاهدي جو عروج هوندو آهي. جسم ته ستل هوندو آهي پر هڪ مشاهدي ڪرڻ وارو جاڳي رهيو هوندو آهي، خاموشيءَ سان جسم کي بستري تي ستل ڏسي رهيو آهي ۽ اهو ئي مشاهدي جو عروج هوندو آهي ۽ هاڻ ڇا آهي؟ انهيءَ وقت انهيءَ جي بلڪل ابتڙ، متضاد يعني توهان جو جسم جاڳي رهيو آهي، پر توهان ستل آهيو ۽ جڏهن توهان جاڳي رهيا هوندؤ ۽ توهان جو جسم سمهي رهيو هوندو جسم کي آرام جي ضرورت هوندي آهي، پر توهان جي شعور کي ڪنهن به ننڊ جي ضرورت ناهي هوندي، توهان جو شعور ته بس شعور هوندو آهي، اهو ته چوڪس ۽ سجاڳ رهندو آهي. اها ئي ته ان جي عين فطرت آهي.

جيئن جيئن توهان بامشاهدا ٿيندا ويندؤ توهان جي وجود ۾ پرَ اچڻ شروع ٿي ويندا آهن..... پوءِ ته سمورو آسمان توهان جو آهي، انسان ڇا آهي؟ انسان، زمين ۽ آسمان جو ميلاپ آهي، جسم ۽ روح جو وصال آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# پڙاڏي جو ماڳ

دنيا هڪ پڙاڏي جو ماڳ آهي، جيڪڏهن اسان ڪاوڙ اڇلائينداسين ته ڪاوڙ ئي موٽ ڪائيندي، جيڪڏهن اسان محبت ڏينداسين ته موٽ ۾ محبت ئي ملندي.

محبت ڪي طلبگار نه هجڻ کپي نه ته اها وچائجي ويندي، اها پرواز کان محروم رهجي ويندي، اها زمين ۾ پيوست ٿي ويندي ۽ تمام گهٽي دنياوي ۽ تمام گهٽي دنيادارانه ٿي ويندي آهي. تڏهن اها شهوت هوندي آهي، حوس هوندي آهي، بي پناهه اذيتن ۽ ڏکن جو سبب بنجندي آهي.

محبت کي مشروط نه هجڻ کپي. ڪنهن ماڻهوءَ کي محبت کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ جي طلب نه رکڻ گهرجي. محبت کي رڳو محبت لاءِ هجڻ گهرجي..... ڪنهن به معاوضي، صلي ۽ بدلي کان بي نياز جيڪڏهن ان ۾ وري ڪائي غرض شامل ٿي وئي ته پوءِ توهان جي محبت آسماني نه ٿي ٿي سگهي. غرض انهيءَ کي محدود ڪري ٿي، غرض انهيءَ جي وصف بڻجي پوي ٿي. انهيءَ جي سرحد بڻجي پوي ٿي. بي غرض محبت جي ڪائي سرحد ناهي هوندي، اها خالص آسودگي ۽ اطمينان بنجي پوندي آهي. اها ته دل جي خوشبو هوندي آهي.

اهو سڀ تڏهن ئي ٿيندو آهي جڏهن نتيجي جي ڪا پرواهه ناهي هوندي. ان جو اهو مقصد ناهي ته نتيجا ظاهر ئي نه ٿيندا آهن، نتيجا ظاهر ٿيندا آهن. گهڻ پاساڻان نتيجا ظاهر ٿيندا آهن. ان جو سبب اهو آهي ته دنيا کي اسان جيڪو ڪجهه ڏيون ٿا. اهو ڪجهه ئي موٽي ٿو. دنيا ته هڪ پڙاڏي مثل آهي. جيڪڏهن اسان ڪاوڙ اڇرائينداسين ته ڪاوڙ ئي واپس موٽندي ۽ جيڪڏهن محبت ڏينداسين ته موٽ ۾ محبت ملندي. بهرحال اهو هڪ فطري لقاءُ آهي. ڪنهن به ماڻهوءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انهيءَ تي گهڻي سوچ ويچار جي ضرورت ڪانهي. ڪو بہ ماڻهو پروسو ڪري سگهي ٿو تہ اهو پنهنجو پاڻ ئي ظاهر ٿي پوندو آهي. اهو آهي عمل جو قانون جيڪو ڪجهہ پوکيندو اهو ئي لڻندو. جيڪو ڪجهہ ڏيندو اهو ئي توهان کي واپس ملندو. بس انهيءَ باري ۾ گهڻي غور فڪر جي ضرورت ڪانهي اهو خودڪار عمل آهي. نفرت ڪندؤ تہ نفرت ملندي، محبت ڪندؤ توهان سان محبت ڪئي ويندي


Scanned by CamScanner

# محبت، آزادي ۽ اڪيلائپ

اڄڪلھ ايتري گھڻي تعداد ۾ ماڻهو اڪيلائپ واري زندگي ڇو گهاري رهيا آهن؟

روايتي خاندان جو ماڊل پيچ ڊاھ جو شڪار آهي. ٻار اڃا مشڪل سان تيرنهن کان اوڻيهه سالن جا ٿيندا آهن تہ جنس جي تجربي کان آگاھہ ٿي وڃن ٿا ۽ ترقي يافتہ ملڪن ۾ اڌ کان وڌيڪ شاديون طلاق تي ختم ٿين ٿيون. مابعد نظرياتي (پوسٽ آئيڊيالاجيڪل) دنيا ۾ جتي سمورا قديم اخلاقي ضابطا واضح طور تي فرسوده ۽ ناڪاره ٿي چڪا آهن. اسان کي پنهنجي زندگيءَ جي بنيادن کي ٻيهر نئين سري کان مقرر ڪرڻ ۽ انهيءَ ۾ نئون روح ڦوڪڻ جو سونهري موقعو هٿ آيو آهي. اسان کي خود پنهنجو پاڻ سان توڙي ٻين سان لڳ لاڳاپا نئين سر اختيار ڪرڻ جو موقعو هٿ آيو آهي. وڌيڪ اهو تہ سماج ۽ فرد جي حوالي سان آسودگي ۽ اطمينان فتح ۽ ڪاميابي جا ضابطا جوڙڻ جو موقعو مليو آهي.

جيڪي ماڻهو اڪيلا هوندا آهن، اهي خوش ۽ مسرور هوندا آهن. انهن کي ڇو ٻين سان گڏ خوش گذارڻ جو موقعو حاصل هوندو آهي؟

جديد دنيا ۾ آزادي اسان جو بنيادي شرط آهي، وڌيڪ اهو تہ جيستائين اسان آزاديءَ سان جيئڻ نٿا سکون، جيستائين اسان پنهنجي لاءِ ۽ پاڻ سان گڏ جيئڻ نٿا سکون، اسان ٻين سان گڏ رهندي محبت ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جو موقعو نٿا حاصل ڪري سگهون.

”مان پاڻ سان محبت ڪرڻ جو درس ڏيان ٿو. پر ياد رکو تہ پاڻ سان محبت ڪرڻ جو مطلب اناپرستانہ غرور ۽ تڪبر ناهي، بلڪل نہ..... حقيقت ۾ انهيءَ جو مطلب انهيءَ جي صفا ابتڙ آهي. جيڪو ماڻهو پاڻ سان محبت ڪري ٿو اهو پنهنجي اندر ۾ خوشيءَ کي غير موجود ڏسي ٿو محبت هميشہ ذات (سيلف) کي گم ڪري ڇڏي ٿي. اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چاڻ، گيان، علم ۽ آگهي حاصل ڪرڻ جي ڪيمياگرانہ اسرار ۽ رمزن مان هڪ آهي."

هڪ رشتو هڪ تعلق تہ ڳجهارت هوندو آهي. جنهن جو ڪوئي اشارو نہ هوندو آهي. توهان انهيءَ ڪي سلجهائڻ جي چاهي جيتري بہ ڪوشش ڪريو انهيءَ ڪي سلجهائڻ جا اهل نہ ٿي سگهندؤ ڪڏهن ڪو بہ ماڻهو انهيءَ ڪي سلجهائڻ جو اهل ٿيو ئي ناهي. اهو تہ جڙيل ئي ائين هوندو آهي، جو بس الجهليل، پيچيده رهندو آهي، جيتري قدر توهان انهيءَ ڪي غير پراسرار ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندؤ اوترو ئي اهو پراسرار ٿيندو ويندو جيترو ئي توهان انهيءَ جي تفهيم ۽ تشريح جي ڪوشش ڪندؤ اوترو ئي اهو ناقابل فهم ۽ ناقابل حل ٿيندو ويندو.

زين ماسٽرن پنهنجي شاگردن کي جيترا بہ ڏانءَ ڏسيا آهن، انهن سڀني مان سڀ کان وڏو ڏانءُ اهو آهي، انهن جو هر مسئلي جو حل مراقباتي هوندو آهي..... واحد، اڪيلائپ هوندي آهي. جڏهن توهان کي ڪنهن لڳ لاڳاپي جو ڏانءُ بخشيو ويندو آهي تہ اهو وڌيڪ پيچيده هوندو آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ توهان ٻہ هوندا آهيو..... الڳ الڳ جڙيل هوندا آهيو الڳ الڳ تربيت ورتل هوندا آهيو هڪ ٻئي کان متضاد قطب هوندا آهيو الڳ الڳ طرفن ڏانهن ڏڪجي رهيا هوندا آهيو هڪ ٻئي جو استحصال ڪري رهيا هوندا آهيو. ملڪيت ٺاهڻ جي، فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا آهيو..... انهيءَ ۾ تہ هڪ هزار هڪ ڏکيائيون ۽ مسئلا هوندا آهن.

جڏهن توهان مراقبو ڪندا آهيو تہ مسئلو رڳو هڪ هوندو آهي..... ۽ اهو هيءُ تہ ماٺ ڪيئن رهجي، سوچن جي گرفت مان آزاد ڪيئن ٿجي، رشتن ۾ لڳ لاڳاپن ۾ تہ هڪ هزار هڪ مسئلا هوندا آهن جيڪڏهن توهان ماٺ هوندا آهيو تہ ان ۾ صرف هڪ مسئلو هوندو آهي. بس پنهنجي زال جي پاسي ۾ ماٺ ويهو ۽ توهان ڏسندؤ تہ هوءَ يڪدم توهان مٿان وسي پوندي "تون چپ چو آهين؟ تون چاهين ڇا ٿو؟ ڪهڙو مطلب آهي ان ماٺار جو؟" يا وري هوءَ ڳالهائڻ شروع ڪندي ۽ توهان مشڪل ۾ ڦاسي پوندؤ توهان چاهي ڪجهہ بہ چئو توهان کي هميشہ غلط سمجهيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪوبہ لگ لاڳاپو اهڙو ڪونهي، جيڪو ان مرحلي تي پهچي وڃي جو ڪو بہ مسئلو نہ رهي يا وري توهان ڪنهن رشتي ناتي کي ان مرحلي تي پهچندي ڏسو تہ اهو توهان لاءِ ڪو مسئلو نہ رهي تہ ان جو سادو مطلب اهو آهي تہ هاڻ اهو رشتو يا ناتو گڏ نہ رهي سگهندو. اهو ناتو ختم ٿي ويندو آهي..... ويڙهہ ڪان پوءِ ٿڪ جو شڪار ٿي ويندا آهيو ۽ پوءِ شين کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ شروع ڪندا آهيو. اهي بور ٿي چڪا هوندا آهن. وڏيڪ ويڙهاند ۾ رهڻ نہ ٿا چاهين. انهن هر ڳالهہ کي قبول ڪري ورتو آهي ۽ ڪا بہ بهتري نہ ٿا چاهين.

يا ماضيءَ ۾ ائين ٿيندو هو تہ ماٺهو جبرن هڪ هم آهنگي تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو صدين ڪان عورت مغلوب ۽ محڪوم ٿيندي پئي اچي، شين کي سلجهائڻ جو اهو هڪ طريقو هوندو هو بس عورت کي مرد جي پيروي ڪرڻ تي مجبور ڪيو تہ پوءِ ڪو مسئلو نہ رهندو. بهرحال اهو تہ ڪو رشتو نہ ٿيو نہ جڏهن عورت هڪ آزاد فرد نہ هوندي تہ مسئلو تہ ختم ٿي ويندو پر ائين عورت بہ ختم ٿي ويندي اهڙيءَ طرح تہ رڳو اها هڪ استعمال جي شيءِ وڃي رهندي. ائين ڪا خوشي حاصل نہ ٿي ٿئي ۽ مرد ڪنهن بي عورت جي ڳولا ڪرڻ لڳي ٿو. جيڪڏهن توهان کي ڪامياب ۽ خوش باش شادي شده جوڙو نظر اچي تہ ٻاهرين سطح تي ڀروسو نہ ڪجو بس ٿورو گهرائيءَ ۾ وڃو ۽ توهان حيران ٿي ويندؤ مون بہ هڪ خوش باش شادي شده جوڙي جو حال ٻڌو آهي.....

هڪ هاري فيصلو ڪيو تہ هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ شادي ڪجي، بس هو خچر تي چڙهيو ۽ زال جي ڳولا لاءِ شهر ڏانهن روانو ٿيو ڪجهہ ڳولا ڪان پوءِ هن کي هڪ عورت ملي وئي ۽ هن ان سان شادي ڪري ڇڏي شاديءَ ڪان پوءِ ٻئي خچر تي سوار ٿي واپس ڳوٺ ڏانهن هلڻ لڳا. ڪجهہ دير ڪان پوءِ خچر گوهي ڪئي ۽ اڳتي وڌڻ ڪان انڪار ڪيو هاري هيٺ لهي آيو هن هڪ وڏي لٺ ڪنئي ۽ خچر کي مارڻ شروع ڪيائين خچر ٻيهر هلڻ لڳو.

"اهو ٿيو هڪ"


Scanned by CamScanner

ڪجهه ميل هلڻ کان پوءِ خچر ٻيهر گوهي ڪئي ۽ وري ساڳيو منظر ورجايو ويو. مار ڪائڻ کان پوءِ جڏهن خچر هلڻ لڳو ته هاري چيو ”اهي ٿيا ٻه“ ڪجهه ميل هلڻ کان پوءِ خچر ٽيون ڀيرو گوهي ڪئي، هاري هيٺ لٿو پنهنجي زال کي به هيٺ لاٿائين ۽ پوءِ پنهنجو پستول ڪڍي خچر جي متي ۾ گولي هڻي ان کي ماري ڇڏيائين.

”ڪيڏي وڏي بيوقوفي ڪئي آهي تو“ زال رڙيون ڪرڻ لڳي. ”اهو هڪ قيمتي جانور هو ۽ رڳو انهيءَ ڪري جو گوهي ڪري رهيو هو تو ان کي ماري ڇڏيو! اها بيوقوفي آهي، جرم آهي.....“ ۽ اها ڪوڙ دير تائين تيز ۽ تکا جملا ڳالهائيندي رهي ۽ جڏهن هوءَ ماٺ ٿي ته

”اهو ٿيو هڪ“

چيو وڃي ٿو ته ان کان پوءِ اهي ٻئي هميشه ڪل خوشيءَ سان گذ رهيا!

معاملن کي سلجهائڻ جو اهو به هڪ طريقو آهي، ماضيءَ ۾ ائين ٿيندو رهيو هو. پر مستقبل ۾ انهيءَ جي ابتڙ شين کي آزمايو ويندو..... مڙس کي هاڻ زال جي اطاعت ڪرڻي پوندي پر ٿيندو اهو ئي طريقو معاملن کي سلجهائڻ جو طريقو.

هڪ رشتو هڪ تعلق ته بار هوندو آهي ۽ جيستائين توهان پاڻ پنهنجي حوالي سان انتهائي بنيادي شيءِ کي نتا سلجهايو اوستائين ٻين رشتن ناتن کي نٿا سلجهائي سگهو. محبت جو معاملو تڏهن ئي سلجهائجي سگهجي ٿو جڏهن مراقبي جو مسئلو سلجهائجي چڪو هجي انهيءَ کان اڳ نه. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته ٻه مراقبو نه ڪرڻ وارا شخص هوندا آهن جيڪي مسئلو پيدا ڪري رهيا هوندا آهن ٻه ماٺهو جيڪي مونجهاري ۾ هوندا آهن. اهي اهو نٿا ڄاڻين ته پاڻ آهن ڇا..... فطري ڳالهه آهي ته اهي هڪ ٻئي جي مونجهاري ۾ واڌارو آڻين ٿا، انهيءَ کي وڌائي چڙهائي ڇڏين ٿا.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# محبت فلسفو ۽ خالي پڻ

فلسفي جو مطلب آهي ذهن، عقل، غور ۽ فڪر، بحث ۽ مناظرو.....
۽ اهو رستو غلط هجڻ جو رستو آهي. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ جيڪڏهن توهان فلسفي پسند آهيو تہ بحث ۽ خاطريءَ جا چاهيندڙ آهيو تہ توهان هتي محبت نٿا ڪري سگهو فلسفو تہ رڪاوٽ آهي، جيڪڏهن توهان بحث ڪيو ٿا تہ توهان بند ٿي وڃو ٿا ۽ ائين سموري جي سموري ميجتا توهان لاءِ بند ٿي وڃي ٿي. تڏهن توهان ڪشاده نٿا هجو ۽ هستي بہ توهان تي ڪشاده نہ ٿي ٿئي.

جڏهن توهان بحث ٿا ڪيو تہ توهان دعويٰ ٿا ڪيو دعويٰ ڪرڻ تشدد آهي. جارحيت آهي ۽ ڪوبہ جارح ذهن سچ کان واقف نہ ٿو ٿي سگهي. سچ کي تشدد جي ذريعي نہ ٿو حاصل ڪري سگهجي. توهان رڳو سچ کي تڏهن ئي ڄاڻي سگهو ٿا جڏهن توهان محبت جي حالت ۾ هجو پر محبت تہ بحث ۽ مناظري کي پسند ناهي ڪنديءَ محبت ۾ ڪوبہ بحث يا مناظرو ناهي ٿيندو. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ محبت ۾ ڪنهن قسم جي جارحيت ناهي هوندي ۽ ياد رکو هر ماڻهو پنهنجو ئي فلسفو ڪڻي گهمندو آهي. هر ماڻهو پنهنجي انداز جو هڪ "پروفيسر آف فلاسفي آهي" انهيءَ جوسبب هيءَ آهي تہ توهان پنهنجي تصورن جي دعويٰ ڪيو ٿا. توهان ان تي عقيدو رکو ٿا. توهان خيالن ۽ تصورن جا مالڪ هوندا آهيو. اُنهن خيالن ۽ تصورن جي ڪري توهان جون اکيون ڳريون ٿي ويون آهن، توهان ڏسڻ تي قادر ناهيو توهان جو ذهن حماقت زده آهي، اهو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻي سگهي. تصور ۽ فلسفا بيوقوفيءَ کي جنم ڏين ٿا.

انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ جيترو گهڻا تصور موجود هوندا آهن، اوتروئي گهڻو ذهن تي وزن وڌي ويندو آهي ۽ وزن هيٺ دٻيل ذهن پلا ڪيئن ٿو ڪجهہ ڄاڻي سگهي. جيترو گهڻا تصور گڏ ٿيندا آهن. اهي


Scanned by CamScanner

دز ۽ مٽيءَ مثل ٿي ويندا آهن. جيئن اڪين جي صاف شفاف سطح مٿان دز جمي ان کي ڏنڊ لائي ڇڏيندي آهي. توهان جي ذهانت کي خيالن جي هجوم لڪائي ڇڏيو آهي. جيڪو به گهڻن خيالن ۽ عقيدن وارو هوندو آهي اهو ڪاهل ۽ بيوقوف بنجي پوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو فلسفي جا پروفيسر هميشه احمق هوندا آهن. اهي ايترو ڪجهه ڄاڻندا آهن ته ڪجهه نٿا ڄاڻن.

انهن تي تمام گهڻو وزن هوندو آهي اهي آسمان تي پرواز ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. اهي پرن وارا ناهن هوندا.اهي ذهن ۾ تمام گهڻو هوندا آهن. انهن جو پاڙون ڌرتيءَ ۾ ناهن هونديون. اهي زمين سان ڌرتيءَ سان وابسطا ناهن هوندا ۽ اڻين اهي آسمان تي پرواز ڪرڻ لاءِ به آزاد ناهن هوندا.

ياد رکو توهان سڀ جا سڀ هڪجهڙا آهيو ٿي سگهي ٿو تعدا ۽ مقدار جي لحاظ کان توهان ۾ ڪو فرق موجود هجي پر هر ذهن معياري ۽ ڪيفيتي لحاظ کان ساڳيو ئي آهي. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي ته ذهن سوچي ٿو بحث ۽ مناظرو ڪري ٿو. علم کي گڏ ڪري ٿو ۽ وزني ٿئي ٿو. ڳري ٿيڻ سبب اهو احمق بنجي پوي ٿو. توهان رڳو ۽ رڳو بار نڏيڻ کي بچائي رکڻ تي قادر آهيو ۽ جي توهان پنهنجي ٻالڪ پڻ کي تسلسل سان ورجائي سگهو ٿا ته توهان معصوم ۽ ذهين رهي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان دز ۽ مٽي گڏ ڪيو ٿا پوءِ توهان ٻالڪ پڻ وڃائي ويهو ٿا. معصوميت فنا ٿي وڃي ٿي. ذهن ڳرو ٿي پوي ٿو ۽ احمق بنجي پوي ٿو.

جيترو توهان فلسفي جي گهرائپ ۾ وڃو ٿا اوترو توهان حقيقت کان دور ٿيندا وڃو ٿا.

هڪ ذهين ذهن جيڪو هوندو آهي اهو غير فلسفيانه هوندو آهي. هڪ مذهبي ذهن جيڪو هوندو آهي اهو معصوم "ذهين هوندو آهي. ائين صاف هوندوآهي. مٿس دز جميل ناهي هوندي ۽ روزانو مسلسل صفائي جاري رهندي آهي. انهي کي ئي مان مراقبو چوان ٿو. جاپاني گرو نان ان وٽ فلسفي جوهڪ پروفيسر آيو. نان اِن انهيءَ کي چانهه پيش ڪئي. هن ملاقاتي جي ڪوپ ۾ چانهه لاهڻ شروع ڪئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لاهيندو ٿي ويو. پروفيسر چانهه ڪوپ ڪان ٻاهر هارجندو ڏٺو ته ماٺ نه رهي سگهيو ۽ چيائين "ترسو! ڪوپ ته پرجي چڪو آهي. وڌيڪ چانهه نه لاهيو." نان ان چيو "هن ڪوپ جيان توهان به پنهنجي عقيدن ۽ مفروضن سان ڀرپور آهيو. مان ڀلا ڪئين توکي ڪو زين ڏاهپ ڪان واقف ڪري سگهان؟" توهان هڪ خطرناڪ شخص وٽ آيو آهيو چاڪاڻ ته رڳو خالي ڪوپ ڪرڻ سان ڪم نه هلندو پر انهيءَ ڪوپ کي ٽوڙڻو پوندو پل ڪٽي خالي ٿي هجي. جيڪڏهن توهان اتي آهيو ته پوءِ سمجهه پريل آهيو. ايستائين جو خالي پڻ توهان کي پري ڇڏي ٿو. جيڪڏهن توهان محسوس ڪريو ٿا ته توهان خالي آهيو ته جڏهن به خالي ناهيو هوندو چاڪاڻ ته توهان جو اتي آهيو. رڳو نالو ٿي تبديل ٿيو آهي، هاڻ توهان پاڻ کي خالي پڻ چوڻ پيو. ڪوپ جو ڪم ناهي انهيءَ کي ته مڪمل طور تي ٽوڙڻو پوندو. رڳو جڏهن توهان ناهيو هوندا ته چانهه توهان جي اندر ۾ سمائجي نه ٿي سگهي. فقط جڏهن توهان اتي ناهيو. حقيقتن موجود ناهيو ته چانهه توهان جي اندر ۾ لاهڻ جي ضرورت ناهي هوندي ۽ سچ جڏهن واقعي توهان ڪجهه ناهيو هوندا ته پوءِ الوهيت موجود هوندي آهي. ۽ محبت توهان کي خود توهان ڪان بالاتر ڪري ڇڏيندي آهي.

اهو فلسفي جو پروفيسر جيڪو نان ان سان ملڻ ويو هو اهو يقينن غلط سببن ڪري اتي ويو هو. اهو يقينن ڪجهه جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اتي ويو هو. اهڙا ماڻهو جيڪي سوالن سان ڀريل هوندا آهن، اهي ماڻهو ٿي جواب جي ڳولا ۾ هوندا آهن ۽ نان ان هڪ جواب ڏئي ڇڏيو هو. سوالن ۽ جوابن ذريعي ڪنهن سان لڳ لاڳاپو رکڻ حماقت آهي. نان ان توهان کي هڪ نئون ذهن ڏئي سگهي ٿو. نان ان توهان کي هڪ نئون وجود ڏئي سگهي ٿو. جنهن ۾ ڪو به سوال نه ٿو اڀري پر نان ان ڪنهن خاص سوال جي جواب ڏيڻ ۾ دلچسپي نه ٿو رکي ۽ نه ٿي مان.

لازمي طور توهان هتي ڪوڙ سارا سوال کڻي آيا هوندؤ ۽ ائين ٿيڻو ٿي هو. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته ذهن سوال کي جنم ڏئي ٿو. ذهن ته سوال پيدا ڪرڻ وارو ميڪنزم آهي. انهيءَ ۾ ڪا شيءِ وجهو هيءُ سوالن کي جنم ڏيندو ۽ سوال پٺيان سوال ايندا ويندا. توهان هتي آهيو


Scanned by CamScanner

ڪوڙ سارن سوالن سان ڀريل آهيو. توهان جو ڪوپ ته اڳ ۾ ئي ڀريل آهي. نان اِن جي ضرورت ئي ناهي جو هو توهان جو ڪوپ ڀري. توهان ته اڳ ۾ ئي ڇلڪي رهيا آهيو. مان توهان کي هڪ نئين هستي، هڪ نئون وجود ته عطا ڪندس..... اهو ئي سبب آهي جو مون توهان کي هتي دعوت ڏئي گهرايو آهي.... ها باقي مان توهان کي ڪنهن سوال جو جواب نه ڏيندس.... سمورا سوال ۽ سمورا جواب اجايا هوندا آهن. رڳو ۽ رڳو توانائي جو ڏيان.... ها باقي مان توهان کي تبديل ڪري سگهان ٿو ۽ اهو ئي منهنجو واحد جواب آهي ۽ اهو ئي اڪيلو جواب سمورن مسئلن کي حل ڪري ڇڏي ٿو. فلسفو ڪوڙ سارن سوالن يا ڪوڙ سارن جوابن جو مالڪ هوندو آهي..... لڪين..... مذهبن وٽ رڳو هڪ جواب هوندو آهي..... سوال ڀل هزارين هجن پر جواب هڪ هوندو آهي. حضرت ٻڌ چوندو هو ته: توهان ڪنهن به جاءِ تان سمنڊ کي چکيو ذائقو هڪ ئي هوندو..... نمڪين..... ڀل توهان جيڪو ڪجهه به پڇو اهو اڻ لاڳاپيل هوندو. مان هڪ ئي جواب ڏيندس. ڇاڪاڻ ته مان هڪ ئي جواب حاصل ڪري سگهيو آهيان. پر اهو هڪ ئي جواب ماسٽر ڪي (هر تالي کي لڳندڙ چابي) جيان هوندو. جيڪي سمورا دروازا کولي ڇڏي ٿي. ان جو ڪنهن خاص تالي سان لڳ لاڳاپو ناهي هوندو..... تالو ڪهڙو به هجي. شاهه چابي. انهيءَ کي کولي ٿي ڇڏي مذهب وٽ بس هڪ ئي جواب آهي ۽ اهو جواب آهي "مراقبو"..... مراقبي جو مطلب آهي پاڻ کي ڪيئن خالي ڪجي. اهو پروفيسر ضرور ٿڪجي پيو هوندو. هو ڏکيو فاصلو طئه ڪري آيو هو. جڏهن هو نان اِن جي جهوپڙيءَ تائين پهتو هوندو ته ضرور ٿڪجي پيو هوندو ۽ نان اِن چيو: "ٿورو انتظار ڪيو." ۽ هو لازمي طور تڪڙ ۾ هوندو. ذهن هميشه تڪڙ ۾ هوندو آهي ذهن هميشه تڪڙي ادراڪ جي ڳولا ۾ هوندو آهي. ذهن لاءِ انتظار ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. تقريبن ناممڪن. نان اِن چيو "مان تو لاءِ چانهه ٿو ٺاهي اچان. تون ٿڪل ٿو نظر اچين. ٿورو انتظار ڪر. ٿورو دم پٽ ۽ هڪ پيالو چانهه پيءُ. ان کان پوءِ پاڻ ۾ ڳالهائينداسين."

نان اِن پاڻي اٻاريو ۽ چانهه تيار ڪرڻ لڳو. پر هو ضرور پروفيسر جو مشاهدو ڪري رهيو هوندو. نه رڳو پاڻي اُٻري رهيو هو پر پروفيسر به


Scanned by CamScanner

اندر ئي اندر ۾ پچي رهيو هو. نہ رڳو چانهہ جي ڪيٽليءَ مان ڪي آواز اچي رهيا هئا پر پروفيسر جي اندر مان بہ ڪي آواز اڀري رهيا هئا. هو ڳالهائي رهيو هو..... مسلسل ڳالهائي رهيو هو. لازمي طور پروفيسر تياري ڪري آيو هو تہ ڇا ڇا پڇڻو آهي..... ڪيئن پڇڻو آهي. شروعات ڪٿان ڪرڻي آهي. هو ڳوڙهي خودڪلاميءَ ۾ مصروف هو. نان اِن لازمي طور هن کي ڏسي رهيو هوندو ۽ مرڪي رهيو هوندو. هيءَ همراهہ تہ ڏاڍو ڀريل آهي ايستائين جو هن ۾ ڪجهہ بہ سمائجي نہ ٿو سگهي. جواب نہ ٿو ڏئي سگهجي ڇاڪاڻ تہ ان جو ٻڌندڙ ئي ڪو ڪونهي. مهمان گهر ۾ داخل ئي ناهي ٿيو..... ڪا جڳهہ ڪانهي اُتي. نان اِن لازمي طور انهيءَ پروفيسر ۾ هڪ مهمان جي وجود پذير هئڻ جو خواهشمند هوندو.

"رحمدلي، شفقت ۽ ڀاڄهائپ سبب هر ٻڌ جي اها خواهش هوندي آهي تہ توهان جي اندر ۾ هڪ مهمان وجود پذير ٿئي."

هو هر پاسي کان دستڪ ڏيندو آهي، پر اتي ڪو دروازو موجود ناهي هوندو. ۽ ايستائين جو جيڪڏهن هو دروازو ٽوڙي بہ وجهي، جيڪو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي تہ اندر ڪا جڳهہ ناهي هوندي، توهان پنهنجو پاڻ سان تمام گهڻا ڀريل هوندا آهيو. گند ڪچري..... هر قسم جي فرنيچر سان ۽ جيڪو توهان خبر ناهي ڪيترن جنمن کان گڏ ڪري رکيو هوندو آهي. ايستائين جو توهان پاڻ بہ پنهنجي اندر ۾ داخل نہ ٿا ٿي سگهو. ڪا جڳهہ ڪانهي. ڪو خلا ڪونهي. توهان تہ رڳو پنهنجي وجود کان ٻاهر ٿا رهو رڳو ڏاڪڻين تي. توهان پاڻ پنهنجي اندر داخل نہ ٿا ٿي سگهو. هر شيءِ ڀيڙيل آهي.

تڏهن ئي نان اِن پيالي ۾ چانهہ لاٿي هوندي ۽ اهو پروفيسر بيچين ٿيو هوندو. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ نان اِن مسلسل چانهہ لاهيندو پيو وڃي. اها هارجي رهي هئي. ٽڪرُو ئي اها فرش تي وهڻ لڳي تڏهن ئي پرفيسر چيو: "ترسو! هيءَ توهان ڇا پيا ڪيو؟ هاڻ هن ڪوپ ۾ وڌيڪ چانهہ نہ ٿي اچي سگهي. هڪ ڦڙو بہ نہ. ڇا توهان چريو آهيو؟ اهو آخر ڪريو ڇا پيو؟! نان اِن جواب ڏنو: "توهانجو بہ اهڙو ئي معاملو آهي توهان مشاهدو ڪرڻ ۽ اهو ڄاڻڻ ۾ ڏاڍو چوڪس آهيو تہ پيالو


Scanned by CamScanner

پرجي ويو آهي. وڏيڪ چانهه نه ٿي لاهي سگهجي. تون پنهنجي باري ۾ ايترو چالاڪ ڇو ناهين؟ تون خيالن، تصورن، عقيدن ۽ صحيفن سان اٽلجي رهيو آهين. تون اڳ ۾ گهڻو ڪجهه ڄاڻين ٿو. مان تو کي ڪجهه نه ٿو ڏئي سگهان. تو بي فائدي سفر ڪيو آهي. مون وٽ اچڻ کان اڳ توکي پنهنجي اندر جو پيالو خالي ڪري اچڻ گهربو هو. تڏهن ئي مان توکي ڪجهه ڏئي سگهان پيو.“

پر مان توکي اهو ٻڌائي ڇڏيان ته تون نهايت ئي خطرناڪ ماڻهوءَ وٽ آيو آهين. نه مان ته ڪنهن خالي پيالي سان واسطو نه ٿو رکان. ان جو سبب هيءُ آهي ته پيالو خالي هوندو ته تون ان کي ڀريندين.... تون ته ايتري قدر نشئي ۽ عادي ٿي چڪو آهين جو هڪ پل لاءِ به پيالي کي خالي ٽيڻ نه ٿو ڏين. جنهن وقت تون محسوس ڪرين ٿو ته خالي پڻ ظاهر پيو ٿئي ته تون انهيءَ کي ڀرڻ لڳندو آهين. تون خالي پڻ کان ڏاڍو ڊنل آهين. تون تمام گهڻو خوفزده آهين. تو کي خالي پڻو موت جيان ٿو نظر اچي. تون ان کي ڪنهن به شيءِ سان ڀرين پر ڀريندين ضرور. پر مون ته توکي هتي ان لاءِ گهرايو آهي ته جيئن تون پيالي کي مڪمل طور تي ٽوڙي ڇڏين. ته جيئن تون چاهين به ته ان کي پنهنجي مرضيءَ سان ڀري نه سگهين.

خالي پڻ جو مطلب آهي ته ڪٿي ڪو به پيالو ڪونهي. سموري جون سموريون ديوارون ڍهي چڪيون آهن. تهه هيٺ ڪري پيو آهي. توهان هڪ پاتال، هڪ تحت الثري بڻجي چڪا آهيو. ته پوءِ ئي مان پنهنجو پاڻ کي توهان جي اندر لاهي سگهان ٿو. گهڻو ڪجهه ممڪن آهي. جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو پر اجازت ڏيڻ سخت ۽ ڏکيو عمل آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته اجازت ڏيڻ هيئاهين (سرينڊر) اختيار ڪرڻ هوندو آهي. خالي پڻ جو مطلب آهي هٿيار ڦٽا ڪرڻ، سرينڊر ڪرڻ، ماٺ اختيار ڪرڻ. نان اِن انهيءَ پروفيسر کي چئي رهيو هو: جُهڪي پئو، ماٺار اختيار ڪر، سرينڊر ڪر، خالي ڪري ڇڏ پنهنجي دماغ کي. مان ان کي ڀرڻ لاءِ آماده ۽ تيار آهيان. انهيءَ پروفيسر اڃا ڪو سوال ئي نه ڪيو هو جو گروءَ جواب ڏئي ڇڏيو هو. ان جو سبب هيءُ آهي ته اتي سوال پڇڻ جي حقيقت ۾ ڪا ضرورت ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪاڻ هئي. سوال ته هميشه ساڳوئي رهندو آهي. پل پوءِ توهان مون کان پڇو يا نه. مون کي خبر آهي ته سوال ڇا آهي؟ توهان مان ڪوڙ سارا هتي آيا آهن پر مان سوالن کان باخبر آهيان. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته گهرائيءَ ۾ سوال هڪ ئي آهي. انديشگي (اينگزائٽي)، ذهني اذيت، بي معنويت، هن سموري زندگيءَ جو اجايو هجڻ، فضول هجڻ..... نه ته ڇا ٿو ته توهان ڪير آهيو؟ پر پريل آهيو توهان مون کي اجازت ڏيو انهيءَ پيالي کي ٽوڙڻ جي، اسان جي هيءُ ڪيمپ هڪ بربادي هوندي هڪ موت هوندو. جيڪڏهن توهان برباد ٿيڻ لاءِ آماده ۽ تيار آهيو ته ڪا نئين شيءِ ايري سگهي ٿي. هر بربادي هڪ تخليقي جنم وٺي سگهي ٿي. جيڪڏهن توهان مرڻ لاءِ تيار آهيو ته توهان هڪ نئين زندگي حاصل ڪري سگهو ٿا. توهان ٻيهر پيدا ٿي سگهو ٿا.

مان هتي رڳو هڪ دائيءَ جي صورت ۾ موجود آهيان.... اهو ئي ته سقراط به چوندو هو..... يعني ته هڪ گرو..... هڪ مرشد..... دائي هوندو آهي. مان مدد ڪري سگهان ٿو مان تحفظ ڏئي سگهان ٿو. مان رهنمائي ڪري سگهان ٿو ۽ بس. اصل واردات يعني قلب ماهيت (حقيقي لقاءُ) توهان مٿان ظاهر ٿيڻ وارو آهي. اذيت، تڪليف ته ٿيندي، انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته ڪو به جنم ڏک، تڪليف ۽ سور کان سواءِ ٿيڻ ناممڪن آهي. تمام گهٽي ذهني اذيت پهچندي انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته توهان تمام گهٽو قاتل آهيو. پنهنجو پاڻ کي تمام گهٽو وڏائي چڪا آهيو. انهيءَ کي پري ڪرڻو پوندو. هڪ گهري صفائي ۽ تزڪئي (ڪٿارسس) جي ضرورت آهي.


Scanned by CamScanner

# جنم ۽ موت مثل هوندو آهي

ڏکن ۾ تڪليف جي اونداهين مان هڪ نئين صبح جي پرهه ڦٽندي آهي. هڪ نئون سج اڀرندو آهي ۽ روشني ڪا تمام گهڻو پري ناهي هوندي، جڏهن توهان اهو محسوس ڪيو ٿا ته اونداهي تمام گهري ٿي وئي آهي جڏهن تڪليف ناقابل برداشت ٿي ويندي آهي ته پوءِ راحت ۽ سڪون تمام گهڻو ويجهو پهچي ويندا آهن. ان ڪري ڏکن کان فرار ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو..... اهو ئي هڪ نقطو آهي، جنهن کي توهان وساري نه ٿا سگهو. هن کان پاسيرا ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو. انهيءَ جي وچ مان گذرو. ڪو ٻاهر وڃڻ جو رستو نه ڳوليو..... نه فرار ڪنهن ڪم جو ناهي، درد  ڀوڳڻ سکو..... اذيت توهان کي ساڙيندي، برباد ڪندي..... پر حقيقت ۾ ته توهان کي برباد ڪري ئي نه ٿو سگهجي. جيڪو ڪجهه به سڙي ٿو وڃي سو ته ڪچرو آهي. جيڪو توهان گڏ ڪري رکيو آهي، جيڪو ڪجهه به ساڙي سگهجي ٿو اهو ته اهو ئي ڪجهه آهي جيڪو توهان ناهيو. جڏهن اهو سڀ سڙي ويندو ته توهان محسوس ڪندؤ ته توهان برباد نه ٿا ٿي سگهو. توهان ته فنا نه ٿا ٿي سگهو. موت مان گذرو. شعوري طور تي موت مان گذرو. توهان کي خبر پوندي ته زندگي ته ابدي آهي. ياد رکڻ جي پهرئين ڳالهه هيءَ آهي ته اذيت مان گذرو ڪوڙ ڦيرا مان توهان لاءِ اذيت پيدا ڪندس. ڪوڙ ڦيرا مان اهڙي صورتحال پيدا ڪندس، جنهن ۾ جيڪو ڪجهه توهان جي اندر ۾ دٻيل آهي، سو ٻاهر نڪري ايندو. انهيءَ کي هيٺ نه ڌڪيو. انهيءَ کي دٻايو نه ان کي اجازت ڏيو. آزاد ڪيو. جيڪڏهن توهان پنهنجي اذيت کي آزاد ڪندؤ پنهنجي دٻايل تڪليف کي، ته توهان پنهنجو پاڻ انهيءَ مان نجات حاصل ڪري وٺندؤ ۽ توهان برڪت ۽ سعادت تائين پهچ حاصل ڪري سگهو ٿا. رڳو تڏهن جڏهن توهان سمورين اذيتن مان گذري چڪا هوندؤ ۽ مان توهان جي آرپار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڏسي سگهان ٿو. برڪت ۽ سعادت جو شعلو اوندهه جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ئي موجود آهي. بس رڳو هڪ هلڪي جهلڪ ۽ پوءِ اهو شعلو توهان جو بنجي پوندؤ. مان توهان کي انهيءَ جي جهلڪ ڏسڻ لاءِ ڪيترن ئي طريقن سان ڏکيندس..... پر جي اُهي پل توهان پاڻ وڃائي ڇڏيا ته ان جا توهان ذميوار هوندؤ. ڪو پيو نه ا درياهه وهي پيو پر جي توهان جهڪي نه ٿا سگهو ۽ جي توهان پنهنجي انادارانه سطح کان هيٺ نه ٿا لهو ته ممڪن آهي اُجارا ئي موٽي وڃو. درياهه کي پوءِ ڏوهه نه ڏجو. درياهه ته موجود هو پر توهان کي توهان جي انا مفلوج ڪري ڇڏيو هو.

نان اِن اهو ئي ته چيو هو. پيالو خالي ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو مطلب آهي ذهن کي خالي ڪيو. انا ان ۾ موجود آهي. ڇلڪي پئي ۽ جڏهن انا ڇلڪي رهي هجي ته پوءِ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي. سموري جي سموري هستي توهان جي آس پاس ۾ موجود آهي پر ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي..... هر پاسي اُلوهيت موجود آهي؟ پر ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي..... اُلوهيت ڪنهن پاسي کان توهان جي اندر ۾ داخل نه ٿي ٿي سگهي. توهان پنهنجي چؤطرف اهڙو چار اُٿي ڇڏيو آهي، اهڙيون رڪاوٽون ڪڙيون ڪري ڇڏيون آهن جو اندر اچڻ جي ڪا به گنجائش ناهي.

وجود جي پيالي کي خالي ڪيو..... نه پر اهو پيالو ئي مڪمل طور ٽٽي ڪري ڇڏيو. جڏهن مان چوان ٿو پيالو ئي مڪمل طور تي اجلائي ڇڏيو ته منهنجو مطلب آهي ايتري قدر خالي ٿي وڃو جو توهان کي اهو احساس به نه رهي ته "مان خالي آهيان."

جيڪڏهن توهان چئو ٿا "مان خالي آهيان" ته "مان آهيان" اتي موجود هوندو آهي ۽ "مان" خالي نه ٿي رهي سگهي. بس خالي پڻي جي دعوي به نه ٿي ڪري سگهجي. ڪو به نه ٿون چئي سگهي ته "مان خالي آهيان" بلڪل ائين جيئن ڪو اهو نه ٿو چئي سگهي ته "مان عاجز آهيان" جيڪڏهن توهان چئو ٿا مان آهيان ته توهان عاجز ٿي نه ٿا سگهو. ڪير آهي جيڪو عجز جي دعوي ڪري؟ عجز جي دعوي نه ٿي ڪري سگهجي. جي واقعي توهان عاجز هوندا آهيو ته پوءِ بس عاجز هوندا آهيو. دعوي عاجز کي سونهين ئي نه ٿي. نه رڳو ايترو ته عاجزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي دعوي غلط آهي پر عاجزيءَ کي محسوس ڪرڻ بہ صحيح ناهي. توهان عاجز آهيو عين ممڪن آهي تہ اهو احساس يڪدم توهان ۾ آنا کي جنم ڏئي وجهي. خالي ٿي وڃو..... پر نہ سوچيو تہ توهان خالي آهيو. ٻي صورت ۾ توهان پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيندؤ!

توهان پاڻ سان گڏ ڪوڙ سارا فلسفا کڻي آيا آهيو. انهن کي تمام پري اڇلائي ڇڏيو. اُهي توهان جي ڪا مدد نہ ٿا ڪري سگهن. اهي توهان جي ڪنهن ڪم نہ ٿا اچي سگهن. هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ انهن کي مڪمل طور تي پاڻ کان پري اڇلائي ڇڏيو حصن ۾ نہ..... ٽڪرن ۾ نہ..... پر مڪمل طور تي. مان ڄاڻان ٿو تہ ائين ڪرڻ ڏکيو آهي..... پر اهو ناممڪن ناهي ۽ هڪ ڀيرو توهان انهيءَ مهارت کان واقف ٿي ويئو تہ توهان ذهن جي انهيءَ سموري لايعنيت تي کلندؤ ٺوڪ ڪندؤ جنهن کي ڊگهي عرصي کان توهان پاڻ سان گڏ کنيو هليا ٿي.

توهان جو ذهن توهان لاءِ غير ضروري سامان آهي، ان کي اڇلائي ڇڏيو. ڏسو وڻ ذهن کانسواءِ موجود آهن. ڪيڏا خوش آهن. پکي ذهن کانسواءِ موجود آهن. انسان جي پيٽ ۾ اُهي وڌيڪ خوش آهن. ٻار ڏسو جيڪي اڃا شعور کان وانجهيل آهن..... بالغ ناهن ٿيا ڪيڏا معصوم آهن. ايستائين جو پيءُ بہ ٻارن جي معصوميت سان حسد محسوس ڪري ٿو.

انسان کي ذهن جي ڪائي ضرورت ڪانهي. سموري جي سموري دنيا ذهن کانسواءِ هلي سگهي ٿي. ذهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. هڪ منٽ لاءِ ئي سهي..... توهان جي سموري جي سموري هستي توهان تي ظاهر ٿي پوندي..... توهان هڪ نئين دنيا، نئين جهان ۾ داخل ٿي ويندؤ بي وزني جي دنيا ۾، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو تہ مان توهان کي پاڙون ۽ پر عطا ڪري سگهان ٿو..... ڇاڪاڻ تہ مان تہ بس هڪ دائي آهيان. مان توهان کان زبردستي ٻار نہ ٿو ڄڻائي سگهان. هڪ زبردستي ڄڻايل ٻار بدنما هوندو. هڪ زبردستي جنميل ٻار مري بہ سگهي ٿو. بس موُن کي اجازت ڏيو تہ..... ٻار جو پاڻهي جنم ٿي ويندو. توهان تہ اڳ ۾ئي حمل سان آهيو..... هر ماڻهو اُلوهيت سان ڀريل آهي،


Scanned by CamScanner

ٻار اندر ۾ موجود آهي ۽ توهان ڏکهي عرصي کان ان کي پاڻ سان گڏ سانڍيندا وتو ٿا. نوَ مهينا گذرئي تہ ڪافي عرصو ٿيو آهي. ٿي سگهي ٿو توهان جي ذهني اذيت جو سبب ئي اهو هجي..... تہ توهان پنهنجي اندر ۾ اهڙي شيءِ کي سانڍيو ٿا وتو جنهن کي جنم ڏيڻ ضروري آهي. ڪنهن عورت..... ڪنهن ماءُ جي باري ۾ سوچيو جيڪا نـوَ مهينا گذرڻ کان پوءِ بہ ٻار اندر ۾ کنيو وتي ٿي..... اُها الاهي تڪليف، بيچيني محسوس ڪندي هوندي ۽ جي تڪڙو ٻار ٻاهر نہ آيو تہ ماءُ مري ويندي..... سو توهان جي اندر ۾ بہ ڪا شيءِ آهي..... جنهن کي جنم گهربل آهي. مان مدد ڪري سگهان ٿو..... جيڪو ڪجهہ توهان جي اندر ۾ هڪ ٻج سان موجود آهي. ان کي پنهنجي مٿيءَ مان ٻاهر ڪڍي سگهو ۽ هڪ زنده شيءِ بنائي سگهو. هڪ جاندار ٻوٽو..... پر بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن توهان منهنجي قرب جا گهرجائو آهيو تہ مون سان گڏ توهان پنهنجي ذهن سميت نہ ٿا رهي سگهو..... عقل ۽ عشق ٻئي گڏ نہ ٿا رهي سگهن.

”جڏهن بہ توهان پنهنجي ذهن سان گڏ هوندا آهيو تہ منهنجي محبت ۾ نہ ٿا هجو ۽ جڏهن ذهن ناهي هوندو تہ توهان مون سان گڏ هوندا آهيو.“

مان تڏهن ئي توهان جي مدد ڪري سگهان ٿو جڏهن مون سان گڏ هوندا آهيو. پيالو خالي ڪري ڇڏيو. پيالي کي مڪمل طور تي ٽوڙي ڇڏيو..... ان کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

پهريون مراقبو جيڪو توهان ڪندؤ انهيءَ جو واسطو اپرندڙ سج سان گڏ آهي. اهو صبح جو مراقبو آهي. جڏهن ننڊ ٽٽي پوي ٿي. سموري فطرت زنده ٿي پوي ٿي. رات گذري چڪي هوندي آهي اونده باقي ناهي رهي. سج ظاهر پيو ٿئي. هر شيءِ چوڪس ٿي وئي آهي. بس هيءَ پهريون مراقبو اهو مراقبو آهي جنهن ۾ توهان کي شعوري طور تي سجاڳ ۽ هوشيار رهڻو آهي.

پهريون مرحلو آهي ساهہ کڻڻ..... ٻيون مرحلو آهي..... تزڪيو..... (ڪٿارسس) ٽيون مرحلو آهي منتر..... مها منتر..... هـُو..... هڪ تماشائي رهو..... وچائجي نہ وڃو. گم ٿيڻ سؤلو هوندو آهي. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان ساهه کڻي رهيا آهيو ته توهان وساري سگهو ٿا. توهان ساهه سان گڏ ايترو ته هڪ ٿي سگهو ٿا جو تماشو ڏسڻ وساري سگهو ٿا. پر ائين توهان مرڪز کي وڃائي ويهندؤ جيترو تيز جيترو گهرو ممڪن هجي ساهه کڻو. پنهنجي سموري توانائي انهيءَ کي ڏئي ڇڏيو. پر بس هڪ تماشائي رهو. مشاهدو ڪيو ته ڇا پيو ٿئي. جڏهن توهان بس رڳو تماشائي آهيو. معنيٰ اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻئي سان ٿي رهيو آهي. يعني سڀڪجهه جسم ۾ ٿي رهيو آهي..... شعور هڪ هنڌ جميل آهي..... بيٺل آهي. شعور مرڪز آهي ۽ سڀڪجهه ڏسي پيو. اهو مشاهدو ٿي سگهي ٿو سموري جي سمورن ٽنهي مرحلن ۾ قائم رهي ۽ جڏهن هر شيءِ بيهي ٿي وڃي ته چوٿين مرحلي ۾ توهان بلڪل غير فعال، ڳڱيل..... جامد..... ٿي وڃو ٿا..... ۽ اتي سجاڳي..... چالاڪي..... پنهنجي عروج تي پهچي وڃي ٿي. ٽيهريءَ جي مراقبي..... ۾..... نچڻ، ڳائڻ..... جي وچ ۾ هڪ داخلي ڪم سرانجام ڏيڻو پوي ٿو..... صبح جي وقت توهان کي مڪمل طور تي باشعور ٿيڻو پوي ٿو..... ٽيهريءَ جي مراقبي ۾ توهان کي اڌ باشعور ۽ اڌ بي شعور هجڻو پوي ٿو..... اُهو هڪ ننڊاڪڙو مراقبو آهي. جڏهن توهان سجاڳ ته هوندا آهيو پر ننڊ محسوس ڪندا آهيو. اهو ائين آهي جيئن ماڻهو نشي ۾ ته هوندو آهي پر گهمندو ڦرندو آهي. هو ڄاڻندو آهي ته هن الڪوحل پيتو آهي. هو ڄاڻي ٿو ته هن جا قدم ٿڙڪن پيا..... پر هو اهو سڀ اڌ ننڊ..... اڌ جاڳ ۾ محسوس ڪندو آهي. ان ڪري ٽيهريءَ جي مراقبي ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکو..... ائين عمل ڪيو جڻ توهان نشي ۾ آهيو. مستي ۾ آهيو..... سرور ۾ آهيو.

ڪنهن ڪنهن پل توهان پاڻ کي ڪنهن نشئي جيان مڪمل وساري ويهندؤ. ڪڏهن ڪڏهن ياد رکندؤ..... پر صبح جيان باشعور ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪجؤ..... نه..... ڏينهن سان گڏ هلو..... منجهند جو اڌ..... اڌ..... ائين توهان فطرت سان هم آهنگ رهندؤ......

رات جو صبح جي صفا ابتڙ..... مڪمل طور تي بي شعور بڻجي وڃو. بلڪل فڪر نه ڪيو. رات اڳي چڪي آهي. سج لهي چڪو آهي..... هاڻ هر شيءِ لاشعور ۾ سفر ڪري رهي آهي. توهان به لاشعور ۾ لهي وڃو. اهو سفر ڪرڻ..... صوفين وارو سير ڪرڻ..... انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قديم ٽيڪنيڪن مان هڪ ٽيڪنيڪ آهي. نهايت طاقتور طريقو هيءُ ايترو گهرو آهي جو رڳو هڪ ڀيري جو تجربو ئي توهان کي مڪمل طور تي مختلف بنائي ڇڏيندو. توهان کي ڪليل اکين سان گهمڻو آهي. بلڪل ائين جيئن ننڍا ننڍا ٻار گول گهمندا آهن. معنيٰ توهان جي داخلي هستي هڪ مرڪز بڻجي وئي آهي ۽ توهان جو سارو بدن هڪ ڦيٿو بڻجي ويو آهي..... ڦرندڙ ڦيٿو هڪ ڪنيار جو چڪ..... توهان مرڪز ۾ آهيو. پر سمورو بدن ڦيرا پائي رهيو آهي.

آهستي آهستي، ڏيري..... ڏيري..... شروع ڪيو. واچ جي ڦيري جيان. جيڪڏهن ڪو ماڻهو واچ جي ڦيري جيان ڦرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري تو ته اهو گهڙي جي ڦيري جي ابتڙ به ڦري سگهي ٿو پر اصول هيءُ آهي ته واچ جي ڪانٽن جي رخ تي ڦرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو کاٻا (ليفٽ هئنڊيڊ) آهن ته انهن کي انهيءَ ۾ ڏکيائي محسوس ٿي سگهي ٿي. اندازن ڏهه سيڪڙو ماڻهو کٻا هوندا آهن سو جي ڏکيائي محسوس ڪيو ته واچ جي ڪانٽن جي ابتڙ به ڦيرا پائي سگهو ٿا. ڪليل اکين سان ڦيرا پائڻ شروع ڪيو موسيقي وڄندڙ هوندي آهستي آهستي. رڳو توهان جي مدد لاءِ. شروع شروع ۾ آهستي آهستي ڦيرا پايو. تيز ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو. تمام آهستي لطف اندوز ٿيندي ۽ پوءِ آهستي آهستي تيز ٿيو. پهرئين پندرنهن منٽ آهستي ڦيرا پايو. ٻيا پندرنهن منٽ تيز..... ٽيان پندرنهن منٽ تيز تر ۽ چوٿين پندرنهن منٽن ۾ مڪمل طور چريا بڻجي پئو. ان وقت پنهنجي سموري توانائي گڏ ڪيو..... توهان هاڻ هڪ واچوڙي هڪ ڪُن جي مثل تي چڪا آهيو. انهيءَ ۾ مڪمل طرح گم ٿي وڃو. ڪو مشاهدو نه هجي. ڪو تماشو نه هجي. ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪيو. واچوڙا ٿي پئو..... گهوماٽيون کارائيندڙ بڻجي پئو. هڪ ڪلاڪ.....

شروع شروع ۾ ٿي سگهي ٿو توهان دير تائين ٻيهڻ جا اهل نه هجو پر هڪ ڳالهه ياد رکو. پنهنجو پاڻ نه ٻيهو..... ڦرڻ بند نه ڪيو. جيڪڏهن توهان محسوس ڪيو ٿا اهو ناممڪن آهي ته جسم پنهنجو پاڻ هيٺ ڪري پوندو. پر توهان نه ٻيهو. جيڪڏهن ڪلاڪ جي وچ ۾ هيٺ ڪري ٿا پئو ته ڪو مسئلو ناهي. عمل مڪمل ٿي


Scanned by CamScanner

چڪو آهي پر پاڻ سان چالاڪي نہ ڪيو دوکو نہ ڏيو اهو نہ سوچيو تہ هاڻ توهان ٿڪجي پيا آهيو ان ڪري ٻيهي وڃڻ گهرجي. نہ پنهنجو پاڻ ڪو فيصلو نہ ڪيو جيڪڏهن توهان ٿڪجي پيا آهيو تہ پوءِ توهان ڪيئن ٿا جاري رکي سگهو؟ توهان پنهنجو پاڻ ڪري پوندؤ. ان لاءِ پنهنجي پاڻ کي روڪيو نہ..... ڦيري کي ان نقطي تي پنهنجو پاڻ پهچڻ ڏيو جتي توهان هيٺ ڪري پئو. جڏهن توهان هيٺ ڪرو تہ ڪوشش ڪجو پيٽ پر هيٺ ڪرو. توهان جو پيٽ زمين کي سڌو سنئون ڇهي. هاڻ اکيون ٻوتي ڇڏيو. زمين تي ائين سمهي پئو ڄڻ پنهنجي ماءُ جي ڇاتيءَ تي ڪري پيا آهيو. ڄڻ ڪو معصوم ٻار ماءُ جي ڇاتيءَ سان چنبڙي پيو آهي. هاڻ مڪمل طور تي ٻي شعور بنجي وڃو ۽ ان ۾ اُهي ڦيراٽيون ٿي ڪم ڏيندين.

ڦيرا پائڻ جسم کي نشو ڏين ٿا. اها هڪ ڪيميائي شيءِ آهي، اها توهان کي نشو ڏئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ڪنهن شرابيءَ جيان اوچتو توهان ٿيڙ کائڻ لڳندؤ..... شرابي سان ڇا ٿيندو آهي؟ توهان جي ڪنن پٺيان هڪ ڇهين حس آهي. توازن جي حس، جڏهن توهان شراب پيئو ٿا يا ڪو نشو ڪيو ٿا تہ اُها سڌو انهيءَ توازن جي حس تائين پهچي ٿو ۽ انهيءَ کي بگاڙي ڇڏي ٿو. اهوئي سبب آهي جو شرابي نہ ٿو هلي سگهي. ان کي چڪر ايندي محسوس ٿيندا آهن. ڦيراٽيون پائڻ ۾ بہ اهوئي محسوس ٿيندو آهي. جيڪڏهن توهان سچ پچ گهوماٽيون کائو ٿا تہ توهان نشو ٿيندي محسوس ڪندؤ ها ان مان سرور ماڻيو..... اهو نشو ئي هڪ قيمتي شيءِ آهي. صوفي انهيءَ نشي جي ڪيفيت کي مستي چوندا آهن. شروع شروع ۾ ٿي سگهي ٿو توهان کي رڳو ڦيري محسوس ٿئي..... توهان کي اُلٽي محسوس ٿئي پر ٻن يا ٽن ڏينهن کان پوءِ اهي احساس گم ٿي وڃن ٿا ۽ چوٿين ڏينهن تي توهان پنهنجي اندر ۾ هڪ توانائي محسوس ڪندؤ. جنهن کان توهان اڳ ڪڏهن بہ واقف نہ هيئو ۽ پوءِ ڦيراٽيون ختم ٿي وينديون ۽ رڳو نشي جو هڪ هموار احساس وڃي بچندو. بس جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو انهيءَ تي سوچيو نہ..... سجاڳ ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪيو. جيڪو ٿئي ٿو ٿيڻ ڏيو ۽ واردات سان گڏجي هڪ ٿي وڃو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

باب ٻيو

## دل ۾ جرئت نہ هجي تہ محبت ناهي ملندي

جرئت خوف جي عدم موجودگيءَ جو نالو ناهيَ پر اها تہ مهاڏو اٽڪائڻ جي همت سان گڏ خوف جي ڪامل موجودگيءَ جو نالو آهي، جڏهن بہ توهان ڪي غير يقينيت ۾ پنهنجي زندگي ۾ تيندڙ تبديلين سان منهن ڏيڻو پوي تہ حقيقت ۾ اهو خوشيءَ جو لمحو هوندو ڇاڪاڻ سڄاڻ ۾ آشنا شين ڪي چنبڙيل رهڻ کان بهتر آهي تہ اسان مٿي ذڪر ڪيل صورتحال کي ايڊونچر سمجهي لطف اندوز ٿيون ۽ انهيءَ جي مدد سان پنهنجي ۽ پنهنجي آسپاس ڦهليل دنيا جي گهري آگهي حاصل ڪيون.

## محبت جي جرئت

هيءَ ڪيڪ مزيدار آهي!

محبت هڪ ناياب شيءِ آهي، ڪنهن شخص سان ان جي مرڪز ۾ ملڻ هڪ انقلاب مان گذرڻ جي برابر آهي. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن شخص سان انهيءَ جي مرڪز ۾ ملڻ چاهيو ٿا تہ توهان کي ان ماڻهوءَ کي اها اجازت ڏيڻي پوندي تہ هو توهان سان توهان جي مرڪز ۾ اچي ملي ۽ پاڻ توهان کي ڪشادو ۽ وسيع ٿيڻو پوندو مڪمل طور تي کليل، مڪمل طور تي وسيع ۽ اهو عمل خطرن سان ڀريل هوندو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي مرڪز تائين پهچ جي اجازت ڏيڻ خطرناڪ هوندو آهي، انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ توهان ڪڏهن بہ ان ڳالھ کان واقف ناهيو هوندا تہ اهو ماڻهو توهان سان ڪهڙو حشر ڪندو ۽ جي هڪ ڀيرو توهان جا راز ڄاڻا ويا ۽ جي هڪ ڀيرو توهان جو حجاب بي حجابيءَ ۾ بدلجي ويو تہ هڪ ڀيرو جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان مڪمل طور تي ظاهر تي پيو تہ ڀيا ماڻهو ڇا ڪندا؟ توهان انهيءَ صورتحال کان گهٽو آگاهہ ناهيو هوندا ۽ انهيءَ کان ئي خوف جنم وٺي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اسان ڪڏهن بہ کلندا ناهيون.

هوندي رڳو واقفيت آهي ۽ اسان سوچيندا آهيون تہ محبت ٿي وئي آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ سالن کان گڏ رهندڙ زال ۽ مڙس بہ رڳو هڪ ٻئي جا واقف هجن. ٿي سگهي ٿو اهي هڪ ٻئي کي نہ ڄاڻي سگهيا هجن. جيترو گهٽو توهان ڪنهن ماڻهوءَ سان گڏ رهو ٿا اوترو ئي مڪمل طور تي انهيءَ کي نظر انداز ڪندا رهو ٿا تہ پوءِ مرڪز تائين پهچڻ ۽ آگهي حاصل ڪرڻ بہ مسئلوئي رهي ٿو.

ها بس ڄاڻڻ جي پهرين ڳالهہ اها آهي تہ ٻاهرين شناسائيءَ کي محبت نہ سمجهو ٿي سگهي ٿو تہ توهان محبت ڪري رهيا هجو ٿي سگهي ٿو توهان جسماني تعلق بہ قائم ڪيا هجن پر اهي تہ محدود آهن.

جيستائين مرڪز پاڻ ۾ نہ ٿا ملن، اوستائين جنس رڳو ٻن جسمن جو ميلاپ رهندي ٻن جسمن جو ميلاپ توهان جو ميلاپ ناهي. جنس بہ رڳو شناسائي رهي ٿي..... طبعي، جسماني ميلاپ پر اها رڳو ٻاهرين واقفيت آهي. توهان ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي مرڪز ۾ ان وقت ئي پهچ جي اجازت ڏئي سگهو ٿا جڏهن توهان خوفزده نہ هجو. جڏهن خوف توهان جي اندر ۾ موجود نہ هجي.

زندگي گذارڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪڙو خوف جي بنياد تي، ٻيو محبت جي بنياد تي. خوف تي ٻڌل زندگي ۾ توهان ڪنهن سان بہ گهرا ناتا قائم ڪرڻ تي قادر ناهيو هوندا. توهان خوفزده ٿي رهندا آهيو. ۽ ٻيو (غير) بہ اها اجازت ڏيڻ تي قادر ناهي هوندو خود عين توهان جي مرڪز تائين پهچ جي اجازت ڏيڻ تي، توهان هڪ حد تائين ٻئي (غير) کي اجازت ڏيو ٿا ۽ پوءِ اوچتو هڪ ديوار سامهون اچي ٿي ۽ سڀ ڪجهہ بيهجي وڃي ٿو.

محبت جا بنياد رکندڙ ماڻهو هڪ اهڙو شخص هوندو آهي، جيڪو مستقبل کان خوفزده ناهي هوندو. اهڙو ماڻهو جيڪو نتيجن ۽ انجام کان ناهي ڊڄندو اهو ماڻهو جيڪو اڄ ۽ سياڻ ۾ زنده آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نتيجي يا انجام کان خوفزده نه ٿيو اهو نه سوچيو ته نتيجو ڇا نڪرندو رڳو "هتي" هجو ۽ ڪامليت سان عمل ڪيو حساب ڪتاب نه ڪيو هڪ خوف تي ٻڌل ماڻهو هميشه منصوبي ساز ۽ حسابي ڪتابي انتظام ڪرڻ وارو حفاظتي تدبيرون ڪرڻ وارو شخص هوندو آهي ۽ ائين ان جي سموري زندگي اجائي هلي ويندي آهي. مون هڪ پوڙهي زين درويش جي باري ۾ ٻڌو آهي ته اهو موت جي بستري تي پيل هو ان جو آخري ڏينهن اچي ويو هو ۽ هن اعلان ڪري ڇڏيو ته اڄ شام کان پوءِ هو نه هوندو. انهيءَ تي هن جي پيروڪارن، شاگردن ۽ دوستن جي اچ وڃ شروع ٿي وئي. هن جا چاهيندڙ اڻ ڳڻيا هئا. اهي سڀ گڏ ٿيڻ لڳا. پري پري کان ماڻهو گڏ ٿي ويا. هن جي پراڻن شاگردن مان جڏهن هڪ شاگرد اهو ٻڌو ته گرو مرڻ وارو آهي ته هو ڊوڙندو بازار ڏانهن ويڻ لڳو ڪنهن ماڻهوءَ هن کان پڇيو "تون بازار ڏانهن ڊوڙندو ڇو پيو وڃين؟ هتي تنهنجو گرو فوت ٿي رهيو آهي ۽ تون بازار ڏانهن پيو وڃين ڇو؟"

پراڻي شاگرد جواب ڏنو "مون کي خبر آهي پر منهنجي گروءَ کي هڪ خاص قسم جو ڪيڪ ڏاڍو وڻندو آهي ۽ مان اهو ڪيڪ وٺڻ بازار ڏانهن وڃان پيو." ان ڪيڪ جو ملڻ ڏکيو هو پر شام تائين جيئن تيئن ڪري شاگرد ڪيڪ جو بندوبست ڪري ورتو ۽ شاگرد گروءَ ڏانهن واپس موٽيو هر ماڻهو فڪرمند هو ائين پيو لڳي ڄڻ گروءَ کي انهيءَ همراهه جو انتظار هو. شاگرد جڏهن اتي پهتو ته گرو اکيون کوليون ۽ چيو "چڱو ٿيو اچي وئين، ڪيڪ ڪٿي آهي؟ء

شاگرد ڪيڪ پيش ڪري ڇڏيو..... ۽ تمام گهڻو خوش هو ته گرو هن جي باري ۾ پڇيو هو. مرندڙ گرو ڪيڪ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو..... پر هن جا هٿ ڏڪن نه پيا. هو تمام گهڻو ضعيف هو پر هن جي هٿن ۾ ڏڪڻي نه هئي. انهيءَ ڪري ڪنهن ماڻهوءَ چيو "توهان تمام گهڻا ضعيف آهيو ۽ موت به ويجهو آهي توهان جو دم گهڙي پل ۾ وڃڻ وارو آهي پر پوءِ به توهان جا هٿ نه ٿا ڏڪن؟"

گروءَ چيو "مان ڪڏهن به ڏڪندو ناهيان ڇاڪاڻ ته منهنجي اندر ۾ ڪنهن به قسم جو خوف ڪونهي. منهنجو جسم ته ڪمزور ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چڪو آهي پر مان اڃان بہ جوان آهيان ۽ مان هميشہ جوان ٿي رهندس ايستائين جو منهنجو هيءُ جسم بہ ختم ٿي ويندو. ۽ پوءِ هن ڪيڪ جو هڪ ٽڪرو وات ۾ وڌو ۽ کائڻ شروع ڪيائين. ڪنهن همراهہ سوال ڪيو "گرو! توهان جو آخري پيغام ڇا آهي؟ توهان جلد ئي اسان کان جدا ٿيڻ وارا آهيو توهان اسان کان ڪهڙي ڳالهہ ياد رکڻ جي خواهش ڪريو ٿا؟ ۽

گرو مرڪيو ۽ چيائين، "واهہ واهہ، هيءُ ڪيڪ ڏاڍو مزيدار آهي."

هو هڪ انسان هو ۽ جيڪو حال ۾ زنده رهندو هو ان ڪري اهو ئي چئي سگهي پيو تہ "هيءُ ڪيڪ ڏاڍو مزيدار آهي!" ايستائين جو موت بہ غير متعلق ٿي وڃي، ايندڙ پل لايعني هوندا آهن..... موجود پل! هيءُ ڪيڪ مزيدار آهي، جيڪڏهن توهان موجود لمحي ۾ جيءُ سگهو ٿا حال جي ان هڪ پل ۾ تہ تڏهن ئي توهان محبت بہ ڪري سگهو ٿا.

محبت جا گل ڪڏهن ڪڏهن ئي ٽڙندا آهن. لڪين ماڻهو انهيءَ خوشفهميءَ ۾ مبتلا آهن تہ اهي محبت ڪن پيا، پر اهو رڳو انهن جو يقين آهي. محبت جا گل ڪڏهن ڪڏهن ئي ٽڙندا آهن اهي ناياب آهن، ڇاڪاڻ تہ محبت ان وقت ئي ظاهر ٿي سگهي ٿي جڏهن توهان وٽ خوف نہ هجي.

جڏهن توهان خوفزده نہ هوندا آهيو تڏهن لڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي هوندو. تڏهن توهان وسيع آهيو تڏهن توهان سموريون حدون ختم ڪري سگهو ٿا ۽ ان وقت توهان پنهنجي عين مرڪز ۾ ٻئي ڪي پهچ جي دعوت ڏئي سگهو ٿا.

ياد رکو جيڪڏهن توهان ڪنهن شخص کي پنهنجي اندر گهرو لهڻ جي اجازت ڏيو ٿا تہ ٻيو (مرد يا عورت) توهان کي پنهنجي اندر ۾ پهچ حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ٿو ان جو سبب هيءُ آهي تہ توهان ڪنهن ماڻهوءَ کي اندر لهڻ جي اجازت ڏيو ٿا تہ اعتماد ۽ ڀروسو جنم وٺي ٿو جڏهن توهان خوفزده نہ هوندا آهيو تہ ٻيو بہ خوف کان آزاد هوندو آهي.

توهان جي محبت ۾ خوف هميشہ موجود هوندو آهي. زال مڙس کان، مڙس زال کان خوفزده رهي ٿو. محبت ڪرڻ وارا هميشہ خوفزده


Scanned by CamScanner

هوندا آهن ۽ ائين اها محبت نہ هوندي آهي ۽ اهو رڳو ہن خوفزده ماڻهن جو بندوبست هوندو آهي، جيڪو هڪ ٻئي تي انحصار ڪن ٿا، اهي وڙهن ٿا، استحصال ڪن ٿا، سازشون ڪن ٿا، قبضو ڄمائڻ لاءِ غالب پوڻ لاءِ، ملڪيت قائم رکڻ لاءِ..... پر اها محبت ناهي هوندي

جيڪڏهن توهان محبت کي ظاهر ٿيڻ جي اجازت ڏيو ٿا تہ پوءِ پرستش جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، مراقبي جي ڪابہ حاجت نہ آهي،ڪنهن چرچ ڪنهن عبادت گهر جي ضرورت ڪانهي. جيڪڏهن توهان محبت ڪيو ٿا تہ ديوتا کي مڪمل طور وساري سگهو ٿا......ڇاڪاڻ تہ محبت جي وسيلي هر شيءِ توهان جي مٿان ظاهر ٿئي ٿي،مراقبو پرستش، ديوتا هر هڪ شيءِ توهان مٿان ظاهر ٿي پوي ٿي. جڏهن عيسيٰ چيو هو تہ محبت خدا آهي تہ ان مان هن اها ئي مراد ورتي هئي.

بهرحال محبت سولي نہ آهي،خوف کي پري رکڻو ٿو پوي "اها انوکي ڳالهہ آهي تہ توهان بيحد خوفزده آهيو جڏهن تہ توهان وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي.

ڀڳت ڪبير ڪنهن جڳهہ تي چيو آهي تہ "مان ماڻهن جي اندر ڏسان ٿو..... اهي انتهائي خوفزده آهن،پر مان اهو نٿو ڏسي سگهان تہ ڇو؟ ان جو سبب هيءَ آهي تہ انهن وٽ وڃائڻ لاءِ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي."

ڪبير چوي ٿو "هو ان ماڻهو جيان آهن جيڪو اگهاڙو آهي،پر اهو درياءَ ۾ وهنجڻ لاءِ انڪري نٿو لهي ڇاڪاڻ تہ خوفزدهہ آهي......تہ هو پنهنجا آلا ڪپڙا ڪٿي سڪائيندو؟"

هيءَ اها ئي صورتحال آهي جنهن جو توهان شڪار آهيو....... اگهاڙا، ڪنهن بہ لباس کان بي نياز پر ڪپڙن جي لاءِ هميشہ فڪرمند. وڃائڻ لاءِ توهان وٽ آهي ڇا؟ ڪجهہ بہ نہ. هن جسم کي تہ موت کٽي ويندو ان کان اڳ جو موت کٽي وڃي،هن کي محبت جي حوالي ڪري ڇڏيو. توهان وٽ کٽي وڃڻ لاءِ خواهہ ڪجهہ بہ هجي ۽ ان کان اڳ جو ان کي موت کٽي وڃي، ڇو نہ ان کي ورهائي ڇڏجي. هن جي بچاءَ جو بس اهو ئي طريقو آهي. جيڪڏهن توهان ورهائي ڪجهہ ڏئي سگهو ٿا تہ پوءِ توهان آقا ۽ مالڪ آهيو...... هي هونئن ئي کٽي وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لاءِ آهي. ڪاٻه اهڙي شيءِ ڪانهي،جيڪا هميشه توهان وٽ رهي. موت سڀ ڪجهه برباد ڪري ڇڏيندو.

محبت ڪندڙ موت کان بي نياز هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته محبت نه ڪرڻ وارن لاءِ هر پل موت هوندو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته هر پل انهن کان ڪجهه ڦري ڪٽي وڃي رهيو هوندو آهي. جسم مٽجي رهيو هوندو آهي. هر پل انهيءَ کي مٽائي ٿو ۽ ائين موت وارد ٿي پوي ٿو ۽ هر شيءِ ختم ٿي وڃي ٿي.

خوف ڇا آهي؟ توهان ايتري قدر خوفزده ڇو آهيو؟ ايستائين جو توهان جي باري ۾ هر شيءِ ڄاڻجي چڪي آهي ۽ توهان هڪ کليل ڪتاب آهيو..... پوءِ خوف ڇو؟ اهو توهان کي ڪيئن نقصان پهچائي سگهي ٿو. رڳو ڪوڙا تصور، رڳو سماج جون عائد ڪيل پابنديون......... جو توهان کي گهٽو ڪجهه لڪائڻو پوي ٿو. توهان کي پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻو پوي ٿو. توهان کي مسلسل ويڙهه جي حالت ۾ رهڻو پوي ٿو ڇو ته هر ماڻهو توهان جو دشمن آهي، هر ماڻهو توهان جو مخالف آهي.

ڪوبه توهان جو مخالف نه آهي،ايستائين جو توهان محسوس ڪيو ٿا ته ڪو ماڻهو توهان جو مخالف آهي ته اهو به توهان جو مخالف ناهي هوندو........ان جو سبب هيءُ آهي ته هر ماڻهو رڳو پنهنجو پاڻ سان غرض رکي ٿو. توهان سان نه. خوفزده ٿيڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي. ڪنهن به لاڳاپي رکڻ کان اڳ انهيءَ حقيقت کي ڄاڻڻ تمام ضروري آهي، خوفزده ٿيڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي.

ان تي مراقبو ڪيو ۽ ائين هئي کي پنهنجي اندر ۾ پهچ جي اجازت ڏيو. ٻين کي پنهنجي اندر ۾ رسائيءَ جي دعوت ڏيو. ڪاٻه رڪاوٽ نه پيدا ڪيو. هميشه کليل رستي جيان رهو. ڪا ديوار نه هجي، ڪو بند دروازو نه هجي تڏهن ئي محبت ممڪن آهي.

جڏهن ٻه مرڪز پاڻ ۾ ملن ٿا تڏهن ئي محبت ظاهر ٿئي ٿي ۽ محبت هڪ ڪيميائي لقاءُ آهي. ..... بلڪل جيئن هائيڊروجن ۽ آڪسيجن ملندا آهن ۽ هڪ نئين شيءِ پاڻي تخليق ڪندا آهن. توهان هائڊروجن جا مالڪ ٿي سگهو ٿا. توهان آڪسيجن جا مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي سگهو ٿا پر جي توهان اجارا آهيو ته اهي سڀ بيڪار ٿي ويندا. توهان وٽ ڪيتري به آڪسيجن هجي، توهان وٽ ڪيتري به هائيڊروجن هجي پر انهيءَ سان اڃ نه لهندي.

جڏهن به مرڪز پاڻ ۾ ملندا آهن ته هڪ نئين شيءِ تخليق ٿيندي آهي ۽ اها نئين شيءِ محبت آهي. اها بلڪل پاڻيءَ جيان هوندي آهي. ڪيترن ئي جنمن جي اڃ اجهائي سگهي ٿي ۽ يقينن توهان آسودا ۽ مطمئن ٿي ويندا. اهو محبت جو ڪارنامو آهي جو توهان آسودا ۽ مطمئن آهيو. جڏهن توهان هر شيءِ حاصل ڪري ورتي آهي ۽ هاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه رهيو آهي توهان منزل تي پهچي چڪا آهيو اڳيان ڀي ڪا به منزل ڪانهي. مقصد پورو ٿي چڪو آهي، ٻج گل جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي ۽ هاڻ پنهنجي مڪمل بهار ڏيکاري پيو.

گهري آسودگي ۽ اطمينان محبت جي ڏيکائي ڏيندڙ نشاني آهي، محبت ڏسي نٿي سگهجي پر گهري آسودگي ۽ اطمينان مان ظاهر ٿئي ٿي........ ان جو هر ساهه، ان جو هر پل ، ان جي هر واردات اطمينان ۽ سڪون هوندو آهي.

ٿي سگهي ٿو ته توهان کي حيرت ٿئي جڏهن مان چوان ته محبت سيني خواهشن کان توهان کي مٿاهون بنائي ڇڏي ٿي. خواهش عدم آسودگي آهي، بي اطميناني مان پئدا ٿئي ٿي، توهان ان لاءِ خواهش رکو ٿا ڇاڪاڻ ته توهان وٽ ڪجهه ڪونهي. توهان محروم آهيو. توهان ان لاءِ خواهش ڪيو ٿا ته توهان سوچيندا آهيو ته جيڪڏهن اها شيءِ توهان وٽ هوندي ته توهان کي آسودگي ۽ اطمينان حاصل ٿيندا. خواهش عدم آسودگي مان جنم وٺي ٿي. جڏهن به ڪٿي محبت هوندي آهي ۽ به مرڪز پاڻ ۾ ملندا آهن ته هڪٻئي ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ رلي ملي ويندا آهن ۽ هڪ نئين ڪيميائي خاصيت جنم وٺندي آهي. آسودگي ۽ اطمينان اتي ئي هوندا آهن ۽ پوءِ ائين لڳندو آهي جڻ سموري هستي بيهجي وئي آهي. سموري ڪائنات هڪ هنڌ گڏ ٿي وئي آهي......ڪا چرپر ڪانهي،موجود پل ئي واحد پل هوندو آهي ۽ تڏهن توهان چئي سگهو ٿا "واهه واهه. هي ڪيڪ مزيدار آهي." ايسٽائين جو موت به محبت ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي آڏو بي معنيٰ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

باب ٽيون

## ڇا محبت سکي سگهجي ٿي؟

رڳو اهو ئي شخص ڪنهن محبت ڪرڻ واري دل جي ڳالهه سمجهي سگهي ٿو جيڪو محبت جي سمورن ذائقن کان واقف هجي، ٻين کي ڪا خبر نہ ٿي پوي، ليمي جو ذائقو ان جي مرڪز ۾ هوندو آهي، ۽ ان تائين پهچ جو سؤلو طريقو ماهر بہ نہ ٿا ڄاڻين. ماکي ڪنول جي ڪلين ۾ لڪل هوندي آهي..... پر ماکيءَ جي مک کي ان ڳالهه جي خبر هوندي آهي، عاجزي علم جو راز آهي.

مان چرين جي دنيا کي توهان سان متعارف ڪرائيندي ڏاڍو خوش آهيان. مون کي اميد آهي تہ توهان ان مان فيض حاصل ڪندؤ ۽ سياڻا ٿي پوندؤ. اها هڪ ڏاڍي انوکي دنيا آهي. چريا ۽ پاڳل ان کي ائين ئي هجڻو آهي، بدقسمت ئي سهي پر ان کي ائين ئي هجڻ گهربو هو ڇاڪاڻ تہ نام نهاد هوشمند ماڻهن جي دنيا ايتري تہ پاڳل آهي جيڪڏهن توهان هن دنيا ۾ حقيقتن هوشمند ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ان لاءِ توهان کي چريو ٿيڻو پوندو. توهان کي پنهنجو ئي هڪ الڳ رستو چونڊڻو پوندو. اهو رستو دنيا جي عام رستي کان بلڪل مختلف ۽ متضاد آهي.

چرين کي انهيءَ نالي سان انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ اهي پاڳل هوندا آهن. سنسڪرت ۾ پاڳل جي معنيٰ آهي اهڙو ماڻهو جيڪو هوا کان متاثر هجي. چرئي جو تعلق ڪنهن بہ مذهب سان ناهي هوندو. اهو نہ تہ مسلمان هوندو آهي، نہ عيسائي نہ هندو نہ ئي ٻڌمت مڃڻ وارو. اهو تہ بس انسان هوندو آهي، ان جي بغاوت ڪامل هوندي آهي، ان جو تعلق ڪنهن شخص سان ناهي هوندو ان جو تعلق رڳو پنهنجو پاڻ سان هوندو آهي. هو هڪ بي وطنن جي وطن ۾ رهندو آهي. نہ هن جو ڪو ملڪ هوندو آهي نہ وطن، نہ ئي ڪو مذهب هن جو مذهب هوندو آهي. ڪو صحيفو هن جو ناهي هوندو. هن جي بغاوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

زين گروئن جي بغاوت کان به وڌيڪ ڳوڙهي ۽ گهري هوندي آهي.....
انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته گهٽ ۾ گهٽ رسمي طور تي ٿي سهي پر
اهي ٻڌمت سان تعلق رکندا آهن ۽ رسمي طور تي ٿي ٻڌ جي پوڄا
ڪندا آهن. رسمي طور تي ڪجهه صحيفن کي مڃيندا آهن بهرحال
صحيفا صحيفن کي رد ڪن ٿا..... ۽ زين گرو ان جا مالڪ هوندا آهن.
گهٽ ۾ گهٽ ساڙڻ لاءِ ٿي سهي پر انهن وٽ ڪجهه صحيفا هوندا آهن.

چرين وٽ ڪجهه به ناهي هوندو..... نه ڪو صحيفو ساڙڻ لاءِ به نه، نه
ڪا چرچ، نه مسجد، نه ٿي ڪو عبادت گهر..... ڪجهه به نه هوندو آهي
انهن وٽ. پاڳل اهڙو شخص هوندو آهي جيڪو هميشه رستن تي رهندو
آهي. نه ته ان جو ڪو گهر هوندو آهي نه ڪو ٺڪاڻو. خدا ئي ان جي پناهه
گاهه هوندو آهي ۽ سمورو آسمان سندس ڇانو. هن جي ملڪيت ۾ ڪا
به شيءِ ناهي هوندي سواءِ غريب ماڻهوءَ جي هڪ رلي‌ءَ جي، هٿ سان ٺهيل
هڪ ننڍڙي ساز جي، جنهن کي يڪتارو چوندا آهن. هڪ ننڍڙي دهل
جي اها هوندي آهي ان جي ڪل ملڪيت هو هڪ ساز ۽ دهل جو مالڪ
هوندو آهي. هڪ هٿ سان هو يڪتارو وڄائيندو آهي ٻئي هٿ سان دُهل
تي ڏڪ هڻندو آهي، دهل اُن جي ڪلهي سان لٽڪيل هوندو آهي ۽ هو
رقص ۾ ٻڏل هوندو آهي بس اهوئي ته آهي ان جو مذهب.

ناچ، نرت، رقص ان جو مذهب آهي. ڳائڻ ان جي عبادت آهي.
ايستائين جو هو لفظ "ڀڳوان" به استعمال ناهي ڪندو. ڀڳوان جي لاءِ
چريا جيڪو لفظ استعمال ڪندا آهن اهو آهي آڌار منش يعني
جوهري بشر..... هو انسان جي پوڄا ڪندو آهي. هو چوندو آهي توهان
جي ۽ منهنجي اندر هر ماڻهوءَ جي اندر هڪ جوهري هستي موجود
آهي، اها جوهري هستي سڀ ڪجهه آهي. انهيءَ آڌار منش، انهيءَ
جوهري هستيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٿي سموري ڳولا آهي.

بس توهان کان ٻاهر ڪو ڀڳوان ڪونهي ۽ ڪنهن به عبادت گهر
جوڙڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي، ڇاڪاڻ ته توهان پاڻ ئي پنهنجا
عبادت گهر آهيو.

سموري ڳولا داخلي آهي. ڪلام جي لهرن تي رقص ڪندي هو
پنهنجي اندر ڏانهن سفر ڪندو آهي. هو ڪنهن فقير جيان ڳائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هلندو رهندو آهي. تبليغ لاءِ هن وٽ ڪجهه به ناهي هوندو ان جي شاعري ئي ان جي تبليغ هوندي آهي ۽ هن جي شاعري ڪو عام شاعري ٿورئي هوندي آهي. اها رڳو شاعري ناهي هوندي هو شعوري طور تي شاعر ناهي هوندو. ان لاءِ گيت ڳائيندو آهي جو ان جي دل نغماريز هوندي آهي. شاعري پاڇي جيان هن جي پٺيان هلندي رهندي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو حيرتناڪ حد تائين خوبصورت هوندي آهي. هو لفظن جو وزن ناهي ڪندو، انهن کي گهڙيندو ناهي، هو ته پنهنجي شاعريءَ ۾ زنده هوندو آهي، اها ئي هن جي انتها. آرزو جنون ۽ عين حياتي هوندي آهي. هن جو ناچ مجنونانه هوندو آهي. هن ڪڏهن به نرت جي ڪا تربيت حاصل ناهي ڪئي هوندي هن کي رقص جي فن جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي ڄاڻ ناهي هوندي هو ته ڪنهن پاڳل جيان بس رقص ڪندو آهي، ڪنهن واچوڙي جيان ڦرندو آهي ۽ هو ڏاڍي بي ساختگيءَ سان ناچ ڪندو آهي. ان جو سبب هيءَ آهي ته پاڳل ماڻهو چوندو آهي "جيڪڏهن توهان آدرمنش تائين جوهري بشر تائين رسائي چاهيو ٿا ته پوءِ رستو سهج منش، بي ساخته بشر کان ٿي اڳتي وڃي ٿو."

جوهري بشر تائين پهچ حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي بي ساخته بشر وٽان گذرڻو پوندو بي ساختگي واحد رستو آهي جوهر تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو..... بس هو رڙيون ڪندو آهي جڏهن هو چاهيندو آهي توهان هن کي ڪنهن وستيءَ جي، گهٽيءَ جي موڙ تي بيهي اجايو رڙيون ڪندي ڏسي سگهو ٿا. توهان ان کان پڇندؤ "تون ڇو پيو رڙيون ڪرين؟" ته هو ٿهڪ ڏيندو، چوندو "ڪا ڳالهه ڪانهي، منهنجي دل رڙيون ڪرڻ تي چيو سو مون رڙ ڪئي." جيڪڏهن هو ٿهڪ ڏيڻ چاهيندو آهي ته وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندو آهي، هن جي دل ڳائڻ تي چوندي آهي، هو ڳائڻ پسند ڪندو آهي..... بهرحال هر شيءِ تمام گهري احساس مان جنم وٺي ٿي.

هن جو عمل ذهن جي بنياد (مائينڊ اوريئنٽيڊ) تي ناهي هوندو نه ئي هو ڪنهن به لحاظ کان منظم ۽ مضبوط هوندو آهي، هو ڪنهن به رسم کي نه ٿو ڄاڻي. هو رسمن جو مڪمل طور تي مخالف هوندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چاڪاڻ ته هو چوندو آهي، "هڪ رسم زده ماڻهو مرده هوندو آهي، اهو بي ساخته نه ٿو ٿي سگهي." اهڙو ماڻهو جيڪو رسمن جي تمام گهڻي پيروي ڪري ٿو اهو پنهنجي آسپاس ايترين ڪوڙ ساريون عادتون ترتيب ڏئي ڇڏي ٿو جو هن کي گهڻو چوڪس ۽ سجاڳ رهڻ جي ضرورت ناهي. هو سجاڳي وڃائي ڇڏيندو آهي عادتون جوڙي ڇڏيندو آهن ائين رسمن جو پابند عادتن وسيلي زندگي بسر ڪندو آهي، جيڪڏهن هو عبادت گهر ۾ وڃي ڪو سجدو ڪندو آهي يا عبادت ڪندو آهي اهو عمل سندس شعوري ناهي هوندو پر رسمن ائين ڪندو آهي ۽ سڀ عمل ان ڪري هو ڪندو آهي جو اهو ڪيس پڙهايو ۽ سيکاريو ويو آهي ۽ اهو سڀ ان جي عادت بڻجي ويو آهي.

بس چريا ڪنهن رسم جي پيروي ناهن ڪندا. اهي ڪنهن تيڪنڪ جا پابند ناهن هوندا. انهن وٽ ڪا به ڳالهه عادت ۾ شامل ناهي هوندي ۽ سچ توهان ٻن چرين کي ڪڏهن به هڪ جهڙو انسان نه ڏسندؤ انهن جي بغاوت انهن کي الڳ فرد بنائي ڇڏيندي آهي.

هيءَ ڳالهه سمجهڻ جي آهي ته جيترو توهان ڪنهن سماج جو حصو بنجندا ٿا وڃو اوترو توهان هڪ فرد گهٽ ٿيو ٿا. ايترو ئي توهان گهٽ بي ساخته بنجندا ٿا وڃو..... ان جو سبب هيءَ آهي ته سماج جي رُڪنيت بي ساخته نه ٿي بنجڻ ڏئي. توهان کي راند جي اصولن جي پيروي ڪرڻي پوندي جيڪڏهن توهان ڪنهن سماج ۾ داخل آهيو ته ان جي اصولن جي پابندي کي تسليم ڪرڻو پوندو جيڪي ان سماج ۾ رائج هوندا آهن. رُڪنيت جو اهو ئي مطلب آهي. توهان ڪنهن خاص تنظيم ۾ داخل ٿيا آهيو ته توهان کي ڪا راند ڪيڏڻي ئي پوندي

پر چرين جي ڪا تنظيم ناهي هوندي هر چريو اڪيلو فرد هوندو آهي ۽ اهو سڀ ته آهي جيڪو ڪنهن مذهب ۾ هوندو آهي يعني سچ تائين انفرادي پهچ

ماڻهوءَ کي اڪيلو وڃڻو آهي. ماڻهوءَ کي پاڻ پنهنجي راهه تي هلڻو آهي. ماڻهوءَ پاڻ پنهنجي راهه چونڊڻي پوندي آهي. توهان ڪنهن ٻئي جي پيروي نه ٿا ڪري سگهو. توهان ڪنهن ٺهيل ٺڪيل راهه تي نه ٿا هلي سگهو. جيترو توهان پاڻ پنهنجو رستو ڳوليو ٿا اوترو توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خدا جي ويجهو ٿي وڃو ٿا حقيقت ۾ رستو هلڻ سان جڙندو آهي. جيڏانهن توهان هلندا آهيو اوڏانهن رستو ٺهڻ شروع ٿيندو آهي. اهو توهان لاءِ ٺهيل ناهي هوندو. توهان جي هلڻ جو منتظر هوندو آهي. توهان کي هلڻو آهي ۽ رستو پاڻ جوڙڻو آهي.

ائين سمجهو ته توهان ڪنهن جهنگ ۾ گم ٿي ويا آهيو ته پوءِ ڇا ڪندؤ؟ توهان وٽ ڪو نقشو ڪونهي. ڪنهن راهه جي خبر ڪانهي ته ڪيڏانهن هلڻو آهي...... وڻ ئي وڻ آهن هر پاسي ۽ توهان گمراهه آهيو ته پوءِ توهان ڇا ڪندا آهيو؟ توهان هلڻ شروع ڪندا آهيو. ڳولا ڪندا آهيو. عين توهان جي ڳولا ۽ توهان جي هلڻ مان هڪ رستو جنم وٺندو آهي.

زندگي جهنگلي آهي ۽ اهو ئي بهتر آهي جو اتي ڪو نقشو موجود ناهي هوندو. ان جو ڪو ضابطو ناهي هوندو اها ته بس اڻ ڄاڻ هوندي آهي. اهو ان لاءِ بهتر آهي جو انهيءَ جي اڻ ڄاڻائپ کي ڄاڻڻ لاءِ رستو جنم وٺي ٿو. اوچتو انڪشاف. اوچتي حيرت زندگيءَ کي خوشي بخشيندا آهن. جيڪڏهن حيرت نه هجي ته ڄڻ سڀ ڪجهه وڃائجي ويو. جڏهن ڪا حيرت نه هوندي ته توهان جون اکيون مرده ٿي وينديون ۽ توهان جي دل ڌڙڪڻ ڇڏي ڏيندي جذبا ٿڌا ٿي ويندا. محبت ممڪن نه رهندي تحير، حيرت، انڪشاف اهي ڪرشما آهن زندگيءَ جا. اهو بهتر آهي ته ڪي صحيفا نه هجن. اهو بهتر آهي ته ڪا مذهبي رسم نه هجي. اهو بهتر آهي ته توهان ڪنهن سپرهاءِ وي تي سفر نه ٿا ڪيو.

ڇريو هڪ باغي شخص هوندو آهي پرهو انقلابي ناهي هوندو. انقلابي هميشه سماج جي تناظر ۾ سوچيندو آهي. سماج کي ڪيئن تبديل ڪرڻو آهي، اهو هوندو آهي. انقلابي کي مستقل خطرو ۽ سماج ڏانهن ئي متوجهه هوندو آهي، هو سماج واد ئي رهندو آهي.

سماج کي ڪيئن تبديل ڪرڻو آهي......... جڏهن ته باغي دنيا جي باري ۾ فڪرمند ناهي هوندو ان لاءِ جو هو ڄاڻي ٿو ته هو دنيا کي تبديل نه ٿو ڪري سگهي ۽ دنيا کي تبديل ڪندڙ پلا هو ٿيندو ڪير آهي؟ .......... دنيا کي تبديل ڪرڻ جو هن کي اختيار ڪهڙو آهي؟ .......... هو دنيا کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيندو آهي، هو ڪا به مداخلت ناهي ڪندو. هو دنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي معاملن ۾ اجايو تنگ ناهي اڙائيندو پر هو پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي، هن جو انقلاب داخلي هوندو آهي، هن جو انقلاب مڪمل طور اندروني هوندو آهي.

هڪ باغي هڪ تارڪ هوندو آهي، بس هو هن سماج کي ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن کي پاڻ لاءِ هو موزون نہ ٿو سمجهي، هوانهيءَ ۾ جڙڻ لاءِ ان جي تبديل ٿيڻ جو انڪار نٿو ڪري، اهڙي خواهش ئي بيوقوفاڻي آهي، اهو يوٽوپيا ڪڏهن بہ وجود ۾ اچڻو ناهي، سماج ڪڏهن بہ ايترو تبديل نہ ٿيندو جو توهان انهيءَ ۾ جڙي سگهو يا سماج توهان سان گڏجي سگهي. ائين ڪڏهن بہ ناهي ٿيندو، دنيا هميشہ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي رهي آهي، پر هن کي بدلائڻ جي خواهش ۾ انقلابين جون زندگيون ختم ٿي ويون.

ٿورو مارڪس، لينن، ٽراٽسڪي جي باري ۾ سوچيو جيڪڏهن پيهر اهو هن دنيا ۾ واپس اچن ۽ ڏسن.......... تہ اهي رڙيون ڪرڻ لڳندا، هيءَ آهي اها دنيا جنهن لاءِ انهن پنهنجون سموريون زندگيون برباد ڪري ڇڏيون ۽ هيءَ آهي اها دنيا جنهن سان هنن الاهي ڪيتريون خواهشون جوڙيون هيون ۽ پنهنجي سموري حياتي داءَ تي لڳائي ڇڏي هئي. اهي سماجي زندگي مرضي سان نہ گذاري سگهيا هئا، اهي دنيا کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهيا هئا. اهي ماڻهن لاءِ دنيا کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي سوچيندا هئا تہ جڏهن دنيا انهن جي خواهشن مطابق تبديل ٿي ويندي، تہ تڏهن ئي اهي مرضيءَ سان جيئڻ جي قابل بنجندا، ٻي صورت ۾ اهي ڪڏهن بہ زنده نہ ٿا رهي سگهن. توهان ڪيئن ڀلا هڪ دردن جي دنيا ۾ خوش گذاري سگهو ٿا؟ .......... اهو هوندو آهي هڪ انقلابيءَ جو مسئلو تمام اهو" توهان ڪيئن تہ هن ڏکايل دنيا ۾ خوشي سان زندگي گهاري سگهو؟ .......... بس اتان ئي هو دنيا کي سکيو سهنجو بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

جڏهن تہ باغي چوي ٿو تہ دنيا کي انجي حال تي ڇڏي ڏيو هن کي ڪڏهن بہ ڪو فرد بدلائي نہ سگهيو آهي، هو وڏيڪ عملي ماڻهو آهي، "مان پنهنجي ئي انداز سان زندهہ رهي سگهان ٿو، مان پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ناهيو "موت مٿان اچي ويو يا اچي پيو توهان هاڻ جيئڻ جو وقت نہ ٿا رکو ۽ موت دروازي تي پهچي ويو آهي، توهان موت کي ڀلا ڪيئن ٿا قبول ڪري سگهو؟ ڪيئن ٿا ان کي ڀليڪار ڪري سگهو؟

پر هڪ چريو هر وقت مرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جيئڻ جو هڪ پل بہ ڍيان ناهي ڪيو هوندو، هن کي زندگي ان کان ڪو شڪوه شڪايت ناهي هوندو، ان لاءِ هن وٽ موت ايندو آهي تہ هو ان کي بہ سٺي ميزبان جيان ڀاڪر پائي ڀليڪار ڪندو آهي.

جيڪڏهن توهان صحيح طور تي زندگي گهاريندا آهيو تہ مرڻ لاءِ بہ پرسڪون ۽ تيار هوندا آهيو پر جي توهان صحيح طريقي سان زنده ناهيو، جيڪڏهن توهان ملتوي ٿا ڪيو، جيڪڏهن توهان زندگي مڙئي گهاري رهيا آهيو ۽ زندگيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ بجاءِ ڀيا ڪم سرانجام پيا ڏيو تہ فطري طور تي موت کان خوفزده رهندءِ جڏهن موت سامهون ايندو تہ توهان ان جي سامهون بزدل بنجي ويندؤ.

هڪ پاڳل ماڻهو رقص ڪندي مرندو آهي، هڪ چريو ڳائيندي مرندو آهي، هڪ چريو پنهنجي يڪ تاري ۽ ڍولڪيءَ کي وڄائيندي مرندو آهي، ڪوبہ چريو ڪنهن شيءِ کان نفرت ناهي ڪندو.

هو هرشئي کي قبول ڪندو آهي، هن جي دنيا ۾ هر شيءِ شامل هوندي آهي، هن وٽ ڪابہ شيءِ خارج ناهي هوندي، جنهن لاءِ قابل قبول آهي، مراقبو هن لاءِ قبول آهي......... سماڌي هن لاءِ قابل قبول آهي، هن جي دنيا ڏاڍي ثروتمند هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن وٽ ڪا بہ شيءِ خارج ناهي هوندي، هو چوندو آهي، هر شيءِ توهان جي هستي جي جوهري مرڪز مان نڪري رهي آهي، ان لاءِ ان کي رد ڇوڪجي ۽ جيڪڏهن توهان ان کي رد ڪندؤ تہ پوءِ توهان حقيقت جي سرچشمي تائين پهچ ڪيئن حاصل ڪندؤ؟ جڏهن بہ توهان ڪنهن شيءِ کي رد ڪيو ٿا تہ جڙ اتي جو اتي بيهجي وڃو ٿا تہ پوءِ سفر ڪيئن مرڪز تائين جاري رهي ٿو سگهي.

زندگي جيئڻ هوندي آهي، ائين ئي اُن کي قبول ڪيو ويندو آهي. تہ پوءِ زندگي کي ابدي زندگي ۾ وقت کي ابديت ۾ تبديل ڪرڻ جو راز ڪهڙو آهي؟ محبت آهي، اهو راز، جنس ۽ سماڌيءَ جي وچ ۾ محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پل هوندي آهي. محبت ٻنهي ۾ حصو وٺندي آهي هڪ پاسي جنس ۾ هڪ پاسي الوهيت تائين پهچ ۾. اها پل هوندي آهي هڪ ڪنارو آهي جنس ٻيو ڪنارو آهي سماڌي محبت ٻنهي ۾ شامل هوندي آهي..... ٻنهي تي ٻڌل آهي.

چريا چون ٿا محبت جي وسيلي انسان ابدي گهر تائين پهچي وڃي ٿو بس رستي جو واحد شرط آهي: محبت..... محبت انهن جي پوڄا آهي، انهن جي پرستش آهي، محبت انهن جو مراقبو آهي، چرئي جو رستو محبت جو رستو آهي. هو بي پناهه محبت ڪري ٿو. هندستان ۾ ٻه روايتون آهن هڪ ويدن جي روايت آهي ٻي تنترن جي ويد وڌيڪ رسوماتي هوندا آهن..... ويد وڌيڪ معاشرتي تنظيمي آهن..... تنتر وڌيڪ انفرادي آهن. اهي رسمن، صورتن، عادتن سان گهٽ تعلق رکن ٿا، جوهر سان وڌيڪ ۽ صورت سان گهٽ تعلق آهي. انهن جو روح ڏانهن لاڙو وڌيڪ آهي.

چريا ويدن جي پيٽ ۾ تنترن کي وڌيڪ ويجها آهن. تنترن ۾ رڳو هڪڙو واڌارو هوندو آهي ۽ اهو ئي واحد فرق آهي. تنترن ۾ سڀ ڪجهه شامل آهي، اهو مردن کان وڌيڪ عورتاڻو آهي. ويد گهڻو ڪري مرد ڏانهن مائل (ميل اوريئنٽڊ) آهن. جڏهن ته تنتر عورتاڻا آهن. بهرحال عورت مرد کان وڌيڪ جذب ڪندڙ آهي. مرد عورت ۾ شامل هوندو آهي پر عورت مرد ۾ شامل ناهي هوندي مرد هڪ قسم ۾ خاص نظر ايندو آهي پر عورت گهڻو عام نظر ايندي آهي گهٽي نرم گهٽي گهيردار (گول) تنتر جنس کان مٿانهون ٿيڻ لاءِ جنس کي استعمال ڪندا آهن. تنتر وڌيڪ ٽيڪنيڪل آهن. خود تنتر لفظ جي معنيٰ ”ٽيڪنيڪ“ آهي. جنس هڪ اوزار آهي، چريا چون ٿا ته اها وڌيڪ قابل احترام آهي ”توهان توانائي ڪيئن ٿا استعمال ڪري سگهو؟ توهان ڪنهن توانائيءَ کي وسيلي طور ڪيئن ٿا استعمال ڪري سگهو؟“ اهي جنس کي وسيلي طور تي استعمال ناهن ڪندا. اهي ته ان مان لطف اندوز ٿيندا آهن. انهن انهيءَ مان هڪ پوڄا اخذ ڪري ورتي آهي. پر ڪنهن ٽيڪنڪ کان سواءِ اها ٽيڪنالاجيڪل ناهي. اهي ان سان محبت ڪندا آهن ۽ محبت جي ذريعي ئي مرڪز تائين پهچندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اها ئي سوچ منهنجي بہ آهي. دنيا ۾ هجو پر دنيا جا نہ ٿيو ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي قدر و قيمت ناهي، جيڪڏهن انهيءَ ڪي محبت جي وسيلي حاصل نہ ڪجي.

تنتر ۾ ان جي ڪوت آهي. ان ۾ انسانيت جي ڪوت آهي، جيڪڏهن توهان ڪنهن عورت سان محبت ڪيو ٿا تہ تنتر ممڪن ناهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن مرد سان محبت ڪيو ٿا تہ تنتر ممڪن ناهي. توهان کي مڪمل طور تي الڳ ٿيڻو پوندو. ائين جنس بہ سائينٽيفڪ بڻجي پوي ٿي، اها هڪ ٽيڪنڪ بڻجي پوي ٿي. ڪا استعمال جي شيءِ، ڪو ڪم..... پوءِ اها اهڙي شيءِ ناهي جنهن ۾ داخل ٿي سگهجي، اهڙي شيءِ ناهي جنهن ۾ جذب ٿي سگهجي ۽ اهڙي شيءِ ناهي جو مرڪز تائين پهچجي. ڪنهن مرد يا عورت سان گڏ ڪجهہ ڪرڻ جو تصور..... انهيءَ سان توهان سماڌي کي حاصل نہ ڪري سگهندؤ پئي کي بطور وسيلو استعمال ڪرڻ جو تصور انتهائي گندو ۽ غير اخلاقي آهي.

اتي ئي چريا توهان سان اختلاف ڪن ٿا. اتي ئي چريا هڪ الڳ خوشبوءَ جا مالڪ آهن.

هو چون ٿا "ايتري قدر سخت ٿيڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي، ايترو ئي وسيلن جو محتاج (مينس اوريئنٽڊ) هجڻ جي ڪا حاجت ڪونهي محبت عمل ڪندي" ۽ اسان کي اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ محبت مان هو ڪهڙو مطلب وٺن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

## ڦِريون نظم

هيءَ نظم مختلف چرين جا آهن. پر مان انهن جا نالا نه ٻڌائيندس، ائين ڪرڻ غير متعلق هوندو انهن سمورن جو تعلق هڪ ئي سوچ سان آهي. نظم مختلف هوندا آهن پر ڳوڙهائپ ۾ اهي هڪجهڙا هوندا آهن. لفظ مختلف هوندا آهن. شڪليون مختلف هونديون آهن پر انهن ۾ ڪرنٽ هڪ ئي ڊوڙي رهيو هوندو آهي، اهي بلڪل گلن جي هار جيان هوندا آهن. گهڻن قسمن جا گل گڏ ڪيا ويندا آهن. پر هڪ ئي ڌاڳو انهن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي رکندو آهي. اسان انهيءَ ڌاڳي ڏانهن توجهه ڏينداسين، اسان ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪنداسين ته اهي نظم ڪنهن تخليق ڪيا آهن. حقيقت ۾ ته انهن نظمن جي خالقن جي ڪا خبر ڪونهي، ڪڏهن به ڪنهن کي ان ڳالهه جي ڄاڻ ناهي رهي ته اهي ڪنهن تخليق ڪيا هئا. ان جو سبب اهو آهي ته حقيقت ۾ انهن کي تخليق ڪيو ئي ناهي ويو.

چريا پڙهيل لکيل ناهن هوندا. تي سگهي ٿو انهن ۾ اهڙي قسم جو خالص پڻ انهيءَ ڪري موجود هجي. اهي تمام گهٽو تهذيب يافته (ڪلچرڊ) ماڻهو ناهن هوندا. انهن جي اٿڻي ويهڻي تعليم يافته ماڻهن جهڙي ناهي هوندي ۽ ٿي سگهي ٿو انهن ۾ معصوميت جو سبب اهو ئي هجي، اهي ته ڌرتيءَ جا پٽ هوندا آهن: غير تعليم يافته، غريب، عاجز مسڪين، پر بيحد مخلص بس مان اهو نه ٻڌائيندس ته هن گيت کي ڪنهن ڳايو آهي اهو اڻ لاڳاپيل آهي، پر انهن سمورن جو تعلق هڪ ئي سوچ سان آهي.

انهن جا سُر مخصوص آهن، ايترو منفرد جو ان کي ”چريو سُر“ چيو ويندو آهي. يعني ته چرين جو گيت ايترو خاص، ذائقي ۾ ايترو خاص هوندو آهي ۽ خوشبو ان جي خاص هوندي آهي، جڏهن به توهان ڪنهن چرئي کان گيت ٻڌو ٿا ته فورن سڃاڻي وٺو ٿا ته اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪنهن چرئي جو گيت آهي. ان جي پنهنجي انفراديت هوندي آهي، پنهنجو اسلوب هوندو آهي: جهنگلي، غير تعليم يافته، غير تهذيب يافته پر انتهائي منفرد بلڪل ائين جيئن سمنڊ جو ذائقو هڪجهڙو هوندو آهي..... چاهي ڪتان به توهان ان کي چکو پر اهو نمڪين هوندو آهي، گيتن ۾ توهان فوري طور تي سڃاڻي وٺندو ته اهي هڪ ئي سوچ، هڪ ئي رجحان، هڪ ئي تجربي، هڪ ئي جذبي مان ڦٽا آهن. چريا ان کي صدين کان ڳائيندا ٿا اچن. هر چريو ڪا شيءِ خارج ڪري ڇڏي ٿو ڪا شامل ڪري ڇڏي ٿو. گيت کي پنهنجي ڍن جي حساب سان ترتيب ڏئي ٿو يا وري پنهنجي گروئن کان بدل پراڻن گيتن کي استعمال ڪري ٿو پر سوچ ايتري قدر واضح ۽ شفاف هوندي آهي جو جڏهن به توهان ڪنهن چرئي کي گيت ڳائيندي ٻڌو ٿا ته ان کي نظرانداز نٿا ڪري سگهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# پهريون گيت

محبت ڪندڙ دل جي ڳالهہ رڳو اهو ماڻهو ئي سمجهي ٿو جيڪو محبت جي ذائقن کان چڱيءَ طرح واقف هجي. ٻيو ڪو بہ نہ ٿو سمجهي سگهي. ليمي جو ذائقو ميوي جي وچ ۾ هوندو آهي ۽ ماهر ترين بہ انهيءَ جي پهچ کي سؤلو نہ ٿا پائڻ ماکي ڪنول جي ڪلين ۾ لڪل هوندي آهي..... پر ماکيءَ جي مک کي ان جي خبر هوندي آهي..... عاجزي علم جو راز آهي.

پهرئين ڳالهہ اها تہ محبت کي رڳو محبت سان ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. اها اهڙي ڳالهہ ناهي جو دانش وراڻي بحث جي نتيجي ۾ سمجهہ ۾ اچي، جيڪڏهن ان حوالي سان توهان ڪو نظريو جوڙڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ اها ناقابل فهم بنجي ويندي چرين جو اهو پهريون مؤقف آهي تہ ڪجهہ شيون اهڙيون آهن جن کي توهان رڳو انهن تي عمل ڪري ئي سمجهي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان ترڻ نہ ٿا ڄاڻو تہ لفظن ذريعي سمجهي نہ ٿا سگهو تہ تيراڪي ڇا آهي؟ توهان هڪ هزار هڪ تيراڪيءَ جي ماهرن کان انهيءَ بابت ليڪچر وٺو پر پوءِ بہ اڻ ڄاڻ رهندؤ تہ تيراڪي ڇا آهي؟ اها لفظن ذريعي سمجهڻ کان مٿي آهي. توهان کي پاڻ درياهہ ۾ لهڻو پوندو ۽ تيراڪيءَ جو فن سکڻو پوندو. توهان کي رسڪ کڻڻو ئي پوندو. ٻڏڻ جو خطرو سر تي کڻڻو پوندو جيڪڏهن توهان تمام گهڻا چالاڪ آهيو تہ توهان چئي سگهو ٿا تہ "مان پهرئين ترڻ سکندس ۽ ترڻ سکڻ کان اڳ درياهہ ۾ لهندس ئي ڪونہ." اها ڳالهہ اهو دليل منطقي آهي "مان ڀلا ڇو ٿو درياهہ ۾ لهان جڏهن مون کي ترڻ اچي ئي ڪونہ ٿو ۽ ان لاءِ پهرئين مان ترڻ سکندس. تڏهن ئي درياهہ ۾ لهندس." پر ائين توهان ڪڏهن بہ ترڻ سکي نہ ٿا سگهو. ترڻ سکڻ لاءِ توهان کي هر حال ۾ درياهہ ۾ لهڻو پوندو. تيراڪي رڳو پاڻيءَ ۾ لهڻ سان ئي سکي سگهجي ٿي. محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نہ ڪيون؟ پر اسان محبت ڪندا هجون ان هر ڳالهہ سان جيڪا توهان کان ٻڌون ٿا.“

مان ڪين چوندو آهيان تہ ”توهان ائين ڪري سگهو ٿا ڪو مسئلو ناهي، پر ائين ڪرڻ سان توهان رڳو سطح تائين ڄاڻ حاصل ڪري سگهندؤ رڳو توهان لفظ ئي ٻڌي سگهندؤ ۽ توهان رڳو منهنجا ڪرنڊڙ ڪنڪر ئي چونڊي سگهندؤ. ان وقت توهان مون لاءِ سچا مهمان نہ هوندؤ جوهر ڪي توهان حاصل ڪرڻ کان اڳ وڃائي ويهندؤ. رڳو غير جوهر ئي توهان جو مقدر بنجندا. فيصلو توهان ڪي پاڻ ڪرڻو آهي.“

هڪ ڀيرو جيڪڏهن توهان جن اڳيان سرينڊر ڪريو ٿا تہ پوءِ توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ نئين دنيا جي دري کلي پوي ٿي. تڏهن توهان منهنجا لفظ ٻڌو پر اهي مختلف انداز ۾ ٻڌو ٿا. هڪ گهري همدردي ۽ محبت سان، احترام ۽ احسان سان. ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ رڳو لفظ ناهن هوندا پر هر لفظ زنده حقيقت بنجي سامهون ايندو آهي ۽ ان وقت لفظ رڳو توهان تائين پهچندا پر الوهيت جي روشني توهان جي آس پاس ڦهلجي ويندي آهي، نہ رڳو لفظ توهان تائين پهچندا آهن پر اها مرهم جيڪا انهن منهنجي دل مان حاصل ڪئي هوندي آهي. جيڪڏهن توهان مون سان محبت ڪيو ٿا تہ پوءِ توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ بلڪل نئين قسم جو ناتو جڙندو پر جي توهان مون سان محبت نٿا ڪيو پوءِ اسان هڪ ٻئي کان ڪافي مفاصلي تي هونداسين. هزارين ميل پري، تي سگهي ٿو توهان منهنجا ڪجهہ لفظ ٻڌي بہ وٺو پر انهيءَ سان توهان جي اندر ۾ ڪا خاص تبديلي نہ ايندي، تي سگهي توهان باخبر ٿي وڃو پر اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. توهان کي وڏيڪ ڄاڻ وارو ٿيڻو آهي پر جي توهان واقعي روحانيت ڄاڻڻ چاهيو ٿا مون سان ويجها ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ توهان کي انا ڇڏڻي پوندي، سرينڊر ڪرڻو پوندو مڪمل طور پاڻ ارپڻو پوندو. انهيءَ سان توهان وڏيڪ الوهي، وڏيڪ شفاف ۽ وڏيڪ روحانيت کي ويجها ٿيندؤ. پر اهو سڀ ڪجهہ محبت کانسواءِ ممڪن ناهي. ۽ انهيءَ بابت چرپٽ جو مؤقف اهو آهي تہ وجودي شين کي رڳو وجودي طريقي سان ئي ڄاڻي سگهجي ٿو سو......... محبت کي رڳو محبت ڪرڻ سان ئي سمجهي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪنهن ماڻهوءَ حضرت عيسيٰ کان سوال ڪيو "عبادت ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟" ۽ حضرت عيسيٰ جواب ڏنو "عبادت ڪيو." ان همراهه چيو ته مان اهو ئي ته پڇان پيو مون کي خبر ڪانهي ته عبادت ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟" حضرت عيسيٰ چيو ته "ان عبادت ڪيان تو تون مون سان گڏ ويهه ۽ منهنجي پيروي ڪر........."

عبادت ڀلا ڪيئن ٿي سيکاري سگهجي؟ اها گرفت ۾ آڻي سگهجي ٿي پر اها سيکاري نه ٿي سگهجي. جيڪڏهن توهان مون لاءِ ڪشاده ۽ کليل آهيو ته توهان ڪوڙ ساريون شيون گرفت ۾ آڻي سگهو ٿا. پر جي توهان مون لاءِ کليل ناهيو ته ڪجهه به نه ٿا ڄاڻي سگهو. عبادت ڪنهن ويا جي مثل هوندي آهي، محبت به ڪنهن ويا جيان هوندي آهي گرفت ۾ ته آڻي سگهجي ٿي پر ان کي سکي نه ٿو سگهجي. توهان ان کي گرفت ۾ نه آڻي سگهو ٿا. اها توهان ڏانهن درياهه جيان وهي رهيو آهي. پر جي توهان ڪنهن هين جيان جزيري جيان رهندؤ بند ......... ته پوءِ توهان کي سيکارڻ جو ڪو به رستو ڪونهي.

پڳوان ته توهان جي سيني پاسن کان موجود آهي. پر توهان ته ڏاهپ سان صحيفن سان ۽ علم سان تمام گهڻا ڀريل آهيو. توهان پاڻ پنهنجي انا سان ايترا ڀريل آهيو جو توهان جي اندر ايتري جڳهه ئي ڪانهي جو ان ۾ پڳوان ماپي سگهي ۽ توهان جا دروازا بند هجڻ سبب پڳوان توهان کان ڏورانهون ۽ پري آهي......... پڳوان جي رسائي، پڳوان جي پهچ توهان جي مرڪز تائين ناممڪن ٿي چڪي آهي ......... ۽ اهو سڀ رڳو توهان جي ڪري ئي ناممڪن ٿيو آهي.

مان توهان کي اهوئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. پاڻ کي کليل ڪتاب جيان رکو......... بس مون تي کليل رهو. ٿي سگهي ٿو توهان مرڪز تائين پهچ حاصل ڪري وٺو. ها بس هڪ پيرو توهان پنهنجي رستي جون سموريون رڪاوٽون هٽائي ڇڏيو. هڪ پيرو رڳو توهان پنهنجي رستي مان پاڻ هٽڻ شروع ڪيو. ڪو مسئلو ناهي. ...... ڇاڪاڻ ته جوهري بشر جيڪو توهان سان ڳالهائي رهيو آهي، توهان جي وسيلي سان ٻڏي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح جوهر. جوهر سان ملي پيو. آدرش، آدرش سان ملي سگهي ٿو. بس رڳو پنهنجي انا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪي پري ڪيو. آنا غير جوهر آهي، پنهنجي جوهر سان گڏ منهنجي سامهون اچو. پنهنجي جوهر سان گڏ منهنجي روبرو اچو. ائين توهان ڏسندؤ ته اندر ۾ هڪ نئين آگ ......... روشن ٿي رهي آهي، هڪ نئين محبت جنم وٺي پئي.

ڪوڙ سارا ماڻهو محبت جي باري ۾ سکڻ لاءِ مووين جو سهارو وٺندا آهن. ڪوڙ سارا ماڻهو فحش ادب جي ذريعي محبت جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪوڙ سارا ماڻهو ناول ۽ شاعري ۽ محبت جي خطن جو مطالعو ڪري رهيا آهن ته جيئن محبت جي باري ۾ ڄاڻي سگهن.

ها هڪ خطرو آهي، توهان محبت جي باري ۾ ڪوڙ شيون ڄاڻي سگهو ٿا پر محبت جي باري ۾ ڄاڻڻ محبت جي آگاهي ناهي هوندي. حقيقت ۾ توهان جيترو گهڻو محبت جي باري ۾ ڄاڻڻ لڳندا آهيو اوترو سچي محبت ڪان پري هوندا آهيو. ڇاڪاڻ ته توهان پنهنجي ڪوڪلي علم ۾ گم ٿي ويندؤ.......... توهان سوچڻ شروع ڪريو ته توهان گهڻو ڪجهه ڄاڻو ٿا.

ڇا توهان ڪڏهن ان حقيقت جو مشاهدو ڪيو آهي ته فلمي اداڪار جيڪي محبت جي ڪاروبار ۾ مصروف آهن پنهنجي پريم جيون، حقيقي لائن ۾ اندازن هميشه ناڪام هوندا آهن. ايستائين جو مارلن منرو به آپگهات ڪري ڇڏي ٿي. هوءَ عروج تي هئي، ايستائين جو مور ڪينڊي هن سان محبت ڪندو هو.سموري دنيا هن سان محبت ڪندي هئي پر پوءِ به جڻ هن جي زندگي خالي هئي. هن پنهنجي شهرت، پنهنجي ڪيريئر جي عين عروج جي وقت آپگهات ڪري ڇڏيو. ڪيڏي نه حسين عورت هئي هوءَ!

ٿيندو ڇا آهي؟ اداڪار ۽ اداڪارائون ڇو پنهنجي حقيقي جيون ۾ محبت ۾ ناڪام رهندا آهن. حقيقت ۾ انهن محبت جي باري ۾ ايترو ڄاڻي ورتو هوندو آهي ۽ سکي ورتو هوندو آهي جو اهي محبت جي باري ۾ اصلي (ريئل)ئتا ٿي سگهن. اهو هر ڳالهه ۾ ڪردارن جي اداڪاري ڪندا آهن. اهي سدائين هڪ ئي راند ڪندا آهن. اهي جيئن اسٽيج تي هوندا آهن، ائين ئي زندگيءَ ۾ رهندا آهن. اسٽيج تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سپ ٺيڪ هوندو آهي پر اصلي زندگي، ڪوڪلائيپ ۽ خالي ٿي ويندي آهي، ان لاءِ اهي انر ۾ خلا ۽ ڪوڪلائيپ محسوس ڪندا آهن. ياد رکو توهان محبت جي باري ۾ گهڻو ڪجھ ڄاڻي سگهو ٿا پر انهيءَ سان محبت جي آگاهي ۾ ڪا مدد ناهي ملندي. محبت کي رڳو محبت ڪرڻ ذريعي ڄاڻي سگهجي ٿو. ان جو مطلب آهي توهان جي محبت جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻڻ ڪانسواءِ ان ۾ داخل ٿيڻو پوندو اهو ئي سبب آهي جو ان لاءِ جراعت گهربل هوندي آهي. توهان کي اونده ۾ سفر ڪرڻو پوندو آهي، ڪنهن نقشي ڪانسوا". ايستائين جو تارچ به ناهي هوندي. تِوهان کي اونده ۾ هلڻو پوندو آهي، اهو ڄاڻڻ ڪانسواءِ ته توهان ڪيڏانهن پيا وڃو صحيح رستي تي آهيو يا غلط رستي تي، اهو ڄاڻڻ ڪانسواءِ ته توهان حقيقي رستو حاصل ڪري ورتو آهي يا ڪنهن ڪڏ ۾، ڪنهن اونداهي غار ۾ ڪري پوندو ۽ هميشه هميشه لاءِ وڃائجي ويندؤ. جرعت انهي جو نالو آهي . چريا ماڻهو ڏاڍا جرعت مند هوندا آهن، اهي چوندا آهن ته محبت کي محبت ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

محبت ڪوڙ سارن ذائقن جي مالڪ هوندي آهي. محبت گهڻ پاسائي هوندي آهي. ڪوڙ سارن نازڪ پاسن جي مالڪ هوندي آهي. محبت ڪا واحد شيءِ ناهي هوندي، اها تمام گهڻي ثروت مند هوندي آهي، تمام گهڻي شاهوڪار......... ان جا ڪيترائي پاسا ۽ اثر هوندا آهن، اها هيري جهڙي هوندي آهي، ڪوه نور هيري جهڙي، اهو ماڻهو جيڪو......... محبت ڪري چڪو آهي، جنهن ڪيترن ئي رخن کان محبت کي ڏٺو آهي، اهو جرعت سان جيئندو آهي. خطري ۾ زندگي گذاريندو آهي، اهڙو ماڻهو جيڪو محبت جي سمورن ذائقن کان آشنا هوندو آهي.

ڇا توهان ڪڏهن ڏٺو آهي ته لفظ محبت سيڪجھ بيان ناهي ڪندو اهو ته هڪ لفظ آهي. سمورين قديم ٻولين ۾ محبت لاءِ ڪيترائي لفظ آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ گهڻيون محبتون هونديون آهن پر انهيءَ حوالي سان انگريزي زياده ڏاڍي مفلس ۽ غريب آهي، ان جو سبب اهو آهي ته توهان پنهنجي ڪارسا محبت ڪيو ٿا. زال سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

محبت ڪيو ٿا. پارن سان محبت ڪيو ٿا. پنهنجي گهر سان محبت ڪيو ٿا.ملڪ سان محبت ڪيو ٿا. ماءُ سان محبت ڪيو ٿا. رڳو هڪ لفظ محبت.......... ايستائين جو توهان ڪنهن سگريٽ جي خاص برانڊ سان محبت ڪيو ٿا.. اها زبان ڏاڍي مفلس آهي. جڏهن تہ محبت جا ڪيترائي رخ آهن. هيري جيان. مختلف پاسن کان چمڪندڙ نوان رنگ ۽ نوان رخ. جيڪڏهن توهان ڳوڙهائپ سان ڏسندؤ تہ توهان محبت جا ڪيترائي رنگ ڏسندؤ. هڪ لفظ محبت ۾ گهڻو ڪجهہ لڪل آهي. ماڻهوءَ کي محبت کي ڄاڻڻ لاءِ، سمجهڻ لاءِ ڪوڙ سارن پاسن ۾ سفر ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن توهان محبت جي ڪنهن هڪ رخ کان بہ اڻ ڄاڻ آهيو تہ ڇڻ توهان محبت جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڄاڻي بہ ڪجهہ نہ ڄاتو. ماڻهوءَ کي سمورن پاسن ۾ هر نفي ۽ نازڪ فرق کي ڄاڻڻو پوندو. ...........جو اهو ئي مفهوم هوندو آهي جڏهن هو چوندو آهي تہ ”محبت جي گهڻن ذائقن کان واقف ماڻهو ئي ڪنهن محبت ڪرڻ واري جي دل جي زبان سمجهي سگهي ٿو.ٻين کي تہ ٿورڙي بہ خبر نہ پوندي“ ها محبت جي پنهنجي زبان هوندي آهي، رڳو هڪ لفظ نہ. پر هڪ مڪمل زبان ۽ جڏهن هڪ ڀيرو توهان ڄاڻي وٺو ٿا تہ توهان کي حيرت ٿئي ٿي. توهان ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ کي دوست جيان ڇهي سگهو ٿا. ان ڇهاءَ ۾ لمس هڪ مختلف ذائقو هوندو آهي ۽ توهان ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ تي محبت ڪندڙ شخص جيان ڇهي سگهو ٿا انهيءَ لمس جي ڇهاءَ جي ذائقي ۾ فرق هوندو آهي.

هڪ محبت ڪندڙ ماڻهو پنهنجي بند اکين سان توهان جي هٿ کي، توهان جي سموري وجود جي احساس کي چڱي طرح ڄاڻي سگهي ٿو...... ۽ توهان جي وجود جي هر ٻولي سمجهي سگهي ٿو.

ڇا توهان ڪڏهن ان جو مشاهدو ناهي ڪيو جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي اکين ۾ گهري شهوت آڻي توهان ڏانهن ڏسندو آهي، ڇا توهان ان ڪيفيت کي فوري طور محسوس نٿا ڪري سگهو؟ جڏهن ڪو ماڻهو گهري محبت سان ڏسندو آهي تہ ان وقت بہ توهان فرق محسوس ڪري سگهو ٿا. جڏهن ڪو ماڻهو چاهہ مان ڏسندو آهي تہ پوءِ بہ توهان فرق محسوس ڪري سگهو ٿا. پر اهي سڀ شروعاتي نوعيت جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڳالهيون آهن. چاڪاڻ ته محبت ۾ شفقت جون ڪيتريون ئي سطحون آهن. ياد رکو! رڳو اهو ئي ماڻهو جيڪو محبت جي ذائقن کان چڱي طرح واقف هوندو آهي، ڪنهن محبت ڪندڙ جي دل جي زبان سمجهي سگهي ٿو ٻيا ته اشارو به نه ٿا سمجهي سگهن.

ها ٻين لاءِ اشارو ڇاڻڻ به ممڪن ناهي هوندو. توهان ڪي محبت جي دنيا ۾ سفر ڪرڻو پوندو ۽ اهو نه پڇو ته ڪيئن؟ توهان کي اونده ۾ سفر ڪرڻو پوندو ۽ ڪنهن نقطي جو نه سوچيو........ ان جو سبب هيءَ آهي ته ائين ڪرڻ محبت جي قانون خلاف آهي، اهو ئي سبب آهي جو شرڌا يعني اعتماد، ڀروسو گهربل هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن ماڻهوءَ تي ڀروسو ڪيو ٿا ته توهان چوندا آهيو "ٺيڪ آهي جيڪڏهن تون مون کي اونده ۾ موڪلڻ چاهين ٿو ته مان ضرور ويندس. جيڪڏهن تون مونکي موت ڏانهن موڪليندين تڏهن به مان ويندس."

محبت جي راه ۾ اعتماد، ڀروسو سڀ کان اهم هوندو آهي. مراقبي جي راه تي توهان سواءِ ڪنهن ڀروسي جي هلي سگهو ٿا. مراقبي جي راه تي سواءِ سرينڊر ڪرڻ جي هلي سگهو ٿا پر محبت جي راه ۾ سواءِ سقوط(سرينڊر) ڪرڻ جي، سواءِ ڀروسي ڪرڻ جي ٻيو ڪو چارو ڪونهي. چاڪاڻ ته اهو محبت جو سڀ کان پهريون دروازو آهي، محبت گهڻي ڪجهه جي خواهان هوندي آهي، اها ڪڏهن ڪڏهن ناممڪن جو مطالبو ڪري وجهندي آهي ۽ اهو به پهرين قدم تي، محبت تمام سؤلي آهي، پر طلب گهڻو ڪجهه ڪري ٿي، اهو ئي سبب آهي جو رستو تمام سولو آهي پر تمام ٿورڙا ماڻهو ان تي هلي سگهندا آهن.

مراقبي جو رستو ڏکيو آهي پر گهڻي ڪجهه جو طلبگار ناهي. اهو ئي سبب آهي جو اهو رستو ڏکيو آهي. محنت طلب آهي، پوءِ به گهڻا ماڻهو انهيءَ جي راه تي سفر ڪندا آهن.

جڏهن توهان محبت بابت ٻڌو ٿا ته گهڻو ڪجهه سؤلو لڳندو آهي، پر ٿورو ان جي مطالبن ڏانهن ڌيان ڏيو مراقبي جي راه ۾ آخري قدم تي مطالبو هوندو آهي، جڏهن ته محبت ۾ پهرين قدم تي ئي مطالبو هوندو آهي، مراقبي ڪرڻ واري کان رڳو آخر قدم تي مطالبو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ويندو ته پنهنجي انا کي ڇڏي ڏي سو به تڏهن جڏهن هو ذهن کان بي ذهني ڏانهن سفر ڪري ٿو رڳو آخري قدم تي. پهرين پهرين ته هوپنهنجي ذهن کي خالص بنائيندو آهي، هو پنهنجي انا کي خالص بنائيندو آهي، هو ان کي وڏيڪ نفي بنائي ٿو گهٽو لطيف بنائي ٿو صاف ۽ تهذيب يافته بنائي ٿو. ائين رڳو هڪ نشان باقي رهجي وڃي ٿو. آخري قدم تي ان نشان کي ڇڏڻو پوندو آهي.

محبت ته ناممڪن جو مطالبو ڪندي آهي، اها چوندي آهي، پهرين قدم تي ئي توهان کي پنهنجي انا تان هٿ کڻڻا پوندا. ان کي لطيف ناهڻ جي ضرورت ناهي ۽ پيو ته ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت ناهي، ان جو سبب هيءَ آهي ته بس ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي، سو ان کي ڪٽي هلڻ جي پريشاني ڇو کڻجي؟ ان کي به اتي ئي اڇلائي ڇڏيو.

پروسو مراقبي جي راهه ۾ آخري قدم ظاهر ٿيندو آهي، پروسو رڳو تڏهن ئي ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن توهان گهر پهچي چڪا هوندا آهيو جڏهن سفر ختم ٿيڻ وارو هوندو آهي ۽ جڏهن توهان ويجها پهچي چڪا هوندا آهيو ۽ توهان دروازو ڏسي سگهو ٿا ۽ توهان گهر ڏسي سگهو ٿا ۽ توهان ڄاڻي سگهو ٿا ته توهان پهچي چڪا آهيو..........

تڏهن ئي پروسو جنم وٺي ٿو..........توهان چوندا آهيو "ها" پرمحبت جي راهه تي پروسو پهرين قدم تي گهربل هوندو آهي، محبت جو پهريون قدم مراقبي جي آخري قدم برابر هوندو آهي، رستو صفا سؤلو آهي، جڏهن توهان جرئت مند آهيو رستو سؤلو آهي، جيڪڏهن توهان تقريبن چريا آهيو ۽ هر خطري کي سواءِ ڪنهن شرط جي قبول ڪيو ٿا ته پوءِ پهريون قدم ئي آخري قدم بنجي سگهي ٿو جيئن ئي توهان سرينڊر ڪيو ٿا، سقوط اختيار ڪيو ٿا.اڳيون پل به ناهي گذرندو جو توهان منزل تي پهچي چڪا هوندا آهيو.

وقت جو ذائقو ميوي جي وچ ۾ هوندو آهي ۽ ماهرين به ان جي مرڪز تائين پهچڻ جو ڪو سؤلو رستو نٿا ڄاڻين.

اهي ماڻهو جيڪي مراقبي جي طريقن کان گهڻو واقف هوندا آهن سي ئي محبت جي باري ۾ هڪ اشارو به نه ٿا ڄاڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جنهن محبت جي باري ۾ چريا ڳالهائين ٿا. رقص ڪن ٿا. اها ته بس توهان جي اندر ۾ لڪل هوندي آهي. اها اهڙي شيءِ ناهي جنهن کي خارج مان حاصل ڪجي. اهڙي شيءِ ناهي جنهن کي ڪمائي سگهجي. اهو ته بس خدا جو هڪ موڪليل تحفو آهي.

جنهن پل توهان کي تخليق ڪيو ويو هو عين انهيءَ پل انهيءَ خزاني کي توهان جي حوالي ڪيو ويو هو......... انهيءَ جو سبب هيءَ آهي ته ڪير آهي جو ڪنهن اهڙي شخص کان واقف هجي جيڪو سواءِ محبت ڪرڻ جي زندگي گذاريندو هجي. ڇا توهان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کان واقف آهيو جيڪو ساهه کڻڻ کان سواءِ جيئرو هجي ۽ محبت روح جو ساهه آهي.

چريا چون ٿا ته جيئن جسم ساهه کڻڻ کانسواءِ برقرار ۽ باقي نه ٿو رهي، اهڙيءَ طرح محبت کان سواءِ باقي ۽ برقرار نه ٿو رهي سگهجي.

سچ چرين جو چوڻ آهي ته "جهڙي توهان جي محبت هوندي توهان به اهڙائي بنجي ويندؤ. ۽ جهڙو توهان جو تصور هوندو آهي، اهڙي ئي محبت توهان حاصل ڪري وٺندا آهيو." سو پنهنجي محبت جي باري ۾ هوشيار ۽ سجاڳ رهو "چوڪس رهو." ڪنهن ڪار سان محبت نه ڪيو ڪنهن گهر سان محبت نه ڪيو......... ان جو سبب هيءَ آهي ته توهان پوءِ انهن شين جهڙا ٿي ويندؤ. توهان هڪ ڇيٽي جي پونئر جي روپ ۾ بدلجي ويندو......... ڇيٽي سان محبت نه ڪيو.

جيڪڏهن توهان کي محبت ڪرڻي آهي ته ڪنهن الوهي شيءِ سان محبت ڪيو......... ڪنهن اهڙي شيءِ سان محبت ڪيو جيڪا دنياوي شين کان مٿاهين هجي. ڪا اهڙي شيءِ جيڪا صورتن، شڪلين کان بالا تر هجي. ڪا اهڙي شيءِ جنهن جي لاءِ توهان کي اکيون آسمان ڏانهن کڻڻيون پون......... ڪنهن گوري شنڪر سان محبت ڪيو......... هماليا جي چوٽين سان محبت ڪيو جيڪڏهن توهان ڪنهن ڇيٽي جهڙي شيءِ سان محبت ڪندؤ توهان به ڇيٽا بنجي ويندؤ. انجو سبب هيءَ آهي ته اسان هميشه رستو ڳوليندا آهيو......... جيڏانهن اسان جي محبت گامزن هوندي آهي اوڏانهن ئي اسان ان جي پٺيان پٺيان ان جي نقش قدم تي هلندا آهيو ماڪيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مک ڪنول سان محبت ڪندي آهي ۽ ان کي حاصل ڪري وٺندي آهي، عين محبت ئي رستو آهي، ڪنول جو گل جتي به ترڙيل آهي، ماکيءَ جي مک ان تائين پهچي ويندي آهي. حضرت سليمانؑ جي هڪ حڪايت آهي ته هڪ عورت آئي، اها عورت ايٿوپيا جي ملڪ بلقيس هئي، اها سليمان سان محبت ڪرڻ چاهي پئي، اها سندس زال ٿيڻ چاهي پئي، اها عورت ڏاڍي خوبصورت ۽ حسين هئي پر هوءَ دنيا جي سڀ کان ڏاهي، ذهين ۽ عاقل مرد سان شادي ڪرڻ جي خواهش مند هئي، پهرئين هن سليمان عہ جون آزمائشون ورتيون ۽ ڏٺو ته واقعي سليمان عہ ايترو ذهين "ڏاهو آهي جيترو هن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي، هن ڪيترائي تجربا ڪيا. هڪ تجربو اهو هو ته هوءَ ڪاغذ جو ٺهيل هڪ مصنوعي گل کڻي آئي پر اهو گل ايتري ته مهارت ۽ خوبصورتيءَ سان جڙيل هو جو اهو پرکڻ ڏاڍو ڏکيو هو ته ڪو اهو گل مصنوعي آهي. هوءَ سليمان عہ جي دربار ۾ پهتي ۽ سليمان عہ کان پري بيهي چوڻ لڳي "منهنجي هٿ ۾ هڪ گل آهي، ڇا توهان پري کان اهو ٻڌائي سگهو ٿا ته هي گل مصنوعي آهي يا حقيقي؟"

سليمان عہ جواب ڏنو "روشني تمام گهٽ آهي ۽ مان پوڙهو ماڻهو آهيان. مان صحيح طريقي سان ڏسي نه ٿو سگهان.......... مهرباني ڪري دريون کوليو.........."

دريون کوليون ويون پاڻ به منٽ انتظار ڪيائون ۽ چيائون "اهو گل مصنوعي آهي."

ان ڪانپوءِ ان عورت ٽيلهي مان هڪ گل ڪڍيو ۽ چيائين "هن گل جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي."

اهو گل پهرين گل جهڙو ئي هو پر حقيقت ۾ اهو اصلي گل هو.

سليمان عہ ظاهر ڪيو جڻ پاڻ غور ڪري ڏسي رهيا هجن. پوءِ چيائون "ها اهو حقيقي گل آهي." اها عورت ڏاڍي حيران ٿي، سمورا درباري به حيران ٿي ويا "آخر ٿيو ڇا هو؟" انهن توهان کان پڇيو "توهان ڪيئن سڃاتو؟" پاڻ جواب ڏنائون "تمام سولائي سان.......... مون ماکيءَ جي مکين جي اندر اچڻ لاءِ رستو کولرايو هيو.......... انهن ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# محبت، دوستي ۽ آگهي

اهڙو سماج جتي روايتي خانداني پاڙ کان محروم ڪمزور ناتن وارو اسٽريڪچر رواج ۾ اچي چڪو هجي ۽ جيڪو عام طور تي جنس کي گهٽي قبوليت ۽ اهميت ڏيندو هجي اتي عارضي لڳ لاڳاپا روزمره جومعمول بنجي ويندا آهن. پر پوءِ اتي احساسن جي هڪ هيڻاهين لهر به جاري ۽ سارو هوندي آهي جڻ ڪا شيءِ وڃائجي وئي آهي......... دوستي محبت ......... چاهت جهڙي ڪا شيءِ ناياب يا وارو گهٽ ٿي وئي آهي.

سچي هجڻ جو مطلب آهي پڪو پختو هجڻ......... سچو ٿيڻ معنيٰ ڪوڙو نه هجڻ آهي. نقابن جو استعمال نه ڪرڻ آهي. توهان جو اصل چهرو جهڙو به آهي ان کي ظاهر ڪيو پل پوءِ ان لاءِ ڪيڏي به ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوي.

ياد رکو! ان جو مطلب اهو ناهي ته توهان ٻين جا نقاب لاهڻ شروع ڪيو جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڪوڙ سان گڏ خوش آهي ته انهن جو فيصلو ان تي ڇڏي ڏيو ڪنهن کي به اڳتي وڌي ٻي نقاب نه ڪيو. ان جو سبب هيءَ آهي ته ماڻهو سوچيندا آهن ته انهن کي سچو بڻجڻو آهي، پڪو پختو بنجڻو آهي ۽ پوءِ اهي ٻين جا نقاب لاهڻ شروع ڪندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته هر ماڻهو کي ننگو ڪري ڇڏين. اهي چوندا آهن ته "تون پنهنجو بدن ڇو پيو لڪائين" انهن ڪپڙن جي ڀلا ڪهڙي ضرورت آهي؟ ......... نه ......... مهرباني ڪري هيءَ ڳالهه ياد رکو! توهان رڳو پنهنجي پاڻ سان سچا ٿيو توهان کي دنيا ۾ ٻئي ڪنهن جي اصلاح ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي پاڻ کي سڌاري ويئو ته اهائي وڏي ڳالهه آهي. مصلح نه بنجو ٻين کي درس ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪيو ٻين کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيو. جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان پاڻ بدلجي ٿا وڃو ته اهو ڪنهن کي سچائيءَ جو پيغام ڏيڻ لاءِ ڪوڙ آهي. پڪي ۽ پختي هجڻ جو مطلب آهي پاڻ پنهنجي هستيءَ سان سچو رهڻ......... سچو پلا ڪيئن ٿو بنجي سگهجي؟ ڪي ڳالهيون ياد رکڻ ضروري آهن. پهريون ته ڪنهن به ڳالهه تي ڪن نه ڏيو چاهي اهو توهان کي ڪجهه به بنجڻ لاءِ چوي.هميشه پنهنجي اندر جو آواز ٻڌو. توهان کي اهو ڪجهه ئي ٿيڻو آهي، جيڪو ڪجهه توهان جي اندر ۾ موجود آهي......... نه ته توهان جي سموري زندگي اجائي هلي ويندي. توهان جي ماءُ چاهي ٿي ته توهان انجنيئر ٿيو توهان جو پيءُ چاهي ٿو ته ڊاڪٽر ٿيو ۽ توهان جي دل شاعر بنجڻ ٿي چاهي. هاڻ ڇا ڪجي؟

نيڪ آهي ماءُ حق تي چوي، انجنيئر ٿيڻ سان توهان کي مالي فائدو پهچندو دنيا ۾ زندگي سکي گذرندي. پيءُ به صحيح ٿو چوي. ڊاڪٽر ٿيڻ سان هڪ سٺي جنس جيان وڪرو ٿيڻ برابر آهي. انهيءَ جي مارڪيٽ ويليو تمام گهڻي هوندي آهي......... نه......... شاعر. ڇا توهان چريا ته ناهيو؟ ڇا توهان بيوقوف آهيو؟ شاعر ته لعنت زده ماڻهو هوندا آهن. انهن کي دنيا ۾ ڪوبه ناهي چاهيندو.........شاعري جي دنيا کي ڪابه ضرورت ئي ناهي......... دنيا شاعريءَ کانسواءِ موجود، برقرار رهي سگهي ٿي......... اتي ڪا ڏکيائي ڪانهي ڇاڪاڻ ته اتي ڪا شاعري جو ڪانهي......... دنياانجنيئر کانسواءِ برقرار نه ٿي رهي سگهي، دنيا کي انجنيئر جي ضرورت آهي. جيڪڏهن توهان جي ضرورت هجي ها ته توهان قابل قدر هجي ها.........

جيڪڏهن توهان شاعر بنجڻ جا خواهشمند آهيو ته توهان هڪ فقير ٿي سگهو ٿا......... نيڪ آهي، ايئن توهان تمام گهڻا پرامید ٿي نه ٿا سگهو......... پر ان حوالي سان گهڻا فڪرمند نه ٿيو......... ڇاڪاڻ ته بي صورت ۾ توهان هڪ عظيم انجنيئر ٿي سگهو ٿا ۽ توهان گهڻي دولت ڪمائي سگهو پيا......... پر توهان کي اطمينان ۽ سڪون ته ڪڏهن به نصيب نه ٿئي ها......... توهان هميشه بي چين رهندؤ توهان جي اندر جي هستي شاعر ٿيڻ لاءِ تڙپندي رهي ها. مون ٻڌو آهي ته هڪ عظيم سائنسدان کي جڏهن نوبل پرائيز ڏنو ويو ته ان جي ڇهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جا تاثر ڏسي ڪائنس سوال ڪيو ويو تہ توهان هيڏو وڏو انعام ماڻڻ باوجود گهڻا خوش نظر نٿا اچو......... آخرچو؟

سائنسدان جواب ڏنو" مان هميشہ دل ۾ اها خواهش رکندو هئس تہ مان هڪ رقاص ۽ ناچو بڻجان.......... پر هاڻ مان هڪ سائنسدان بنجي چڪو آهيان نہ رڳو ايترو پر مان پنهنجي فيلڊ جو ڪامياب ترين ماڻهو آهيان ۽ هاڻ اهو سڀ مون تي ڄڻ هڪ بوجھ لڏيل آهي. مان تہ هڪ رقاص بنجڻ جو خواهشمند هئس "مان اندروني طور هڪ ناچو ٿي رهيو آهيان، اهو آهي منهنجي بيچينيءَ جو سبب .......... جڏهن بہ ماڻهوءَ کي ناچ ڪندي.......... رقص ڪندي ڏسان ٿو..........

مان تمام گهٽي ويڳاڻائپ محسوس ڪيا ٿو مون کي ائين لڳندو آهي جيئن مان جهنم ۾ ڪري پيو آهيان، هي نوبل انعام پلا منهنجي ڪهڙي ڪم ايندو ۽ هي ايوارڊ مون لاءِ ناچ ۾ تہ تبديل نہ ٿوتي سگهي، هي مون کي ناچ ڪرڻ جي تحريڪ تہ نہ ٿو ڏئي سگهي..........

ياد رکو پنهنجي اندر جي آواز سان گڏ سچا ٿي پئو ٿي سگهي ٿواهو توهان کي خطري ڏانهن وٺي وڃي.......... پر توهان خطري ۾ بہ ٽپي پئو پر هر حال ۾ پنهنجي اندر جي آواز سان سچا رهي انهيءَ صورت ۾ ان ڳالھ جو امڪان آهي تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جڏهن توهان کي اندروني آسودگي ۽ اطمينان جو احساس ٿيندو ۽ خوشيءَ ۾ توهان رقص ڪرڻ لڳندؤ.

هميشہ ياد رکو! پهرين شيءِ توهان جي هتي آهي، ٻين کي اجازت نہ ڏيو تہ اهي توهان سان سازباز ڪن يا توهان تي قبضو ڄمائين ۽ ماڻهو تہ ڪوڙ سارا آهن، انهن مان هرڪو توهان تي قبضو ڄمائڻ جي ڪوشش ۾ آهي هر ماڻهو توهان کي تبديل ڪرڻ جو گهرجائو آهي، هر ماڻهو توهان کي ان راهہ ڏانهن ڌڪڻ ٿو چاهي جنهن سان توهان جو واسطو ڪونهي، هر ماڻهو توهان کي ان طرف وٺي ٿووڃي، جيڏانهن توهان کي وڃڻو ڪونهي، هر ماڻهو توهان کي توهان جي زندگي بابت هدايت نامو ڏيئي ٿو.......... هدايت نامو تہ خود توهان جي اندر ۾ موجود آهي، نقشو تہ توهان وٽ موجود آهي، پڪو پختو هجڻ جو مطلب آهي ڪنهن ماڻهو جو خود پنهنجو پاڻ سان سچو هئڻ "اهو انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خطرناڪ مظهر لقاءَ آهي. تمام ٿورڙا ماڻهو انهيءَ تي قادر هوندا آهن پر جڏهن به ماڻهو ائين ڪندا آهن ته اهي سڀ ڪجهه حاصل ڪري وٺندا آهن. انهن کي حاصل ٿيندو آهي هڪ اهڙو حسن هڪ اهڙو وقار هڪ اهڙو اطمينان جنهن جو في الحال توهان تصور به نٿا ڪري سگهو هر ماڻهوءَ جي بي چيني ۽ بي ڪيف هجڻ جو سبب ئي اهو آهي جو ماڻهو اندر جي آواز کي ٻڌي نه ٿو. هميشه پنهنجي اندر جي آواز کي ٻڌو "ڪنهن به ٻي ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏيو توهان جي چئني جسم ۾ هڪ هزار هدايتون پکڙيون پيون آهن. هي دنيا هڪ سپرمارڪيٽ آهي ۽ هن ۾ هر ماڻهو توهان کي پنهنجي شيءِ وڪرو ڪري ڏيڻ چاهي ٿو هر ماڻهو هتي پنهنجي شيءِ وڪرو ڪري ڏيڻ چاهي ٿو هر ماڻهو هتي سيلزمين آهي. جيڪڏهن توهان سمورن سيلزمينن ڏانهن ڌيان ڏنو ته توهان چريا ٿي پوندؤ. ڪنهن جي به نه ٻڌو پر پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي اندر جو آواز ٻڌو اهو ئي ته بس آهي مراقبو.......... پنهنجي اندر جي آواز کي ٻڌڻ جي صلاحيت ئي مراقبو آهي ٻي ڳالهه ته .......... جيڪڏهن توهان پهريين ڳالهه تي مڪمل عمل ڪري ورتو آهي ته پوءِ ٻي ڳالهه تي عمل ڪرڻ ممڪن بنجندو.......... ڪڏهن به نقاب نه پايو.......... جيڪڏهن توهان ڪاوڙ ۾ آهيو ته ڪاوڙ جو اظهار ڪيو اهو خطرناڪ ته آهي پر توهان مُرڪيو نه.......... ان جو سبب هيءَ آهي ته ائين ڪرڻ ڪوڙ آهي.......... پر توهان کي ته پڙهايو ۽ سيکاريو ئي اهو ويو آهي ته ڪاوڙ وقت مرڪو. ائين توهان جي اها مرڪ ڪوڙي هوندي آهي. هڪ نقاب هوندو آهي.......... بس رڳو چپن جي معمولي چرپر ۽ بس.......... دل ته ڪاوڙ سان ڀريل هوندي آهي،زهر سان معمور هوندي آهي، جڏهن ته چپن تي مرڪ ڦهليل هوندي آهي.......... توهان ته ڪوڙ جو مظهر بنجي چڪا هوندا آهيو.

تڏهن هڪ ٻي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي يعني جڏهن ته توهان مرڪڻ چاهيو ٿا ته پوءِ مرڪي نه ٿا سگهو. توهان جو سمورو اندروني ميڪنزم درهم برهم ٿيل هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن توهان کي ڪاوڙ ڏيکارڻ گهرجي ها توهان ڪاوڙ ۾ نه هئا. جڏهن توهان نفرت ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چاهيو پيا توهان نفرت نہ ڪئي..... ۽ هاڻ جڏهن توهان محبت ڪرڻ چاهيو ٿا خبر پئي تہ سمورو ميڪنزم ئي تباهہ لڳو پيو آهي ۽ هاڻ توهان سچ پچ مرڪڻ چاهيو ٿا تہ ان لاءِ بہ توهان کي جبر کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. حقيقت ۾ توهان جي دل مرڪن سان پريل آهي ۽ توهان وڏا ٽهڪ ڏيڻ چاهيو ٿا پر نہ ٿا ڏئي سگهو. دل ۾ جڻ ڪا شيءِ ڦاٿي پئي آهي. نڙيءَ ۾ ڪو ڪنڊو چڀي رهيو آهي. پهرئين تہ مرڪ چپن تي اچي نہ ٿي. جيڪڏهن اچي بہ وڃي تہ هڪ بيحد ڦڪي ۽ مئل مرڪ هوندي آهي. اها توهان کي خوشي مهيا نہ ڪري سگهندي. اها توهان جي چوڦير نور جو پاڇو نہ ٿي بنجي.

ها جڏهن توهان ڪاوڙ ۾ اچڻ چاهيو تہ ڪاوڙ ڪيو ڪاوڙ ڪرڻ ڪا خراب ڳالهہ ڪانهي. جيڪڏهن توهان ٽهڪ ڏيڻ چاهيو تہ ٽهڪ ڏيو. وڏي آواز ۾ ٽهڪ ڏيو. انهيءَ ۾ ڪا خرابي ڪانهي. آهستي آهستي توهان ڏسندؤ تہ توهان جو سمورو نظام فعال ٿي ويو آهي. سچ پچ ان جي آسپاس هڪ جهونگار توهان کي ٻڌڻ ۾ ايندي.....

جڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ جو ميڪنزم صحيح ڪم ڪري رهيو هوندو آهي تہ توهان ان جي آسپاس هڪ ابدي سڪون پري لطيف جهونگار ٻڌي سگهو ٿا. هو هلندو آهي پر هن جا قدم رقص سما هلندا آهن. هو ڳالهائيندو آهي پر هن جي لفظن ۾ هڪ لطيف ۽ نفيس شاعري لڪل هوندي آهي. هو توهان ڏانهن ڏسندو آهي تہ حقيقت ۾ سندس نظر ۾ هڪ گرمي، جسم ۾ وٽندڙ ڪتڪتايون ڪندڙ گرمي موجود هوندي آهي. ۽ هو جڏهن توهان کي ڇهندو آهي تہ جڻ سچ پچ ڇهندو آهي. توهان هن جي توانائيءَ کي پنهنجي اندر مان لهر جيان گذرندي محسوس ڪندؤ. زندگيءَ جو جڻ هڪ ڪرنٽ توهان ۾ منتقل ٿي رهيو آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ ميڪنزم صحيح طور تي پيو ڪم ڪري.

ٻيو ڪڏهن بہ ذميوار ناهي هوندو. بس مشاهدو ڪيو جيڪڏهن توهان بروقت عقلمند ٿي ويندا آهيو تہ ڪو مسئلو ناهي رهندو. هر ماڻهو تڏهن ئي عقلمند ٿيندو آهي جڏهن وقت گذري چڪو هوندو آهي. ماضيءَ جي تجربن مان حاصل ڪيل عقل بي قيمت هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بس ياد رکو! ڪي ٻيو ڪنهن به شيءِ جو ذميوار ناهي هوندو. اصل مسئلو ته اهو ئي آهي جيڪو توهان جي اندر ۾ موجود آهي ۽ جنهن کي توهان چاهيو ٿا اهو توهان کي سڀ کان ويجهو آهي. ٻيو ڪڏهن به ذميوار ناهي هوندو. هن ڳالهه کي پنهنجي اندر ۾ پنهنجي آگهي جي لاءِ هڪ مستقل حالت بنائي ڇڏيو ته جڏهن به توهان ٻين جا عيب ڳوليو ٿا ته اهو ياد رکو ته توهان به عيبدار آهيو. پنهنجو پاڻ کي واردات ڪندي پڪڙيو. ۽ ٻين جا عيب ڳولڻ واري سوچ کي انهيءَ وقت ئي ذهن کي جهٽڪو ڏئي پري ڪيو.

صبح جي وقت سڀ کان پهرئين اهو عمل ڪيو جو پنهنجو پاڻ کي ڀرپور طريقي سان خوش تصور ڪيو. تمام گهٽي خوشگوار موڊ سان هنڌ تان هيٺ لهو..... روشن.....

جڻ ڪائي ڪامل لامحدود قدرتي ٻڌل ڪا شيءِ ظاهر ٿيڻ واري آهي. هڪ خوشگوار ۽ پرامید موڊ سان بستري کان ٻاهر اچو ۽ ان خيال سان ته اڄ جو ڏينهن ڪي ڪنهن عام ڏينهن جيان ناهي گذارڻو. ان اميد سان ته اوچتي ۽ اتفاقي ملندڙ ڪا خوشي توهان جي منتظر آهي. ڪا شيءِ توهان جي تمام ويجهو آهي. ڪوشش ڪيو ۽ سڄو ڏينهن پاڻ کي بار بار اهو ياد ڏياريو..... ست ڏينهن تائين توهان ڏسندؤ ته توهان جو سمورو تاجي پيٽو..... توهان جو اسلوب..... توهان جي سموري سرگرمي تبديل ٿي چڪي آهي. جڏهن رات جي وقت توهان سمهڻ لڳو ته رڳو ايترو تصور ڪيو ته توهان ڪنهن اُلوهي پاڪر ۾ سمهي رهيا آهيو..... ائين محسوس ڪيو جڻ خدا توهان جي مدد ڪري رهيو آهي. جڻ توهان ان جي هنج ۾ سمهي رهيا آهيو..... بس اهو تصور ڪيو ۽ سمهي رهو. توهان کي روزانو سمهڻ وقت اهو ئي تصور ڪرڻو آهي. اهو تصور توهان جي ننڊ ۾ شامل ٿي ويندو. ڪنهن به منفي شيءِ جو ڪو تصور نه ڪيو. ان جو سبب هيءَ آهي ته اهي ماڻهو جيڪي تصور ڪرڻ جي اهليت رکن ٿا جيڪڏهن منفي شين جو تصور ڪن ٿا ته پوءِ منفي شيون ظاهر ٿيڻ لڳن ٿيون. جيڪڏهن توهان اهو سوچيندؤ ته توهان بيمار ٿيڻ وارا آهيو ته توهان بيمار ٿي پوندؤ. جيڪڏهن توهان سوچيندؤ ڪو ماڻهو توهان سان ڪاوڙ ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وارو آهي تہ اهو عملي طور ڪاوڙ ڏيکاريندو..... اهو سڀ عين توهان جو تصور هوندو آهي. جيڪو سموري صورتحال کي تخليق ڪري ٿو. بس جيڪڏهن ڪو منفي تصور اچي تہ فوري طور تي ان کي مثبت تصور ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهو مطلب ناهي تہ توهان انڪار ڪيو. پر يڪدم ان کي ترڪ ڪري ڇڏيو. پري اڇلائي ڇڏيو. هڪ هفتي جي اندر اندر توهان تمام گهڻو خوش ٿيندا ويندؤ..... جڏهن تہ ان جو ڪو ظاهري سبب بہ نہ هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# هڪ سوال

مان تمام گهڻو خوش آهيان پر..... خوف سان ڀريل آهيان.

پنهنجي سموري توانائي خوشيءَ کي ڏئي ڇڏيو. خوف پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندو. خوف کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. خوف ڏانهن ٿورڙي به توجهه نه ڏيو. ان جو سبب هيءُ آهي ته جيترو توهان تمام گهڻو ان تي توجهه ڏيندؤ اوترو ئي وڏيڪ هو وڌندو ويندو. پنهنجي پاڻ کي مڪمل طور تي انهيءَ پاسي اٿلائي ڇڏيو جنهن پاسي کان خوشي ايري پئي. پوءِ خوف ائين گم ٿي ويندو. جيئن توهان روشني آڻيندا آهيو ته اونده گم ٿي ويندي آهي. خوشي نور آهي ۽ خوشي انهيءَ عظيم نظاري جو آغاز آهي. جيڪو خدا جي ڳولا تي ختم ٿيندو آهي. بس هلندا رهو..... ڪنهن خوف کانسواءِ. ان جو سبب هيءُ آهي ته هستي هميشه انهن جي حفاظت ڪندي آهي جيڪي ان تي ڀروسو ڪندا آهن..... پرسڪون رهو..... پنهنجو پاڻ کي هستيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ خوشيءَ کي راهه ڏيو. اها توهان کي ڀري ڇڏيندي..... ان کي پاڻ تي ڇانئجڻ ڏيو ته جيئن توهان ستارن تائين پهچي سگهو. هڪ خوشيءَ سان ڀريل دل تارن جي وڏيڪ ويجهو هوندي آهي.

فقط اهي ماڻهو جيڪي اداس آهن، ڏکن ۽ غمن سان ڀريل آهن ۽ ڏکايل آهن اهي ماڻهو ئي جهنم ۾ ويندا. اهي پنهنجو پنهنجو جهنم پاڻ ئي تخليق ڪري رهيا آهن.

اهو توهان جي پنهنجي وس ۾ آهي ته توهان جنت ٿا تخليق ڪيو يا هڪ اونداهي ۾..... جهنم جي باهه ۾ ڪري ٿا پئو. اهي توهان کان ٻاهر وجود نه ٿا رکن. اهي ٻئي توهان جي اندر ۾ موجود آهن. انهيءَ جو سمورو دارومدار توهان تي آهي. توهان ڪهڙي ٿا چونڊ ڪرڻ چاهيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اُلوهي هجڻ جي چونڊ ڪيو. وڌ کان وڌ خوش هجڻ جي چونڊ ڪيو. خوشيءَ مان چلڪندڙ پل چونڊيو. ته جيئن توهان جي هستي مان گل ٽڙي سگهن ۽ توهان کي وڌ کان وڌ خوشبو ملي سگهي.

اهو اسلوب نه رڳو توهان جي مدد ڪندو پر انهن سيني ماڻهن جي مدد ڪندو جن سان توهان جا رابطا ۽ تعلق آهن. خوشي ائين ڦهلجندي آهي جيئن ڪو وبائي مرض. جڏهن توهان ڪجھ ماڻهن کي رقص ڪندي ڏسو ٿا ته توهان جا پير به ناچ لاءِ آماده ٿين ٿا. ٿي سگهي ٿو توهان انهن تي ضبط ڪرڻ جي .ڪوشش ڪيو. چاڪاڻ ته ضبط ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ...... ڪنٽرول ڪرڻ توهان کي سيڪاريو ٿو وڃي پر پوءِ به توهان جو جسم رقص ۾ شامل ٿيڻ جو گهرجائو هوندو. جڏهن به توهان کي ٿهڪ ڏيڻ جو موقعو ملي ٿهڪ ڏيو جڏهن به توهان کي ناچ ڪرڻ جو موقعو ملي ناچ ڪيو. جڏهن به توهان کي جهونگارڻ يا ڳائڻ جو موقعو ملي ڳايو ۽ هڪ ڏينهن توهان ڏسندؤ ته پنهنجي جنت توهان پاڻ تخليق ڪئي آهي.

ائين ڪونهي ته ڪو ماڻهو جنت ڏانهن وڃي ٿو. جنت نالي ڪا به شيءِ آسمان ۾ موجود ڪانهي..... اهو ته اُهو سڀ ڪجھ آهي جيڪو هڪ انسان پنهنجي آسپاس تخليق ڪري ٿو.....

ياد رکو..... ڪڏهن به منفي شين ڏانهن ڪن نه ڏيو. ان جو سبب هيءُ آهي ته جيڪڏهن توهان انهن شين کي ٻڌو ٿا ته اُهي توهان ۾ زهر پري ڇڏين ٿيون. اهي توهان جي خوشيءَ کي برباد ڪري ڇڏين ٿيون..... انهيءَ کي خالص رکو. غير آلوده رکو..... ۽ هتي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي توهان سان گڏ رقص ڪندا..... جيڪي ميلو ڪندا..... ان جو سبب هيءُ آهي ته توهان خدا ڏانهن پهريون قدم وڌائي چڪا آهيو ۽ مان توهان کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته پهريون قدم کڻڻ ته اڌ سفر هوندو آهي. جڏهن توهان مستقبل جي باري ۾ منصوبي سازيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ٿا ته ذهن معدوم ٿي ويندو آهي. ذهن مستقبل جي فڪر ڪانسواءِ ڪجھ ناهي. جڏهن توهان پل به پل جيئڻ شروع ڪيو ٿا ته اهو گم ٿي وڃي ٿو. پل به پل جيئو..... ٽن هفتن لاءِ ڪوشش ڪيو. چاهي ڪجھ به ڪيو. جيترو به ٿي سگهي هن کي مڪمل


Scanned by CamScanner

ڪيو. زندگيءَ سان محبت ڪيو ان مان لطف ماڻيو..... ها شروع ۾ اها احمقاڻي ڳالهه آهي..... توهان چانهه پي رهيا آهيو تہ انهيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ چرين واري ڳالهه آهي.

اها تہ روزاني جهڙي عام چانهه آهي پر اها عام چانهه بہ غير معمولي طور خوبصورت ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ان مان توهان لطف ماڻيو تہ حيرتناڪ، دلچسپ تجربو توهان کي ٿيندو.....

چانهه کي هڪ ميلو ناهي ڇڏيو..... ڪوپن جا ڪڙڪا ٻڌو..... چانهه ٺهندي چلهه تي چڙهيل ڪتليءَ مان نڪرندڙ دونهين جا آواز ٻڌو..... چانهه کي ڪوپن ۾ لاهڻ وقت ان جي خوشبوءَ کي محسوس ڪيو..... ان کان پوءِ ڍڪ ڍڪ ڪري چانهه کي چکيو..... مرده ماڻهو چانهه نہ ٿا پي سگهن. رڳو زنده ماڻهو ئي چانهه پيئن ٿا. چانهه پيئڻ جي گهڙين ۾ توهان زنده هوندا آهيو. توهان چانهه پيئڻ مهل بس چانهه جي گرمائش ۽ ذائقي کي محسوس ڪيو. مستقبل جو فڪر ڇڏي ڏيو. سڀاڻي جي باري ۾ نہ سوچيو. ٽن هفتن تائين ان انداز سان جيئو. ۽ ڏسو تہ توهان ۾ ڪهڙيون نہ حيرت انگيز تبديليون رونما ٿين ٿيون.

استحڪام، روايت پرستي ۽ قانون جي اطاعت صدين تائين گهربل خوبيون رهيون آهن ۽ انهن پابندين کي خاندان، سماجي قانون ۽ تعليمي ادارن ذريعي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. تخليق جي نهايت محدود وصف بيان ڪندي ان کي بہ فنڪارانہ جوهر قرار ڏنو ويو آهي ۽ چونڊ ڪرڻ وارين شين مان بہ بس رڳو هڪ آهي.

پر اڄ جي دنيا ۾ ڪاروباري انتظام ڪارن(ڪارپوريٽ سي اي روز) کان وٺي فوٽ بال جي رانديگر تائين هر ماڻهو اها گهر ڪندو آهي تہ نئين چئلينجن جو مقابلو تخليقي انداز ۾ جواب ڏئي ڪجي. اهي ماڻهو جن جي زندگي ساڻ محنت ڏيندڙ اوزارن واري ٿيلهي ۾ اهوئي ڪجهہ آهي جيڪو هن پنهنجي والدين ۽ استادن کان سکيو آهي،تہ هو پنهنجي لڳ لاڳاپن ۽ پيشوراڻي زندگيءَ ۾ هميشہ نقصان ۾ رهندو. زندگي جي رخن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي پنهنجي اندر جي جوهر ۾ تبديلي جي ضرورت آهي. تخليقي ماڻهو اهو هوندو آهي جنهن وٽ بصيرت هجي، جيڪو اهڙين شين کي ڏسي سگهندو هجي جن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پهرين ڪوبہ ماڻهو ڏسي نہ سگهيو هجي جن کي اڳ ڪنهن بہ ناهي ٻڌو اها ئي سچي تخليق هوندي آهي.

هڪ زين ماسٽر هڪ عظيم شاعر اڪيوتي چيو هو تہ مان هزارين ميل پري ڪڪرن کي ڏسي سگهان ٿو چيڙ جي وڻن ۾ لڪل قديم موسيقي ٻڌي سگهان ٿو اهو ڪجهہ زين آهي. توهان منطقي ذهن سان گڏ هزارين ميل پري ڪڪرن کي نہ ٿا ڏسي سگهو منطقي ذهن تہ شيشي جيان هوندو آهي، انتهائي گهرو.......... تصوراتي نظرين، فلسفي جي دز سان ڍڪيل......... پر توهان تائين وجدان جي صاف شيشي مان هزارين ميل پري تائين ڪڪرن کي سواءِ خيالن جي ۽ رڳو آگاهي خالص آگاهي......... جو آئينو ئي صاف هوندو آهي ۽ دنيا ۾ صفائي سڀ کان برتر ۽ اڪيلي وصف ۽ قدر آهي. توهان محسوسي منطقي ذهن ذريعي چيڙ جي وڻ مان قديم موسيقي نہ ٿا ٻڌي سگهو قديم موسيقي ڪيئن ٿا ٻڌي سگهو؟ هڪ پيرو جي موسيقي گم ٿي تہ سمجهو هميشہ هميشہ لاءِ موسيقي وئي.

پر مان توهان کي ٻڌايان ٿو اڪيو صحيح ٿو چوي تہ توهان چيڙ جي وڻ مان قديم موسيقي ٻڌي سگهو ٿا.........مون ٻڌو آهي ان کي ......... پر هڪ تغير.........,هڪ مڪمل تبديلي گهربل هوندي آهي......... تڏهن ي توهان ٻڌ کي هڪ پيرو ٻيهر تبليغ ڪندي ڏسي سگهو ٿا......... توهان چيڙ جي وڻ ۾ قديم موسيقي ٻڌي سگهو ٿا، ان جو سبب هيءَ آهي تہ اها موسيقي لافاني آهي، اها ڪڏهن بہ گم ناهي ٿيندي، اهي توهان هوندا آهيو جو ان موسيقيءَ کي ٻڌڻ جي حس وڃائي ويهندا آهي، موسيقي تہ لافاني آهي، جيئن ئي توهان ٻڌڻ جي اهليت ٻيهر حاصل ڪندا آهيو تہ يڪدم اها ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، اها تہ هميشہ کان موجود هوندي آهي، توهان ٻڌي ناهيو سگهندا تہ اها توهان جي نااهليت هوندي آهي. هتي جو هتي توهان اهليت حاصل ڪيو پنهنجي وجود کي ماڻيو تہ توهان بہ هزاري ميل پري ڪڪرن کي ڏسي سگهندؤ ۽ چيڙ جي وڻن ۾ لڪل قديم موسيقي ٻڌي سگهو ٿا.جتي بہ ڏسندؤ سماج فطرت سان ٽڪراءُ ۾ آهي، توهان فطرت کي پاڻ لاءِ چونڊي ونو......... پل پوءِ ان جي توهان کي کهڙي بہ قيمت ادا ڪرڻي پوي......... توهان ڪڏهن بہ نقصان ۾ نہ رهندؤ.........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سوچ اها رهي آهي تہ فرد سماج لاءِ هوندو آهي،سماج جيتي حڪم صادر ڪندو آهي، فرد کي انهيءَ تي ئي هلڻو پوندو آهي، فرد کي بهرالحال سماج سان هم آهنگ ٿيڻو پوندو آهي. اها هڪ نارمل ماڻهوءَ جي وصف قرار ڏني وئي آهي.........سماج سان هم آهنگ ماڻهو......... ايستائين جو سماج پاڳل آهي تہ پوءِ بہ توهان کي ان سان هم آهنگ ٿيڻو آهي، تڏهن ئي توهان نارمل سڏيا ويندؤ.

هاڻ فرد لاءِ هڪ مسئلو اهو آهي تہ سماج هڪ شيءِ جي گهر ڪندو آهي، جڏهن تہ فطرت تہ انهيءَ جي ابتڙ شيءِ گهرندي آهي، جيڪڏهن سماج بہ ان شيءِ جو گهرجائو هجي جنهن شيءِ جي طلبگار فطرت آهي تہ پوءِ ڪو جهيڙو ئي نہ رهي، اسان باغ عدن ۾ رهي رهيا هجون ها. مسئلو پيدا ئي تڏهن ٿو ٿئي جڏهن سماج پنهنجي مفادن جو گهرجائو هوندو آهي ۽ ضروري ناهي تہ سماج ۽ فرد جا مفاد ساڳيا هجن. سماج پنهنجي سيڙپ ڪاري ڪندو آهي ۽ فرد کي ان لاءِ قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون.

هيءَ نهايت ئي ڦيريدار ۽ پيچدار مونجهائيندڙ دنيا آهي، هتي ابتڙن جو ميلاپ آهي، فرد سماج لاءِ ناهي هوندو سماج فرد لاءِ هوندا آهن. ان جو سبب هيءَ آهي تہ سماج تہ رڳو هڪ ادارو هوندو آهي، اهو بي روح هوندو آهي، جڏهن تہ فرد روح وارو هوندو آهي ۽ روح ئي انساني شعور جو مرڪز هوندو آهي. سموريون ايجادون اناڙي ماڻهن ڪيون آهن. هميشہ ائين ٿيندوآهي تہ جڏهن توهان ڪو نئون ڪم شروع ڪندا آهيو تہ توهان تمام گهڻو تخليقي هوندا آهيو توهان تمام گهڻو گهرائي تائين گم هوندا آهيو. پڌل هوندا آهيو توهان جي سموري هستي انهيءَ ۾ جذب هوندي آهي، پوءِ آهستي آهستي جيئن جيئن توهان ان علائقي کان واقف ٿيندا ويندا آهيو پوءِ مهم جوءِ تخليقي ٿيڻ بجاءِ توهان ورجائيندڙ (ريپيٽيٽو) ٿي ويندا آهيو. اهو هڪ فطري مامرو آهي، ان جو سبب هيءَ هوندو آهي تہ جيترو توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪنهن ڪم ۾ مهارت حاصل ڪندا آهيو ايترو ئي توهان ورجاءُ ڪندڙ بنجي ويندا آهيو مهارت ورجاءُ جونالو ئي آهي.

سو ياد رکو تہ سموريون عظيم ايجادون اناڙين ئي ڪيون آهن. ان جو سبب هيءَ آهي تہ ماهر ماڻهوءَ جو گهڻو ڪجهہ داؤ تي لڳل هوندو آهي، جيڪڏهن ڪا نئين شيءِ ظاهر ٿي پئي تہ پوءِ پرائي مهارت جو ڇا ٿيندو؟ ان همراهہ ڪيترن ئي سالن تائين تربيت حاصل ڪئي هوندي آهي ۽ هاڻ هو ماهر بنجي ويو آهي، سو ماهرين ڪڏهن بہ ڪا نئين شيءِ ناهن هٿ ڪندا. اهي ڪڏهن بہ پنهنجي مهارت جي حدن کي لتاڙي ٻاهر ناهن نڪرندا. هڪ پاسي تہ اهي تمام گهڻو ماهر ٿي ويندا آهن، ٻئي پاسي اهي وڌ کان وڌ سست الوجود ٿي ويندا آهن ۽ ڪم ڪي ڪندا ناهن پر گهليندا آهن. هاڻ ڪا نئين شيءِ ڪانهي هوندي جيڪا انهن کي اتساهي......... اهي اڳواٽ ئي ڄاڻن ٿا تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي، اهي ڄاڻندا آهن تہ پاڻ ڇا پيا ڪن......... انهيءَ ۾ انهن لاءِ ڪوانڪشاف، ڪا حيرت، ڪو سرپرائيز لڪل ناهي هوندو.

سو سبق هيءَ آهي تہ سٺو آهي تہ مهارت حاصل ڪجي پر اهو بهتر ناهي تہ هميشہ ان کي چنبڙيل رهجي، توهان ۾ جڏهن بہ اهو احساس اڀري تہ هاڻ معاملو جمود جو شڪار ٿي رهيو آهي تہ انهيءَ ۾ تبديلي آڻيو، تغير کي اپنائي وٺو......... ڪا شيءِ ايجاد ڪيو ڪا نئين شيءِ......... ايزداد(ايڊيڊ) ڪيو. ڪا پراڻي ناهي ڇڏيو تاڃي پيٽي، پيٽرن کان بہ آزاد ٿي وڃو يعني مهارت کان آزادي حاصل ڪري وٺو هڪ ڀيرو ڀيهر اناڙي بنجي وڃو......... ڀيهر اناڙي بنجڻ لاءِ جرعت جي، ڪمال(گٽس) جي ضرورت هوندي آهي پر ائين ڪرڻ سان زندگي حسين ۽ جميل رهندي آهي.

آرٽ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي، نوانوي سيڪڙو آرٽ موضوعي آرٽ آهي، رڳو هڪ سيڪڙو آرٽ معروضي آرٽ آهي، نوانوي سيڪڙو آرٽ جو مراقبي سان ڪو تعلقي ڪونهي، رڳو هڪ سيڪڙو معروضي آرٽ جوبنياد مراقبي سان آهي، توهان پنهنجي داخليت کي ڪئنواس تي پنهنجي خوابن، خيالن ۽ فيشن ذريعي ٻاهر ڪڍي رهيا آهيو اها توهان جي نفسيات جي ترويج(پروجيڪشن)


Scanned by CamScanner

هوندي آهي، شاعريءَ ۾، موسيقيءَ ۾، تخليقيت جي سموري پاسن ۾ ائين ئي هوندو آهينوانوي سيڪڙو آرٽ جو مراقبي سان ڪو تعلقي ڪونهي
پڪاسو جي تصويرن کي ڏسو............هو هڪ عظيم مصور آهي پر رڳو ۽ رڳو موضوعي فنڪار آهي.ان جي تصوير کي ڏسندي توهان پاڻ کي بيمار محسوس ڪندؤ توهان جو متو ڳرو ٿيڻ لڳندو آهي، توهان جو ذهن ڳرو ڳرو لڳندو آهي، توهان پڪاسو جي تصويرن کي دير تائين نہ ٿا ڏسي سگھو. جڏهن تہ معروضي آرٽ ان جي بلڪل ابتڙ هوندو آهي، ماٺوءَ وٽ ٻاهر اڇلائڻ لاءِ ڪجھ بہ ناهي هوندو اهو تہ اندران مڪمل طور تي خالي هوندو آهي، مڪمل طور تي صاف ۽ پويتر. انهيءَ ماٺار(ڳنيپرتا) جي خالي پڻ مان محبت جي روشني ڦٽندي آهي ۽ انهيءَ ماٺار مان تخليقيت جو امڪان هوندو آهي. اها ماٺار........... اها ڳنيپرتا........... اها محبت، اها الفت........... اهي سڀ مراقبي جون ئي صفتون آهن.

مراقبو توهان کي عين توهان جي مرڪز تائين وٺي وڃي ٿو ۽ توهان جو مرڪز رڳو توهان جو مرڪز ناهي، اهو تہ سموري جي سموري هستيءَ جو مرڪز آهي، رڳو ظاهر ۾ ئي اسان مختلف ۽ جدا جدا آهيون. جيئن ئي مرڪز ڏانهن سفر شروع ٿيندو آهي، اسان هڪ ٿي ويندا آهيون. واحد هوندا آهيون، اسان ابديت جو جزو هوندا آهيون، خوشي ۽ مسرت جو هڪ تعجب خيز تجربو ٿيندوآهي، جيڪو لفظن کان........... تصورن کان متاهون آهي........... ڪا شيءِ جيڪا توهان تي سگھو ٿا ان جو اظهار ڏکيو آهي پر توهان جي اندر ۾ اهو ڪجھ ورهائڻ جي زبردست خواهش جنم وٺندي آهي، ان جو سبب هيءَ آهي تہ اهي سڀ ماڻهو جيڪي توهان جي آس پاس موجود آهن، نيڪ انهيءَ قسم جي تجربي لاءِ پتڪي رهيا آهن ۽ توهان ان کي حاصل ڪري چڪا آهيو توهان رستي کان واقف ٿي چڪا آهيو.

ٻيا ماڻهو هر پاسي ڳولا ۾ پريشان آهن........... جڏهن تہ ٻئي پاسي توهان آهيو ڇا توهان انهن جي ڪنن وٽ رڙيون ڪرڻ بند ڪندؤ؟ ڇا توهان انهن کي سڏڪرڻ ۽ ٻڌائڻ پسند ڪندؤ تہ "پنهنجون اکيون کوليو! توهان وڃي ڪيڏانهن رهيا آهيو! جيڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قديم تلاءَ کي ڏسو........... ڏيڏر کي ڏسو ان کي ٽپ ڏيندي تصور ڪيو........... پاڻيءَ ۾ ايرندڙ لهرن کي ڏسو........... آواز ٻڌو........... ۽ ماڻار محسوس ڪيو جيڪا انهيءَ سموري عمل ڪانپوءِ ظاهر ٿئي ٿي.

ها اهو ئي تہ معروضي آرٽ آهي.

باشو اهو هائيڪو ضرور مراقباتي موڊ ۾ لکيو آهي. تلاءَ جي ڪناري تي ويٺو هو تڏهن ڏيڏر کي تلاءَ ۾ جمپ ڏيندي ڏٺو ۽ پاڻيءَ جو آواز ٻڌو ۽ وري ان ڪانپوءِ چانيل ماڻار کي محسوس ڪيو........... هن محسوس ڪيو تہ آواز ماڻار کي وڌيڪ گهرائپ بخشين ٿا........... ماڻار جيترو اڳ ۾ هئي، منظر ڪانپوءِ وڌيڪ گهري ٿي وئي. اهو ئي تہ معروضي آرٽ آهي.

جيستائين توهان هڪ تخليق ڪار نہ ٿا ٿيو توهان حقيقي خوشي ۽ سعادت نہ ٿا حاصل ڪري سگهو........... خوشيءَ کي محسوس نہ ٿا ڪري سگهو........... اهو رڳو ڪجهہ تخليق ڪرڻ ڪانپوءِ ئي ممڪن آهي تہ توهان ڪائنات جي عظيم تخليق جو هڪ جزو بنجي وڃو. ها پر هڪ سچو تخليقڪار بنجڻ لاءِ مراقبو بنيادي ضرورت آهي، ان ڪانسواءِ توهان ڪوبہ چٽ نٽا چٽي سگهو.

مراقبي ڪانسواءِ جوڙيل تصوير بدلائڻ جي قابل هوندي، ٻين کي ڏيکارڻ جي قابل نہ هوندي، اها خوبصورت هوندي، ان توهان کي پنهنجو بوجهہ هلڪو ڪرڻ ۾ مدد ڏني........... پر مهرباني ڪري پنهنجو بار ٻين تي نہ وجهو، ان کي پنهنجي دوستن جي سامهون پيش نہ ڪيو اهي توهان جا دشمن آهن، معروضي آرٽ، مراقباتي آرٽ هوندو آهي، موضوعي آرٽ ذهني آرٽ هوندو آهي. پنهنجي در تي لڳ لاڳاپن ۾ اسان کي اهڙن لمحن جو تجربو ٿيو آهي، جڏهن اسان ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويندا آهيون يا وري پاڻ کي انهيءَ ڪيفيت ۾ بڌل ڏسندا آهيون جڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ناهي ايندي تہ ٿئي ڇا پيو؟! يا جيڪو ڪجهہ ڪري چڪا هوندا آهيون ان جي باري ۾ سوچيندا آهيون "ڇا اهو منهنجو ڪيل ڪم آهي" يا اهو تہ "مون کي خبر ڪانهي تہ مون تي ڇا وهيو واپريو آهي؟" اسان پنهنجي داخلي اعمالن کان ايتري قدر اڻ ڄاڻ هوندا آهيون، غير آگاهہ هوندا آهيون، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خواب ۾ جيڪو به توهان عمل ڪندا آهيو اهو بي لاپ ۽ لا يعني هوندو آهي، جيڪو ڪجهه توهان سوچيو ٿا اهو بي مقصد هوندو آهي، جيڪو ڪجهه به توهان پروان چڙهايو ٿا اهو توهان جي خوابن جو جزو هوندو آهي، توهان کي ڪڏهن اهو حقيقت ۾ ڏسڻ جو موقعو نه ٿو ملي ته اهو سڀ ڇا آهي؟ ان لاءِ سموري جا سمورا ٻڌ رڳو ۽ رڳو هڪ شيءِ تي زور ڏيندا آهن"جاڳو!" مسلسل صدين کان جاري انهن سموري تعليم کي رڳو هڪ لفظ ۾ سمائي سگهجي ٿي"جاڳو" ۽ ان لاءِ انهن طريقا ۽ حڪمت عمليون ترتيب ڏنيون آهن، اهڙا سبق ۽ مشورا ۽ حلقا جوڙيندا آيا آهن، جنهن سان توهان کي شاڪ...... لڳائي سجاڳ ڪري سگهجي......جيستائين توهان کي جهٽڪا نه ٿا لڳن، توهان کي ڪجهه توهان جي بنيادن کان لوڏيو نه ٿو وڃي، توهان سجاڳ نه ٿا ٿيو. توهان جي ننڊ ايتري قدر ڊگهي آهي جو اها توهان جي عين هستي جي مرڪز تائين پهچي چڪي آهي، توهان انهيءَ ۾ غرق ٿي چڪا آهيو......

توهان جي جسم جو هر گهڙو، توهان جي ذهن جي هر رڳ ننڊ سان پرجي چڪو آهي ۽ اها ڪو معمولي مظهر (فينامين) ناهي. ان لاءِ سجاڳ ۽ بيدار ٿيڻ لاءِ متوجهه ٿيڻ، آگاهه ٿيڻ......من حب بصيرت بنجڻ لاءِ بي انتها ڪوشش ۽ ڪاوش جي ضرورت آهي، جيڪڏهن دنيا جا سموري جا سمورا ٻڌ رڳو ۽ رڳو هڪ خيال تي متفق ٿين ته اهو هيءَ آهي ته ماڻهو ستل آهي ۽ پوءِ ماڻهوءَ کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟ جواب اهو ته ماڻهوءَ کي سجاڳ هجڻ گهرجي، سجاڳي منزل ۽ مقصد آهي ۽ سجاڳي انهن جي سموري تعليم جو نچوڙ آهي

زرتشت..... لائوتزو...... عيسيٰ...... ٻڌ...... بهاءُ الدين ذڪريا...... ڪبير...... نانڪ......

سڀ جا سڀ گياني رڳو هڪ نقطي تي زور ڏئي ويا آهن ته ...... سجاڳ ٿيو......انهن جون ٻوليون مختلف هيون. مذهب مختلف هئا، پر انهن وٽ گيت ساڳيو هو...... بلڪل ائين سمنڊ کي ڪٿان به چکيو ان جو ذائقو ساڳيوئي هوندو ......نمڪين......سمنڊ کي ڀل ڏکڻ کان چکيو...... يا اتر کان ...... يا اولهه کان يا وري اوڀر کان......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آواز اچي رهيو هو. هڪ همراهه اتي آيو ۽ سوال ڪيائين "ڇا توهان هڪ لفظ ۾ پنهنجي مذهب جو جوهر بيان ڪري سگهو ٿا؟"

گرو ماٺ رهيو صفا ماٺ........ ڄڻ هن سوال ٻڌو ئي نه هجي، سوال ڪرڻ وارو ٻيهر چوڻ لڳو "ڇا توهان ٻوڙا آهيو منهنجو سوال ڪونه ٻڌو اٿوَ؟" گرو جواب ڏنو "مون تنهنجو سوال ٻڌو ۽ ان جو جواب به ڏئي ڇڏيو اٿم! خاموشي ئي جواب آهي........مان ماٺ رهيس، اها ماٺار منهنجو جواب هئي........ مان ماٺ رهيس........ اهو وقفو........ اها خاموشي منهنجو جواب هو."

اهو همراهه چوڻ لڳو "مان اهڙي قسم جو رمزيا جواب نه ٿو سمجي سگهان، ڇا توهان ان جي ٿوري وضاحت ڪري سگهو ٿا؟"

بس گرو هيٺ مٽيءَ تي آڱر سان لکيو "مراقبو" اهو همراهه چوڻ لڳو" ها مان پڙهي سگهان ٿو پهرين کان هي جواب ڪجهه بهتر آهي. گهٽ ۾ گهٽ سوچڻ لاءِ مون کي هڪ لفظ ته مليو ويو پر توهان اڃا ان کي ٿورو سولو نه ٿا ڪري سگهو."

گرو ٻيهر لکيو پر وڏن اکرن ۾ "مراقبو" اهو همراهه ٿورو شرمندا ٿيو گهٻرائجي ويو ۽ هن کي ٿوري ٿوري ڪاوڙ به اچي رهي هئي، هن چيو " توهان ته ٻيهر اهو ئي لکي ڇڏيو آهي........ مراقبو؟ ڇا توهان منهنجي سوال جو واضح جواب نه ٿا ڏئي سگهو ۽ ۽ گرو اڃا به وڏن لفظن ۾ لکي ڇڏيو "مراقبو"

اهو همراهه چوڻ لڳو "ڇا توهان سچ پچ چريو ٿي ويو آهيو" گرو چيو "مون توتي اڳ ۾ ئي واضح ڪري ڇڏيو هو پهريون جواب صحيح جواب هو ٻيو جواب ايترو صحيح نه هو. ٽيون جواب غلط هو ۽ چوٿون جواب صفا غلط هو........ ان جو سبب هي آهي ته جڏهن توهان وڏن اکرن ۾ لکو ٿا ته "مراقبو" ته توهان هڪ ديوتا تخليق ڪيو ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو لفظ ديوتا کي انگريزي ۾ "جي" سان لکيو ويندو آهي.

جڏهن به توهان ڪنهن کي اعليٰ، حتمي ۽ مطلق بنائڻ چاهيو ٿا ته ان کي وڏن اکرن ۾ لکو ٿا. گرو چيو "مان ته اڳ ۾ ئي گناهه ڪري چڪو آهيان." پوءِ هن ڪيترا به لفظ لکيا هئا سڀ ڊاهي ڇڏيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پنهنجي سموري عمر ۾ ستن سالن کان مٿي ناهن چڙهي سگهندا. اهي انهيءَ مرحلي تي ڄمي ويندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو جانورن کان وڌيڪ ناهن هوندا. جانورن جو رڳو طبعي جسم هوندو آهي،انهن جي اندر ٻيا جسم اڻ ڇهيل رهجي ويندا آهن.

ٻيا ست سال...... اهو عرصو ستن سالن کان وٺي چوڏهن سالن جي عمر تائين ٻڌل آهي. ....... ڀاوَ شرير يعني ايٿري جسم انهي عرصي ۾ وڌندو آهي. اهي ست سال جذباتي واڌ ويجهه جا سال هوندا آهن. جنسي بلوغت جيڪا جذبن جي شديد ترين صورت آهي، سا چوڏهين سال تي عروج تي پهچندي آهي ۽ ڪجهه ماڻهو انهيءَ مرحلي تي ٻيهجي ويندا آهن. انهن جو طبعي جسم تہ وڌندو رهندو آهي پر پوءِ بہ اهي ٻهرين ٻن جسمن تي ئي رڪجي ويندا آهن.ڄمي ويندا آهن.

ٽيان ست سال چوڏهن کان ايڪويهن سالن جي عمر تي ٻڌل آهن. انهن ۾ سوڪش مان شرير يعني ڪوڪبي جسم وڌندو ويجهندو آهي انهيءَ ۾ بہ مختلف جذبا پروان چڙهندا آهن، هن ٽئين جسم ۾ عقل، فڪر ۽ شعور اڳتي وڌندا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ ڪابہ عدالت ستن سالن جي ڪنهن بہ ٻار کي سندس عملن جو ذميوار قرار ناهي ڏيندي انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ ٻار تہ رڳو طبعي جسم جو مالڪ هوندو آهي اسان ٻار سان بلڪل ائين ورتاءَ ڪندا آهيون جيئن ڪنهن جانور سان ڪندا آهيون. اسان ان کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ذميوار قرار نٿا ڏيون. ايستائين جو ڪو ٻار ڪوجرم ڪري ويهي تہ بہ اهو فرض ڪندا آهيون تہ هن اهو ڪم ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي چوڻ تي ڪيو هوندو...... اصل ڏوهاري تہ ڪو ٻيو آهي.

ٻئي جسم جي نشونما ارتقا حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ماڻهو بلوغت جي عمر کي پهچي ٿو پر اها بلوغت جنسي هوندي آهي، فطرت جو ڪم انهيءَ ارتقا سان ئي مڪمل ٿي وڃي ٿو "اهو ئي سبب آهي تہ انهي مرحلي تائين فطرت انسان سان پورو پوروتعاون ڪندي آهي، پر انهيءَ مرحلي تي بہ انسان لفظ انسان جي مفهوم تي پورونٿو لهي، ٽيون جسم جنهن ۾ عقل شعور ۽ فڪر جي طاقت وڌي ويجهي ٿي، اهو تعليم، تهذيب "ثقافت جو پاليل هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ووٽ جو حق انهيءَ ماڻهو کي ڏنو ويندو آهي، جيڪو ايڪويهن سالن جو ٿي چڪو هجي، هونئن تہ سموري دنيا ۾ اهوئي اصول مروج آهي پر ڪجهہ ملڪن ۾ انهي ڳالهہ تي بحث ٿي رهيو آهي تہ ووٽ جو حق ارڙهن سالن وارن کي بہ ڏنو وڃي. اهو فطري آهي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ ماڻهو جيترو وڏيڪ جسم جي واڌ ويجهہ کي ستن سالن جي حساب سان پار ڪندو ويندوآهي تہ اهو گهٽ کان گهٽ ٿيندو ويندوآهي.

سموري دنيا ۾ رواج آهي تہ ڇوڪريون تيرنهن يا چوڏهن سالن جي عمر ۾ بلوغت کي پهچن ٿيون، گذريل ٽيهن سالن کان بلوغت جي عمر گهٽ کان گهٽ ٿي رهي آهي. هاڻ تہ ايستائين جوهڪ يارنهن سالن جي ڇوڪري بہ بلوغت کي پهچي وڃي ٿي. ووٽ جي عمر کي ارڙهن سالن وارن تائين گهٽائڻ جو مطلب اهو آهي تہ ماڻهو جيڪي ڪم اڳ ايڪويهن سالن ۾ ڪندو هو سي هاڻ ارڙهن سالن جي عمر ۾ ڪري سگهي ٿو پر بحرحال معمول موجب ٽئين جسم جي واڌ ويجهہ لاءِ ايڪويهہ سال گهربل هوندا آهن ۽ ماڻهن جي اڪثريت ان کان اڳتي ارتقا ناهي ڪري سگهندي، انهن جي ارتقا ٽئين جسم تي ئي بيهجي ويندي آهي ۽ پوءِ وري سموري زندگي ڪابہ ارتقا ناهي ٿيندي.

مان جنهن جسم کي سائڪي چوان ٿو اهو چوٿون جسم هوندو آهي. ....... مانس شرير، اهو جسم پنهنجن ئي حيرت ناڪ تجربن جو مالڪ هوندوآهي. مثال طور اهو ماڻهو جنهن جو شعور ارتقا ناهي ڪري سگهيو اهو رياضيءَ ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي وٺندو. رياضيءَ جو هڪ پنهنجوئي جادو آهي "رڳو آئن اسٽائن ئي ان ۾ ائين جذب ۽ گم ٿي سگهي ٿو جيئن هڪ موسيقار موسيقيءَ ۾، ۽ هڪ مصور رنگن ۾، چاڪاڻ تہ آئن اسٽائن رياضي تي ڪم نٿو ڪري پر اهو ان کي تخليق ٿو ڪري، پر انهيءَ لاءِ شعور کي ان عروج تائين ارتقا حاصل ڪرڻ ضروري آهي، جو هو رياضيءَ کي تخليق ڪري سگهي.

هر جسم جڏهن ارتقا حاصل ڪندو آهي تہ اڻ ڳڻين ۽ لامحدود امڪانن جا در اسان جي آڏو کلي ويندا آهن. جنهن ماڻهوءَ جو ايٿري جسم ارتقا ناهي ڪري سگهندو اهو پهرين ستن سالن تي بيهجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وچي ته ان کي ڪائڻ پيئڻ کان وڌيڪ دنيا سان ڪا دلچسپي نه هوندي، سو انهن تهذيبن جون ثقافتون جتي ماڻهن جي اڪثريت پهرين جسم جي حد تائين ارتقا پذير ٿيل هوندي آهي مڪمل طور تي کاڌي پيتي جي ذائقي جي چوڌاري ڦرندي آهي. جنهن تهذيب ۾ ماڻهن جي اڪثريت ٻئين جسم جي حد تائين اچي ويندي آهي، اهي جنس جي چوڌاري ڦرندا آهن، انهن جون شخصيتون، انهن جو ادب، انهن جي موسيقي، انهن جون فلمون، انهن جا ڪتاب، انهن جي شاعري، انهن جي مصوري ۽ ايستائين جو انهن جا گهر ۽ گاڏيون به سڀ جاسڀ جنس جي بنياد تي ٻڌل هوندا آهن، اهي سموري جون سموريون شيون جنس سان ڀريل هونديون ۽ جنس سان معمور.

جنهن تهذيب ۾ ٽيون جسم مڪمل طور تي ارتقا حاصل ڪري چڪو هوندو آهي اتان جا ماڻهو دانشور ڏاها ۽ غور وفڪر ڪرڻ وارا هوندا آهن. جڏهن به ڪتي ٽيون جسم ارتقا حاصل ڪندو آهي، ان قوم يا سماج ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها هوندي آهي ته اتي ڏاهپ ڀريا انقلاب ظاهر ٿيندا آهن. بهار صوبي ۾ ٻڌ ۽ مهاوير جي دور ۾ ماڻهن جي اڪثريت اهڙي سطح جي هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو بهار جهڙي ننڍي صوبي ۾ ٻڌ ۽ مهاوير جهڙين انن شخصيتن جنم ورتو.ان ڪانسواءِ ان وقت اتي هزارين ٻيا ماڻهو به اهڙا هئا جيڪي غير معمولي (جينيس) هئا.سقراط ۽ افلاطون جي زماني ۾ يونان جي اهائي ڪيفيت هئي. اها ئي ڪيفيت لائوتوزو ۽ ڪنفيوشس جي دور ۾ هئي. سڀ کان حيرت ناڪ حقيقت جيڪا ڌيان طلب آهي سا هيءَ ته اهي سڀ نور افروز هستيون پنج هزار سال اڳ دنيا ۾ موجود هيون، انهن پنج هزار سالن دوران انسان جي جسم جو ٽيون ارتقا پنهنجي عروج تي پهچي چڪو هو. عام طور تي انسان ٽئين جسم تي بيهجي ويندو آهي. ماڻهن جي اڪثريت عمر جي ايڪويهين سال کان اڳتي ارتقا ناهي ڪري سگهندي.

چوٿين جسم ۾ غيرمعمولي تجربا ظاهر ٿيندا آهن، هپناٽيزم، ٽيليپيٿي، غيبي ڄاڻ، اهي سڀ چوٿين جسم ۾ لڪل امڪان (پوٽينشنل) آهن. اهي ماڻهو هڪ ٻئي سان زمان ۽ مڪان جي رڪاوٽن کي ٽوڙي پاڻ


Scanned by CamScanner

۾ رابطا رکي سگهن ٿا. اهي ڪنهن ٻئي جي خيالن کي ان ڪان پڇڻ کانسواءِ ئي پڙهي سگهن ٿا. سواءِ ڪنهن خارجي امداد جي ڪوبہ ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي خيالن ۾ پنهنجي خيال جو ٻج پوکي سگهي ٿو. هڪ ماڻهوءَ پنهنجي جسم کان ٻاهر نڪري بہ چرپر ڪري سگهي ٿو. اهو ڪوڪبي سفر بہ ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ کي پنهنجي طبعي جسم کانسواءِ بہ ڄاڻي سڃاڻي سگهي ٿو.

ٻڌن جو خواب هميشہ اهو رهيو آهي تہ توهان کي اهو ڪجھ ياد ڏيارجي جيڪو توهان وساري چڪا آهيو. انهن جو خواب ان شيءِ کي جاڳائڻ آهي جيڪا توهان جي اندر ۾ ستل آهي.

مراقبوتہ هڪ حالت آهي، توهان بس ماٺ هوندا آهيو...... ڪنهن خيال ڏانهن متوجہ ناهيو هوندا . ڪنهن موضوع تي ڏيان ناهيو ڄمائيندا، ڪنهن بہ شيءِ تي غور ۽ فڪر ناهيو ڪندا.

اوير تمام گهڻين رمزي چاٻين جو مالڪ ناهي، پر پوءِ بہ هڪ واحد چاٻي اتي ڪافي آهي، ان جو سبب هيءَ آهي تہ هڪ چاٻي (ماسٽر ڪي) اهڙي هوندي آهي، جيڪا هزارين لکين دروازن کي کولي سگهي ٿي.

اوير ۾ ڪوبہ مجسمو رڳو مجسمو سمجهي ناهي ٿاهيو ويندو اها تہ هڪ خاص زبان (ڪوڊ لينگويج) هوندي آهي، صديون پراڻي.

هندستان ۾ اسان چوندا آهيون تہ تجربو وجدان، الهام سڀ جوسڀ متفق هڪ ڪنوڙ جي چمڪ جيان آهي، ان ڪري سچ کي ان جي ڪليت ۾ ڏٺو ويندو آهي، جيئن اهو هوندو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو زين ٻڌ خالص مراقبي جو ڏس ڏين ٿا،ان جو جنت ، جهنم، خدا، عيسيٰ جي معجزن سان ڪو واسطوناهي هوندو. اهي تہ انهن شين مان ڪنهن بہ هڪ تي ناهن ڳالهائيندا. اهي رڳو ”روحاني سائنس“ تي ڳالهائيندا آهن. قدم بہ قدم آهستي آهستي توهان ڪيئن پنهنجي داخلي دنيا ۾ وڃي سگهو ٿا ۽ ابدي حيات جو مشاهدوماڻي سگهو ٿا. جڏهن بہ توهان ابديت کي ڏسي ورتو...... يعني ابديت کان ابديت تائين ...... تہ توهان هڪ مڪمل طور تي مختلف انسان بنجي ويندؤ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ياد رکو! ٻڌ توهان کي رهنمائي نٿو ڏئي سگهي، اهو تہ بس رستو ڏيکاريندو آهي،باقي پوءِ توهان کي پنهنجي رستي تي اڪيلو هلڻو پوي ٿو ان جو سبب اهو آهي تہ ڪو ماڻهو توهان جي اندر ۾ نٿو لهي سگهي، پنهنجي اندر ۾ توهان کي پاڻ ئي لهڻو پوندو.

ٻڌ منزل جي نشاندهي ڪري سگهي ٿو پر وڃڻو توهان کي اڪيلو ئي پوندو ۽ اهو سٺو آهي جو ڪو ماڻهو توهان جي اندر ۾ نٿو لهي سگهي نہ تہ ٻي صورت ۾ سياست دان ڪنهن ٻڌ کان اڳ ۾ ئي توهان جي اندر ۾ پهچي چڪا هجن ها.! اهو توهان جو استحقاق آهي ۽ مڪمل خالص استحقاق ۽ آزادي...... ڪوبہ ماڻهو توهان جي اندر ۾ نٿو لهي سگهي پر جي توهان پاڻ پنهنجي اندر ۾ لهڻ چاهيو ٿا تہ توهان جي شخصيت هڪ نئين طرف، نئين پاسي ۽ نئين انداز ۾ وڌڻ ويجهڻ شروع ڪري ٿي، هيٺاهين کان مٿاهين طرف.

سمورا حيوان رڳو افقي حالت ۾ ئي چرپر ڪري سگهن ٿا، چارلس ڊارون موجب تاريخ جي هڪ خاص مرحلي تي ڪجهہ جانور عمودي انداز ۾ بيٺا هئا ۽ ائين انسان جنم ورتو. افقي جانورن کان چئن پيرن تي هلندي، هن ٻن پيرن تي هلڻ شروع ڪيو ۽ هن جا ٻہ هٿ پهريون ڀيرو آزاد ٿيا "ائين انهن آزاد ٿيل ٻن هٿن سموري سائنس، سموري ٽيڪنالاجي ......گهر، روڊ، رستا، بجلي، ٽيليفون، ٽيليوزن....... تخليق ڪيون ۽ هر اها شيءِ جنهن مان توهان هاڻ لطف اندوز ٿي رهيا آهيو هر اها شيءِ جنهن جي انسانيت کي ضرورت آهي، انهيءَ ڪري تخليق ٿي سگهي آهي جو انسان جا ٻہ هٿ آزاد ٿيا هئا.

ڪوبہ جانور اهڙا ڪم نٿو ڪري سگهي، جيڪي انسان ڪيا آهن. چئن ٽنگن وارا رڳو گهمڻ ڦرڻ ۾ ئي مصروف آهن.

اهو هڪ انقلاب آهي،گوريلو جانور،انسان بڻجي ويو ....... افقي کان عمود ڏانهن سفر ڪيائين.

اهڙيءَ طرح جي صورتحال هاڻ توهان جي اندر ۾ بہ وجود رکي ٿي، توهان جو شعور افقي آهي ۽ توهان جو جسم عمودي، توهان جو شعور وقت ۾ سفر پيو ڪري ....... افقي طور تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مراقبي جو هڪ مقصد اهو به هوندو آهي توهان جي شعور کي سجاڳ ڪري، عمودي پاسي ڏانهن موڙجي،جڏهن توهان جو جسم ۽ شعور گڏجي ويندا آهن ۽ عمود ڏانهن سفر ڪندا آهن ته توهان گياني(ڄاڻو ڏاها، غيب دان) بنجي ويندا آهيو. عمودي شعور پورو سچ آهي. مڪمل سچ آهي ۽ ائين انسان ڪائناتي جمال کان .......خير کان ....... هستيءَ جي الوهيت کان واقف ٿي ويندو آهي.

اهي ڳالهيون، وڏ کان وڏ الميا پيدا ڪندڙ آهن. ڪنهن ٻئي جي پيٽ ۾ انسانيت جي نانءَ تي وڏيڪ الميا پيدا ٿيا آهن..... ٽن هزار سالن ۾ پنج هزار جنگيون ٿي چڪيون آهن ۽ انهيءَ جو سمورو ڪريڊٽ مردن ڏانهن وڃي ٿو. محبت جي نالي تي، جمهوريت جي نالي تي، آزاديءَ جي نالي تي، خدا جي نالي تي لکين ماڻهو قتل ڪيا ويا آهن پر ڪا به عورت ائين نه ٿي ڪري سگهي..... منهنجي خيال ۾ ڪا به عالمي جنگ ڪاسميٽڪس يا ڪپڙن جي ڊيزائنن ۽ ڊرامن جي ڪري ناهي ٿي..... عورت جي ڪري توهان کي ڪا به عالمي جنگ ڏسڻي ڪانه پوندي

منهنجو ڪيترن ئي جنمن جو تجربو آهي. وڻ پهرئين زمين ۾ گهرو هيٺ لهندو آهي. جيترو وڻ جون پاڙون هيٺ ۽ مضبوط هونديون اوتروئي هو وڌندو ويجهندو ۽ هن جون ٽاريون اوچيون ٿينديون. جيڪڏهن توهان گلن سان گڏ ستارن کي ڇهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان کي زمين جي پٿريلي تهه تائين وڃڻو پوندو.

ٻڌ عورت جي خلاف هو. هو عورتن کي مريد ڪرڻ تي راضي نه هو. هن چيو منهنجو مذهب پنج هزار سالن تائين هوندو پر جيئن ته پوءِ هو عورتن کي مريد ڪرڻ تي راضي ٿي ويو هو ان ڪري سندس مذهب پنج سؤ سالن تائين به نه هلي سگهيو. پر منهنجي راءِ ان جي ابتڙ آهي. هو عورتن ڪانسواءِ شايد پنج سؤ سالن تائين به مذهب کي زنده نه رکي سگهي ها..... ان جو سبب هيءُ آهي ته جيئن ئي ٻڌ فوت ٿيو سمورا مرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا..... نظرياتي جنگ شروع ٿي وئي. يڪدم چوٿيھ فرقا وجود ۾ اچي ويا..... ان ذهنن اهان پڻ جو جسم پوري طرح سڙيو به نه هو جو ٻتيھ فلسفيانه مڪتب فڪر ۽ تعبيرون ظاهر ٿيون..... ۽ مردن وچ ۾ جنگ شروع ٿي چڪي هئي. جڏهن حضرت عيسىٰ کي صليب تي چاڙهيو ويو ويھ جا ويھ احمق ڀڄي ويا. رڳو ٽي عورتون عيسىٰ جو جسم صليب تان لاهي ڪٽي وڃڻ لاءِ موجود هيون. پر ڪو به مرد ڪونه هو. طوائف ميري ميڊالين اتي هئي، ان جي ڀيڻ مارٿا اتي هئي ۽ عيسىٰ جي والده مريم اتي هئي..... اُهي سمورا حواري/ ساٿاري اُهي سڀ جنوني ڪٿي هئا؟ اُهي ته ويٽيڪن لاءِ تيار ٿي رهيا هئا. اُهي مستقبل جون تياريون ڪري رهيا هئا. عيسىٰ عليہ السلام ته ٿيو ختم؟ هاڻ مسئلو هو فلسفي جو نظريي جو. علم الڪلام جو پر انهن ٽن عورتن کي نه علم الڪلام سان دلچسپي هئي. نه فلسفي سان..... انهن کي ته عيسىٰ عليہ السلام جي جسم سان دلچسپي هئي. اُهي وڌيڪ عمليت پسند هيون اُهي وڌيڪ ديانتدار سچيون ۽ مخلص هيون. اُهي ان سان محبت ڪنديون هيون..... ان لاءِ انهن خطرو سر تي کنيو هو. اُهي سزا کائڻ لاءِ به تيار هيون. جڏهن ته ان وقت سموري جا سمورا مرد غائب هئا..... گم هئا.....

حضرت عيسىٰ جو سڀ کان گهٽو پڙهيو لکيو ساٿي يھوداھ هو. ان ته مرشد کي رڳو چانديءَ جي سڪن عيوض وڪڻي ڇڏيو هو. پر ڪا به عورت ائين نه ٿي ڪري سگهي. جڏهن ته هو عيسىٰ جي سڀ کان وڌيڪ پڙهيل لکيل عقيدتمندن مان هو. دانشور ۽ ڏاهو هو.

ياد رکو! دانشور ڏاهو..... تمام سؤلائي سان بي وفائي ڪري سگهي ٿو. دغا ڏئي سگهي ٿو. هو دنيا ۾ سڀ کان وڏو غدار ٿي سگهي ٿو. ان جو سبب هيءُ آهي ته انهيءَ جي اندر ۾ دل ناهي هوندي. اُهي رڳو مٿو هوندا آهن ۽ مٿو چالاڪ هوندو آهي. مٿو حساب ڪتاب رکڻ وارو هوندو آهي. عورت هميشه مٿي کان وڌيڪ دل تي هلندي آهي..... هوءَ دل ۾ جيئندي آهي. سڀ کان اول پاڙون گهريون هجڻ گهرجن. اهوئي ته مالهين جي ڪم ڪرڻ جو بنياد..... اصول..... پھرئين توهان کي ٻوٽي جي پاڙن ۾ پاڻ ڏيڻو پوندو. پوءِ گل..... ڪليون پاڻهي ڦٽنديون..... گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڦٽندا..... پر اُهي پاڙن کانسواءِ نہ ٿا ڦٽي سگهن. پاڙون ۽ گل ٻن پرن جيان هوندا آهن. جيڪڏهن توهان ٻئي پر رکو ٿا تہ پوءِ سمورو آسمان توهان جو آهي پر سڀ کان اهم شيءِ..... سڀ کان بنيادي ۽ پهرئين شيءِ..... ”پاڙ“ آهي.

عورت سموري ”حيات“ جي جڙ آهي. مرد هوندو تہ وڌ کان وڌ هڪ ٽئي تاري هوندو..... هڪ گلن واري تاري..... هڪ خوبصورت تاري..... هڪ تمنا..... ستارن کي ڇهڻ جي هڪ آرزو..... ٻنهي کي گڏ هلڻو پوندو. ماضي ۾ اهو ئي مسئلو رهيو آهي.

عورت پاڙون مهيا ڪري سگهي ٿي پر اُها گلن ۾ دلچسپي نہ ٿي رکي ۽ مرد گل تہ ڏئي سگهي ٿو پر اهو پاڙن سان دلچسپي نہ ٿو رکي. دنيا کي انهن ٻنهي جي هڪ گهري هم آهنگي گهربل آهي.

سائنس، فن ۽ مذهب ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ سائنس ڳوليندي آهي فن ايجاد ڪندو آهي. مذهب ٻئي ڪم ڪندو آهي..... سچو مذهب ڳولا ڪندو آهي. ڪوڙو مذهب ايجاد ڪندو آهي.

صدين کان ڪوڙو مذهب ئي انساني ذهن تي سوار آهي ۽ اهو افساني کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. اهو فن جي ڪجهہ ويجهو آهي پر سائنس جي تہ صفا ابتڙ آهي. ان ڪري ئي تہ فن ۽ مذهب جي وچ ۾ ڪو جهيڙو ڪونهي..... گهرائيءَ ۾ ڏسو تہ ٻئي هڪ ئي ڪم ڪندا آهن.

فن معروضيت کي ايجاد ڪري رهيو آهي ۽ نام نهاد مذهب موضوعيت کي ايجاد ڪري رهيو آهي. اهي ٻئي سؤلائي سان گڏ ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جي راند ساڳي آهي ۽ انهن سموري دنيا ۾ هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي ورتو آهي. فن صدين کان..... نام نهاد مذهب جي خدمت ڪندو آيو آهي. خوبصورت چرچ سنا گوگ (يهودين جي عبادت گاهہ) ۽ مندر صدين تائين فن مذهب جي خدمت ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي ڪيو.

جيڪڏهن توهان هندوستان ۾ کجوراهو جي مندرن کي ڏسو تہ هڪ زماني ۾ اتي هزارين مندر هوندا هئا. هاڻ رڳو انهن جا ڪنڊر وڃي بچيا آهن. پر پوءِ بہ ويهہ ٽيهہ مندر اڃا بہ موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هو ته: ”جيڪڏهن توهان ڪي مون کان ڪو سوال پڇڻو آهي ته پڇي وٺو نه ته مان ابدي ننڊ سمهڻ وڃي رهيو آهيان..... هميشه جي لاءِ؟“

ان وقت سيرانديءَ کان وهاڻو به ڪونه هو. هن جي هٿن کي وهاڻي طور ڊيڪاريو ويو آهي. ڪيڏو خوبصورت ۽ سڪون ڏيندڙ مجسمو آهي اهو.....!

اهڙيءَ طرح ايلورا جون غارون آهن. مقصد ته سموري دنيا ۾ ڪٿي به مذهب ۽ فن ۾ ڪو جهيڙو ڪونهي.

حقيقت ڪي ايجاد ناهي ڪيو..... ان کي ڳولڻو پوندو آهي. اها اڳ ۾ ئي موجود هوندي آهي. ان ڪري سائنس ڳولا ڪندي آهي ۽ سچو مذهب به ڳولا ڪندو آهي.

پر هن وقت تائين دنيا ۾ جيڪي به مذهب رهيا آهن. عيسائيت، يهوديت، هندومت..... سڀ جا سڀ فن سان ته جهيڙو نه ٿا ڪن. پر رڳو ۽ رڳو سائنس لاءِ انهن حيرتناڪ نفرت جو اظهار ڪيو آهي. ڪنهن به ماڻهو ان حقيقت ڏانهن توجهه ناهي ڏني. اهي فن جي خلاف ڇو ناهن ۽ سائنس جي خلاف ڇو آهن؟ ان جو سبب هيءُ آهي ته فن سان اُهي هم آهنگي حاصل ڪن ٿا. اُهي فن کي استعمال ڪري سگهن ٿا پر سائنس کي استعمال نه ٿا ڪري سگهن...... حقيقت ۾ اُهي ڏسن ٿا ته سائنس سندن بلڪل تضاد ۾ آهي. مڪمل ابتڙ آهي. اهي ايجاد ڪري رهيا آهن. ڪا تخيلاتي شيءِ تخليق ڪري رهيا آهن. جڏهن ته سائنس جو سمورو ڪم سچ کي بي نقاب ڪري رهيو آهي..... سائنس جو مقصد حقيقت کي بي حجاب ڪرڻ آهي. ان کي پردي مان ڪڍڻ آهي...... ”جيڪو به آهي.“

جيڪڏهن سائنس ڪامياب ٿئي ٿي ته نام نهاد مذهب خوفزده ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته افسانو (فڪشن) سچ جي آڏو بيهي نه ٿو سگهي. سچ جي آڏو ڪوڙ جي ڪٽڻ جو ڪو امڪان ناهي هوندو. سچ جي سامهون ته ڪوڙ ڪڏهن به نه ٿو بيهي سگهي......

ياد رکو! ٽي سؤ سالن کان جعلي ڌرم...... مذهب سائنس سان وڙهندا آيا آهن..... هاڻ اُهي به ٿڪجي پيا آهن..... بيزار ٿي پيا آهن. مذهبن کي هاڻ احساس ٿي چڪو آهي ته هر حالت ۾ سائنس سچ آهي. سائنس ئي فتحمند ٿيندي اُهي هارجي چڪا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بس پراڻا ڏرم جيڪي جواز وڃائي چڪا آهن..... توهان کي من مامري کي سمجهڻو پوندو. جيڪو ڪجهه توهان مندرن، چرچن، عبادت گهرن ۾ ڏسو ٿا اهو ته بس ڏرم جو لاش آهي. جيڪو ڪڏهن زنده هوندو هو..... اهو ته بس هڪ مردو آهي. پر اُهي ظاهر اهو ڪري رهيا آهن ته اجا زنده آهي..... اميد جي خلاف اميد ڪن ٿا ته ڪو معجزو ظاهر ٿيندو..... پر ڪڏهن به ڪو معجزو ظاهر ناهي ٿيو..... ۽ ڪو به معجزو ظاهر ٿيندو به ڪونه..... سائنس جون پاڙون مضبوط ٿي چڪيون آهن.....

بلڪل ائين جيئن سائنس خارجي دنيا ۾ دريافتون ٿي چڪيون آهن. ائين ئي مذهب داخلي دنيا ۾ ڳولا ڪندو آهي.

سائنس جو جيڪو معاملو معروضي هستيءَ سان آهي. اهو ئي معاملو داخلي هستي مذهب جو هوندو آهي. ٻنهي جو طريقو بلڪل ساڳو آهي. سائنس انهيءَ کي مشاهدو چوي ٿي. ڏرم انهيءَ کي آگهي چوي ٿو.

سائنس ان کي تجربو (ايڪسپريمنٽ) چوي ٿي. ڌرم ان کي واردات (ايڪسپٽريئنس) چوي ٿو. سائنس توهان کي چوي ٿي ته ذهن ۾ ڪو مقصد رکڻ سواءِ، ڪنهن عقيدي کانسواءِ تجربو ڪيو. توهان کي ان لاءِ ڪشادو ۽ مهيا ٿيڻو پوندو. توهان حقيقت مٿان ڪا بي شيءِ نه مڙهيندؤ. حقيقت چاهي ڪجهه به هجي. توهان کي ته ان لاءِ مهيا ٿيڻو پوندو. پل پوءِ اها توهان جي تصورن جي خلاف ئي ڇو نه هجي. توهان کي تصورن کي جهٽڪڻو پوندو. پر حقيقت کي رد نه ٿو ڪري سگهجي.

سائنسي جدوجهد حقيقت ۾ توهان جي ذهن لاءِ خطري سان مهاڏو اٽڪائڻ جو نالو آهي. حقيقت جي لاءِ ذهن کي هڪ پاسي رکڻو پوندو. حقيقت هر شيءِ کان اهم هوندي آهي. ان حوالي سان توهان جون سوچون اهم ناهن..... توهان جي سوچ ٿي سگهي ٿو غلط هجي..... يا ٿي سگهي ٿو صحيح هجي. پر فيصلو حقيقت کي ئي ڪرڻو آهي. توهان جو ذهن فيصلو نه ڪندو ته..... غلط ڇا آهي ۽ درست ڇا آهي. حق ڇا آهي..... باطل ڇا آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

عام ذهن هڪ انتشار.........هڪ افراتفري هوندو آهي، سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ بنيادي شيءِ آهي طريقا......... ٽيڪنيڪي .........“ رستا تخليق ڪرڻ جن جي ذريعي انسان شعور کي اپاري سگهجي ۽ يقين اهو شعور جسم جي خلاف نه ٿو ٿي سگهي، اهو شعور ته جسم ۾ رهائش پذير هوندو آهي،انهن ٻنهي کي وڏيڪ جو دشمن نه سمجهڻ هرجي، اهو ته ٻئي هڪٻئي جا مددگار هوندا آهن. مان توهان کي ڪجھ چوان ٿو.........توهان هلو ٿا.........توهان کائو ٿا.

انهن سيني شين مان خبر پوي ٿي ته توهان جسم ۽ شعور جي هڪ نامياتي وحدت هوندا آهيو. توهان جسم کي تڪليف پهچائي شعور کي نه ٿا وڌائي سگهو ......... ان لاءِ جسم سان محبت ڪرڻي پوندي آهي.

توهان کي هڪ عظيم دوست بڻجڻو پوندو.........اهو ته توهان جو گهر آهي، توهان کي ان کي هرگز ڪچري کان پاڪ رکڻو پوندو آهي ۽ توهان کي ياد رکڻو پوندو ته هن ڏينهن رات مسلسل توهان جي خدمت ۾ مصروف آهي. ايستائين جو جڏهن توهان سمهي پوندا آهيو توهان جو جسم هاضمي جي لاءِ ڪم ڪري رهيو هوندو آهي، کنڊ کي رت ۾ تبديل ڪري رهيو هوندو آهي، مئل گهرڙن کي جسم مان ٻاهر ڌڪي رهيو هوندو آهي، نئين آڪسيجن کي اندر کڻي ايندو آهي.........اهو توهان جي بقا لاءِ توهان جي زندگيءَ لاءِ سڀ ڪجھ ڪندو رهندو آهي. پر توهان ايترا ته احسان فراموش آهيو جو پنهنجي بدن جو شڪريو به ادا نه ٿا ڪريو. ان جي ابتڙ ڌرم توهان کي تعليم ڏيندو آيو آهي ته بدن کي تڪليف پهچايو جسم توهان جو دشمن آهي ۽ توهان کي جسم کان آزاد ٿيڻو پوندو. ان سان تعلق ٽوڙڻو پوندو.........مان اهو ڄاڻان ٿو ته توهان جسم سواءِ به گهڻو ڪجھ آهيو ۽ ان کي ڪنهن لڳ لاڳاپي جي ضرورت ناهي پر محبت ڪو لاڳاپو ناهي هوندو رحم دلي ڪو لاڳاپو ناهي هوندو. محبت ۽ رحم دلي جي توهان جي بدن کي ۽ توهان جي بدن جي واڌ ويجھ لاءِ هڪ انتهائي ضرورت هوندي آهي ۽ جيترو توهان سنو جسم رکو ٿا اوترو وڏيڪ شعور جي پروان چڙهڻ جا امڪان هوندا آهن. اها هڪ نامياتي محبت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

دنيا کي بلڪل هڪ نئين تعليمي نظام جي ضرورت آهي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي بنيادي طور تي دل جي خاموشي..........يعني مراقبي کان متعارف ڪرائجي.......... جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي اهو ٻڌائجي ته هو پنهنجي جسم سان شفقت ۽ رحمدليءَ سان پيش اچڻ گهرجي. ان جو سبب هيءَ آهي ته جيستائين توهان پنهنجي جسم سان رحم دل نه ٿيندؤ ان وقت تائين توهان ڪنهن ٻئي جي جسم سان به رحمدلي سان پيش نه ايندؤ. اهو هڪ زنده فارمولو آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي بدن جي سمورن عملن کان واقف ٿي وڃو ته توهان حيران ٿي ويندؤ .......... توهان ڪڏهن سوچيو به نه هوندو ته توهان جو جسم توهان لاءِ ڇا ڇا ڪندو رهيو آهي. اهو ته ڏاڍو معجزاتي.......... ڏاڍو پراسرار آهي، پر توهان ڪڏهن ان جي اندر ناهي ڏٺو. توهان ڪڏهن پنهنجي جسم سان سچاٽپ جو فڪر به ناهي ڪيو جڏهن ته ٻين ماڻهن سان محبت جي اداڪاري ڪندا رهيا آهيو..........حقيقت ۾ توهان جو جسم ته سموري هستيءَ جو سڀ کان عظيم اسرار آهي..........ان اسرار..........ان راز سان محبت ڪرڻ جي ضرورت آهي..........ان جي رازن..........اسرارن..........کي سمجهڻ،جانچ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڏرم بدقسمتيءَ سان جسم جا مخالف رهيا آهن پر جسم رازن ۾..........تهہ خانن ۾ توهان جو شعور عبادت گهر تهيل آهي، هڪ ڀيرو توهان پنهنجي شعور..........پنهنجي هستيءَ کان آگاهہ ٿي وڃو. پوءِ توهان کانسواءِ ٻيو ڪو ڀڳوان نه هوندو..........رڳو اهڙن ئي ماڻهن جي ٻيا ماڻهو عزت ۽ تڪريم ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته اهي سمورا به اهڙن اسرارن سان ڀريل آهن. جڙ توهان مختلف اظهار..........مختلف قسم جي زندگي جي دالان ۾ امارت ۾ اضافو آڻين ٿا ۽ جڏهن هڪ دفعو ڪو ماڻهو پنهنجي اندر شعور کي حاصل ڪري وٺندو آهي، اهو مطلق چاٻي(ماسترڪي) حاصل ڪري وٺندو آهي.

جيڪا به تعليم توهان کي پنهنجي جسم سان محبت ڪرڻ نه ٿي سيکاري، توهان کي پنهنجي جسم سان واعدي جو ورتاءُ ڪرڻ سيکاري ٿي..........اها توهان کي جسم جي اسرار ۾ داخل ٿيڻ ٿي


Scanned by CamScanner

سيکاري، اها ان قابل ناهي هوندي جو توهان کي توهان جي شعور ۾ داخل ٿيڻ سيکاري.........جسم ته دروازو آهي، جسم ته ڏاڪڻ آهي ۽ جيڪا تعليم توهان کي جسم ۽ شعور جي موضوع تي نه ٿي ڇهي اها نه رڳو مطلق طور تي اڌوري آهي پر مڪمل طور تي نقصان پهچائيندڙ هوندو آهي ان لاءِ ياد رکو ته رڳو توهان پنهنجي اندر ۾ شعور جا گل ٽڙڻ کانپوءِ ئي تباهي کان محفوظ رهي سگهو ٿا.

" اهو توهان کي تخليق ڪرڻ جي حيرتناڪ خواهش ڏئي ٿو.........دنيا ۾ وڌ کان وڌ حسن ۽ جهان تخليق ڪرڻ جي، دنيا ۾ وڌيڪ سهوليتون فراهم ڪري ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو مان فن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندو آهيان.......... فن حسن کي تخليق ڪرڻ.......... حسن کي ڳولڻ.......... توهان کي وڌيڪ خوش ڪرڻ..........توهان کي ناچ سيکارڻ، ميلو ملهائڻ جي شعوري ڪوشش عطا ڪندو آهي ۽ ائين منهنجي سموري دلچسپي تخليقي سائنس ۾ آهي، فن حسن ۽ جمال کي ڳولي سگهي ٿو..........سائنس معروضي سچ کي هٿ ڪري سگهي ٿي ۽ شعور موضوعي حقيقت کي ڳولي سگهي ٿو. اهي ٽئي گڏجي ڪنهن به تعليمي نظام کي ڪامل بنائي ڇڏين ٿا. باقي سڀ ڪجهه ضمني آهي، ٿي سگهي ٿو دنياوي مقصد لاءِ فائديمند هجي پر اهو روحاني واڌ ويجهه لاءِ فائديمند ناهي، هوندو اهو توهان کي خوشي، محبت، امن، ماٺار جي سرچشمي تائين وٺي وڃڻ لاءِ فائديمند هوندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو داخلي مسرت/خوشي مان فيضياب ناهي ٿيو اهو جڻ ته فضول زندگي گذاري رهيو آهي، اهو ٻوٽن جيان زنده هوندو آهي ۽ پاڻ کي ڪک کان وٺي قيد تائين بس گهليندو رهندو آهي، پر اهو رقص نه ٿو ڪري سگهي، ڳائي نه ٿو سگهي "دنيا کي ڪجهه به نه ٿو ڏئي سگهي.

منهنجي خيال ۾ مذهبي انسان، اهو هوندو آهي جيڪو دنيا ۾ ٿورو حسن ۽ جمال ٿوري خوشي، ٿوري مسرت، ٿوري رونق مهيا ڪري، جيڪا هتي موجود ڪانهي.......... هو ڪا نئين شيءِ، ڪا تازي شيءِ ڏيندو رهندو آهي، ڪجهه نوان گل ٽڙائيندو آهي.........." ڌرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي اڄ تائين ڪاٻه اهڙي وصف بيان ناهي ڪئي وئي جهڙي مان ٻڌائي رهيو آهيان. ڌرم جي وصف جا ٻيا سمورا طريقا مڪمل طور تي بي سرا ۽ غلط ثابت ٿيا آهن. پر عام طور تي مذهبي مهندارن انسانيت کي خوشي ۽ خوبصورتي ۽ محبت جي بلندي تي پهچڻ ۾ ڪا مدد ناهي ڏني.

انهن سموري انسانيت کي ڏکن ۽ سورن ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي. انهن توهان کي آزاديءَ جي تعليم ناهي ڏني. ان جي ابتڙ انهن اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي نالي تي توهان تي هر قسم جي غلامي جبري طور تي مڙهي ڇڏي آهي..... ڪنهن جي اطاعت ۽ مذهبي پيشوائن جي اطاعت..... انهن جي اطاعت جيڪي پئسي وارا آهن انهن جي اطاعت جن وٽ طاقت ۽ اقتدار آهي..... مختصر هيءَ ته سموري مستقل مفاد جي اطاعت سيکاري وئي آهي. صدين کان هڪ خاص اقليت سموري جي سموري انسانيت کي غلام بنائي رکيو آهي. رڳو هڪ صحيح تعليم ئي انهيءَ بدصورت..... ۽ بيمار صورتحال کي تبديل ڪري سگهي ٿي. انسان کي هڪ بهتر جسم جي ضرورت آهي. هڪ صحتمند ۽ توانا جسم جي..... انسان کي هڪ گهڻي آگاهه ۽ چؤڪس هستيءَ جي ضرورت آهي. انسان کي هر طرح جي آسائش ۽ سهوليتن جي ضرورت آهي. جيڪا هستي انهن تي نڇاور ڪرڻ لاءِ راضي ۽ تيار آهي.

هستي توهان کي هتي ئي سوارڳ (بهشت) عطا ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پر توهان پاڻ انهيءَ کي ملتوي ڪري رهيا آهيو..... ته اهو هميشه موت کان پوءِ ئي ملڻو آهي.

سري لنڪا ۾ هڪ نهايت ئي پهتل روحاني شخصيت پنهنجي آخري سفر تي وڃي رهي هئي. هن چوڌاري گڏ ٿيل ماڻهن ڏانهن ڏٺو ۽ ڪين چيائين. "مان هاڻ جمنا جي ئي ڪناري تي وڃي رهيو آهيان جتان وري ڪڏهن نه موٽندس..... هميشه لاءِ هيءَ سفر ختم ڪري ٻئي پاسي پيو وڃان. مون سموري زندگي توهان کي روحاني سفر جي تعليم ڏني پر افسوس توهان مان ڪنهن به عمل نه ڪيو..... توهان سڀ ايندڙ ڏينهن لاءِ ان کي ملتوي ڪندا رهيؤ..... ڇا توهان مان ڪو اڄ تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آهي. مان ان کي جيون جو ٻيو ڪنارو ڏيکاري ڇڏيان..... روحاني منترن تي پڄائي ڇڏيان....."

بزرگ جي ڳالهه ٻڌي سڀ ماٺ ٿي ويا. اُهي ٻ جيڪي چاليهه چاليهه سالن کان ان جا چيلا ۽ شاگرد هئا. بزرگ جي ڳالهه ٻڌي سڀ ماٺ ٿي ويا. چوڏطرف ماٺ هئي. اوچتو مجمعي مان پنيان بيٺل هڪ عام ماڻهو هٿ مٿي کنيو ۽ چيائين: "مان روحانيت جو ٻيو ڪنارو ڏسڻ جو خواهشمند آهيان پر توهان ته هينئر جو هينئر وڃي رهيا آهيو..... ان ڪري مان اڄ واندو ناهيان. سڀاڻي منهنجي پٽ جي شادي آهي ان ڪانسواءِ هڪ ٻه ٻيا ضروري ڪم آهن..... جنهن ڪري في الفور ته مان توهان سان گڏ نه ٿو هلي سگهان پر..... توهان اها مهرباني ڪيو مون کي ڪجهه سمجهائي وڃو. جيئن ئي مون کي مناسب وقت مليو مان ٻئي ڪناري تي پهچي توهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس....."

اها رڳو ان همراهه جي ڪهاڻي ناهي. هر ماڻهو موزون وقت جي ڳولا ۾ آهي. موزون وقت ڪڏهن به ناهي ايندو. هر ڪو سڀاڻي ۾ جيئڻ چاهي ٿو.

ياد رکو! سڀاڻي ڪڏهن به ناهي ايندو. ائين ڪڏهن ناهي ٿيو..... سادي ڳالهه آهي ته فالتو..... شين کي انتظار ۾ رکڻ بيوقوفاڻي حڪمت عملي آهي..... جيڪو ڪجهه ٿيڻو هوندو آهي. هميشه "اڄ" ۾ ٿيندو آهي.

هڪ صحيح قسم جي تعليم ماڻهن کي حال ۾ جيئڻ سيکاريندي هن ڌرتيءَ کي سورڳ (بهشت) بنائڻ سيکاريندي. اهو انوکو تجربو آهي جو جيڪڏهن ڪو انسان ائين جيئي ٿو جڻ هو اڳ ۾ سورڳ (بهشت) ۾ پهچي چڪي آهي..... ته موت ان همراهه جي تجربي سبب ڪائنس ڪجهه به ناهي کسي سگهندو.

منهنجي سوچ اها آهي ته توهان کي تعليم ڏجي ته سورڳ (بهشت) هيءُ جهان ئي آهي. مٿي ڪو سورڳ (بهشت) ڪونهي ۽ خوش ٿيڻ لاءِ اڳوات ڪنهن تياري جي ضرورت ڪانهي.

"محبت ڪرڻ لاءِ ڪنهن نظام..... ڪنهن قانون جي ضرورت ڪونهي. بس ٿورڙو چوڪس ٿورو سجاڳي..... ۽ ٿوري ڄاڻ/ آگهي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ضرورت هوندي آهي ۽ جي ڪا تعليم توهان کي ايترڙي به آگاهي نه ٿي ڏئي سگهي ته پوءِ اها تعليم ڪهڙي ڪم جي آهي."

جيڪڏهن اسان دنيا ۾ تعليم جو هڪ هوشمندانو نظام تخليق ڪري سگهون ته پوءِ مذهب جي ورهاست، ڪاري ۽ گوري جي وچ ۾ تفاوت بلڪل نه رهندو ۽ ائين دنيا ۾ جنگ، سياست ۽ مستقبل جي فڪرمنديءَ جو انسان ڇا هو رويو ختم ٿي ويندو.

جڏهن به مان ڪنهن سپاهيءَ کي ڏسندو آهيان ته مون کي پڪ ناهي بيهندي ته اهو ڪو دماغ به رکندو هوندو. ايستائين جو ڪو جانور به سپاهي ناهي بنجندو. انسان بظاهر هڪ دلچسپي رکي ٿو. قتل ڪيئن ڪرڻو آهي. وڌيڪ مهارت سان قتل ڪيئن ٿيندو آهي. قتل جا ڪهڙا هٿيار وڌيڪ موثر ثابت ٿين ٿا. پر هو صحيح تعليم توهان کي سيکاريندي ته ڪيئن انسانن جو وچايل گيت ڳولڻو آهي ۽ ڪيئن امن جو ناچ ڪرڻو آهي ۽ شرمائڻو آهي. زندگيءَ جون ننڍيون ننڍيون خوشيون ڪيئن ملهائڻيون آهن ۽ سموري ڪائنات ۾ مسرت جا رنگ پري ڇڏڻا آهن. جيستائين اسان ڄاڻون ٿا ته زمين واحد گرهه آهي، جتي ماڻهو محبت ڪري سگهي ٿو. جتي ماڻهو مراقبو ڪري سگهن ٿا. جتي ماڻهو ٻڌ بنجي سگهن ٿا. جتي سقراط ۽ لائوتزو جهڙا ماڻهو وجود رکي سگهن ٿا.

اسان ڏاڍا خوشقسمت آهيون ته هن ننڍڙي گرهه تي آهيون. هيءَ ڪائنات جي ننڍين گرهن مان هڪ گرهه آهي پر عظيم ستارا، لکين ڪروڙين تارا گڏجي به ڪنهن عيسيٰ يا آئن اسٽائن کي جنم نه ٿا ڏئي سگهن..... اها توکي ڳالهه آهي ته هن وسيع ۽ ڪشاده دنيا ۾ هستي صرف ننڍي گرهه تي ڪاميابيءَ سان هڪ ننڍڙو شعور ۽ هڪ مختصر زندگي تخليق ڪئي آهي. هاڻ اهو اسان جي هٿ ۾ آهي ته اسان هن ننڍڙي شروعات کان اڻچاتل بلندين تائين واڌ ويجهه حاصل ڪيون.....
جيڪو انسان جي اندر ۾ لڪل خفيه امڪان آهي ۽ جيڪو هر انسان جو پيدائشي حق به آهي. انسان کي تاريخ جي چند چاڻ ڪرڻي پوندي اسان کي ان مان سمورن غلط ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻو پوندو ۽ پنهنجي ٻارن کي ان سانچي ۾ گهتجڻ کان بچائڻو پوندو ته انسان جنگين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ويڙهاندن، مقابلن، حرص ۽ حوس ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ڪندو رهيو. اسان کي ٻارن کي اها تعليم ڏيڻي پوندي ته ڇا ٺيڪ وارو آهي نه..... پر ڇا ٺيڪ آهي..... ماضي نه پر مستقبل.....

انهن ڪتابن کي پڙهائڻ ۾ ايترو وقت ڇو ڏيان ڪجي جن جو حقيقي وجودي زندگيءَ ۾ ڪو ڪارج ڪونهي. ۽ ڇو نه ٿا ٻارن کي محبت، جيئڻ جي ڍنگ، هستي جي معنيٰ، زندگي جي فن، خوشيءَ سان گڏ موت جي تياري، خاموشي ۽ مراقبي جي ڇو نه تعليم ڏجي.

اهو سڀ ڪجهه جيڪو جوهري حيثيت جو مالڪ آهي، ان جي رڳو ڪوٽ آهي ۽ اهو سڀڪجهه جيڪو جوهري حيثيت جو مالڪ ناهي ۽ اهو مڪمل طور تي احمقاڻو ۽ مڙهيل آهي.

ماڻهو چون ٿا تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجائي ٿي.

تاريخ ورجاءُ ناهي ڪندي. اها اسان جي بيوقوفي آهي جو اسان هر نسل کي هڪ ئي شيءِ جي تعليم ڏيندا آهيون..... ويچارن ٻارن کي جنگ جو هيروز جي پيروي تي مجبور ڪيو ويندو آهي، جيڪي حقيقت ۾ هيرو نه مجرم آهن. رڳو اڪيلي چنگيز خان ئي فوجن سان گڏجي چار ڪروڙ ماڻهن کي قتل ڪيو هو. بهتر اهو آهي ته اهڙن جنونين جي نالن کي نصاب مان خارج ڪيو وڃي..... ٻارن کي هستي ۽ خوبصورت شيءِ جي ڄاڻ ڏيو..... ته جيئن اُهي ان ڪان واقف ٿي وڃن ته جيڪو ڪجهه خير هوندو آهي اهو ئي عين فطري هوندو آهي ۽ هر شر حادثاتي هوندو آهي..... اهو ته شر ظاهر ناهي ٿيندو..... شر ڪڏهن به وقوع پذير ناهي ٿيو. جڏهن ته وري خير مطلق نارمل هوندو آهي.

ٻڌ ٿيڻ ڪا ائبنارمل ڳالهه ڪانهي، هر ٻار کي اها تعليم ڏيڻ گهرجي ته ٻڌ هجڻ هڪ نارمل مظهر/لقاءُ آهي. هر اهو ماڻهو جيڪو پاڪيزه ۽ ذهين آهي سو ٻڌ بنجندو..... ڇا توهان ٻڌ بنجڻ لاءِ راضي آهيو؟

تعليم ۽ تعليمي نظام ۾ عظيم ترين انقلاب آڻو پوندو..... ٻي صورت ۾ انسان تاريخ کي ورجائيندو ئي رهندو.

ياد رکو! عام ڌرم ۽ حقيقي ڌرم ۾ اهو فرق آهي ته هندوئن جي چوڻ موجب جيڪو تبديل ٿيندڙ آهي..... ظاهر ۾ آهي..... اهو مايا آهي ۽ جيڪو ڪڏهن به تبديل ناهي ٿيندو ۽ مستقل هوندو آهي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي ويندو. تڏهن ئي توهان مڪمل طور تي پاڻ کي ترڪ ڪري سگهندؤ. ۽ جڏهن توهان پاڻ کي مڪمل طور تي ترڪ ڪيو ٿا ته بصيرت اُڀري ٿي. تڏهن ئي توهان ڄاڻڻ جا اهل ٿيو ٿا..... انا سان گڏ توهان ڄاڻي نه ٿا سگهو..... رڳو لاانائيت ۾ ئي، هڪ گهري پاتال ۾ ئي، انا جي عدم موجودگيءَ ۾ ئي آگهي اڀرندي آهي..... تڏهن توهان هڪ آرسي بڻجي پئو ٿا. انا جي هوندي توهان هميشه تعبير ڪيو ٿا. خواهش رکو ٿا. سچ کي نه ٿا ڄاڻي سگهو. انا سان گڏ توهان سچ تائين پهچ نه ٿا حاصل ڪري سگهو. توهان مغالطي ۾ رهو ٿا. توهان جي غلط تشريحن سبب هر شيءِ غلط ٿي ويندي آهي..... ۽ جڏهن توهان ناهيو هوندا ته سچ ظاهر ٿي پوندو آهي. ڪجهه آهيو..... توهان کي ان جي تشريح تائين پهچڻو آهي. لاذات جي تبديل نه ٿيندڙ تبديليءَ جي تفهيم. اها ڪا نوس ناهي..... اها ته روان آهي..... هڪ درياءَ جيان. تڏهن ئي توهان هڪ آرسي هوندا آهيو. هڪ پاڪيزگي هوندا آهيو..... تڏهن ڪو به گڙٻڙ ڪرڻ وارو ناهي هوندو. ڪو غلط تعبير ڪرڻ وارو ناهي هوندو. ڪو منتشر ڪرڻ وارو ناهي هوندو..... هستي جيئن آهي تيئن توهان ۾ ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي. هستيءَ جو اهڙي قسم جو عڪس ئي سچ آهي.

جيڪڏهن توهان مستقل ئي چاهيو ٿا ته پوءِ پل پر به زنده نه رهي سگهندؤ. جيڪو پنهنجي زندگي پاڻ جيئي ٿو سچائيءَ سان جيئي ٿو. جيڪو به زندگي مان صحيح معنيٰ ۾ لطف اندوز ٿئي ٿو اهو هميشه مرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هو هميشه دنيا کي ڇڏڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ جيڪو به دنيا ڇڏڻ کان خوفزده هوندو آهي، اهو زندگي مان لطف اندوز ناهي ٿي سگهندو. حقيقت ۾ موت جو خوف موت جو خوف ناهي هوندو پر اهو ته خواهشن جي اڌ ۾ رهجي وڃڻ، اڃارو ۽ تاسارو عدم آسوده رهجي وڃڻ جو خوف هوندو آهي.....!

توهان مرڻ وارا آهيو ۽ توهان زندگيءَ جي وسيلي سان ڪو به تجربو ناهي ڪيو..... نه بلوغت نه ارتقا..... نه گلن جي برسات..... خالي هٿ توهان آيا هئو..... ۽ خالي هٿين وڃي رهيا آهيو..... بس اهو ئي هوندو آهي خوف.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جيڪو خوشيءَ سان زنده رهيو هوندو آهي، اهو مرڻ لاءِ به تيار هوندو آهي. هن جي آمادگي ڪو جبري رجحان ناهي هوندو. جڏهن به ڪو گل ٽڙندو آهي ته ان جي خوشبو هستي جي لامحدود پاسن تائين پهچي ٿي. توهان به زندگي ۾ گل جيان رهو..... صبا سان گڏ ٽڙو..... ناچ ڪيو. رقص ڪيو. سج اُڀرڻ جو نظارو ڪيو..... ائين شام تائين آسودگيءَ جو ڏينهن گذري وڃي ٿو ۽ گل شام جو مرجهائڻ لاءِ..... ڌرتي تي ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي واپس وڃڻ لاءِ. قرار حاصل ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ اهو عمل هميشه خوبصورت هوندو آهي..... جڏهن توهان گهڻو جيءَ چڪا آهيو ته پوءِ قرار خوبصورت هوندو آهي..... اها ئي ڳالهه آهي گل ته بس زمين تي ڪري پوندو آهي ۽ سمهي پوندو آهي..... اوڏانهن ڪا به ڇڪتاڻ ناهي هوندي. ڪا ذهني اذيت ناهي هوندي ڪا آهه..... ناهي هوندي..... خواهش سان چنبڙڻ جي ڪا جدوجهد ناهي هوندي. توهان زندگيءَ سان ان ڪري چنبڙيل آهيو جو توهان جي زندگي اڻ مڪمل، اڻ آسوده آهي.

پوپ اٽليءَ ۾ عيسائي خاندانن جي صلاحڪارن جي قومي ڪنوينشن ۾ جنس تي تقرير ڪئي. هن شادي کان پهرئين ۽ شادي کانسواءِ لڳ لاڳاپا رکڻ، حمل روڪڻ ۽ حمل ڪيرائڻ جهڙن موضوعن تي سخت نڪته چيني ڪئي..... هن چيو ته دنيا ۽ چرچ جي مستقبل جو دارومدار خاندانن تي ٻڌل آهي..... مون کي پوپ جي ان تقرير تي تبصرو ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

مون چيو "سڀ کان فرسوده شيءِ اڄ جي دؤر ۾ خاندان آهي. خانداني نظام جو وقت گذري چڪو آهي. هاڻ اهو انساني ارتقاءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي..... خاندان قومن، رياست..... چرچ..... هر هڪ گندي شيءِ..... جو هڪ ايڪو هوندو آهي. ان لاءِ مان خاندان بجاءِ ڪميون جي تعليم ڏيان ٿو. ڪميون خاندان جو متبادل آهي.

هڪ بار ڪي هڪ عورت يعني ماءُ، هڪ مرد يعني پيءُ پروان چڙهائن ٿا. جيڪڏهن ٻار پٽ هوندو ته ماءُ سان محبت ڪندو جي ڌيءُ هوندو ته پيءُ سان محبت رکندو. اهو ثابت ٿيل نفسياتي مامرو آهي ته پٽ جي شعور تي سموري عمر ماءُ جي شخصيت ۽ ان جون خاصيتون


Scanned by CamScanner

نقش رهنديون آهن. هاڻ هو سموري عمر اهڙي عورت کي ڳوليندو رهندو جيڪا هن جي ماءُ جهڙي هجي يا ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي هجي..... ٻئي پاسي وري ڇوڪريءَ سان اهو مسئلو هوندو آهي ته هو اهڙو محبوب ڳوليندي رهندي آهي، جيڪو هوبهو ان جي پيءُ جو عڪس هجي. ۽ اهو ناممڪن هوندو آهي. اُهي ڪڏهن به پنهنجي ڳولا ۾ ڪامياب نه ٿا ٿين..... اهو ئي سبب آهي جو سڀ محبتون ناڪام ٿين ٿيون..... انهن کي ناڪام ٿيڻو ئي آهي. بلڪل شروع کان ئي اسان شين کي اهڙي ترتيب ڏيون ٿا جو محبت ڪامياب نه ٿي، ٿي سگهي. توهان ڀلا پنهنجو ماءُ يا پيءُ ٻيهر ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهو؟!

اهو ته ناممڪن آهي.

سو ياد رکو ته!

جيڪڏهن هيءُ نام نهاد خاندان موجود رهيو ته توهان دنيا ۾ محبت کي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿا ڪري سگهو ۽ محبت ڪانسواءِ برڪت ۽ سعادت حاصل ٿيڻ مشڪل آهي..... محبت ڪانسواءِ ته دنيا ۾ ڏک ئي رهڳو اسان جي نصيب ۾ هوندا.....! سماج ۾ شاديءَ جو خاتمو ٿي چڪو آهي. اهو هاڻ هڪ بيٺل، جامد ادارو آهي. اهو گلاب جي ٻوٽي جيان واڌ ويجهه نه ٿيو حاصل ڪري. اڄ جيڪڏهن هيءُ گلن سان ڀريل آهي ته سڀاڻي اهي سمورا گل مرجهائجي چڪا هوندا. اڄ جيڪڏهن سائو آهي ته سڀاڻي پن ڇڻڻ شروع ٿي ويندا. هيءُ سمورا موسم ڏسندو، سمورا مزاج، سمورا جهڳڙا..... سموريون دشمنيون هيءُ هر تبديلي لاءِ موجود هوندو. پر پاڻ زندگيءَ سان گڏ تبديل ٿيڻ جو اهل نه هوندو.....

جڏهن ته انسان کي روان دوان وڌيڪ مڪمل، وڌيڪ صحتمند، وڌيڪ محبت جي قابل ٿيڻ جي ضرورت آهي.

انهن ماڻهن کي ضرور هيءَ ڳالهه نه وڻندي..... جيڪي شاديءَ کان اڳ لڳ لاڳاپن جي خلاف آهن.

پر اها هاڻ غير منطقي ڳالهه آهي، جيستائين مرد يا عورت شاديءَ کان اڳ ۾ پاڻ ۾ ناتا نه ڳنڍيندا ان وقت تائين زندگيءَ جي صحيح ساٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي چونڊ ناممڪن آهي. بس اهو هڪ سادو مظهر آهي! جيستائين توهان پنهنجي زندگي ۾ ڪوڙ سارن مردن/ عورتن جو تجربو نه ٿا ڪيو اوستائين سلي چونڊ نه ڪري سگهندؤ ته ڪهڙو بهتر رفيق آهي؟

جڏهن ته سماجي روايتون ڪنهن کي به شادي کان اڳ ۾ ڪو ناتو ڳنڍڻ جي اجازت نه ٿيون ڏين..... اُهي سڀ پهرئين نظر ۾ محبت جا قائل آهن.....! جيڪا ڳالهه رڳو هڪ بڪواس آهي. وري اُهي ئي ماڻهو چوندا آهن ته محبت انڌي هوندي آهي.

حقيقت ۾ شاديءَ کان اڳ لڳ لڳاپا هڪ سائينٽيفڪ مظهر/ لقاءَ آهن. ان جي اجازت هجڻ گهرجي. ان کي انساني حقن ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اهو هر انسان جو بنيادي حق هجڻ گهرجي ته هو شاديءَ کان پهرئين محبت ڪري، پيار جا ناتا ڳنڍي سگهي.

جڏهن توهان ڪيترين ئي عورتن کي آزمائي چڪا هوندؤ تڏهن ئي توهان صحيح ساٿي جي چونڊ ڪري سگهندؤ. تڏهن توهان ان ڳالهه جي اهل ٿيندؤ ته توهان لاءِ ڪهڙي قسم جو مرد/عورت موزون آهي. مان شاديءَ کان اڳ ۾ لڳ لاڳاپن جو حامي آهيان..... ان ڪانسواءِ ماڻهو چرين جيان هوندو آهي. مان شاديءَ کان اڳ ۾ تعلقاتن جو مخالف ناهيان جيڪي ماڻهو مخالف آهن، حقيقت ۾ اُهي اڻ سڌيءَ طرح توهان کي ملڪيت پسندي جي تعليم ڏئي رهيا آهن. اُهي حمل روڪڻ جي به خلاف آهن...... حقيقت ۾ حمل روڪڻ جو عمل سموري انساني تاريخ ۾ انسان تي وارد ٿيندڙ عظيم رحمت آهي. اهو عظيم ترين انقلاب آهي. حمل روڪڻ وارن طريقن جي ايجاد کان وڏيڪ عظيم انقلاب ڪو بيو ڪونهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته حمل روڪڻ وارن طريقن جي ڪري ئي عورت مرد جي برابر ٿي وئي آهي..... رڳو حمل روڪڻ وارن طريقن جي ڪري ئي عورت اهي سمورا حق رکي سگهي ٿي، جن جي لاءِ مرد هميشه رڳو پاڻ لاءِ دعويدار رهيو آهي. نه ته عورت هميشه حاملا هوندي هئي.

هونئن عورت ڪنهن ڪمارخاني ۾ ڪم نه ڪري سگهندي هئي. اُفين نه وڃي سگهندي هئي. ڊاڪٽر نه بنجي سگهندي هئي. اها پروفيسر نه بنجي سگهندي هئي..... وڌ کان وڌ هوءَ گهريلو عورت بنجي


Scanned by CamScanner

رهندي هئي ۽ ان جو سادو مطلب آهي گهريلو ملازمه ۽ ائين هڪ عورت جي سموري زندگي رڳو ٻار ڄڻي ختم تي ويندي هئي.

ماضيءَ ۾ عورت جو ڪم رڳو ٻار پيدا ڪندڙ فيڪٽري جهڙو رهيو آهي.

چوڏنهن سالن جي عمر کان عورت ٻار ڄڻڻ شروع ڪندي هئي ۽ مرد جيستائين چاهيندو هو هن کان ٻار ڄڻائيندو هو. هڪ درجن..... ٻه درجن ٻار ته معمول جي ڳالهه هئي.

عورت جي غلاميءَ جو بنيادي سبب به اهو ئي هو. ڇاڪاڻ ته جڏهن گهڻا ٻار ڄڻڻ سبب عورت ڪمزور ۽ بيمار رهندي هئي ته مرد تي وڏيڪ پارڻو پوندو هئس. سماجي، معاشي تحفظ جي لحاظ کان عورت مڪمل طور مرد تي انحصار ڪندي هئي.

مان حمل روڪڻ وارن طريقن جو حامي آهيان..... انهن کي وسيع پئماني تي استعمال ڪرڻ گهرجي..... والدين ۽ اسڪول ڪاليجن کي گهرجي ته اهي ٻارن کي حمل روڪڻ جا طريقا سيکارين ته ڪيئن انهن کي استعمال ڪجي ته جيئن جنس سماج ۾ رڳو تفريح جو ذريعو بڻجي وڃي. اها پنهنجي سموري سنجيدگي وڃائي ڇڏي ۽ تڏهن ئي عورت مڪمل طور آزاد تي سگهندي. حمل روڪڻ وارن طريقن کانسواءِ عورت مرد جي غلام رهڻ تي مجبور آهي ۽ ائين اڌ انسانيت غلام آهي.

حمل..... اسقاط (ائبارشن) جي خلاف دنيا ڇو آهي؟ جڏهن ته انهن مان گهڻا روح جي لافانيت جي ڳالهه ڪن ٿا ته پوءِ حمل جي ائبارشن جي خلاف ڇو آهن ۽ حمل روڪڻ سبب جيڪو توهان ڪيو اهو هيءُ آهي ته توهان ڪنهن روح کي جسم ۾ داخل ٿيڻ نه ٿا ڏيو. روح ڪنهن ٻئي جسم کي ڳولڻ لڳي ٿو جيڪڏهن هن زمين تي نه ته ڪنهن ٻي ڌرتيءَ تي ڇاڪاڻ ته سائنسدانن جو چوڻ آهي ته ڪائنات ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه هزار گرهه آهن. گرهن جو اهو گهٽ ۾ گهٽ تعداد آهي. جن تي زندگي موجود آهي تي سگهي ٿو ته اهو تعداد اڃان به وڌيڪ هجي..... سو هن گرهه تي نه ته ڪنهن ٻئي گرهه تي روح جو وڃي جسم حاصل ڪرڻ ٺيڪ آهي! ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هن جي هر شيءِ عوامي هئي. هن وٽ اها واحد شيءِ ذاتي بچي هئي. هو پاڻ سان ٻيو ڇا پئي ڪري سگهي..... ان لاءِ هن آپگهات ڪري ڇڏيو.

عوامي شخصيتون ان لاءِ آپگهات ڪنديون آهن ڇاڪاڻ ته خودڪشي جي ذريعي انهن کي ذاتي حقيقت جو جلوو ڏسڻ جو موقعو ملندو آهي..... ته هو پاڻ ڇا آهن؟

اهو سڀ جيڪو حسين آهي داخلي هوندو آهي ۽ داخلي جو مطلب آهي نجي/ذاتي. ڇا توهان ڪڏهن عورتن کي محبت ڪندي ڏٺو آهي؟

اُهي هميشه پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏينديون آهن. انهن کي لاشعوري طور ان ڳالهه جو احساس آهي. اونده ۾ هر شيءِ گم ٿي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته توهان ويهي نه ٿا سگهو..... رڳو توهان ۽ حواس اُتي هوندا آهيو..... اهو ئي سبب آهي جو سمورين سٺين هوٽلن ۽ ريسٽورنٽس جي هال ۾ روشني مڌم رکي ويندي آهي..... انهيءَ پراسرار ماحول ۾ توهان گم ٿي ويندا آهيو. ميڻ بتين جي هلڪي روشنيءَ ۾ توهان وڌيڪ رومانوي ٿي ويندا آهيو. جيڪڏهن اتي هال ۾ تيز روشني هجي ته اهو لطف اهو مزو..... اها پراسراريت توهان کي نظر نه اچي. اکيون هر هڪ شيءِ کي عوامي بنائي ڇڏين ٿيون. پنهنجي اندر ۾ نهاريو. داخل ۾ گم ٿيو ته جيئن توهان جو ظاهر دولتمند ٿي وڃي ۽ مفلس نه رهي..... ۽ هميشه هيءَ ڳالهه ياد رکجو! جڏهن به توهان ڪٿ، اداسي ۽ مايوسي محسوس ڪيو ته..... توانائي جو سرچشمو توهان ۾ اندر موجود هوندو آهي.

اکيون ٻوٽي ڇڏيو ۽ پنهنجي اندر ۾ گم ٿي وڃو.

خارجي تعلقات به رکو..... گهمو ڦرو ڪاروبار ڪيو..... دوستيون رکو..... مصروف رهو..... پر هڪ پل..... هڪ گهڙي..... پنهنجي لاءِ ذاتي طور نجي طور بچائي رکو..... ان پل اکيون ٻوٽيو. پنهنجي اندر ۾ نهاريو ۽ گم ٿي وڃو. پنهنجي ذات کي نه وساريو. مارلن منرو هڪ عوامي عورت هئي. ڪامياب، پر مڪمل طور تي ناڪام..... هوءَ پنهنجي شهرت ۽ ڪاميابي جي عروج تي هئي جڏهن هن خودڪشي ڪئي هئي. زنده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رهڻ لاءِ، جيئڻ لاءِ هن وٽ سڀڪجهه هو. ڪا ڪوٽ ڪانه هئي. توهان ان کان وڌيڪ حسن ۽ جمال، دولت ۽ ثروت، عزت ۽ شهرت ۽ زندگي جي لطف جو تصور به نه ٿا ڪري سگهو..... ان وٽ دنيا جي هر آسائش..... هر شيءِ موجود هئي..... ڪا به شيءِ گهٽ ڪانه هئي.

ها پر.....

هن وٽ ڪوٽ هئي.

پاڻ پنهنجي اندر ۾ ڏسڻ جي.

هن جو داخل، هن جو اندر

کوکلو هو..... خالي..... ۽ بس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

## باب پنجون

# محبت ۽ حسد

حسد توهان جي حوالي سان. ٻين جي حوالي سان ۽ وڏيڪ خاص طور تي سماجي ناتن جي حوالي سان. نفسياتي جهالت جو سڀ کان اهم قسم آهي.

ماڻهو سوچين ٿا ته اُهي ڄاڻن ٿا محبت ڇا آهي..... پر اُهي نه ٿا ڄاڻن..... ۽ محبت جي باري ۾ انهن جي غلط فهمي سبب ئي حسد جنم وٺي ٿو..... ماڻهو "محبت" مان مراد وٺندا آهن هڪ خاص قسم جي اجاره داري، ڪجهه ملڪيت پسندي. زندگي جي سادي حقيقت جي باري ۾ ڪنهن ڄاڻ ڪانسواءِ: ته جنهن پل توهان ڪنهن جاندار هستيءَ تي پنهنجي ملڪيت هجڻ جو حق ڄمايو ٿا ته جڙ ان کي قتل ڪري چڪا هوندا آهيو."

زندگي تي قبضو ڄمائي نه ٿو سگهجي. توهان ان کي مٺ ۾ بند نه ٿا ڪري سگهو. جيڪڏهن توهان ان کي پڪڙڻ چاهيو ٿا ته توهان کي پنهنجا هٿ کليا رکڻا پوندا. پر اهو معاملو صدين کان ابتڙ هلندو اچي ٿو. اهو اسان جي اندر ۾ ايترو پختو ٿي چڪو آهي جو اسان محبت ۽ حسد کي الڳ الڳ نه ٿا ڪري سگهون. اهي لڳ ڀڳ هڪ توانائيءَ ۾ بدلجي چڪا آهن. مثال طور توهان حسد محسوس ڪندا آهيو. جيڪڏهن توهان جو محبوب ڪنهن ٻيءَ عورت ڏانهن هليو وڃي. هاڻ توهان پريشان آهيو پر مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته جيڪڏهن توهان حسد محسوس نه ڪندؤ ته توهان وڌيڪ پريشانيءَ ۾ اچي ويندؤ..... تڏهن توهان چوندؤ ته توهان کي ان سان محبت ڪانهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته جيڪڏهن توهان محبت ڪيو ٿا ته توهان کي حسد محسوس ٿيڻ گهرجي..... حسد ۽ محبت پاڻ ۾ گڏجي چڪا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حقيقت ۾ اُهي ٻئي الڳ الڳ قطب آهن. اهو ذهن جيڪو حسد ڪري سگهي ٿو اهو ڪڏهن بہ محبت نہ ٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح جيڪو ذهن محبت ڪندو آهي اهو حسد نہ ٿو ڪري سگهي.

مسئلو ڇا آهي؟ توهان ڪي ان ڪي ائين ڏسڻو آهي ڇڻ اهو توهان جو سوال ئي ناهي..... ڪنهن ٻئي ماڻهو ان ڪي پڇيو آهي. اهو ڪنهن ٻئي جو مسئلو آهي. تہ جيئن توهان الڳ بيهي سگهو ۽ سموري بناوت ڏسي سگهو. حسد جو احساس شاديءَ جي ضمني پيداوار آهي.

جانورن ۽ پکين جي دنيا ۾ ڪو حسد ڪونهي..... ڪڏهن ڪڏهن محبوب لاءِ جهيڙو تہ ٿيندو آهي پر حسد ڪرڻ ڪان جهيڙو ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي. حسد جي گرفت ۾ اچڻ ۽ پنهنجي هٿان پنهنجي دل جلائڻ وڌيڪ خطرو هوندو آهي.

شادي هڪ هٿرادو ادارو آهي..... اهو فطري ناهي. ان لاءِ فطرت اهڙو ذهن مهيا ناهي ڪيو جو شاديءَ سان هم آهنگي پيدا ڪري سگهي. پر انسان اهو ضروري سمجهيو تہ محبت ڪرڻ ۾ ان جي وچ ۾ ڪنهن قسم جو ڪو قانوني معاهدو هجڻ گهرجي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ زندگي بذات خود خواب آهي. اها اعتماد جي قابل ناهي..... هيءُ هڪ پل هتي آهي ۽ ٻئي پل وڃي ڇڪي هوندي

توهان ايندڙ پل لاءِ تحفظ چاهيو ٿا، پنهنجي سموري مستقبل لاءِ تحفظ جا خواهان آهيو. اڃان توهان جوان آهيو. جلد ئي توهان پوڙها ٿي ويندؤ ۽ توهان چاهيندؤ تہ توهان جي زال/ توهان جو مڙس توهان جي پوڙهائپ ۾ توهان سان گڏ هجي. بيماريءَ ۾ توهان جي سار سنڀال ڪري پر ان لاءِ ڪجھ ناھ ڪرڻا پوندا آهن. جتي ڪو ناه..... معاهدو هوندو آهي اتي ضرور ڪو مسئلو بہ هوندو آهي.

اهو ناھ جيڪو انسانن ڪيو آهي مستقبل جي تحفظ لاءِ ايندڙ ڏينهن لاءِ يقيني ٿيڻ لاءِ، اها ضمانت حاصل ڪرڻ لاءِ تہ جي عورت توهان سان محبت ڪري ٿي اها هميشہ توهان محبت ڪندي رهندي اهو ڪو عارضي معاملو ناهي.....

اهو ئي سبب آهي جو مذهبي ماڻهو چوندا آهن تہ جوڙا آسمانن تي ٺهندا آهن. جيڪڏهن جوڙا آسمانن تي ٺهندا آهن تہ انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خوشبودار، تازو ۽ خوبصورت هجڻ گهرجي. پر اُهي يقيني طور تي بدنما ۽ بدصورت هوندا آهن...... اُهي تہ جهنم جا نظارا ڏيکاريندا آهن پر انسان شاديءَ جو خواهشمند هوندو آهي، ان جو سبب هيءُ آهي تہ اهو نجي ملڪيت جو واحد طريقو آهي. جانور ڪا بہ ذاتي ملڪيت ناهن رکندا..... اُهي سڀ ڪميونسٽ هوندا آهن ۽ انساني تاريخ ۾ ظاهر ٿيندڙ ڪميونسٽن کان وڌيڪ ڪميونسٽ هوندا آهن. انهيءَ ۾ پرولتاريا جي ڪا بہ آمريت ناهي هوندي ۽ انهن پنهنجي انفرادي آزادي بہ ناهي وڃائي پر اُهي ڪا بہ ذاتي ملڪيت ناهن رکندا. خود انسان بہ هزارين سالن تائين شاديءَ کانسواءِ رهيو آهي. پر اهو زمانو اهڙو هو جڏهن سماج ۾ ڪنهن بہ ذاتي ملڪيت جو رواج نہ هو. اهو انساني سماج جو شڪاري دؤر هو. ماڻهو شڪاري هوندا هئا ۽ هزارين سال اڳ جي انهن ماڻهن وٽ ڪو بہ سردخانو (ڪولڊ اسٽوريج) نہ هوندو هو. ڪا ٽيڪنالاجي نہ هوندي هئي. جيڪا بہ کاڌ خوراڪ هو گڏ ڪندا هئا، جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي ان کي ختم ڪرڻو پوندو هو. هو رڳو اميد رکي سگهندا هئا تہ ايندڙ ڏينهن ۾ ڪجهہ وڌيڪ خوراڪ کين ملي سگهندي. جيئن تہ ان دؤر ۾ ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو ان لاءِ اتي شاديءَ جو تہ سوال ئي نہ ٿي پيدا ٿيو. ماڻهو ڪميون/قبيلن ۾ رهندا هئا. ماڻهو محبت ڪندا هئا. نسلي واڌ ڪندا هئا پر ابتدائي زماني ۾ "پيءُ" لاءِ ڪو بہ لفظ نہ هوندو هو. لفظ "ماءُ" وڌيڪ قديم ۽ فطري آهي توهان کي اهو ڄاڻي حيرت ٿي ويندي تہ لفظ "چاچا" لفظ "پيءُ" کان وڌيڪ پراڻو آهي..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ سڀ ماڻهو توهان جي پيءُ جي عمر جا هوندا هئا..... توهان اهو ڄاڻندا نہ هئا تہ توهان جو پيءُ ڪير آهي..... مرد ۽ عورتون خوشيءَ سان ميل ميلاپ ڪندا هئا ۽ سواءِ ڪنهن جبر جي، سواءِ ڪنهن قانوني پابنديءَ جي رڳو ۽ رڳو پنهنجي آزادانہ ارادي ۽ رضا جي خاطر.....

جيڪڏهن اُهي ملڻ چاهيندا هئا ۽ گڏ هوندا هئا تہ اتي قبضي جو ڪو سوال ئي نہ هو. ٻارن کي اها خبر نہ هوندي هئي تہ سندن پيءُ ڪير آهي. اهي تہ رڳو پنهنجي ماءُ کي ئي سڃاڻيندا هئا ۽ اُهي پنهنجي قبيلي جي ڪيترن ئي ماڻهن کي سڃاڻيندا هئا..... انهن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

به جنت يا جهنم. ڪنهن به ديوتا يا شيطان ۾ دلچسپي نه رکندي هئي. ڪنهن به عورت ڪو مذهبي صحيفو ناهي لکيو. ڪا به عورت تجريدي. ويچهي ۽ پري وارين شين تي غور ڪندڙ فلسفي ناهي رهي.

عورت جو شعور هميشه آسپاس ۾ دلچسپي رکندو آهي..... هوءَ هڪ خوبصورت گهر پسند ڪندي آهي. خوبصورت باغ پسند ڪندي آهي..... هوءَ پنهنجي هڪ ننڍڙي دنيا تخليق ڪرڻ چاهيندي آهي. گرم، پرآسائش، هن کي هڪ خاص صفت ڏني وئي آهي. هوءَ مٿل جاءِ کي زنده گهر ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي..... ان وٽ هڪ جادوئي قلب ماهيت هوندي آهي..... انسان شڪار ڪرڻ جاري رکيو ۽ عورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو. مرد وٽ ته وقت ئي ڪونه هو. هو سواءِ ڪنهن ڪم جي به هر وقت مصروف رهندو هو پر عورت وٽ وقت تمام گهڻو هو. شڪار جو بنيادي ڪم مردن جا ٽولا سرانجام ڏيندا هئا ۽ عورت آسپاس نهاريو. اٿين هن گهرجي پرسان ئي کاڌ خوراڪ لاءِ زراعت کي ڳولي ورتو. ان جو سبب هيءُ آهي ته هن جهنگلي ميون ۽ اناج جي واڌ ويجهه جو مشاهدو ڪري ورتو هو. هن ڏٺو ٻج ڦٽي ٿو. ان ٽئي ٿو گل ڦٽن ٿا. گل مان ميوا ٿين ٿا ۽ وري ٻج ٿئي ٿو. هن ٽيسٽ ڪرڻ شروع ڪيو ته ڪهڙي شيءِ کائڻ جي قابل آهي ۽ ڪهڙي ناهي. آهستي آهستي شڪار به گهٽجڻ لڳو ۽ پوءِ مرد به عورت سان متفق ٿيو ته:

اسان کي پنهنجي سموري معاشي توجهه تبديل ڪرڻي پوندي..... اسان کي زراعت ڪرڻي پوندي. زراعت سبب آهستي آهستي خانه بدوش قبيلا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. اٿين شڪار جو دؤر ختم ٿي ويو ۽ زراعت انسان جي بقا جو وسيلو بڻجي وئي. انهيءَ سان گڏ هڪ نئين ڳالهه ظاهر ٿي.

ماڻهن جي ٽولن ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا هئا جيڪي طاقتور هئا. ڪجهه ڪمزور هئا. اُهي ماڻهو جيڪي جسماني لحاظ کان طاقتور هئا. اُهي وڏيڪ زمين تي پنهنجي وارثي هجڻ جا دعويدار بڻجي ويا..... آهستي آهستي آڙهت يعني مٿاسٽا جو سسٽم شروع ٿي ويو. ان جو سبب هيءُ هو ته هڪ شيءِ توهان وٽ گهڻي هجي ۽ ٻي شيءِ جي ضرورت هجي ته پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان ڇا ڪندؤ؟ ائين اناج شين جي مٽاسٽا جو رواج پيو. ائين زندگي وڌيڪ پيچيده، وڌيڪ جوشيلي ۽ ولوله انگيز بنجي پئي.

ملڪيت سبب هڪ ٻيو مسئلو پيدا ٿيو ته هڪ ماڻهوءَ جي مرڻ وڃڻ ڪانپوءِ ان جي جائيداد جو وارث ڪير ٿيندو؟ ڪو به ماڻهو اهو نه پيو چاهي ته هن جي ملڪيت ۽ جائيداد ڪنهن ايري غيري نٿو خيري کي وراثت ۾ ملي هو چاهيندا هئا ته انهن جي ملڪيت ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ملي جيڪو سندن پنهنجو رت هجي. اها ملڪيت هئي پر محبت ۽ سڪ نه هئي جو شادي وجود ۾ آئي..... شاديءَ جو سبب ملڪيت جو تحفظ هو. ائين شادي جو جنم ٿي غلط هو. غلط رواجن سبب اها وجود ۾ آئي.

ائين مرد کي به شاديءَ سان متفق ٿيڻو پيو..... عورت ته انهيءَ شادي تي اُنهي سبب ڪري راضي هئي جو هن کي به تحفظ گهربل هو. شادي هڪ پاسي مرد کي ملڪيت جو وارث ڏنو ۽ عورت کي تحفظ فراهم ڪيو ته ٻنهي کي ڪجهه شين تان هٿ به ڪڍڻا پيا..... ڪجهه قرباني به ڏيڻي پئي..... پنهنجي گهمڻ ڦرڻ جي آزادي پنهنجا محبوب تبديل ڪرڻ جي آزادي..... ته مرد کي به پنهنجي آزادي جي قرباني ڏيڻي پئي..... ۽ ائين انهن کي هميشه هميشه لاءِ هڪ ٻئي جي لاءِ زندگي وقف ڪرڻي پئي.

پر اهو فطرت جي خلاف هو..... ڀل توهان ائين ڪرڻ جا خواهشمند هجو پر فطرت توهان جي تائيد نه ڪندي. فطرت ته آزاد هوندي آهي. ڪنهن قسم جي پابندي نه چاهيندي آهي.

ائين وري نوان مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا. مردن طوائفن جي ڳولا شروع ڪري ڏني. جيڪا ڪنهن هڪ جي زال نه هوندي هئي. جيئن چيو ويندو آهي ته طوائف سموري ڳوٺ جي زال هوندي آهي. طوائف ڪنهن جي به ٿي سگهي ٿي..... اها ته وڪري واري شيءِ هوندي هئي. توهان کي پئسا ادا ڪرڻا هوندا آهن ۽ توهان ان جو وقت ۽ جسم خريد ڪري وٺندا آهيو. شادي جي ڪري ڪنهن شادي شده عورت جي دستيابي ڏکي هئي. چاڪاڻ ته انهيءَ صورت ۾ ڪجهه وڌيڪ مونجهارا پيدا ٿي پوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان اهو ڄاڻي حيران ٿي ويندؤ ته هندوستان جي هر شهر ۾ هڪ اعليٰ ترين طوائف هوندي هئي. اها ان شهر ۾ جنم وٺندڙ سڀ کان حسين ڇوڪري هوندي هئي. جيئن ته هوءَ تمام گهڻي خوبصورت هوندي هئي. جيڪڏهن ان جي شادي ڪنهن هڪ شخص سان ڪئي وڃي ها ته مسئلا کڙا ٿين ها. ماڻهو ان جي محبت ۾ گرفتار ٿين ها ۽ جهيڙو ٿئي ها. بهتر اهو هو ته هوءَ مرد لاءِ آزاد هجي يا وري جيڪو هن جي قيمت ادا ڪري سگهي ائين شادي شڪ ۽ بدگماني کي جنم ڏنو. مڙس هميشه مشڪوڪ رهي پيو ته ان عورت جا ٻار هن جو اولاد آهن يا نه. مسئلو اهو هو ته پيءُ ڪنهن به طريقي سان اهو ڄاڻي نه پيو سگهي ته ٻار هن جو پنهنجو آهي. جيئن ته مرد وٽ يقين جو ڪو رستو ڪونه هو. ان لاءِ هن عورت جي چوڌاري ديوارون ۽ رڪاوٽون بيهارڻ شروع ڪيون..... اهو واحد طريقو هو. ان لاءِ عورت کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪيو ويو تعليم کان روڪيو ويو. مرد عورت جي ترقيءَ جي هر امڪان کي پاڙ وٽان ڪٽي ڇڏيو هو..... هوءَ بس هاڻ رڳو ٻار پيدا ڪندڙ ڪارخانو هئي. دنيا جي ڪنهن ثقافت عورت کي مرد جي برابر ناهي سمجهيو. چيني ثقافت جهڙيون ثقافتون آهن. جن عورتن ۾ روح جي هئڻ جي تصور کي به رد ڪيو آهي..... عورت هڪ مشين آهي روح کانسواءِ.

چين ۾ توهان پنهنجي زال کي قتل ڪري سگهو ٿا. ان خلاف ڪو قانون موجود ڪونه هو. زال توهان جي ملڪيت هئي. جيڪڏهن توهان ان کي تباهه ڪرڻ چاهيو پيا ته ان کي روڪڻ جي ذميواري نه هئي. سموري دنيا ۾ عورت مجبور رهي آهي، جيترو گهڻو هو جبر جي زد ۾ رهي آهي اوتروئي هن جي توانائي تلخي جو شڪار ٿيندي رهي آهي...... عورت جي جذبن کي هر موقعي تي دٻايو ويو آهي ۽ ان دٻاءَ جي نتيجي ۾ هن جي سموري جي سموري انفراديت، حسد جي مظهر ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي..... هوءَ مستقل طور تي خوفزده رهندي آهي ته ڪٿي هن جو مڙس ڪيس ڇڏي نه ڏئي..... هوءَ اڻ پڙهيل آهي. معاشي طور ڪمزور آهي..... مرد جي تحفظ جي محتاج آهي.....!

هندستاني صحيفا چون ٿا ته: "ڇوڪريءَ کي ننڍپڻ ۾ تحفظ ڏيڻ پيءُ جو ڪم آهي. جوانيءَ ۾ مڙس کي عورت جي حفاظت ڪرڻ


Scanned by CamScanner

گهر جي. پوڙهائپ ۾ پٽ کي ماءُ جي سار سنڀال ڪرڻ گهرجي..... عورت کي جمڻ کان مرڻ تائين مرد پنهنجي تحفظ ۾ رکندو آهي..... ائين عورت مرداڻي شائونزم خلاف بغاوت به نه ٿي ڪري سگهي. پوءِ هوءَ جيڪو ڪجهه ڪري سگهي سو هيءُ ته هوءَ نقلي سهارا ڳولڻ شروع ڪندي آهي. حسد ڪرڻ لڳندي آهي. جڏهن به ڪو مرد ڪنهن ٻي عورت جي محبت ۾ مبتلا هوندو آهي ته هن جي اندر ڀرتين عورت جي لاءِ ڪا شيءِ تبديل ٿي ويندي آهي. هاڻ اُهي ٻئي وري هڪٻئي لاءِ اجنبي بڻجي ويندا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪا پل ناهي هوندي. عورت سوچيندي آهي هن کي اڳ غلام رکيو ويو هو ۽ هاڻ وري ترڪ ڪيو پيو وڃي. هن جي سموري جي سموري زندگي ڏک ۽ اذيت جو گهر آهي. انهيءَ ڏک ۽ اذيت جي احساس مان حسد جنم وٺندو آهي. حسد ڪمزور ماڻهوءَ جي ڪاوڙ هوندي آهي..... جيڪو ماڻهو ڪجهه ڪرڻ تي قادر ناهي هوندو پر اندر ئي اندر ۾ ٿڪجي رهيو هوندو آهي. اهو سموري دنيا کي ساڙڻ، ٻارڻ چاهيندو آهي پر سواءِ روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ جي ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي ۽ ساڙيلو ۽ بدمزاج ٿي پوندو آهي. اها صورتحال ان وقت تائين برقرار رهندي جيستائين شادي عجائب گهر جو سينگار نه ٿي بڻجي. سماج کي شادي جي ڪا ضرورت ڪانهي..... ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن فائديمند رهي هجي..... پر هاڻ اها فائديمند نه پر عورت کي غلام رکڻ جو هڪ بهانو آهي. شين کي مختلف رخن کان سمجهي سگهجي ٿو پر ماضي ۾ وڃڻ جو ڪو فائدو ناهي.

غلط هجي يا صحيح. ماضي جي باري ۾ هڪ ڳالهه سٺي آهي ته اهو باقي نه ٿو بچي.

جيستائين حال ۽ مستقبل جو لاڳاپو آهي ته شادي مڪمل طور اڻ لاڳاپيل آهي. انساني ارتقا سان غير هم آهنگ آهي ۽ سمورن قدرن جي ضد ۾ آهي..... جن کي اسان گهڻو پسند ڪيون ٿا..... هي آزادي، محبت مسرت.....!

جيئن ته مرد عورت کي مڪمل طور تي قيد رکڻ چاهي پيو ان ڌرم جي ڪتابن ۾ هن کي جهنم کان ڊيڄاريو ۽ جنس جي لالچ ڏني ته جيئن عورت مرد جي جوڙيل قانون جي پابند ۽ اطاعت گذار رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

شاديءَ جو خاتمو زمين تي هڪ عظيم ۽ خوشي سان ڀرپور واقعو هوندو..... شاديءَ جي واپسي سبب عورت کي ان جي انفراديت واپس ملي ويندي ۽ ڪو به ماڻهو عورت کي ذاتي ملڪيت جيان قبضي هيٺ نه رکندو.

عورت کي ڪنهن مرد سان ان ڪري محبت نه ڪرڻ گهرجي ته ڪو مرد هن جو مڙس آهي ۽ هو سندس طلب جو حق رکي ٿو. منهنجي خيال ۾ جڏهن به ڪا عورت ڪنهن مرد سان ان ڪري محبت ڪري ٿي ته اها سندس مجبوري هئي ته پوءِ اها طوائفيت آهي..... پرچون (ريٽئل) نه پر هول سيل آهي!

ان ڪري پرچون ريٽئل بهتر هوندي آهي. ان سان توهان کي تبديلي جو موقعو ته ملي ٿو..... اها هول سيل جي طوائفيت خطرناڪ آهي.

ياد رکو! ڪا به عورت ڪنهن هڪ مرد لاءِ ناهي ٺهي ۽ نه ڪو مرد ڪنهن عورت لاءِ مخصوص آهي. توهان کي موقعو ملڻ گهرجي ته سماج مان پنهنجي مرضيءَ سان تجربا ڪري پنهنجو رفيق ڳوليو.

توهان کي پهرئين لڳ لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ گريجوئيشن ڪرڻي پوندي. پنهنجي ڪاليج ۾ پنهنجي يونيورسٽي ۾..... توهان کي هڪ اڌ لاڳاپا قائم ڪرڻ کپن. توهان کي ڪنهن به مرد/ عورت جي چونڊ ۾ تڪڙو فيصلو نه ڪرڻ گهرجي..... شادي جي جلدي نه ڪرڻ گهرجي..... دنيا ڏاڍي وسيع آهي. هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن منفرد صفت ۽ خوبصورتيءَ جو مالڪ هوندو آهي. جيئن ئي توهان ڪجهه لڳ لاڳاپا وڌائيندؤ ته توهان کي خبر پوندي ته ڪهڙي قسم جي عورت/مرد توهان جي لاءِ وڌيڪ موزون آهي. مرد عورت وچ ۾ دوستي ضروري آهي. آقا يا غلام نه پر برابريءَ جي بنياد تي دوست ۽ دوستي جي لاءِ شادي ضروري ناهي. چاڪاڻ ته دوستي هر حال ۾ اعليٰ ۽ متاهين هوندي آهي. توهان ان لاءِ حسد محسوس ڪندا آهيو جو حسد توهان کي ورثي ۾ مليو آهي. مون سان گڏ هلندي توهان کي ڪوڙ ساريون شيون بدلٽيون پونديون. ان لاءِ نه جو مان چوان ٿو پر ان لاءِ جو سماج جي هڪ وڏي تبديلي ۽ انقلاب جي ضرورت آهي.

مثال جي طور تي سموري دنيا ۾ اهو تصور ڦهليل آهي ته جيڪڏهن ڪو مڙس ڪنهن ٻي عورت ڏانهن ويو ته ان جي شادي تباهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي ويندي، اهو تصور مڪمل طور تي غلط آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن هر شادي ۾ هڪ ويڪ اينڊ وانگر هجي ته اهو توهان جي تعلق کي وڏيڪ مضبوط بنائي ڇڏيندو. ان جو سبب هيءُ آهي ته توهان جي آزادي ان سان متاثر نه ٿي ٿئي. مذهبي پيشوا ۽ اخلاقيات پسند اڳ ۾ ئي ڪجهه تصور گهڙي ونن ٿا. اُهي خوبصورت آدرش تشڪيل ڏين ٿا. ۽ پوءِ اهو تصور توهان مٿان مڙهي ٿا ڇڏين. مان حقيقت پسند آهيان. منهنجو ڪو آدرش ڪونهي. منهنجي نظر ۾ حقيقت کي سمجهڻ ۽ حقيقت سان گڏ گڏ هلڻ ڪنهن به ذهين مرد يا عورت لاءِ واحد صحيح رستو آهي.

منهنجي سوچ هيءُ آهي..... ۽ ان جو بنياد هزارين تجربن تي ٻڌل آهي..... ته شادي اهڙي سخت شيءِ نه هجڻ گهرجي پر ان کي نرم ۽ لچڪدار رهڻ گهرجي. بلڪل دوستيءَ جي ناتي جيان..... دوستي اها هوندي آهي جو توهان جي زال گهر اچي اها ڳالهه ڪري سگهي ته اڄ هوءَ هڪ خوبصورت نوجوان سان ملي آهي. ۽ توهان به ان کي ان عورت جي باري ۾ ٻڌائي سگهو جنهن سان توهان اڄ مليا آهيو. اهڙي قسم جي جذبن لاءِ بس ٿورو افهام ۽ تفهيم جي ضرورت آهي.

دوستيءَ جو تعلق ڪنهن ڌرم يا اخلاقيات سان هوندو. بس ٿورو برداشت جوڳي ذهانت ۽ رويي جي ضرورت آهي.

توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ته مرد يا عورت ڪيڏو به خوبصورت هجي جلد يا دير اهو توهان جي حواس تي ٻوجهه بنجڻ لڳندو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته پهرئين ملاقات ڪانپوءِ رڳو ورجاءُ هوندو آهي..... مرد توڙي عورت جي جاگرافي هميشه ساڳي آهي. هر مرد توڙي عورت پوءِ رڳو ورجاءُ ٿيندو رهي ٿو..... هميشه ساڳو منظر هوندو آهي.

انسان جو هيءُ ذهن يڪسانيت لاءِ ناهي ٺهيو نه ئي هڪ عورت مرد لاءِ ٺهيو آهي.

گهڻائي جي خواهش فطري آهي.

جيترو توهان محبت ۽ عورت جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻندا آهيو اوترو محبت ۽ عورت کي وڌيڪ گهرائپ سان سمجهڻ لڳو ٿا..... جيترو مرد عورت کان واقف ٿيندو ۽ جيترو عورت مرد کي ڄاڻندي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اها صحيح طور تي مڙس جي خدمت ڪري سگھندي ۽ مرد به زال کي خوش رکي سگھندو.....

عورت ۽ مرد، جي هڪ ٻئي کي سمجھي وٺن ته پوءِ حسد جو تصور ئي نه رهندو.....

مرد/عورت فطري طور آزاد آهي. شادي آزاديءَ کي پابند ڪري ٿي. سماج ۾ حسد ان وقت تائين برقرار رهندو جيستائين شادي جي رسم سماج ۾ رهندي

رڳو انسان کي پنهنجي دل سان مڪمل ۽ مطلق آزادي ڏئي ڇڏيو.... هن کي ٻڌائي ڇڏيو ته ڪا به اخلاقيات ڪانهي. ڪجھ به لڪائڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪا به شيءِ لڪائڻ معنيٰ بي عزتي ڪرڻ هوندو آهي. ان جو مطلب آهي ته تون مون تي ڀروسو نه ٿو ڪرين. هر انسان کي اها آزادي هئڻ گھرجي ته هو دل جي جذبن جو کليو اظهار ڪري مرد/عورت کي اها آزادي هجي ته هو پنهنجي ساٿي آڏو پنهنجا سمورا جذبا کولي رکي، عورت کي جي ڪو ٻيو مرد وڻي ٿو مرد کي جي ٻي ڪا عورت پسند آهي ته ڪو عيب ڪونهي ........هڪ رات لاءِ ڪو فرق نه ٿو پوي جي توهان جو مرد ڪنهن ٻي عورت ڏانهن وڃي ٿو.

ياد رکو! اسان هڪ ٻئي لاءِ سڀ ڪجھ ڪنداسين پر اسان هڪ ٻئي لاءِ ڪڏهن به جيلر نه بڻجنداسين. آزادي هڪ خوشي آهي........مسرت آهي........ آزادي ڏيڻ....... آزادي حاصل ڪرڻ، هڪ خوشي آهي. توهان تمام گھڻي خوشي حاصل ڪري سگھو ٿا پر توهان ان سموري جي سموري توانائي کي مصيبت ۾ تبديل ڪري رهيا آهيو حسد ۾ ساڙي رهيا آهيو جنگ ۽ ويڙهه ۾ بدلائي رهيا آهيو. ٻئي کي مسلسل پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي خواهش ۾ پاڻ کي ضايع ڪري رهيا آهيو. اسان هڪ ثقافت جي موجب اهو هڪ سرڪس ٺاهي ڇڏيو آهي، اهو مختلف طريقن سان جاري آهي، مون کي اميد آهي ته پنهنجي زندگي ۾ توهان احمقانه راند جو حصو بڻجڻ کان پاسيرو ٿيندؤ.

اهو صفا سؤلو آهي ته جيڪڏهن توهان پاڻ کي پنهنجي جذبن کي سمجھو ٿا ته پوءِ پنهنجي زال جي جذبن کي به سمجھي سگھندؤ. ڇا توهان ٻيءَ عورت جا خواب نه ٿا ڏسو؟ حقيقت ۾ پنهنجي زال کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خواب ۾ ڏسڻ ڏکيو مسئلو آهي. ماڻهن پنهنجي خوابن ۾ گهٽ ئي پنهنجي زال/مڙس کي ڏسي سگهندو آهي پر ٻئي جي زال کي وڌيڪ ڏسندو آهي........توهان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي ته ڪجهه به هجي اسان هڪ غلط سماج جوڙي رکيو آهي. هڪ اهڙو سماج جيڪو انساني فطرت جي خلاف آهي.

بيوقوف ۽ احمق ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن شيءِ جي تبديلي تي زور ناهن ڏيندا پرذهانت تبديلي گهرندي آهي. ذهانت ....... تبديلي جو ساٿ لازم ۽ ملزوم جهڙو آهي.

ياد رکو! تبديلي جو مطلب آهي،توهان کي ڪا شيءِ سڪٽي پوندي. بيوقوف ڪنهن شيءِ کي رڳو هڪ پيرو سڪندو آهي سموري عمر انهي تي گذاري ڇڏي ٿو. ...... اها ڪا شيءِ تي سگهي ٿي.......ڪا زال ٿي سگهي ٿي...... ڪو مڙس ٿي سگهي ٿو........احمق کي ان سان ويچار ڪونهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي.......ڪير آهي.......يا ڇو آهي؟ توهان هڪ عورت کي ڄاڻي چڪا آهيو ان جي ڪاوڙ........ خوشي........“ ٻين عادتن جا عادي ٿي ويا آهيو....... نه رڳو عادي آهيو پر ڪن حالتن ۾ ان جا نشئي ٿي چڪا آهيو ۽ ڪڏهن جي توهان جي زال توهان کي دڙڪا نه ڏئي ته اها رات توهان ننڊ ناهيو ڪري سگهندا........ڇا ٿيو آهي. ڪهڙي غلطي ٿي آهي؟ توهان پريشان رهو ٿا.

پر ماڻهو جڏهن محبت ڪن ٿا هڪ ٻئي سان کلي ڳالهائڻ کي پنهنجي عادت بنائي ڇڏين ٿا ته انهن جو تعلق هميشه ترقي ڪندو رهندو. موسم ۾ وڌيڪ گل ٽڙندا........ وڌيڪ خوشيون تخليق ٿيندو....... بس ماٺ ۾ رڳو اکين ۾ اکيون وجهي چپ ڪري ويهڻ به ڪافي هوندو آهي.

پر اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسان محبت جي پراڻن تصورن کي ڌڪاري ڇڏيون........دوستيءَ کانسواءِ هر شيءِ غيرفطري هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شادي تي عدالت جو ٺپو لڳل هجي ته دوستي اتي پڻ انهيءَ ٺپي هيٺان قتل ٿي ويندي آهي........توهان محبت کي قانون جي حڪمرانيءَ هيٺ نه ٿا آڻي سگهو........محبت ته آزادي آهي........دوستي آزاد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# غير مشروط محبت

لاڳاپن ۾ هوش منديءَ جو صرف ۽ صرف هڪ امڪان هوندو آهي، ته جيئن اهي ڪمتري يا برتري جي الزام ۾ تبديل نه ٿي وڃي، ته جيئن اهيساديت، مساعيت پسندانه تشدد ۾ نه تبديل ٿي وڃي ۽ اهو واحد امڪان رڳو هڪ غير مشروط محبت جي موجودگيءَ ۾ ٿيندو آهي. محبت عظيم ترين ڪيميا آهي.

اها گهڻيا ڌاتوئن کي سون بنائي ڇڏيندي آهي. توهان جا جزا هڪ ئي آهن......جيستائين جن جو تعلق آهي ته گوتم ٻڌ ۽ ڪو قاتل مختلف ناهن هوندا......جيستائين انهن جي داخلي امڪانن جو تعلق آهي ته گوتم ٻڌ ۽ ......ڪنهن قاتل ۾ ڪو فرق ناهي هوندو......" اهو ان ڪري آهي جو انسان رڳو هڪ طرفي مشين ناهي.

ماڻهو هڪ جهتي......هڪ پاسائو ناهي هوندو نه ته ائين هن جي سموري جي سموري دنيا شديد بي ڪيف هجي ها. ماڻهوءَ جي سموري ڳولا ۽ جستجو بنيادي طور تي هستيءَ سان يڪجائپ لاءِ هوندو آهي......دوئي...... ڌاريائپ...... عليحدگي، تڪليف ۽ ايذاءُ پهچائيندڙ هوندي آهي. اسان پنهنجي هين محبت جي لاڳاپن ۾ به ننڍڙي پئماني تي انهيءَ ايڪائي جا ڳولائو هوندا آهيون.

ڪنهن عورت سان محبت ۾......ڪنهن مرد سان محبت ۾......ڪنهن دوست سان محبت ۾......ڪنهن تخليقي سرگرمي ۾......رقص، موسيقي، شاعري سان محبت ۾......اسان هستيءَ سان هڪ خاص قسم جي هم آهنگي تلاش ڪري رهيا آهيون. اسان جي صورتحال ان ننڍي ٻار جيان هوندي آهي جيڪو جهنگ ۾ پنهنجي ماءُ کي وڃائي چڪو هوندو آهي ۽ ان کي ڳولي رهيو هوندو آهي. اهو ڄاڻڻ کانپوءِ ته ڪيڏانهن ويڃڻو آهي، اها صورتحال استحصال ڪندڙن کي هڪ رستو ڏسندي آهي. ان بي وسي ۽ ويچارگي کي اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ماڻهو استعمال ڪندا آهن جيڪي طاقت ۽ اقتدار جا مالڪ هوندا آهن. اهي ماڻهو جيڪي زر ۽ دولت ۽ سرمائي جا مالڪ هوند اآهن. ويچارگي توهان کي غلام بنائي ڇڏيندي آهي. انحصار ڪندڙ........ آڌار رکندڙ بنائي ڇڏيندي آهي.

ان لاءِ سمورن مذهبن مخصوص پروگرام تيار ڪري رکيا آهن........ مان آسودو آهيان........ ڪا شيءِ منهنجي تجربي ۾ اضافو نه ٿي ڪري سگهي........ اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو مون سان گڏ هوندا آهن اهي ڪا به ڪمتري، ڪا به کوٽ محسوس نه ڪندا آهن.

ڪو به گهٽ ڪونهي، ماڻهو مختلف ماڻهن، مرتبن تي گهٽ ٿي سگهن ٿا پر نه ڪو ماڻهو ڪمتر آهي نه ئي ڪو برتر آهي. سڀ ماڻهو هڪ ئي شيءِ مان ٺهيل آهن. پوءِ پل ڪيئن ٿو ڪو گهٽ ۽ ڪو وڌ ٿي سگهي. اسان هڪ ئي هستي سان واسطو رکون ٿا، اسان جون پاڙون هڪ ئي هستي ۾ وڌن ويجهن ٿيون. هستي گناهه گارن توڙي نيڪ ماڻهن جي وچ ۾ نه ته ڪو فرق رکندي آهي نه امتياز........ منهنجي سوچ ته وجودي آهي.

ان لاءِ ماڻهو نه ته برتر آهي، نه ئي ڪو ماڻهو ڪوڪمتر آهي، فطري طور تي اسان انهيءَ گهٽ وڌائي جي فرق کي مٽائي ڪنهن به قسم جي فاشسٽ ذهين ۽ فاشسٽ شخصيت جي امڪان کي مٽائي رهيا آهيون........ ان جو سبب هيءَ آهي ته منهنجي نظر ۾ اهو تصور ڪرڻ به ناممڪن آهي ته ڪو فاشسٽ ڪڏهن مهذب به ٿي سگهي ٿو.

جڏهن ته توهان جا سمورا مذهب اڳواڻ فاشسٽ ۽ جنوني آهن، اهي ماڻهو سچ جي ڳولا ناهن ڪري رهيا، اهو سوچيندا آهن ته انهن کي اڳ ۾ ئي حاصل ڪري ورتو آهي........ پراڻن وهمن جي اندر........ جڏهن ته اهي پاڻ به ڄاڻندا آهن ته پاڙون حقيقت ۾ ناهن. بصيرت جي توڙ جي شفافيت سبب اهي سمورا انداز مٽي ويندا آهن جن سان اهي سمورا حق پيدا ٿيا آهن. هتي مون سان گڏ چاهي ڪير به هجي، مرد هجي يا عورت........ ڪارا هجو يا گورا........ ان جي ڪا اهميت ڪانهي، ڪو به ماڻهو ان تي غور نه ڪندو........ اهو ئي ڪافي آهي ته توهان هڪ انسان آهيو........ توهان کي اها آزادي آهي ته توهان


Scanned by CamScanner

محبت کي بطور خوراڪ تصور ناهي ڪيو ويو پر اها خوراڪ جو نهايت نفيس قسم آهي ۽ هاڻ نفسيات جي ماهرن نتيجو ڪڍيو آهي تہ جيڪڏهن ٻار کي هر ضروري شيءِ ملي....... سمورا ڪيميڪل....... سمورا هارمونز غذا، ورزش، تازي هوا....... آرام....... هر اها شيءِ جيڪا زندگي ۾ ضروري آهي .......پر پوءِ بہ هو ٽن کان ڇهن مهينن جي عرصي ۾ مري ويندو جيڪڏهن هن کي ڪو محبت ڪندڙ ماڻهو نہ ملي تہ هو محسوس ڪندو آهي تہ زندگي محبت کانسواءِ جيئڻ جي قابل ڪونهي، هو سوڙهو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ مري ويندو آهي ۽ سموري دنيا ۾ اهڙن تجربن دوران هزارين جانور مري چڪا آهن.

عام طور تي هو سمجهيو ويندو آهي تہ اهڙا تجربا پهرين جانورن تي ٿيڻ گهرجن جيستائين اسان محفوظ اصولن کي ڳولي نہ ٿا لهون، انسانن کي انهن تي لاڳو نہ ڪيون. اهو آهي اهو تصور جيڪو عوام تي حاوي آهي.......ايستائين جو ميڊيڪل پروفيشن جا ماڻهو.......بہ ان ڳالهہ تي يقين رکندا آهن پر سچ تہ ان کان گهڻو مختلف آهي.

آمريڪا ۾ سينيٽرن جو هڪ گروپ ٻن سالن تائين جاچ ڪندو رهيو تہ ٻہ سؤملين ڊالر ڪاٿي ۾ تہ لڪيل آهن پرخرچ ڪٿي ٿيا سا خبر ڪانهي.......ڪابينا کي ان جي ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي، صدر بہ ڪا ڄاڻ نہ ڏئي سگهيو هو شڪ اهو هو تہ آمريڪا جي حڪومت جيڪا هن وقت سڀ کان وڏو دهشتگرد آهي، ان رقم کي وچ آمريڪا جي ڪنهن ملڪ جي دهشتگرد کي ڏنو آهي.

ٻہ سوملين ڊالر گوريلن کي ڏنو ويو وچ آمريڪا جي هڪ ننڍڙي ملڪ کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهو ملڪ ڪميونسٽ ٿي ويو هو.......نيٺ ڪافي دٻاءُ کان پوءِ آمريڪي صدر ان ڳالهہ کي قبول ڪيو تہ "ها اها دولت ڪميونسٽن کي برباد ڪرڻ لاءِ خرچ ڪئي وئي هئي."

حڪومت جي ذميواري ماڻهن کي دهشتگردن کان بچائڻ هوندو آهي پر هتي حڪومتون خود دهشتگردي ڪري رهيون آهن.

مون سمورن مذهبن جي محققن کي پڙهيو آهي.......مون سمورين پارٽين جي سياسي لٽريچر کي پڙهيو آهي......." مان حيران رهجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ويو آهيان تہ اهي ڪوڙ جا ڍير مٿان ڍير لڳائي رهيا آهن ۽ سموري جي سموري انسانيت سمهي رهي آهي.نہ رڳو ايترو تہ ڪو ماڻهو اعتراف نہ ٿو ڪري پر ڪو ماڻهو انهن مٿان ڪوڙو هئڻ جو الزام بہ نہ ٿو ڏئي.

هتي توهان مون وٽ هڪ خاص مقصد لاءِ گڏ ٿيندا آهيو سچ جي ڳولا......محبت جي خالص ترين روپ جي ڳولا......اهڙي زندگي جي ڳولا جيڪا بي انتها خوشيءَ جو ناچ هجي.

دنيا ۾ ڪٿي بہ ماڻهو ان مقصد لاءِ ناهن گڏ ٿيندا. هو وڌيڪ نفرت کي جنم ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن......اهي وڌيڪ جنگيون پڙڪائڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن......اهي انساني زندگيءَ ۾ وڌيڪ تباهہ ڪندڙ سرگرمين کي جنم ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن. فطري طور تي اسان هڪ بيمار چريئي سماج جا مالڪ آهيون.

مون وٽ هت اهو ناممڪن آهي تہ ڪا ڪمتري يا احساس برتري محسوس ٿئي.

مون توهان کي رڳو هڪ شيءِ جو قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ "گيان توهان جي فطرت آهي، اها ڪا حاصل ڪرڻ واري شيءِ ناهي، اها تہ پيدائشي طور توهان جي اندر ۾ موجود آهي، جيڪو ڪجهہ بہ توهان کي ڪرڻو آهي...... اهو ئي آهي تہ ان جي تخليق ناهي ڪرڻي......پر پنهنجي اندر ۾ لڪل زندگيءَ جي رازن کي بي نقاب ڪرڻو آهي. جنهن پل توهان پنهنجي اندر جي روشني کي محسوس ڪرڻ لڳندا آهيو توهان جو سمورو انداز بدلجڻ لڳندو آهي، توهان انسانن لاءِ مهربان ٿيڻ لڳندا آهيو پل پوءِ اهي غلط ڪم ئي ڇو نہ ڪري رهيا هجن........ "......توهان انتهائي خوشي......ولولو محسوس ڪندؤ زندگي ۾........ پل پوءِ توهان وٽ خوشي ملهائڻ لاءِ ڪا شيءِ هجي بہ يا نہ......خوشي ڪرڻ لاءِ ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي هوندي......رڳو بهانو......منهنجي سالگرهہ تہ هڪ بهانو هئي.

جيڪڏهن توهان خوشيون ملهائڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ توهان کي هزارين بهانا ملي سگهن ٿا.اها تہ توهان جي زندگي آهي، چاهي ڪجهہ بہ ٿي وڃي توهان جي اها تخليق هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۽ انهن جي ماضيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيندس. جڏهن ته هو اڳ ۾ ئي ماضيءَ سان رابطو ڪٽي چڪا آهن. هو رڳو اميد جي خلاف اميد رکيو ويٺا آهن ته سمورو ڪچرو ڪٽي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته اسان صدين کان ان جي سون جيان عزت ڪندا آيا آهيون ۽ هاڻ ان کي رستي پيل ڪچري ڏانهن اڇلائيندي اسان جي انا مجروح ٿي ٿئي. ۽ ان مان اهو ثابت ٿيو ته صدين کان انا غلط ڪندي پئي اچي.

هڪ سنياسي لاءِ خوف مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ضروري هوندو آهي..... ڇاڪاڻ جيستائين ڪو خوف مان ڇوٽڪارو حاصل نه ٿو ڪري ان مان نجات حاصل ڪري نه سگهندو ۽ ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ سمورو بوجهه سمورو وزن، سمورو گند ڪٺو پوندو آهي. توهان جي سموري توانائي مئل کي کڻڻ تي ضايع ٿي ويندي آهي.

ٿورو تصور ڪيو توهان پنهنجي باري ۾ ته توهان پنهنجي ابن ڏاڏن توڙي سموري پيڙهي کي پٺن تي کڻي رکيو آهي ۽ ميرين ڊرائيو ڏانهن وڃي رهيا آهيو. ڇا ان حالت ۾ توهان ميرين ڊرائيو تائين پهچي سگهندؤ؟! ڇاڪاڻ ته ماڻهو توهان جي پٺيان لامحدود حد تائين هوندا آسمان کي ڇهندڙ عمارتون (اسڪائي اسڪريپرز) ننڍڙا ننڍڙا رانديڪا. وزن ايترو گهڻو هوندو جو توهان کي ترڪن جي مدد وٺڻي پوندي ۽ ائين توهان جي سموري زندگي انهن مرده ماڻهن کي کڻڻ تي ضايع ٿي ويندي.

اسان سڀ انهن کي کنيو ٿا هلون. اهو ئي سبب آهي زندگي سنجيده، وزني، ڀري، ٿڪل ۽ بي رس خشڪ آهي. نه ته ٻيو ڪو سبب ڪونهي توهان ڀاڙهن گلن سان گڏ ساوا ستابا هجو.

هوڏانهن ڪنهن پيٺ، ڪنهن مقابلي جي ضرورت ڪانهي. زمين تي موجود سمورا ماڻهو بادشاهه ڇو نه بنجي ويا؟ ڪهڙو مسئلو آهي؟ اهو دنيا جي تفهيم جو مسئلو آهي..... جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي سمجهو ٿا ته پوءِ دنيا کي سمجهڻ ڏکيو ناهي. اها ته سڀ کان سادي شيءِ آهي ۽ جيڪڏهن هڪ ڀيرو اهو توهان سمجهي ورتو ته بادشاهه بنجڻ توڙي غلام بنجڻ توهان جي پنهنجي هٿ ۾ آهي ته پوءِ ڪير آهي جيڪو غلام بنجڻ پسند ڪندو. جڏهن توهان پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سموري توانائي ڪنهن اهڙي شيءِ جي تخليق تي لڳائي ڇڏيو جيڪا توهان کي اطمينان بخشي، جيڪا توهان کي گهرو احساس ڏئي. اهو احساس تہ توهان هتي غير ضروري طور تي ناهيو. توهان ڪجهه حصو ادا ڪيو ادا ڪيو آهي. توهان دنيا کي ٿورو وڌيڪ خوبصورت بنايو آهي. توهان هن ۾ ڪجهه وڌيڪ گلن جو اضافو ڪيو آهي.

جيڪڏهن هر ماڻهو ڪجهه وڌيڪ گلن جو واڌارو آڻي تہ هيءُ سموري دنيا ٻيهر باغ ۾ تبديل ٿي ويندي. وڙهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي..... توهان کي ڪنهن ماڻهوءَ جي سامهون سقوط (سرينڊر) ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ مان توهان کي اهڙي شيءِ ڏئي رهي آهيان. جيڪا احساس برتري کان بلند آهي. مان توهان کي منفرد ماڻهو بنائي رهيو آهيان.

منفرد ماڻهن، غير مشروط محبت ڪندڙ ماڻهن جي تخليق جو ذريعو مراقبو آهي..... ۽ مراقبو ڇا آهي؟ مراقبو هڪ اهڙي حالت هوندي آهي، جنهن ۾ مطلق خالي پڻ وجود رکندو آهي. اتي ڪنهن بہ شيءِ جو امڪان ناهي هوندو. ڪو بہ فلسفي ڪڏهن مراقبو ناهي ڪندو. فلسفي تہ غور ۽ فڪر ڪندو آهي. مراقبي جو سادو مطلب آهي ماٺار..... خاموشي..... دل جي ۽ ذهن جي مطلق ۽ غير مشروط ماٺار جڏهن تہ هڪ سوتر بہ گڙٻڙ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي..... سوتر سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي. قول، پهاڪو ڏاهپ جي ڳالهہ.

**پهريون قول:** ڪامياب ماڻهو اهو آهي جيڪو ايتري دولت ڪمائي جو ان جي زال اها خرچ نہ ڪري سگهي.

**ٻيو قول:** ڪامياب عورت اها آهي جيڪا اڻ ڪٽ دولت رکندڙ مڙس حاصل ڪري

**ٽيون قول:** حاسد ماڻهو هميشہ پنهنجي خواهشن کان وڌيڪ حاصل ڪندو آهي.

**چوٿون قول:** ڪجهه ذهن ڪنڪريٽ جهڙا هوندا آهن..... مليل جليل ۽ سخت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

**پنجون قول:** زندگيءَ جو پهريون اڌ سواءِ موقعي جي لطف اندوز ٿيڻ تي ٻڌل هوندو آهي، ٻيون اڌ سواءِ صلاحيت جي موقعي تي ٻڌل هوندو آهي.

**ڇهون قول:** جيڪو ماڻهو اهو قبول ڪري وٺي ته هو غلطيءَ تي هو، اهو ماڻهو ڏاهو هوندو آهي.

**ستون قول:** امير ته امير ٿيندو ويندو آهي ۽ غريب ٻار پيدا ڪندو آهي.

**اٺون قول:** اڌڙوٽ عمر اها هوندي آهي جنهن ۾ آرام وڌيڪ هوندو آهي پر ٿڪ گهٽ.

**نائون قول:** جيستائين توهان دنيا ۾ اندر نه لهندؤ ان جي گهرائپ کي ماپي نه سگهندؤ.

**ڏهون قول:** نيڪي پنهنجي سزا پاڻ هوندي آهي.

**يارهون قول:** جڏهن انسان ايترو عقلمند ٿي ويندو آهي جو هو پنهنجي پيرن جو مشاهدو ڪري سگهي ته ان وقت تائين هو ايترو ضعيف ٿي چڪو هوندو آهي جو پير ڪٽي نه سگهندو آهي.

**ٻارهون قول:** هوش مندن جي پناهه گاهه هن دنيا ۾ خالي رهندي توهان ان ۾ ويندؤ ڪونه! توهان هن دنيا سان تعلق رکو ٿا.

**تيرهون قول:** جيڪو ٿلهي پيٽ سبب پريشان ناهي ٿيندو اهو مشڪل سان ئي ڪنهن مصيبت ڪان پريشان ٿيندو آهي.

ياد رکو! جيڪا شيءِ توهان کي روشني تائين..... ڪنهن نتيجي تائين پهچائي سگهي ٿي اها سوچ ويچار نه پر مراقبو آهي.

مراقبي جو سادو مطلب آهي خالي پڻ..... ان سان توهان جي آگهي جي سموري توانائي توهان ڏانهن ئي رخ رکندي آهي. توهان جي ڪنهن ڪوشش ڪانسواءِ ۽ آگهي جي توانائي جو توهان جي مرڪز ۾ هجڻ ئي زندگي جو حتمي ۽ انوکو تجربو آهي.

- پنهنجي اندر ۾ ڏسڻ مراقبو آهي.....
  اندر جو خاص مشاهدو..... اکين جو

هڪ سؤ اسي ڊگري تي اندر ڏانهن مڙڻ سان توهان گهر تائين پهچي ويندا آهيو. هڪ قدم به ناهي کڻڻو پوندو ۽ ان جو سبب هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آهي تہ توهان ڪيڏانهن وڃو ٿورئي پيا توهان تہ رڳو هتان ڪي هتي ئي اڇي رهيا آهيو توهان تہ پهرئين ڪان ئي اتي آهيو جتي توهان جو هجڻ ضروري آهي..... رڳو توهان آگاهہ ناهيو..... واقف ناهيو. ان ڪري مراقبو آگاهيءَ کي..... مشاهدي کي..... چؤڪسي کي..... دير کي دعوت ڏئي ٿو..... پر اهو سوچڻ ناهي هوندو غور ۽ فڪر سوچڻ ئي هوندو ڪو بہ فلسفي ڪنهن اهڙي نتيجي تي ناهي پهتو جيڪو زندگي جي هن حتمي فيصلي کي سلجهائي ڇڏي تہ ”مان ڪير آهيان.“

ذهن جي معدوميت توهان جي پنهنجي باري ۾ آگهي جي شروعات آهي. اهو شعور جو اعليٰ ترين درجو هوندو آهي ۽ جيستائين ڪو انسان انهيءَ کي حاصل نہ ٿو ڪري وٺي اهو ڄڻ پنهنجي زندگي ضايع ڪري رهيو هوندو آهي. هو بس نالي ۾ زنده هوندو آهي. هو تہ نباتات جهڙو هوندو آهي. تي سگهي ٿو هو ڪا امير ياڇي هجي. هو چون ٿا تہ هتي ٻاڇين جا رڳو بہ قسم آهن گل گوبي بند گوبي. بند گوبيءَ جي ڊيري اڻ تعليم يافتا ماڻهن تي ٻڌل هوندو آهي ۽ گل گوبي اها بند گوبي هوندي آهي، جيڪا سوين ڪاليج جي پڙهيل ماڻهن تي ٻڌل هوندي آهي پر انهن ۾ ڪو فرق گهٽو ناهي هوندو.

جيڪڏهن توهان حقيقي جيون جيئڻ چاهيو ٿا تہ ۽ وڻ ٻوٽن جيان نہ ٿا جيئڻ چاهيو تہ مراقبو اڪيلو رستو آهي ۽ مراقبي جو مطلب آهي ذهن نہ پر ماٺار.....! حقيقي زندگيءَ جي راهہ مراقبو آهي ۽ مراقبي جو رستو محبت آهي..... غير مشروط محبت!

محبت ڪان خالي دل هر وقت خوف ۾ وڪوڙيل رهندي آهي. ان جو مالڪ سوچيندو آهي دنيا جلد ئي فنا ٿي ويندي. هو سوچيندو آهي مان ڇا ٿو ڪري سگهان!

لفظ ذميواريءَ کي مستقل طور تي غلط استعمال ڪيو پيو وڃي اهو هڪ بوجهہ جو احساس ڏئي ٿو.

توهان کي اهو ڪرڻو پوندو. اهو هڪ فرض آهي. جيڪڏهن توهان ان کي نہ ٿا ڪيو تہ توهان کي خطا جو احساس ٿيندو. مان توهان کي ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ لفظ ”ذميواري“ انهن مان ڪا بہ معنيٰ نہ ٿو رکي. ان لفظ کي ٻن حصن ۾ ورهايو. تہ پوءِ توهان بلڪل مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

معنيٰ جي جهان ۾ داخل ٿي وينديؤ. هڪ مختلف جهان ۾ پهچي وينديؤ. ذميواري وزن ناهي. نہ ئي قرض آهي. اها ڪا اهڙي شيءِ ناهي جيڪا توهان ڪي پاڻ تي جبر ڪري ڪرڻي پوندي آهي.

هن وقت بہ لفظ ياد رکڻ جهڙا آهن. هڪ "ردعمل" ۽ ٻيو "ذميواري" ڪوڙ سارا ماڻهو ردعمل ڪندا آهن. اُهي جواب ناهن ڏيندا. ردعمل توهان جي يادداشت مان ظاهر ٿيندو آهي. توهان جي ماضي جي تجربن مان توهان جي علم مان ايندو آهي. اهو هميشہ تازي ۽ نئين صورتحال ۾ ناڪافي ثابت ٿيندو آهي ۽ هتي تہ هر پل نئين هوندو آهي. سو جيڪڏهن توهان ماضيءَ جي مطابق عمل ڪندا آهيو تہ اهو ردعمل هوندو آهي پر اهو ردعمل صورتحال ڪي تبديل نہ ٿو ڪري. نہ اهو توهان ڪي تبديل ڪندو ۽ ائين توهان سخت ناڪامي جو شڪار ٿي وينديؤ.

جواب (ريسپانس) آهستي آهستي ٿيندو آهي. ان جو يادداشت سان ڪو تعلق ڪونهي. ان جو رابطو تہ توهان جي آگهي/ڄاڻ سان هوندو آهي. توهان صورتحال ڪي واضح طور تي ڏسي سگهو ٿا. توهان صاف آهيو ماٺ آهيو پرسڪون آهيو. ان سڪون ۾ ٻي ساختگيءَ سان عمل ڪندا آهيو. اهو ردعمل ناهي هوندو. اهو تہ عمل هوندو آهي. جيڪو ان کان اڳ ۾ توهان ڪڏهن ناهيو ڪيو هوندو. پر ان جي خوبصورتي اها هوندي آهي تہ اها صورتحال جي عين مطابق هوندي آهي. توهان لاءِ اهو ڄاڻڻ خوشيءَ جو سبب هوندو تہ توهان ٻي ساختا هجڻ جي اهليت رکو ٿا.

زندگي ٻي ساختگي آهي. ٻي ساختگي جو مطلب آهي موجود پل ۾ هجڻ. ان جو مطلب آهي آگهي/ڄاڻ سان عمل ڪرڻ. پر ائين قرآن کان هٽي ڪري عمل ڪرڻ. ماضيءَ جا ڏينهن تہ گذري چڪا..... اهي حالتون، اُهي تصور تہ مڪمل فرسوده ٿي چڪا آهن.

ڪمٽمينٽ (وفا، وابستگي) ضروري ناهي هوندي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ ڪمٽمينٽ لاءِ قديم هجڻ لازمي آهي. اها تازه پل سان هم آهنگ نہ ٿي ٿي سگهي. ڪمٽمينٽ ماضيءَ جي غلامي هوندي آهي. ۽ توهان عمل نہ ٿا ڪري سگهو. جيڪڏهن توهان جي دل محبت سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پريل آهي. شفقت سان معمور آهي. مراقبي سان لبريز آهي تہ عمل ظاهر ٿيندو. جڏهن عمل ظاهر ٿيندو تہ هڪ خوبصورت گل ٽڙندو آهي. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن اوهان پاڻ تي جبر ڪندا آهيو..... زبردستي مڙهيندا آهيو..... عمل نہ پر ردعمل ڪندا آهيو.

مان هن ڌرتيءَ جي گولي کي بچائڻ لاءِ ڪا ذميواري نہ ٿو کڻان..... مان ڪنهن ڪمٽمينٽ جو مالڪ ناهيان ۽ نہ مان ڪرڻ لاءِ ڪو عمل رکان ٿو. اُهي سڀ غير ضروري بوجھ آهن. موجود پل مان لطف اندوز ٿيو. پنهنجي شعور مان واڌ ويجھ حاصل ڪيو. بي ساختہ بنجو..... وڌيڪ رحمدل ۽ مشفق ٿيو. وڌيڪ محبت ڪندڙ بنجو..... پر ڪا بہ ڪمٽمينٽ ڪانهي. هن ڌرتيءَ کي بچائڻ جو ڪو فيون ڪونهي..... بس توهان ڪو خيراتي ڪم ٽورڻي ڪري رهيا آهيو. توهان تہ موجود پل مان لطف ماڻي رهيا آهيو. ماڻهن ۾ اوچتو خوشيون ورهائي، سندن غم گهٽ ڪري عمل جي بي ساختگي ٿي خوشي آهي. جيڪڏهن اسان گهڻن ماڻهن کي محبت ڪرڻ وارو خوشيون ملهائڻ وارو وڌيڪ بي ساخت بنائي سگهون ٿا تہ عالمي بحران کان بچي سگهجي ٿو. پر هن کي سنجيده نہ وٺجو. ياد رکو! جيڪڏهن هستي نہ ٿي چاهي تہ هيءَ زمين جو ٽڪرو باقي نہ رهي تہ پوءِ اسان ڪير ٿيندا آهيون هن کي بچائڻ وارا؟ روزانو سوين آسمان جا تارا خلا جي بليڪ هولز ۾ گم ٿي رهيا آهن. روزانو سوين ستارا وهائيٽ هولز مان جنم وٺي رهيا آهن. هڪ ڳالھ ياد رکو تہ جيڪا شيءِ پيدا ٿي آهي ان کي لازمي مرڻو بہ آهي هيءَ گرھ لڳ ڀڳ چار هزار ملين سالن کان موجود آهي. شايد هاڻ زمين پوڙهي ٿي وئي آهي. شايد هاڻ هن کي ڪا شيءِ نہ بچائي سگهي. هن کي آرام جي ضرورت آهي ۽ وڌيڪ خوبصورت ٿيڻ جي ايترو خوبصورت جو هستي هن کي تباھ ڪرڻ جو سوچي بہ نہ سگهي. هيءَ هڪ بوجھ آهي. اها هڪ ڪمٽمينٽ ناهي..... ۽ جيستائين هستي هن ڌرتي کي باقي رهڻ ڏئي ٿي هن مان لطف ماڻيو..... مزو وٺو. پنهنجي زندگي جي عمل، هر پل کي رس ڀريو بڻايو.

منهنجي خيال ۾ عالمگير گلوبل خودڪشيءَ کان بچاءُ جو اهو ئي رستو آهي. ماٺ ۽ مراقباتي هجڻ ئي ڪافي آهي. اهي توهان جي

معمولي سرگرمي کان وڌيڪ عظيم طاقتون آهن ۽ توهان جي خاموشيءَ سان تي سگهي ٿو ڪو اهڙو عمل ٿي پوي، جيڪو هن گرهه کي وڌيڪ روشن ۽ باوقار ناهي ڇڏي مان جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو اهو هيءُ ته هستي مٿان ثابت ڪري ڇڏيو ته هيءُ گرهه ايترو قيمتي آهي جو هن کي تباهه ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ بيوقوفي هوندي.

هستيءَ کي اهڙا ماڻهو آڻڻ لاءِ پنجاهه ملين سال لڳندا. ٻڌ ۽ لائوتزو جي شعور کي آڻڻ لاءِ ڇا توهان منهنجو مؤقف سمجهي ويا آهيو؟ هن کي ايترو قابل قدر بنائي ڇڏيو جو هستي پوئتي هٽي وڃي ۽ ان سڀ ڪجهه مواد کي تباهه ڪري ڇڏي جيڪو انسان عالمگير تباهيءَ لاءِ ٺاهيو آهي. مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته ٿڪ ڪنهن به ايٽمي ڌماڪي کان وڌيڪ طاقتور هوندا آهن.

سموري ڪائنات کي محبت سان ڀري ڇڏيو ۽ مان توهان کي چوان ٿو ته جيڪا دنيا محبت سان ڀريل هوندي اها ڪڏهن به جنگ جو فيصلو نه ڪندي، ڪنهن به عمل جي ضرورت ڪانهي.

اهي ماڻهو منهنجي توهين ڪندا آهن، جيڪي زندگيءَ جي داخلي راز کي نه ٿا سمجهن. اهي سوچن ٿا ته مان ماڻهن کي مراقبي جو چئي..... خاموش رهڻ جو چئي انهن کي بي عمل بنائي رهيو آهيان. اُهي نه ٿا ڄاڻن ته مان ماڻهن جي بي ساختگيءَ کي فعال بڻائي رهيو آهيان..... محبت سان..... حسن سان، برڪت ۽ سعادت سان..... هيءُ سڀڪجهه زمين جي تباهي ۾ عظيم تر رڪاوٽ ثابت ٿيندو.

ماٺ رهندڙ ماڻهو غير فعال يا بي عمل ناهي هوندو هن جون سموريون توانايون، بي ساختگي، محبت، ذميواري، خوشي، تخليقيت جي مڪمل طور تي نئين پاسي ڏانهن منتقل ٿي وڃن ٿيون ۽ سموري هستي ايتري قيمتي آهي جو هڪ تخليق جو اڻ ملهه احساس انسان ۾ ڀري ڇڏي ٿي. ڇا توهان کي ياد آهي جڏهن توهان هن دنيا ۾ موجود ڪونه هيئو ته..... ڇا توهان ڪاوڙ ۾ هئو؟ اداس هئو.....؟ ڇا توهان کي هن جهان ۾ جنم وٺڻ کان اڳ ڪا پريشاني، ڪو مسئلو ياد آهي؟ پنهنجي موت کان پوءِ به توهان ساڳي حالت ۾ هوندؤ جهڙو پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هستي خوبصورت آهي پر جيڪڏهن هيءَ گم ٿي وئي، جيڪڏهن سيائي ڪائنات اهو فيصلو ڪري ورتو ته ان کي گم ٿيڻ گهرجي ته پوءِ به توهان ان کي ضايع نه ڪندؤ..... توهان بهرحال هتي هوندؤ ئي ڪونه.....! سو توهان هن کي خوف نه بنايو. ذميواري ڪمٽمينٽ نه ٺاهيو..... اهو محسوس نه ڪيو ته توهان ننڍا آهيو..... ۽ ڇا ٽا ڪري سگهو؟ ڇاهي توهان ننڍا هجو يا وڏا توهان کي جيڪي به پل ميسر آهن توهان ان ۾ محبت ڪري سگهو ٿا رقص ڪري سگهو ٿا. خوشي ملهائي سگهو ٿا ۽ ائين بي عمليءَ مان عمل ثابت ٿيندو.

منهنجي هڪ دوست مون کي شرابخاني ۾ ملڻ جي دعوت ڏني. مون هن کي چيو ائين لڳي ٿو جڻ تون هن وقت به پيتل آهين؟ ان جو سبب هيءُ آهي ته اسان ته اڳ ۾ ئي شراب خاني ۾ آهيون.

هن جاءِ بابت اهو چئي سگهجي ٿو ته هيءُ اُلوهيت جي نشي ۾ مست ماڻهن جو ديرو آهي. انهن اُلوهيت جو شراب ايترو پي رکيو آهي جو هنن پنهنجي قوميت، مذهب، مندر..... چرچ سڀ ڪجهه وساري ڇڏيو آهي..... انهن کي اها خبر ڪانهي ته اصل ۾ هو ڇا آهن؟

تو مون کي ڪنهن شراب خاني ۾ ملڻ جي لاءِ چيو آهي پر هن شراب خاني ڪانسواءِ ڪا به اهڙي جڳهه ڪانهي، جيڪا اُلوهي رقص ۽ راڳ سان سرمست هجي. مان توهان کي جيڪا تعليم ڏئي رهيو آهيان، اها، اها ئي ته آهي..... پاڻ پنهنجي اندر ۾ اهو چشمو ڳوليو جيڪو توهان کي مست ڪري ڇڏي.

هن زندگيءَ جي خوشي، مسرت، سعادت ۽ مستي انهن ماڻهن جي لاءِ وقف آهي، جن جو شراب ڪٿان ٻاهران، خارج مان نه ٿو اچي..... اهو ته صفا عارضي هوندو آهي..... ڪجهه ڏينهن جو هوندو آهي. ان مواد مان ٺهندي آهي جنهن مان خواب ٺهندا آهن. هيڏانهن هڪ ٻيو شراب به آهي، جيڪو توهان جي اندر ۾ ئي پچي ۽ رسي ٿو..... جنهن پل توهان پنهنجي اندر ۾ سفر ڪيو ٿا ته ڪنهن اهڙي شيءِ جي ضرورت ناهي رهندي، جيڪا توهان کي ڏک ۽ الم واضح ڪري جنهن توهان کي هر طرف کان گهيري رکيو هجي. هتي ڪنهن نشي يا ڊرگ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اولهه جي ڪجهه بيوقوف ماڻهن نشي کي ايڪسٽيس جو نالو ڏنو آهي. اهو دنيا جي سوين قانونن خلاف آهي. ايڪسٽيس جا حق ۽ واسطا (ڪاپي رائيٽ) صدين کان منهنجي ماڻهن جي نالي ٿيل آهن!

اهو ڪو خارجي نشو ناهي. اهو ته عين توهان جي زندگيءَ جي رس مان نڪرندو آهي. توهان کي هڪ انچ به ناهي هلڻو پوندو. توهان ڪٿي به هجو توهان کي رحمت ۽ سعادت جا امڪان گهيري رکندا آهن. رحمت ۽ سعادت جا اهي امڪان عارضي ناهن هوندا. ائين ڪونهي ته ايندڙ صبح تي خمار..... نشو..... ٽٽڻ جي ڪيفيت محسوس ٿي رهي هوندي. جيتري توهان وڌيڪ پيئندا ويندا آهيو اوترو توهان وڌيڪ پروقار هوشمند ۽ سجاڳ ٿيندا ويندا آهيو اوترو وڌيڪ باشعور ٿي ويندا آهيو.

جيستائين توهان جي پنهنجي هستي جي اندر مان ڪو فڪر نه ٿو ملي اوستائين توهان ٻاهر نشو ڳوليندا ٿا رهو..... انهيءَ مان هڪ انتهائي اهم سوال ٿو جنم وٺي. جيستائين اسان جي يادداشت جو تعلق آهي ته انساني تاريخ جو سڀ کان پراڻو ۽ قديم مذهبي صحيفو رگ ويد آهي ۽ رگ ويد ۾ هڪ خاص نشي سوم رس جو ذڪر آهي.

اهو سوم رس جنهن جو ذڪر رگ ويد ۾ آيو آهي يقيني طور هڪ نشو (ڊرگ) هو بلڪل مارين جوانا جهڙو نشو. اهو هماليا جي جبلن تي پوکيو ويجي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو اجان به اتي پوکبو هجي. پراڻا پڄاري سوم رس پي باهه جي چوڌاري رقص ڪندا هئا.

جيستائين نشي بابت منهنجو تعلق آهي ته منهنجي دلچسپي ايتري آهي ته دنيا جون سموريون حڪومتون، دنيا جا سمورا مذهب، دنيا جا سمورا اخلاقي استاد، منشيات جي خلاف رهيا آهن پر دنيا ۾ منشيات جيئن جو تيئن حاوي آهي. هر دؤر ۾ منشيات حاوي آهي. هو جيترو ان کي خراب چون ٿا، پابندي لڳائن ٿا، غير قانوني قرار ڏين ٿا اوترو وڌيڪ اها پرڪشش بنجندي پئي وڃي ماڻهو هڪ خاص مرحلي تائين منشيات استعمال ڪندا آهن. ڪيليفورنيا مان تازو اطلاع آهي ته اسڪول جا ٻار به منشيات خوري ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن. منشيات واپرائڻ جي ڏوهه ۾ ننڍا ننڍا ٻار جيل جون سزائون ڪاٽي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اهو تہ ڏاڍو عجيب قصو آهي. سمورا مذهب منشيات جي خلاف آهن. سموريون حڪومتون منشيات جون مخالف آهن، سمورا اخلاقيات پرست منشيات جي خلاف آهن پوءِ ڏينهون ڏينهن منشيات جو اثر وڌندو وڃي ٿو انهيءَ ۾ ڪا شيءِ ماڻهن جي سوچ ويچار کان وڏيڪ گهري آهي. منهنجي سمجهہ ۾ تہ هيءُ آهي تہ جيستائين ماڻهو پاڻ پنهنجي اندر ۾ نشو نہ ٿو ڳولهي جنهن ۾ ايڪسٽيس (مستي) هجي اوستائين هو خارجي دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي منشيات کي متبادل طور ڳوليندو رهندو. رڳو مراقبو ئي ڪنهن ماڻهوءَ کي نشي کان روڪي سگهي ٿو. ٻيو قانون انهن کي روڪي نہ ٿو سگهي.

سمورا قانون ناڪام ٿي چڪا آهن. قانون رڳو منافقت کي جنم ڏئي ٿو.

مان ايڪسٽيس جو مخالف ناهيان پر جڏهن مان چوان ٿو ايڪسٽيس تہ منهنجو مطلب هوندو آهي اهڙو نشو جيڪو بازار مان نہ ٿو ملي. منهنجو ايڪسٽيس مان مطلب آهي اهو نشو جيڪو پيدائشي طور توهان جي اندر ۾ موجود آهي ۽ توهان ان کي اڃان ڇهيو بہ ناهي. ان جو تورڙو بہ مزو چکڻ کان پوءِ جيڪو ڪجهہ خارج ۾ آهي، سو بي معنيٰ ٿي ويندو آهي. خود توهان جي اندر ۾ لامحدود مستيءَ جو سرچشمو موجود آهي.

ها مان توهان کي نشي ۾ رهڻ جي تعليم ڏيان ٿو. پر توهان جو شراب خود توهان جي انتهائي داخلي مرڪز مان اڇڻو آهي ۽ فرق سؤلائي سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو. هر خارجي نشو توهان کي بي شعور ۽ بي مقصد شيءِ جو عادي بنائي ڇڏي ٿو ۽ هر ڀيري توهان ان جي وڌيڪ طلب محسوس ڪيو ٿا. چاڪاڻ تہ توهان جو جسم ان جو عادي ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ نشي جي طلب توهان کي اوستائين پهچائي ڇڏيندي آهي جو ڪو بہ نشو توهان تي اثر ناهي ڪندو.

هندستان ۾ اهڙا نشئي بہ موجود آهن. جيڪي هر قسم جو نشو انتها تائين واپرائڻ ڪانپوءِ جڏهن مٿن ڪو نشو اثر ناهي ڪندو تہ پاڻ کي ڪوبرا نانگ کان ڏنگرائيندا آهن.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حيرت جي ڳالهه اها آهي تہ نانگ مري ويندو آهي پر نشئي عادي کي رڳو هلڪو سَرور محسوس ٿيندو آهي. ماڻهوءَ ۾ نانگ کان وڌيڪ زهر موجود آهي.

مان ان باري ۾ پريشان آهيان تہ آخر ماڻهو زهرن ۾ ايتري دلچسپي ڇو ٿو وٺي؟ پر ان جو سبب گهڻو نظرن کان لڪل بہ ڪونهي. توهان کي رڳو صفائيءَ جي ضرورت هوندي آهي. ڪجهہ وقفي جي ضرورت هوندي آهي. ان خوف ۽ ذهني عذاب کان نجات جون چند گهڙيون گهربل هونديون آهن. منشيات تمام گهڻو فائديمند رهي آهي نہ رڳو ڪيميائي منشيات..... ڪارل مارڪس صحيح ٿو چوي تہ دنيا کي مذهبن ڪجهہ بہ ناهي ڏنو سواءِ آفيم جي.....! مذهب انسان لاءِ رڳو دلاسا ثابت ٿيو آهي، اُهي اميد بہ فراهم ڪن ٿا ۽ توهان جي شعور ڪي حال جي ڏکن کان پري ڪڍي وڃن ٿا. منهنجي ڪوشش اها آهي تہ توهان کي انهيءَ قابل بنائي ڇڏيان تہ توهان مستقبل جون سموريون اميدون، سمورا وهم اچلائي ڇڏيو ۽ بس موجود پل ۾ سڪون ماڻيو ۽ ادراڪ سان گڏ رهو. سمجهو تہ جيڪو ڪجهہ آهي سو اهو اڪيلو پل ئي آهي. ان ڪانسواءِ سڀ ڪجهہ يا تہ ياد آهي يا وري تخيل.....!

جيڪو ماڻهو حال ۾ جيئرو آهي اهو فوري طور تي پنهنجي اندر جي ڪُـن ۾ ٻڏي ويندو آهي. جتي ڪا بہ شيءِ زهر آلود ناهي هوندي پر سُـرور سرمستي پيدا ڪرڻ واري هوندي آهي ۽ هڪ ڀيرو توهان جڏهن پنهنجي اندر جي سرچشمي کي ڄاڻي وٺو ٿا پوءِ توهان کي ڪيڏانهن بہ وڃڻ جي ضرورت ناهي ڪنهن بہ شراب خاني يا چرچ ڏانهن يا ڪنهن مندر ڏانهن.....!

هتي ڪجهہ اهڙا معاملا آهن جن تي سماجي رسمون ماڻهن کي ڳالهائڻ کان روڪين ٿيون ۽ سموري انسان ذات خلاف وڃڻ لاءِ انتهائي حوصلي ۽ جرئت جي ضرورت آهي. مثال طور ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن کي ڪنهن نشي جي ڪنهن حالت ۾ حمايت ناهي ڪرڻي ۽ ماڻهو مڃي رهيا. مون ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو ڪو اهڙو جملو ناهي پڙهيو جنهن ۾ اهو چوڻ جي جرئت ڪئي وئي هجي تہ نشي جي واڌ سبب ڪا اهميت واري ڳالهہ نمايان ٿئي ٿي ۽ ان کي ممنوع قرار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڏيڻ نہ گهرجي. ڪنهن بہ ناهي چيو پر مان چوان ٿو. هن ڳالهہ کي لکي ڇڏيو تہ:

جيستائين انسان پاڻ پنهنجي هستي جي اندر ۾ موجود سچي شيءِ جي ڪن ۾ ٽِپي نہ ٿو هٽي ان وقت تائين زمين تي ڪابہ اهڙي طاقت ڪانهي، جيڪا مارن جوانا، آفيم، الڪوحل، ايل ايس ڊي وغيره کي واپرائڻ کان روڪي سگهي. دنيا ۾ تہ هاڻ نئين کان نئون نشو متعارف ٿي رهيو آهي ۽ حيرانيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي ئي ماڻهو جيڪي منشيات کي غلط قرار ڏئي رهيا آهن، انهن ۾ نوانوي سيڪڙو تعداد اهڙو آهي، جيڪي پاڻ اهڙيون شيون استعمال ڪن ٿا.

منهنجي ڳالهين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا ڪيو. مان هر ممڪن طريقي سان ان ڳالهہ تي زور ڏئي رهيو آهيان تہ توهان کي هر حال ۾ پنهنجي اندر جي هستي کي ڳولي لهڻو آهي. چاهي ڪجهہ بہ ٿئي..... مان بيو چا بہ چوان پر منهنجي هڪ ڳالهہ تي ڌيان ڏيو. "پاڻ کي ڳولي لهو."

مان چاهيان ٿو توهان سمورا ناتا ترڪ ڪري ڇڏيو. دنياوي ناتا، روحاني ناتا..... اهي سمورا ناتا جيڪا دنيا اڄ تائين رچائيندي آئي آهي. اُهي ناتا توهان کي نقصان پهچائين ٿا. اُهي ناتا توهان جي شعور ۾ گلن جي ٽڙڻ ۾ رڪاوٽ آهن. مان انهيءَ سموري گند کي صاف ڪرڻ ٿو چاهيان. جن توهان جي اندر کي ڍڪي رکيو آهي.

مان توهان کي تنها ڇڏڻ چاهيان ٿو. مڪمل طور تي تنها..... تہ جيئن توهان ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي مدد حاصل نہ ڪري سگهو. تنها ٿي وڃو. مڪمل طور تي تنها..... توهان کي پنهنجي انتهائي داخلي مرڪز کي حاصل ڪرڻو پوندو. ٿي سگهي ٿو اهو تلخ هجي. پر مان توهان سان محبت ڪيان ٿو ۽ جيڪي ماڻهو ائين نہ ٿا چون اهي توهان سان محبت نہ ٿا ڪن. اُهي ماڻهو پنهنجو پاڻ سان محبت ٿا ڪن ۽ اُهي پنهنجي آسپاس رڳو هڪ ميڙو رکڻ سان محبت رکن ٿا..... جيترو وڏو ميڙ هوندو اوترو انهن جي انا کي وڏيڪ تسڪين ملندي

پرسڪون ٿي وڃو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان جي فرديت (انڊوڊيولٽي) کي ورهائي سگهجي ٿو..... رڳو ان کي سمجهڻ جي خاطر نه..... اُها اڻ ورهائجندڙ آهي. اها هڪ وحدت آهي. ڪل آهي. سورن جا ٽي حصا ائين ڪري سگهجن ٿا. مٿو دل ۽ هستي ذهن توهان جي مٿي جي ڪارڪردگي آهي. جبلت توهان جي جسم جي ڪارڪردگي آهي ۽ انهن جي پٺيان توهان جي هستي جنهن جي واحد صفت آهي. ڏسڻ ته دماغ رڳو سوچيندو آهي. ان لاءِ اهو ڪڏهن به ڪنهن نتيجي تي ناهي پهچندو. اهو لفظن ساٿي منطقي هوندو آهي. پر جيئن ته ان جي حقيقت ۾ پاڙون ناهن هونديون. ان لاءِ هزارين سالن جي فلسفيانه غور ۽ ويچار ڪانپوءِ به هن اسان کي ڪو اهڙو نتيجو ناهي ڏنو ذهن سوال اٿارڻ ۽ جواب ڏيڻ ۾ تيز آهي ۽ وري هر جواب مان وڌيڪ سوالن کي جنم ڏئي ٿو. اهو لفظن جا محل جوڙي سگهي ٿو. فڪري نظام ترتيب ڏئي سگهي ٿو. پر اهو سڀ فضول آهي.

جسم توهان جي ذهن تي اعتبار گهٽ ڪندو آهي. چاڪاڻ ته جسم کي جيئڻو هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو جسم جا سمورا افعال جبلت جي هٿ ۾ هوندا آهن. مثال طور ساهه کڻڻ..... دل جو ڌڙڪڻ، کاڌي جو هضم ٿيڻ، رت جو گردش ڪرڻ..... توهان جي جسم هڪ هزار هڪ اهڙا عمل جاري هوندا آهن، جن ۾ توهان شعوري طور ڪو حصو نه ٿا وٺو ۽ اهو سٺو آهي جو فطرت جسم کي پنهنجو هڪ خاص عقل ڏنو آهي. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن توهان جي ذهن کي توهان جي جسم جي سار سنڀال ڪرڻي هجي ها ته زندگي ناممڪن ٿي وڃي ها. چاڪاڻ ته ٿي سگهي پيو ڪيڏي مهل توهان ساهه کڻڻ وساري ويهو ها..... گهٽ ۾ گهٽ رات جو ننڊ ۾..... توهان پلا ڪيئن ساهه کڻو ها؟! توهان ته اڳ ۾ خيالن جي يلغار سبب ڪنفيوز آهي. انهيءَ ڪنفيوزن ۾ پلا رت جي گردش جو خيال ڪير رکي ها؟!

اهو سڀ جو سڀ حيرتناڪ حد تائين توهان جي جبلت ڪندي آهي. اها توهان جي ضرورت ناهي هوندي. توهان ڪوما ۾ ٿي سگهو ٿا پر پوءِ به توهان جو جسم پنهنجو ڪم ڪندو رهي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فطرت توهان جي جسم جا سمورا بنيادي عمل جبلت تي ڇڏي ڏنا آهن ۽ هن اهو سيڪجهه جبلت تي ڇڏي ڏنو آهي، جيڪو توهان جي زندگيءَ کي بامعنيٰ بنائي ٿو. ڇاڪاڻ تہ رڳو ساهہ کڻڻ جي تہ ڪا معنيٰ نہ ٿي نہ.....!

توهان جي زندگي کي معنويت ڏيڻ لاءِ هتي توهان جي دل کي وجدان عطا ڪيو آهي. وجدان ئي فن جو جماليات جو..... محبت جو..... دوستيءَ جو..... امڪان اپاري ٿو..... هر قسم جي تخليقيت وجداني هوندي آهي پر بازار کي توهان جي وجدان جي ڪا ضرورت ڪانهي. اتي محبت جو ڪاروبار ناهي ٿيندو. هتي تہ ڏاڍين دنياوي ۽ ٺوس شين جو ڪاروبار ٿيندو آهي. ان لاءِ توهان جو ذهن..... جيڪو سڀ کان وڌيڪ سطحي شيءِ آهي. عمل ۾ ايندو آهي. ذهن توهان کي دنياوي ڪاروبار ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندو آهي. ذهن تہ رياضي، تاريخ، جاگرافي ۽ ڪيميا هوندو آهي. سموري سائنس، سموري ٽيڪنالاجي توهان جي ذهن جي تخليق ڪيل آهي. توهان جو منطق ۽ توهان جي جاميٽري فائديمند هوندي آهي - پر ذهن ايترو هوندو آهي اهو تہ بس شين کي تخليق ڪندو ويندو آهي پر اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ سندس ايجاد ڪيل شين کي تخريب لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو يا تعمير لاءِ... ايٽمي جنگ ذهن جي پيدا ڪيل جنگ هوندي. ذهن جو پنهنجو استعمال آهي پر بدقسمتي سان اهو توهان جي سموري وجود جو آقا بنجي ويهي رهيو آهي. انهيءَ ڪري دنيا ۾ تمام گهڻا مسئلا پيدا ٿي ويا آهن.

آقا انهن ٽنهي جي پٺيان لڪل آهي. جسم دل، دماغ - آقا انهن ٽنهي جي پٺيان لڪل آهي، جيڪا توهان جي اڪيلي هستي آهي پر توهان اندر ۾ نہ ٿا وڃو توهان جا سمورا رستا خارج ڏانهن وڃن ٿا. توهان جا سمورا حواس خارجي آهن. توهان جون سموريون ڪاميابيون باهر دنيا ۾ موجود آهن. ذهن دنيا لاءِ ڪارآمد آهي ۽ توهان جا سمورا تعليمي نظام ۽ ٽيڪنيڪون توهان کي دل کان پري ڌڪي رهيون آهن.

دل، دماغ لاءِ مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. دل ڪنهن منطق کي ناهي ڄاڻيندي دل جي عمل جو هڪ مختلف مرڪز هوندو آهي ۽ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آهي وجدان. اهو محبت کي ڇاڻي ٿو پر محبت دنيا ۾ ڪم ايندڙ اهڙي ڪا شيءِ ڪانهي جيڪا خريد ڪري يا وڪڻي سگهجي. اها حسن کي ڇاڻي ٿي، پر بازار ۾ حسن جو مقام ڪٿي آهي ۽ دل وارا ماڻهو.... مصور، شاعر، موسيقار، رقاص ۽ اداڪار .... سڀ جا سڀ غير عقل پسند هوندا آهن. اهي عظيم حسن ۽ جمال تخليق ڪندا آهن. اهي عظيم محبت ڪندڙ هوندا آهن پر اهي هن سماج ۾ مڪمل طور تي غير موزون، اڻ ٺهڪندڙ هوندا آهن. توهان جو سماج ڪنهن حد تائين فنڪارن ۽ شاعرن کي چرياڻپ جي ويجهو سمجهندو آهي. سماج جو ڪوبه ماڻهو ناهي چاهيندو ته هن جا ٻار شاعر يا موسيقار بنجن يا مصور ۽ رقاص ٿين. اهي سڀ چاهن ٿا ته انهن جا ٻار ڊاڪٽر، انجينيئر، سائنسدان ٿين، ڇاڪاڻ ته انهن پيشن ۾ پئسو آهي. مصوري، شاعري، رقص سڀ جا سڀ خطرناڪ آهن. تي سگهي ٿو توهان جو انجام اهو ٿئي ته توهان ڪنهن گهٽيءَ ۾ فقير بنجي پنهنجي بانسري وڄائيندا وتو.

دل کي رد ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو دل کي رد ڪرڻ سبب عورت به رد ٿيندي رهي آهي ۽ جيستائين دل کي نه قبول ڪيو ويندو عورت کي به تسليم نه ڪيو ويندو. جيستائين دل تي هلڻ وارو سماج پيدا نه ٿيندو اوستائين عورت کي آزادي نه ملندي.

عورت دل هوندي آهي ۽ مرد دماغ هوندو آهي. فرق صاف ظاهر آهي. جبلت کي فطرت پنهنجن هٿن ۾ ڪٽي ورتو آهي ۽ جڏهن به توهان جبلت ۾ مداخلت ڪندا آهيو ته توهان انحراف کي ترتيب ڏيندا آهيو.... عقلمند انسان اهو هوندو آهي، جيڪو دماغ، دل ۽ جسم ۾ هم آهنگي پيدا ڪري.... زندگيءَ کي تخليق ڪري. انهيءَ هم آهنگي ۾ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي سرچشمي کي حاصل ڪري وٺندو آهي. عين مرڪز کي روح کي حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ اهو سڀ سرور، خوشي ۽ مستي آهي.

مان ڪنهن به شيءِ جي خلاف ناهيان مان ته رڳو غير هم آهنگي جي خلاف آهيان ۽ جيئن ته توهان جو دماغ سڀ ڪان وڌ غير هم آهنگي پيدا ڪري رهيو آهي ته مان چاهيان ٿو ته دماغ کي صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مقام ڏيو. اهو تہ هڪ خادم آهي. آقا ناهي..... خادم جي حيثيت سان اهو عظيم آهي. ڪم وارو آهي.

ذهن ڪم جي شيءِ آهي! هيڏانهن اهڙي صورتحال آهي. جڏهن توهان کي ذهن جي ضرورت پوندي پر هڪ رڳو هڪ خادم جي حيثيت سان آقا جي حيثيت سان نہ.

مراقبي ۽ ارتڪاز ۾ فرق آهي. مراقبو ارتڪاز جي بلڪل ابتڙ هوندو آهي.

جڏهن تہ ڪوڙ سارن ڪتابن ۾ ڪوڙ سارن ڊڪشنرين ۾..... ڪوڙ سارن استادن جي نظر ۾ اهي ٻئي ڳالهہ ساڳي آهن.

ارتڪاز جو سادو مطلب آهي هڪ نقطي تي گڏ ٿيڻ. اهو ذهني عمل هوندو آهي. ذهن هڪ انتشار تي سگهي ٿو. هڪ هجوم تي سگهي ٿو. ذهن جون ڪيترين ئي صورتون تي سگهن ٿيون. ڪيترائي پاسا آهن. ذهن هڪ چؤڪ..... هڪ چوراهو تي سگهي ٿو..... عام طور تي ذهن هڪ هجوم هوندو آهي.

پر جيڪڏهن ذهن ۾ انتشار هجي تہ توهان عشق سان نہ تا سوچي سگهو. عقلمنداڻو ۽ سائنسي طور تي سوچڻ لاءِ توهان کي پنهنجي موضوع تي گڏ ٿيڻو پوندو آهي. مرتڪز ٿيڻو پوندو آهي..... موضوع چاهي ڪهڙو بہ هجي. هڪ شئي ضروري آهي تہ توهان انهيءَ موضوع تي پنهنجي سموري توانائي وجهي رهيا آهيو..... انهيءَ وڏيڪ طاقت سان ئي معروضي سچ کي ڄاڻڻ جو امڪان هوندو آهي. ان لاءِ ارتڪاز سمورين سائنسن جو طريقو هوندو آهي پر مراقبو بلڪل مختلف هوندو آهي. مراقبو ذهني عمل ناهي هوندو. نہ ئي هيءُ هڪ پاسائو ذهن آهي نہ گهڻ پاسائو ذهن..... اهو تہ بس ذهن جو نہ هجڻ آهي. مراقبو ذهن ۽ ان جي حدبندين کان متاهون هوندو آهي..... انهن کي ڳنڍي نہ ٿو سگهجي. اُهي هڪٻئي جي ضد ۾ آهن. ارتڪاز ذهن آهي..... ۽ مراقبو لاذهن.....! اولهہ تہ خاص طور تي مراقبي کي نہ ٿو ڄاڻي. اهو تہ ارتڪاز تائين ئي محدود رهيو آهي. ان لاءِ سموري سائنسي ترقي، ٽيڪنالاجي..... پر اولهہ کي مانار..... سڪون ۽ پنهنجي اندر مان ڦٽندڙ روشني جي داخلي سائنس جي ڪا ڄاڻ ڪا آگهي ڪانهي.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ارتڪاز خارجي دنيا جي رازن جو انڪشاف ڪري سگهي ٿو. جڏهن ته مراقبو توهان جي اندر جي رازن کي کولي ٿو. ائين چئي سگهجي ٿو ته ارتڪاز معروضي آهي ۽ مراقبو موضوعي. ارتڪاز جو رخ خارج ۾ هوندو آهي ۽ مراقبي جو رخ داخل ڏانهن هوندو آهي. ارتڪاز توهان کان ڪيڏانهن پري وٺي ويندو آهي. مراقبو گهر ۾ ايندو آهي. توهان جي انتهائي داخلي مرڪز ڏانهن. ذهن، عقل، منطق سڀ جا سڀ خارج ڏانهن اشارو ڪن ٿا..... انهن جي نظر ۾ داخل جو وجود ئي ڪونهي.....!

پر اهو داخلي دنيا جي حقيقت جو بنيادي قانون آهي ته عقل وارو انسان داخلي دنيا ۾ ڪامياب ناهي ٿيو. اها هڪ غير عقلي ٻين لفظن ۾ عقل کان مٿاهين شيءِ آهي. پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ لاءِ توهان کي ڪنهن ذهن جي ضرورت ناهي هوندي. توهان کي ته بس ڪامل ماٺار جي ضرورت هوندي آهي. ذهن ڪنهن شيءِ يا ڪيترين ئي شين سان لاڳاپيل هوندو آهي. هيڏانهن رڳو خيال ئي خيال آهن. لهرن جي مٿان لهرون هونديون آهن.

"ذهن جي ڍنڍ ڪڏهن به طوفان کان خالي ناهي هوندي." توهان جي داخلي هستي رڳو آرسيءَ ۾ منعڪس ٿي سگهي ٿي..... جيڪو لهرن کانسواءِ هجي. لاذهن مطلق خاموشي..... ذهن جي مڪمل عدم موجودگي..... آئيني کي لهرن کان خالي رکي ٿي. خيال جي هڪ جهلڪ به ناهي هوندي ۽ پوءِ اوچتو ڌماڪو ٿيندو آهي..... توهان پهريون ڀيرو پنهنجي هستيءَ کان واقف ٿيندا آهيو.

ان وقت تائين توهان دنيا جي شين کي ڄاڻندا هئا. هاڻ توهان ڄاڻندڙ کي ڄاڻو ٿا. سقراط جو نيڪ اهوئي مفهوم هو جڏهن هن چيو هو ته:

"پاڻ کي سڃاڻو." ان جو سبب هيءَ آهي ته پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ کانسواءِ..... مان سقراط جي نصيحت ۾ واڌارو ڪري رهيو آهيان ته.....

توهان، توهان نه ٿا ٿي سگهو..... پاڻ کي ڄاڻڻ پاڻ ٿيڻ ڏانهن هڪ قدم آهي ۽ جيستائين توهان توهان نه ٿا هجو. توهان کي سڪون حاصل نه ٿيندو. توهان کي اطمينان جو احساس نه ٿيندو. توهان ڪڏهن آسودگي محسوس نه ڪندؤ. توهان هستيءَ ۾ ڪڏهن به گهر جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سڪون نه حاصل ڪري سگهندؤ! ڪا بي آرامي ڪو ڏک هوندو..... پر ان ڪان توهان صحيح طور تي آگاهه نه هوندؤ..... ته ڇا آهي؟! پر هڪ مستقل احساس هوندو ته ڪا شيءِ گهٽ آهي، ڪا کوٽ آهي.....! توهان وٽ زندگي جي هر شيءِ آهي پر ڪا اهڙي شيءِ گهٽ آهي جنهن جي ملڻ سان توهان جي زندگي بامعنيٰ ٿي پوي.

توهان جو گهر ته دنيا جهان جي آسائش ڀريل شين سان ڀريو پيو آهي پر توهان جو اندر خالي آهي. توهان جي سلطنت ته وسيع آهي پر توهان غير موجود آهيو!

اها آهي جديد انسان جي صورتحال..... انهيءَ ڪري ئي هر ماڻهوءَ جي زندگي ۾ بي معنويت، انديشگي، ذهني اذيت ۽ بي سڪوني جو مستقل احساس رهي ٿو.

جديد ذهن سڀ کان وڌيڪ پريشان ذهن آهي. ڪا به مينهن زندگي جي معنويت لاءِ پريشان ناهي هوندي..... گاهه ئي هن جي زندگي جي معنويت هوندي آهي. ڪو به وڻ دهريو ناهي هوندو. ڪو به وڻ ڪڏهن شڪ جو شڪار نه ٿو ٿئي..... انسان ڪانسواءِ ڪو پريشان ڪونهي. انسان ڪانسواءِ ڪو وهم ۽ وسوسن جو شڪار ڪونهي.

ايستائين جو گڏهه به پريشان ناهن هوندا..... اُهي به ڏاڍو پرسڪون ۽ فلسفياڻي مزي ۾ نظر ايندا آهن. انهن کي موت جو ڪو خوف ڪونهي هوندو. اڻ ڄاتل جو ڪو خوف ڪونهي هوندو. ايندڙ ڏينهن جو ڪو فڪر ڪونهي هوندو!

اهو ته بس انسان آهي، جنهن کي ان جي ذهانت پريشاني ۽ مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. توهان هڪ هزار هڪ طريقن سان پريشانين مان جان ڇڏائڻ چاهيو پر اُهي ساهه جي آخري گهڙي تائين توهان سان هونديون.....

جيستائين توهان مراقبي جي باري ۾ نه ٿا ڄاڻو..... جيستائين پنهنجي اندر جو رخ نه ٿا ڪيو اهو نه ٿا ڄاڻو ته پنهنجي داخليت جو مشاهدو ڪيئن ڪجي؟

پوءِ اوچتو لايعنيت، بي معنويت گم ٿي وڃي ٿي. انتهائي اعليٰ درجي تي توهان ايترو پرسڪون ٿي وڃو ٿا جيترو وڻ هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انتهائي اعليٰ شعور ۾ توهان ايترو آرام سان هوندا آهيو جيتري وڏي هستي آهي. توهان جو اهو آرام هڪ حسن جو مالڪ هوندو آهي. اهو باشعور هوندو آهي. ڇوڪس..... سجاڳ هوندو آهي. اهو ڄاڻندو آهي ته هو آهي..... اهو ڄاڻندو آهي ته جڏهن سموري هستي سمهي رهي هوندي آهي هو جاڳي رهيو هوندو آهي!

جيڪڏهن توهان ستل آهيو ته پوءِ سچ جي ايرڻ جي ڪهڙي معنيٰ؟ جيڪڏهن توهان ستل آهيو ته صبح جي وقت ٽڙندڙ گلابن جي سونهن جي ڪهڙي خبر؟ ياد رکو ذهن توهان جي ننڊ آهي. مراقبو توهان جي سجاڳي آهي. جنهن پل توهان جاڳو ٿا ته ننڊ گم ٿي ويندي آهي. ان سان گڏ ئي سمورا خواب. سموريون خواهشون گم ٿي وينديون آهن ۽ پوءِ رڳو ماٺار ۾ ئي توهان جي هستيءَ ۾ گل ٽڙڻ لڳندا آهن ۽ رڳو انهيءَ ماٺار ۾ ڪنول پنهنجي ڪلين کي ويڪرو ڪندا آهن.

البرٽ ڪامو جو هڪ خوبصورت جملو آهي ته: "لايعني (ائبسرڊ) جوهر آهي ۽ اولين سچ آهي." فطري طور تي جڏهن ذهن ناهي هوندو لاذهن عقلي تصور ڪري ئي نه ٿو سگهي. ڪو به ماڻهو عقلمندانه طور تي اهو نه ٿو چئي سگهي. هستي ڇا آهي؟ ڪٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟ ان جي اهميت ڇا آهي؟

اهو رڳو روحاني طور تي نشاندهي ڪري سگهي ٿو..... روحاني ماڻهو منطقي طور تي ڪجهه نه ٿا چئي سگهن ته انهن ڪهڙو تجربو ڪيو آهي. اهي رڳو ڪهاڻيون ۽ حڪايتون بيان ڪندا آهن. جن کي ٻن سطحن تي سمجهي سگهجي ٿو. هڪ ذهن جي سطح تي ۽ ٻيو لاذهن جي سطح تي.

جيئن ئي توهان اندر ڏانهن سفر شروع ڪيو ٿا توهان حيران رهجي ويندؤ. توهان پنهنجو پاڻ کي نظرانداز ڪري رهيا هئا ۽ اهو ئي ته بنيادي مسئلو هو. انهيءَ ڪري ئي توهان ڏکن ۾، تڪليفن ۾، صدمن ۽ انديشگي ۾ مبتلا هئو. توهان ڏکن مان نڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر عدم آگهي سبب..... توهان جي بي شعوري جي ڪري توهان مصيبت ۾ قائل رهيئو..... جيئن توهان کي خود آگهي ملي ته توهان خوشي، سعادت، مسرت ۽ اُلوهيت جي راز کي ڄاڻي ورتو.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

”هڪ ماڻهو جنهن وٽ واچ هوندي آهي اهو ڄاڻي وٺندو آهي ته ٽائيم ڪهڙو ٿيو آهي. پر اُهو ماڻهو جنهن وٽ ٻه واچون هجن ڪڏهن به اعتماد سان نه ٿو چئي سگهي ته صحيح ٽائيم ڪهڙو آهي؟“

ذهن رڳو ٻه ناهن، اهي ته ڪوڙ آهن. ذهن رکندڙ ماڻهو ڪنهن به شيءِ جي حوالي سان پراعتماد، يقين ڀريو ناهي هوندو. ان کي هر شيءِ تي شڪ ٿيڻ لڳندو آهي. اهو هر شيءِ جي حوالي سان ٻي يقين هوندو آهي. شڪ ۽ غير يقيني واري زندگي، زندگي ناهي هوندي ان انسان جون پاڙون ڪٿي به ناهن هونديون. توهان پاڙن ڪانسواءِ گلن جا مالڪ نه ٿا ٿي سگهو ۽ توهان ميويدار وڻ نه ٿا ٿي سگهو.

توهان جي زندگي بنجر ٿي رهندي، هڪ صحرا جيان..... جتي ڪجهه به ناهي ڦٽندو.

ٽرين ۾ ٻه عورتون پاڻ ۾ وڙهي رهيون هيون. نيٺ هڪ عورت ڪنڊيڪٽر کي سڏ ڪيو ۽ ان کي چيائين: ”هن جيڪڏهن هيءَ دري کولي ته مان نزلي ۽ بخار سبب مري وينديس.“

يڪدم ٻيءَ چيو: "جيڪڏهن هيءَ دري بند رهي ته مان دم گهٽجڻ سبب مري وينديس.“

ٻنهي جي ڳالهه ٻڌي پٺيان ويٺل مسافر ڪنڊيڪٽر کي چيو ”پهرئين دري کول ته هڪڙي دري کلڻ سبب مري ويندي وري پوءِ دري بند ڪر ته ٻي به مري وڃي. ائين اسان سڪون سان سفر ڪري سگهنداسين.“

ائين توهان کي به پنهنجي ذهن سان ڪرڻو پوندو جيڪڏهن توهان سڪون ۽ اطمينان جا خواهشمند آهيو.


Scanned by CamScanner

# جنس، جماليات ۽ شعور

تنتر چون ٿا توهان جيڪو ڪجهه به آهيو ان کي قبول ڪيو..... اها بنيادي ڳالهه آهي. مڪمل قبوليت..... مڪمل قبوليت جي ذريعي توهان واڌ ويجهه حاصل ڪري سگهو ٿا.

توهان تانتر کي ڪيئن ٿا استعمال ڪري سگهو؟ انهن کي قبول ڪري وٺو تڏهن ئي توهان حاصل ڪري سگهندؤ ته اها توانائي ڇا آهي..... جنس ڇا آهي؟ اسان ان کان واقف ناهيون..... اسان جنس جي باري ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڄاڻون ٿا پر اهي ٻين جون ٻڌايل آهن. ٿي سگهي ٿو اسان جنسي عمل مان گذري چڪا هجون پر غلطيءَ جي احساس سان گڏ..... هڪ دٻيل رجحان هيٺ..... تڪڙ ۾ تيزيءَ سان..... ڪا شيءِ ائين ڪندي ڄڻ ڪو بار لاهي رهيا هجون..... توهان جو جنسي عمل محبت جو عمل ناهي هوندو..... توهان ان ۾ خوش ناهيو هوندا. پر توهان ان کي ڇڏي به نه ٿا سگهو. جيترو وڌيڪ توهان ان کي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو هيءُ اوترو ئي پرڪشش ٿي ويندي آهي. جيترو گهٽو توهان ان کي نظرانداز ڪرڻ چاهيندا آهيو اوترو وڌيڪ توهان کي ڇڪ محسوس ٿئي ٿي. توهان ان کي نظرانداز نه ٿا ڪري سگهو. پر تباهه ڪرڻ جو نظرانداز ڪرڻ جو اهو رجحان عين ان ذهن کي، عين ان آگهي کي..... عين ان حساسيت کي تباهه ڪري ڇڏي ٿو جيڪي ان کي سمجهي سگهن ٿا..... بس جنس جي باري ۾ حساسيت ڪانسواءِ ئي جنس جاري آهي..... ۽ توهان ان کي سمجهي نه ٿا سگهو..... رڳو هڪ گهري حساسيت سان ئي ڪنهن شيءِ سمجهي سگهجي ٿو. رڳو هڪ گهرو احساس هڪ گهرو سفر..... ڪنهن شيءِ جي مفهوم کي ادا ڪري سگهي ٿو. توهان جنس کي رڳو تڏهن ئي سمجهي ٿا سگهو جيڪڏهن توهان انهيءَ ۾ ائين سفر ڪيو جيئن ڪو شاعر گلن جي وچ ۾ هلندو آهي..... رڳو تڏهن ئي جيڪڏهن توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

گلن جي باري ۾ ڪجهه نه ٿا ڄاڻو ته پوءِ باغ مان ائين گذرندؤ جڻ بند اکين سان گذريا آهيو..... ۽ جيڪڏهن توهان تڪڙ ۾ هوندؤ هڪ چرپائپ جهڙي تڪڙ..... ڪجهه به ٿي وڃي توهان کي ان باغ مان نڪرڻو آهي. ته پوءِ پلا توهان ڪيئن ٿا گلن مان لطف ماڻي سگهو. بس تانتر چون ٿا جيڪو ڪجهه توهان آهيو ان کي قبول ڪري وٺو..... توهان تمام گهڻ پاسائي توانائين جي عظيم رمز آهيو..... انهيءَ کي قبول ڪري وٺو ۽ هر توانائي سان گڏ هڪ گهري حساسيت به هوندي آهي. حساسيت آگهي آهي..... محبت آهي..... چاڻ آهي..... انهيءَ سان گڏ جنس لاءِ سرگرم ٿيو انهيءَ سان گڏ سفر ڪيو! ائين اها توهان لاءِ هر خواهش ڪان متاهون بنجڻ جو وسيلو ٿي پوندي..... تڏهن هر توانائي هڪ سهاري ۾ تبديل ٿي ويندي..... ۽ ائين هيءَ دنيا نرواڻ/ڇوٽڪارو بنجي پوندي..... توهان جو جسم خدا جو گهر بنجي پوندو..... هڪ مقدس عبادت گهر..... هڪ پاڪ پويتر جا ”..... هڪ پاڪ جڳهه.....“

جڏهن توهان تنتر تي عمل پيرا ٿيو ته ان جا اثر توهان تي ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. توهان پنهنجي اندر ۾ هڪ مختلف وجود کي محسوس ڪيو ٿا. جيڪڏهن تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون هجي ته فوري طور تي توهان هڪ مختلف انسان بنجي پئو ٿا. جيڪڏهن توهان هڪ مڙس آهيو..... توهان وڏيڪ ساڳيا مڙس نه ٿا رهو..... جيڪڏهن توهان هڪ دوڪاندار آهيو ته بيهر ساڳيا دوڪاندار نه ٿا رهو. جيڪو ڪجهه به توهان هوندؤ جيڪڏهن تنتر جي ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون بنجي وئي ته توهان هڪ مختلف انسان هوندؤ..... اها آهي پهرئين نشاني.

سو جيڪڏهن توهان پنهنجي باري ۾ ڪا انوکي ڳالهه محسوس ڪيو ٿا ته ڄاڻي وٺو ڪجهه نه ڪجهه وارد ٿيو آهي. پر جيڪڏهن توهان جيئن جو تيئن ٿا رهو ۽ ڪو انوکوپڻ محسوس نه ٿا ڪيو..... ڪجهه به وارد نه ٿو ٿئي ته اها پهرئين نشاني هوندي آهي. ۽ تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ مناسب ناهي. جيڪڏهن اها موزون هوندي آهي ته فوري طور تي توهان مختلف انسان ۾ تبديل ٿي وڃو ٿا..... اوچتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سيڪجهہ ٿيندو آهي. توهان دنيا کي هڪ مختلف انداز ۾ ڏسو ٿا..... اڪيون اُهي ٿي هونديون آهن. پر انهن جي پٺيان ڏسندڙ ڪو بيو هوندو آهي. اهو سيڪجهہ جيڪو ڪشش..... ڇڪ..... کي جنم ڏئي ٿو ختم ٿيڻ لڳندو آهي..... ائين ڪونهي تہ توهان سالن تائين مشق ڪيو تہ پوءِ توهان جا وهم..... وسوسا ۽ ڇڪتاڻ گهٽ ٿئي..... نہ.....! جيڪڏهن توهان لاءِ اهو طريقو موزون هوندو تہ توهان يڪدم تبديل ٿي ويندؤ. آزاد ٿي ويندؤ هر وهم کان انديشي کان..... جيڪڏهن تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون هوندي تہ توهان محسوس ڪرڻ شروع ڪندا آهيو تہ ڪشش ثقل جو اثر ابتو ٿي ويو آهي. هاڻ زمين توهان کي هيٺ نہ ٿي ڇڪي..... پر آسمان توهان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي پيو. جڏهن جهاز ٽيڪ آف ڪندو آهي تہ توهان کي ڇا محسوس ٿيندو آهي؟ هر شيءِ گڙٻڙائي وِيندي آهي..... يڪدم هڪ جهٽڪو لڳندو آهي ۽ ڪشش ثقل بي معنيٰ ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن هڪ تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون هوندي تہ توهان کي اوچتو اهڙو جهٽڪو لڳندو..... يڪدم توهان ٽيڪ آف ڪندا آهيو. توهان کي اوچتو ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ زمين بي معنيٰ ٿي وئي آهي ڪا ڪشش ثقل ناهي رهي. اها توهان کي هيٺ ناهي ڇڪيندي..... توهان مٿي ڇڪيا پيا وڃو.

مذهبي اصطلاح ۾ ان کي ”رفعت“ چوندا آهن. هو ڏانهن بہ طاقتون هونديون آهن..... ڪشش ثقل ۽ رفعت..... رفعت جو مطلب آهي توهان کي مٿئين پاسي ڏانهن ڇڪيو پيو وڃي. ڪشش ثقل جو مطلب آهي توهان کي هيٺ ڇڪيو پيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو مراقبي ۾ اڪثر ماڻهو ائين محسوس ڪندا آهن جڻ اهي ڪو وزن نہ ٿا رکن. اهو ئي سبب آهي جو ڪوڙ سارا ماڻهو داخلي بلندي محسوس ڪندا آهن. جڏهن ٽيڪنيڪ موزون رهي تہ ڪوڙ سارن ماڻهن منهنجي سامهون اهڙا احساس بيان ڪيا آهن..... "اهو انوکو تجربو هوندو آهي! اسان پنهنجون اکيون بند ڪندا آهيون ۽ اسان محسوس ڪندا آهيون تہ جڻ اسان زمين کان ٿورو مٿي بلند ٿي ويا آهيون..... هڪ فوٽ..... بہ فوٽ..... چار فوٽ زمين کان مٿي..... جڏهن اسان اکيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪوليندا آهيون ته اسان اتي جو اتي زمين تي هوندا آهيون..... جڏهن وري اسان اکيون بند ڪندا آهيون ته اسان وري هوا ۾ بلند تي ويندا آهيون..... بس اهو ڇا آهي؟..... جڏهن اسان پنهنجون اکيون کوليون ٿا ته اسان زمين تي ئي هوندا آهيون. بلند ناهيون هوندا؟ حقيقت ۾ جسم ته زمين تي هوندو آهي پر توهان بلند تي چڪا هوندا آهيو..... اها بلندي حقيقت ۾ مٿان ڪان ڪشش هوندي آهي. جيڪڏهن تنتر ڪشش توهان لاءِ موزون تي ته توهان کي مٿي ڇڪ محسوس ٿيندي ان جو سبب هيءُ هوندو آهي ته ٽيڪنيڪ جي ڪارگر هجڻ سبب توهان مٿئين ڪشش لاءِ مهيا تي ويندا آهيو. اهو ئي ٽيڪنيڪ جو مقصد هوندو آهي. يعني ته ان طاقت جي لاءِ مهيا ڪري ڇڏڻ جيڪا توهان کي مٿي ڇڪي سگهي ٿي..... بس جيڪڏهن ٽيڪنيڪ موجود آهي ته توهان بي وزن تي وڃو ٿا.

توهان هاڻ جيڪو ڪجھ ڪندؤ چاهي ڪجھ به ڪيترو معمولي ڇو نه هجي. ڪو غير اهم ڪم توهان ڪندؤ..... مختلف هوندو توهان هڪ مختلف انداز سان هلندؤ. توهان هڪ مختلف انداز سان ويهندؤ. توهان مختلف انداز سان ڪائيندؤ..... توهان جي هر هڪ شيءِ مختلف هوندي توهان اهو فرق هر جاءِ تي محسوس ڪندؤ..... ڪڏهن ڪڏهن اهو مختلف هجڻ جو احساس خوف کي جنم ڏيندو ڪو ماڻهو خواهش ڪندو ته واپس وڃي ۽ پهرئين جهڙو تي وڃي. ان جو سبب هيءُ آهي ته ماڻهو پراڻي سان وڏيڪ هم آهنگ هوندو آهي..... اها هڪ روشنين جي دنيا هئي. ايستائين جو بي ڪيف هئي پر توهان ان ۾ فعال هئا. هاڻ هر جاءِ تي توهان کي هڪ خال محسوس ٿيندو..... توهان محسوس ڪندؤ ته توهان جي فعاليت ڪٿي وڃائجي وئي آهي..... توهان محسوس ڪندؤ ته توهان جي ڪارڪردگي گهٽجي وئي آهي. توهان محسوس ڪندؤ ته هر جاءِ تي توهان اجنبي (آئوٽ سائيڊر) آهيو.

ماڻهوءَ کي ان مرحلي مان گذرڻو پوندو آهي. توهان ٻيهر هم آهنگ تي ويندؤ..... توهان تبديل ٿيا آهيو. دنيا تبديل ناهي ٿي. ان لاءِ توهان هم آهنگ (فٽ) ناهيو. ان لاءِ ياد رکو جڏهن تنتر ٽيڪنيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان لاءِ موزون هوندي تہ توهان دنيا سان هم آهنگ نہ رهندؤ. توهان غير هم آهنگ ٿي ويندؤ...... هر طرف ڪا شيءِ گهٽ هوندي، ڪو پيچ گم ٿيل هوندو..... توهان محسوس ڪندؤ هر طرف ڪو زلزلو متل آهي. جڏهن تہ هر شيءِ جيئن جو تيئن موجود هوندي. رڳو توهان مختلف ٿي ويا هوندؤ. پر توهان هڪ مختلف همواري سان هم آهنگ ٿي ويندؤ. هڪ بلند تر همواري.

اها گڙٻڙاهٽ (ڊسٽربنس) بلڪل ائين محسوس ٿيندي آهي، جيئن هڪ ٻار وڏندو ويجهندو آهي ۽ جيئن عورت بالغ ٿيڻ تي محسوس ڪندي آهي. چوڏنهن..... يا پندرنهن سالن جي عمر ۾ هر ڇوڪرو اهو محسوس ڪندو آهي تہ هو جڻ دنيا ۾ اجنبي ٿي ويو آهي. اڪيلو ٿي ويو آهي...... ان جو سبب هيءَ آهي تہ هڪ نئين طاقت ان ۾ داخل ٿي وئي هوندي آهي. جنس..... اها پهرئين موجود ناهي هوندي يا وري هيءَ تہ لڪل هئي. هاڻ پهريون ڀيرو..... هو هڪ نئين قسم جي طاقت محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڇوڪرا تمام گهڻو گهبرائيندا آهن. اُهي ڪٿي بہ ناهن هوندا. اُهي وڏيڪ ٻار ناهن رهندا ۽ هو پورا مرد بہ ناهن هوندا. بس اُهي ڪٿي وچ تي هوندا آهن. ڪٿي بہ هم آهنگ ناهن هوندا. جيڪڏهن هو ٻاڻ ڪان ننڍي ٻار سان گڏ کيڏندا آهن تہ کين سٺو ناهي لڳندو..... هو مرد بنجي چڪا آهن..... جيڪڏهن هو مردن سان دوستيون رکڻ شروع ڪن تہ پوءِ بہ انهن کي سٺو ناهي محسوس ٿيندو...... اهي اجا ڪجهہ ٻار هوندا آهن. اُهي ڪنهن سان بہ هم آهنگ (فٽ) ناهن هوندا. اهو ئي سڀ ڪجهہ ظاهر ٿيندو آهي، ان وقت جڏهن ڪا تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون ثابت ٿيندي آهي، توانائي جو هڪ نئون سرچشمو دستياب ٿي ويندو آهي، جيڪو جنس کان وڏيڪ عظيم هوندو آهي. توهان هڪ ڀيرو ڪنهن مرحلي ۾ هوندا آهيو هاڻ توهان ان دنيادار ماڻهن جي دنيا سان هم آهنگ ناهيو هوندا..... توهان هڪ ٻار ناهيو هوندا ۽ اجان توهان صوفين جي دنيا سان بہ هم آهنگ ناهيو هوندا ۽ ان وچ ۾ انسان بهتر ناهي محسوس ڪندو. جيڪڏهن ڪا تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون ثابت ٿئي ٿي تہ مٿي ذڪر ڪيل ئي ڳالهيون رونما ٿينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٿي سگهي ٿو توهان کي توقع نہ رهي هجي تہ مان ڪو اهي ڳالهيون ظاهر ڪندس. توهان کي توقع هجي تہ مان چوندس وڏيڪ ماٺ. وڏيڪ پرسڪون ٿي ويندؤ. جڏهن تہ مان ان جي ابتڙ بيان ڪري رهيو آهيان تہ توهان وڏيڪ پريشان ٿي ويندؤ. جڏهن تنتر ٽيڪنيڪ توهان لاءِ موزون ثابت ٿيندي تہ توهان وڏيڪ گڙٻڙائجي ويندؤ گهٽي خاموشي نہ رهندي ماٺار پوءِ ايندي.... جيڪڏهن ماٺار هوندي آهي تہ پوءِ پريشاني ناهي هوندي اهو ڄاڻي وٺو تہ اها ٽيڪنيڪ ناهي. اهو رڳو پراڻو تاجي پيٽو آهي. توهان جو تال ميل ڪرائين پيا. يعنيَ سُر کي تار سان ڳنڍين پيا. (ايڊجسٽ) ڪن پيا. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو مراقبي بجاءِ عبادت ڏانهن مائل ٿيندا آهن. ان جو سبب هيءُ آهي تہ عبادت توهان کي ٺهراءُ ڏئي ٿي.... اها توهان کي توهان جي دنيا سان هم آهنگ (فٽ) ڪري ٿي. اها دنيا سان توهان جو تال ميل (ايڊجسٽمينٽ) ڪرائي ٿي.

عبادت حقيقت ۾ اهو ئي ڪجھ ڪري رهي آهي، جيڪو اڄڪلھ نفسياتي تجزيو ڪرڻ وارا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن توهان گڙٻڙاهٽ (ڊسٽربنس) جا شڪار آهيو تہ اُهي ان ۾ گهٽتائي آڻي ڇڏيندا. تاجي پيٽي سان گڏ معاشري سان، خاندان سان، تال ميل، هم آهنگ ڪرائي ڇڏيندا آهن. عبادت بہ اهوئي ڪندي آهي..... مذهبي پيشوا بہ اهو ڪندا آهن.....

جڏهن تہ مراقبو هڪ سائنس آهي. تحليل نفسي ناهي.

اهو تال ميل ناهي پيدا ڪندو. اهو توهان ۾ قلب ماهيت پيدا ڪندو آهي. مرڪزيت پيدا ڪندو آهي.

مون وٽ هڪ همراهہ آيو ۽ چوڻ لڳو: "مون کي ڪلاسيڪي موسيقي متاثر ناهي ڪندي ۽ آرٽ گيليريون مون کي بي ڪيف ڪنديون آهن. بڪواس..... ڇا اهو ممڪن آهي تہ مان پهرئين سطح کان جهمپ ڏئي ٽئين سطح تي پهچي وڃان. يعني مرڪز ۾ هليو وڃان. ان جمالياتي گند کي ڪراس ڪرڻ جو ڪو رستو آهي؟"

مون هن کي چيو اهو سچ آهي..... جماليات جي نالي تي تمام گهڻو ڪچرو گڏ ڪيو ويو آهي. جيڪو عجائب گهر..... آرٽ گيلرين ۾ گڏ ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جڏهن مان لفظ ”جماليات“ استعمال ڪندو آهيان تہ منهنجي مراد هوندي آهي توهان جي اندر جي هڪ صفت..... ان جو معروضي شين سان ڪو تعلق ڪونهي. يعني تصويرون، موسيقي ۽ شاعري سان..... ان مان مراد هوندي آهي توهان جي هستي جي هڪ صفت..... حسن جي لاءِ حساسيت..... هڪ محبت، جمال جي لاءِ هڪ حساسيت ۽ شين جو ذوق، ابدي رقص جيڪو هر طرف جاري ۽ ساري آهي. ان جي هڪ آگهي، پري ڪان ٿورو مفاصلي ڪان ڪوئل ڪي ٻڌڻ لاءِ ٿوري ماڻار..... اهو ڪچرو ناهي. اهو تہ عين مرڪز آهي..... پر مان اهو سڀ سمجهڻ تي قادر آهيان تہ توهان ڪلاسيڪي موسيقي ۽ آرٽ گيلرين ۾ گڏ ڪيل تصويرن مان ضرور بي ڪيفي محسوس ڪندا هوندؤ..... ۽ توهان لازمي طور ٿورو گهڻو پريشان هوندؤ..... ماڻهو ڇو هن سموري بڪواسيات (نان سينس) جي باري ۾ ايترو گهڻو ڳالهائيندا آهن.

جماليات تہ بس زندگيءَ جي حوالي سان هڪ فنڪارانہ سوچ، هڪ شاعراڻي بصيرت هوندي آهي. جماليات جو مطلب هوندو آهي رنگن ڪي ايتري ڪامليت سان ڏسڻ تہ هر هڪ وڻ هڪ تصوير (پينٽنگ) ۾ تبديل ٿي ويندي هر بادل خدا جي موجودگي ڪي ڪٺي ايندو آهي تہ رنگ وڌيڪ رنگين ٿي ويندا. توهان شين جي تابندگي ڪي نظرانداز نہ ڪيو. توهان سجاڳ رهو آگاهہ..... ۽ محبت ڪرڻ وارا ٿيو. توهان وصول ڪندڙ..... پليڪار ڪندڙ ۽ ڪشاده رهو. اها ئي تہ مراد هوندي آهي..... جمالياتي رجحان سان..... جمالياتي اپروچ سان.....

موسيقيءَ ڪي تہ توهان جي اندر ۾ هجڻ گهرجي. توهان جي هستي ڪي موسيقانہ (ميوزيڪل) ٿيڻ گهرجي. ان ڪي هڪ هم آهنگ (هارمز) بنجي وڃڻ گهرجي. هندستان ۾ صوفي صدين ڪان انهيءَ باري ۾ ڳالهائيندا آيا آهن. "اننت ناد بي صدا آواز....“ اها هوندي آهي عين توهان جي هستي ان ڪي ٻڌڻ لاءِ توهان ڪي ڪيڏانهن بہ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. اها سڀ ڪان قديم موسيقي آهي ۽ سڀ ڪان جديد موسيقي بہ. اها قديم ترين بہ آهي ۽ سڀ ڪان نئين بہ. ۽ اها موسيقي آهي توهان جي پنهنجي هستي جي..... توهان پنهنجي وجود جو ساز..... جيڪڏهن توهان ان ڪي ٻڌي نہ ٿا سگهو تہ پوءِ توهان ٻوڙا آهيو.


Scanned by CamScanner

ٻوڙي هئي ان لاءِ هن زندگيءَ کي محسوس ڪرڻ جا ٻيا طريقا ڳولي ورتا هئا ۽ ڪڏهن بدبختي به رحمت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. هوءَ پاڻ کي ڇهندي.... ان جي ڏڏ کي محسوس ڪندي، ان جو وهڪرو.... ان جي زندگي.... ان جي لهر کي محسوس ڪندي پر توهان انهيءَ کي ڪڏهن به ائين محسوس نه ڪندؤ. ان جو سبب هيءُ آهي ته توهان پاڻي ڏسي سگهو ٿا. توهان چئي سگهو ٿا ته "اتي پاڻي آهي؟" پر جيئن ته هوءَ ڏسي نه ٿي سگهي ان لاءِ ڪنهن ٻئي جي ڇهاءُ به محسوس ڪري سگهي ٿي. توهان ڏسي سگهو ٿا ان ڪري ان شيءِ کي محسوس نه ٿا ڪيو.

ڪجهه حالتن ۾ توهان جون اکيون ٻوٽڻ حيرتناڪ حد تائين بهتر خاصيت اختيار ڪري وٺي ٿو.... ٿورو ڪنهن پٿر کي ته ڇهي ڏسو توهان محسوس ڪندؤ ته توهان يا ته نابينا آهيو ۽ توهان رڳو هٿ رکو ٿا ۽ توهان کي پنهنجي ان هٿ کي ائين استعمال ڪرڻو آهي جڻ توهان جون اکيون نه هجن ۽ توهان حيران رهجي ويندؤ.... ٻيهريون پيرو توهان کي محسوس ٿيندو ته ڇهاءُ.... لمس به هڪ خاص مزو رکي ٿو.

جيئن ته هوءَ نه اکيون رکندي هئي، نه ڪَن هئس پر هن جي سونگهڻ جي حس ڪمال جي هئي. هوءَ شين ۽ ماڻهن جي مهڪ کي محسوس ڪري وٺندي هئي. هوءَ رڳو خوشبوءَ جي ڪري مختلف وڻن ۾ فرق ڪري ويندي هئي. هوءَ ماڻهن کي به رڳو سندن خاص بوءِ جي ڪري سڃاڻي وٺندي هئي. هوءَ ايترو ئي جمالياتي هئي جيترو پڪاسو ڊالي..... وان گاگ..... ۽ ٻيا هئا.

جيڪڏهن توهان پڪاسو جي تصويرن کي غور سان ڏسندؤ ته توهان جو مٿو چڪرائجڻ لڳندو. توهان عجيب بي چيني، بي آرامي محسوس ڪندؤ. توهان کي چڪ محسوس ٿيندي. توهان سڪون محسوس نه ڪندؤ ۽ جي توهان ڪنهن اهڙي ڪمري ۾ آهيو جنهن جون سموريون ڀتيون پڪاسو جي تصويرن سان سينگاريل هجن ته ان جا امڪان تمام گهڻا آهن يا ته توهان چريا ٿي ويندؤ يا وري توهان ننڊ ۾ خوفناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ خواب ڏسڻ لڳندؤ.

اُهي تصويرون توهان جي اندر ۾ چرياڻپ کي اُڀاريندڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سو توهان آرٽ گيلرين کان پري ٿي سگهو ٿا. پڪاسو کي نظرانداز ڪري سگهو ٿا توهان پنهنجي وجود ۾ موجود جمالياتي سطح کي اورانگهي سگهو ٿا..... توهان جمالياتي سرحد کي پار ڪري سگهو ٿا..... ٻي صورت ۾ توهان مفلس رهندؤ. غير متوازن هوندؤ. توهان جي اندر ۾ ڪا کوٽ..... ڪا ڪمي هوندي ۽ مان اهو پسند نه ٿو ڪيان ته منهنجي سنياسن جي اندر ۾ ڪا کوٽ..... ڪا ڪمي هجي. انهن کي جيترو ممڪن هجي اوترو سائنٽيفڪ هجڻ گهرجي..... ٻيهر ذهن نشين ڪري وٺو ته منهنجو مطلب اهو ناهي ته توهان کي ڪو ماهر طبعيات..... ڪو سائنسدان..... حياتيات يا فزيالوجي جو ماهر بڻجڻو آهي. منهنجو مقصد هيءَ آهي ته! جڏهن مان اهو چوان ٿو ته توهان کي سائنسدان ٿيڻ گهرجي ته منهنجو مطلب آهي توهان کي سائنسي..... ٿيڻو آهي..... اها ته هڪ علامت آهي..... هميشه ياد رکو! مان علامتن، اشارن، مرڪن ۽ حڪايتن جي ذريعي ڳالهائيندو رهندو آهيان.

توهان کي سائنٽيفڪ ٿيڻو آهي. دنيا تائين معروض دنيا تائين صحيح انداز ۾ پهچ حاصل ڪرڻ لاءِ واحد رستو سائنس آهي. جيڪڏهن بائبل چوي ٿو ته زمين گول نه پر چپٽي آهي ته انهيءَ تي ڪڏهن به يقين نه ڪيو..... سائنٽيفڪ بڻجو. زمين گول آهي..... بائبل کي ڪو حق ڪونهي ته معروضي شين جي باري ۾ ڳالهائي. بائبل هڪ مذهبي ڪتاب آهي، ان جو پنهنجو پاسو آهي انهن پاسن کي پاڻ ۾ ملايو نه.

انهيءَ غلط سلط ميلاپ جي ڪري سائنس ۽ مذهب جي وچ ۾ عظيم ڪشمڪش پيدا ٿي وئي آهي. ڪا ضرورت ڪانهي بهرحال..... سائنس جو هڪ پنهنجو جهان آهي. هن جو پنهنجو علائقو آهي سيَ کان پهرئين مذهبي پيشوائن سائنس ۾ دخل اندازي شروع ڪئي..... هاڻ سموري ڪهاڻي ابتي ترتيب سان ورجائجي پئي..... هاڻ سائنسدان مذهب جي دنيا ۾ دخل اندازي جي ڪوشش ڪن پيا.

ڪنهن به سائنسدان کان اهو سوال نه پڇو ته خدا موجود آهي يا نه..... اهو هن جو ڪم آهي يا نه..... هو خدا جي باري ۾ ڇا ٿو ڄاڻي؟ اهو هن جو پاسو ناهي ۽ هو ڪجهه به چئي خدا جي باري ۾ سو اجايو آهي..... اهو غلط آهي. بي معنيٰ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اهو ته ائين آهي جيئن ڪنهن عظيم ڊاڪٽر کان شاعريءَ بابت سوال ڪجي..... ٿي سگهي ٿو هو عظيم ڊاڪٽر هجي. عظيم فزيشن هجي پر رڳو ان کان ان ڪري شاعريءَ جي باري ۾ سوال پڇجي ته هو عظيم فزيشن آهي بيوقوفاڻي ڳالهه آهي. يا وري ڪنهن عظيم شاعر کان توهان وڃي پنهنجي بيماريءَ جو علاج پڇو اها ڳالهه به بيوقوفاڻي آهي. توهان ڪنهن عظيم شاعر کان پنهنجي بيماريءَ جو علاج نه ٿا ڪرائي سگهو. توهان جنهن ڊاڪٽر وٽ وڃو ٿا ٿي سگهي ٿو اهو شاعريءَ بابت نه ڄاڻندو هجي.....

سائنسدانن کي انسان جي اندر جي باري ۾ ڪجهه چوڻ جو ڪو حق ڪونهي..... هيءُ انهيءَ جي دنيا ئي ڪانهي..... پر هاڻ هو مداخلت ڪري رهيا آهن..... اُهي اهڙي ئي غلطي ڪن پيا جهڙي مذهبي پيشوا سالن کان ڪندا آيا آهن. گليلو کي پوپ چيو هو ته هو ڪليسا کان معافي وٺي. ڇاڪاڻ ته هن چيو هو ته سج زمين جي چؤڌاري نه ٿو ڦري پر زمين سج جي چؤڌاري ڦري ٿي..... اها ڳالهه بائبل جي خلاف هئي. مذهبي پيشوا ڏاڍو ڪاوڙيا هئا..... انهن چيو ”تون ڀلا ڪيئن ٿو بائبل کي رد ڪري سگهين؟“ ”تون ڪير ٿيندو آهين؟“ ان وقت گليلو جي عمر ستر سال هئي. هو بيماريءَ جي بستري تي پيو هو..... هن کي مجبور ڪيو ويو ته مذهبي عدالت آڏو پيش ٿئي. هن کي مجبور ڪيو ويو ته پوپ جي آڏو گوڏا کوڙي معافي گهري.

هو ضرور مزاح پسند ماڻهو هوندو..... هو هڪ زبردست مزاح جي حس رکندڙ ماڻهو هو. ان لاءِ هن چيو هو ته:

”ٺيڪ آهي جناب والا! مان معافي گهران ٿو. مان اعلان ڪيان ٿو ته بائبل ۾ صحيح لکيل آهي زمين سج جي چؤڌاري نه ٿي ڦري پر سج زمين جي چؤڌاري ڦري ٿو. ڇا هاڻ توهان سڀ مطمئن آهيو.“

اُهي سڀ جا سڀ خوش ٿي ويا انهن چيو ”ها هاڻ اسان مطمئن آهيون.“

تڏهن گليلو کليو هو. هن چيو: "پر ڇاهي ڪجهه به هجي مان چوان ٿو ته ان سان ڪو به فرق نه پوندو. پوءِ به زمين ته سج جي چؤڌاري ڦرندي رهندي. منهنجي هن بيان سان ڪهڙو فرق پوندو؟ هيءُ ڇا ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪري سگھن..... مان ڇا تو ڪري سگھان؟ منهنجي ڇوڙڻ سان تہ ڪجھ بہ ناهي ٿيندو..... زمين ڪو ٻڏي ٽوڙئي ٿي..... پر مان معافي ٿو گھران..... چوان ٿو تہ بائبل صحيح آهي. پر توهان اها ڳالھ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ زمين هميشہ سج جي چوڌاري ڦرندي رهندي آهي..... ان ۾ منهنجي يا توهان جي خواهش جو ڪو عمل دخل ڪونهي. مان چاهيندس هيءُ سرشتو بائبل جي ڇوڙڻ موجب هلي ۽ توهان جي سوچ مطابق چرپر ڪري پر مان ۽ توهان بي وس آهيون. هيءُ چرخو تہ هلندڙ آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان هلندو رهي ٿو."

بائبل ۾ ڪوڙ سارا غير سائنسي بيان موجود آهن. ويدن ۾ ڪوڙ غير سائنسي ڳالهيون آهن..... سڀني قديم صحيفن ۾ ڪوڙ غير سائنسي ڳالهيون آهن. ان جو هڪ خاص سبب آهي. ان جو هڪ سبب هيءَ آهي تہ انهن ڏينهن ۾ سائنس هڪ الڳ مظهر / لقاءَ طور موجود نہ هئي. مذهبي صحيفا واحد موجود ڪتاب هوندا هئا. ان ڪري پوءِ ان ۾ هر شيءِ ڪي گڏ ڪيو ويندو هو. ان ۾ فن شامل هوندو هو. ان ۾ رياضي شامل هوندي هئي. ان ۾ جاگرافي شامل هوندي هئي. ان ۾ تاريخ شامل هوندي هئي..... ان ۾ هر موجود علم شامل ڪيو ويندو هو ۽ ان دؤر ۾ انسان جو علم ايترو محدود هو جو هڪ صحيفي ۾ سمائي سگھجي پيو.

پر هاڻ صديون گذري چڪيون آهن. انسان ترقي ڪئي آهي. هاڻ سائنس جي پنهنجي دنيا آهي..... جيڪو ڪجھ بہ سائنس آهي اسان کي ان کي صحيفن مان خارج ڪري ڇڏڻ گھرجي..... انهيءَ ۾ سائنس جو ڪم ڪونهي. نہ تہ سائنس کي ڪو مذهبي صحيفن سان واسطو آهي..... پر بيوقوف ذهن مذهب ۽ سائنس تي وڙهندا اچن ٿا.

مان توهان جو سائنٽيفڪ مرشد ٽيڻ پسند ڪندس..... جيستائين معاملو آهي دنيا جو..... سائنٽيفڪ ٿي وڃو..... جيستائين داخلي حقيقت جو تعلق آهي مذهبي ٿي وڃو..... ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ دنيا آهي. وچ واري دنيا. ڏنڏلي دنيا، جتي معروضي (خارجي) ۽ موضوعي (داخلي) جو ميلاپ ٿيندو آهي. هيءُ جماليات جي دنيا آهي. ان جي حوالي سان فنڪار بنجي وڃو. شاعر بنجي وڃو. موسيقار بنجي وڃو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اهي سڀ پاسا آسوده هجن ته توهان روحاني ٿي ويندؤ. اُهي سڀ شيون توهان کي ملن ته توهان کي چوٿون ماڻهو ناهي ڇڏينديون.

روحاني انسان..... منهنجي سنياسن کي چوٿون ماڻهو ٽيٽو پوندو..... مربوط..... ڪامل ڪنهن به شيءِ کي نظرانداز نه ڪرڻو پوندو. هر شيءِ کي جيئڻو پوندو. هر شيءِ جو تجربو ڪرڻو پوندو. هر هڪ شيءِ کي جذب ڪرڻو پوندو ته جيئڻ جيترو ممڪن ٿي سگهي توهان امير ٿي وڃو. اسان جي تهذيب ۾ مون جهڙن پيشاورن (پروفيشنلز) سان هڪ مسئلو آهي ته اسان پنهنجي ذهانت کي تمام گهٽو استعمال ڪندا آهيون. ايترو گهٽو جو اسان ذهن جي ذريعي ڏسڻ شروع ڪندا آهيون ۽ ٻين ذريعن کي نظرانداز ڪرڻ لڳندا آهيون. ان سبب جي ڪري زندگي بي ڪيف (بور) ۽ بي رنگ ٿي وئي آهي ۽ ان جي چمڪ وڃائجي وئي آهي. ڪو به ماڻهو پنهنجي ذهن کي تمام گهٽو استعمال نه ٿو ڪري سگهي. اهو هڪ اهڙي عظيم طاقت جيان آهي، جنهن ۾ ايترا ته بي انتها لکل امڪان موجود هوندا آهن. جو ان کي تمام گهٽو استعمال ڪري نه ٿو سگهجي. نه رڳو ايترو ته ان کي استعمال نه ٿو ڪري سگهجي پر اسان پنهنجي سموري عمر ۾ ذهني توانائي جو رڳو ڏهه کان پندرنهن سيڪڙو استعمال مس ڪري سگهندا آهيون.

ٻي شيءِ اها آهي ته جڏهن توهان ذهني ڪم ڪيو ٿا ته ان جو لازمي نتيجو اهو هوندو آهي ته توهان پنهنجي ذهانت استعمال ڪري رهيا آهيو. ذهني ڪم به مشيني (مڪينيڪل) هوندو آهي. جڏهن توهان هڪ پيرو چارڻ حاصل ڪري وٺندا آهيو ته پوءِ ڪنهن ذهانت جي ضرورت بهرحال ناهي هوندي. ذهن پوءِ ڪنهن ڪمپيوٽر جيان ڪم ڪندو آهي.

حقيقي مسئلو ذهانت جي تمام گهٽي استعمال جو ناهي پر جذبن کي استعمال نه ڪرڻ جو آهي. اسان جي تهذيب ۾ جذبي کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. ان ڪري توازن وڃائجي ويو آهي. رڳو هڪ طرفي شخصيت پروان چڙهي آهي.

جيڪڏهن جذبن کي استعمال ۾ آندو وڃي ها ته پوءِ عدم توازن جو مسئلو پيدا نه ٿئي ها. ذهن ۽ جذبي جي موزون تناسب سان ئي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توازن اٿئر آهي. ہي صورت ۾ سموري جي سموري شخصيت بيمار ٿي ويندي.... اهو هڪ ٽنگ کي استعمال ڪرڻ جيان آهي. توهان هڪ ٽنگ تي هلي سگهو ٿا پر ان سان توهان تمام گهٽو مفاصلو نہ ٿا طئہ ڪري سگهو. منزل تائين جلد پهچڻ لاءِ توهان کي ٻہ ٽنگون استعمال ڪرڻيون پونديون. جذبو ۽ ذهن ٻن پرن جيان آهن. جڏهن اسان رڳو هڪ پر استعمال ڪنداسين تہ نتيجو بي سڪوني حالت ۾ نڪرندو آهي. اهڙي طرح رحمت جيڪا رڳو ٻنهي پرن کي هڪ ئي وقت استعمال ڪرڻ ۾ هوندي آهي ٻنهي پرن جي استعمال سان توازن ۽ هم آهنگي جنم وٺندا آهن.

ذهن کي تمام گهٽو استعمال ڪرڻ کان ڪڏهن بہ خوف نہ ڪائو. رڳو ان وقت توهان گهراين کي ڇهي سگهو ٿا جڏهن ذهانت استعمال ٿيندي آهي. تڏهن ئي رڳو توهان جون خفيہ صلاحيتون ظاهر ٿينديون آهن. ذهني ڪم جو اهو مطلب ناهي تہ توهان جي ذهانت استعمال ٿي رهي آهي. ذهني ڪم تہ بس رڳو سطحي هوندو آهي. ڪا بہ گهرائي ڇهي نہ ٿي سگهجي. ڪنهن شيءِ کي مجازرت (چئلينج) نہ تو ڪري سگهجي. اها بي ڪيفي کي وڌائي ٿي. اهو اهڙو ڪم هوندو آهي، جيڪو سواءِ ڪنهن لطف جي ٿيندو آهي. لطف تڏهن ئي ايندو آهي جڏهن توهان جي انفراديت کي چئلينج ڪيو ويو هجي ۽ توهان کي پنهنجو پاڻ کي ثابت ڪرڻو هوندو آهي..... چئلينج جو جواب ڏيڻو هوندو آهي.

ذهانت يا جذبي کي جنهن وقت چئلينج ڪيو ويندو آهي تڏهن اُهي ٻئي گڏجي پنهنجي رحمت کي تخليق ڪري وٺندا آهن.

جنهن ماڻهوءَ جي شخصيت جو رڳو هڪ پاسو ڪم ۾ اچي رهيو هجي ۽ ٻيو بي ساهو هجي اهو ماڻهو شيزوفيرينيا جو مريض ٿي ويندو آهي. ان صورت ۾ جيڪو حصو ڪم ڪري رهيو هوندو آهي. اهو بہ صحيح ڪم ناهي ڪندو. ڇاڪاڻ تہ ان کي وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو آهي. شخصيت هڪ ڪليت هوندي آهي. اها بهرحال ڪنهن ورهاست کان آشنا ناهي هوندي. حقيقت ۾ مڪمل شخصيت هڪ وهندڙ توانائي هوندي آهي. جيستائين توانائي کي منطقي طريقي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

استعمال ڪيو ويندو آهي ته اها ذهانت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. تڏهن اُها ذهانت ٿي پوندي آهي. جڏهن ان کي منطقي پر جذباتي انداز ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي تڏهن اها دل بڻجي ويندي آهي. اهي ٽئي الڳ الڳ شيون آهن. توانائي هڪ ئي آهي، جيڪا مختلف ٿي شين مان گذرندي آهي. جڏهن دل نه هجي رڳو ذهن هجي تڏهن به توهان ڪڏهن پرسڪون ناهيو رهندا.

پرسڪون هجڻ جو مطلب آهي اها ئي توانائي هاڻ توهان جي زندگيءَ ۾ مختلف انداز ۾ ڪم ڪري رهي آهي. آرام سڪون جو مطلب ڪڏهن به بي عملي ناهي هوندو. ان جو مطلب هوندو آهي، ڪنهن هڪ پاسي ڪم ڪرڻ..... اهڙيءَ طرح جنهن پاسي تي وڌيڪ بار هوندو آهي. اهو سڪون آشنا بڻجي ويندو آهي.

جيڪو ماڻهو ذهني ڪمن ۾ مسلسل..... لاڳيتو الجهيل رهندو آهي. ڪڏهن به آرام ۽ سڪون نه ٿو حاصل ڪري سگهي. اهو پنهنجي توانائي کي ٻئي پاسي ڏانهن منتقل نه ٿو ڪري ان لاءِ هن جو ذهن غير ضروري طور تي هڪ ئي پاسي ۾ ڪم ڪندو رهندو آهي. انهيءَ سان بي ڪيفي جنم وٺندي آهي. خيالن مٿان خيال ايندا رهن ٿا. توانائي ذيان ٿيندي رهندي آهي. توهان لطف اندوز ناهيو ٿيندا. ان جي ابتڙ توهان ان غير ضروري بار سبب مايوسي ۽ بوريت جو شڪار ٿيڻ لڳندا آهيو. پر ان ۾ ذهن جو ڪو ڏوهه ناهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته ڪو متبادل پاسو فراهم ئي ناهي ڪيو ويو. ان لاءِ ڪو ٻيو دروازو کوليو ئي ناهي ويو. توانائي توهان جي اندر ۾ دائري ۾ گهمندي رهندي آهي. توانائي ڪڏهن به جامد ناهي هوندي. توانائيءَ جو مطلب هيءُ آهي ته اها جيڪا جمود ناآشنا هجي. جيڪا هميشه وهندڙ هجي آرام ۽ سڪون جو مطلب اهو ناهي هوندو ته هاڻ توانائي ٻئي رستي کان وهي رهي آهي. ٻئي پاسي..... اها هڪ ٻئي علائقي ۾ داخل ٿي وئي آهي.

پر ٿي سگهي ٿو ته علائقو مختلف هجي پر جيڪڏهن اهو پهرئين واري علائقي جي بلڪل ابتڙ نه هوندو..... ذهن کي آرام ۽ سڪون نه ملندو. مثال طور تي جيڪڏهن توهان ڪنهن سائنسي مسئلي کي سلجهائڻ جي ڪوشش ۾ آهيو ۽ ٿڪجي پيا آهيو ته ان ويل توهان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪو ناول پڙهڻ سان سڪون ملندو.... اُهي ٻئي ڪم مختلف آهن سائنسي مسئلي کي سلجهائڻ فعال ۽ چست هجڻ جي نشاني آهي.... جڏهن ته ناول پڙهڻ غير فعال هجڻ.... جيڪو هڪ مڪمل طور تي زنانه سرگرمي آهي.... توهان جڏهن ڪا شيءِ سلجهائي نه رهيا هوندا آهيو ته توهان غير فعال هوندا آهيو. آرام ۽ سڪون جو مطلب آهي هاڻ توانائي ٻئي رستي کان وهي رهي آهي.... ٻئي پاسي ڏانهن سفر ڪري رهي آهي.

اهڙيءَ طرح جڏهن اسان محبت ڪري رهيا هوندا آهيون ته ذهن بهرحال عمل ۾ ناهي هوندو. بلڪل ابتڙ ڳالهه هجي ٿي. يعني توهان جي شخصيت جو غير عقلي حصو فعال ٿي ويندو آهي. ذهانت کي لازمي طور محبت جي ذريعي رقص ڪرڻ گهرجي ۽ محبت کي لازمي طور ذهانت جي ذريعي متوازن هجڻ گهرجي.... عام طور تي اهو توازن ڪٿي به نه ٿو ملي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو محبت ڪري رهيو هوندو آهي ۽ سمورا ذهني مقصد نظرانداز ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ته انهيءَ مان بي ڪيفي جنم وٺي ٿي. ايستائين جو محبت هڪ ڇڪتاڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو چوويهه ڪلاڪن جو معمول بڻجي وڃي ته منهنجي نظر ۾ ته نه ڪو ماڻهو نه ئي ڪو انساني سماج عقلي ۽ غير عقلي جي وچ ۾ هڪ داخلي توازن قائم ڪرڻ کانسواءِ صحت مند رهي سگهي ٿو. مان انهن ٻنهي کي الڳ الڳ مختلف شين جي طور تي نه ٿو وٺان. مان انهن کي هڪ ئي توانائي جا ٻه قطب سمجهان ٿو.

سموري توانائي ٻن مختلف قطبن جي وچ ۾ وجود رکي ٿي. توانائيءَ کي پنهنجي تخليق لاءِ پنهنجي هجڻ لاءِ هڪ داخلي ڇڪ جي ضرورت هوندي آهي. قطب بجليءَ جيان مثبت منفي ٿي سگهن ٿا. يا وري چقمق جيان اتر-ڏکڻ يا حياتياتي سطح تي مرد ۽ عورت ٿي سگهن ٿا. پر توانائي هڪ قطب وٽ وجود نه ٿي رهي سگهي. هڪ قطب هميشه پنهنجي مخالف کان توازن حاصل ڪندو آهي. اهڙي طرح جيترو وڌيڪ هڪڙو قطب استعمال ۾ ايندو آهي اوترو وڌيڪ مخالف قطب جيڪو آرام ۾ هوندو آهي، چمڪدار ٿي پوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ذهن کي هڪ قطب کان مخالف قطب ۾ ايترو سؤلائي سان تبديل ٿي وڃڻ گهرجي جيئن ڪو ماڻهو گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ وري سؤلائي سان ننڊ جي جهوليءَ ۾ هليو ويندو آهي.

ماڻهوءَ کي ضرور ان جو اهل ٿيڻ گهرجي ته هو هڪ پاسي ۾ ڪشاده هجي ته ٻئي طرف کان به کليل هجي. جڏهن ائين ٿيندو آهي ته پوءِ زندگي گهڻي دير تائين بي ڪيف ناهي رهندي. پر رحمت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. بدقسمتيءَ سان اسان رڳو هڪ قطبيت جي نشي جا عادي ٿي ويا آهيون..... ڇاڪاڻ جو اسان کي رڳو اها ئي تربيت ڏني وئي آهي. ائين ڪرڻ سؤلو آهي..... توهان ان طريقي سان ڪم ڪري سگهو ٿا، جيڪي توهان لاءِ ڄاتل سڃاتل آهن. سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي..... شعور جي ضرورت ئي ناهي پوندي. جڏهن توهان هڪ قطب کان ٻئي قطب ڏانهن منتقل ٿيندا آهيو. جڏهن توهان پنهنجو مڪمل تناظر تبديل ڪندا آهيو. توهان اناڙي بنجي ويندا آهيو..... ان ٻئي جهان ۾ توهان ماهر ناهيو هوندا..... توهان ان ۾ تربيت يافتا ناهيو هوندا. جڏهن توهان ان کان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو ته توهان ان جهان ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو جنهن ۾ توهان ماهر هوندا آهيو.

مسئلو اهو ئي آهي. ڪنهن ماڻهوءَ کي لازمي طور ڏينهن جي چوويهه ڪلاڪن ۾ ماهر نه رهڻ گهرجي..... ماڻهوءَ کي گهرجي ته هو ضرور ڪو اهڙو ڪم ڪري جنهن ۾ هو لاشخص (ڪجهه به نه) هجي ۽ جنهن شيءِ جي باري ۾ ڪجهه به نه ڄاڻندو هجي. ماڻهوءَ کي لازمي طور ڪڏهن ڪڏهن ٻار ٿي پوڻ گهرجي. ڪيڏندڙ اناڙي، غير آگاهه جاهل.

هر گهڙي (جيئنس) جي اندر هڪ ٻار هوندو آهي. اندر ۾ هڪ ٻار ڪانسواءِ ڪو به جيئنس وجود نه ٿو رکي..... اهو ٻار هن جي سموري توانائي جو سرچشمو هوندو آهي. پنهنجي اندر جي ٻار جي ڪري هو سيڪڙات بنجي سگهي ٿو هو ڪڏهن ڪڏهن مڪمل طور تي جاهل ٿي سگهي ٿو. هو انهن جهانن کي ڇهي سگهي ٿو جن جي باري ۾ هو اڻ آگاهه آهي. هڪ رياضي دان شاعري جو رخ ڪري سگهي ٿو ۽ هو وري ناطق ذهن جي ذريعي پنهنجي رياضي ڏانهن موٽي سگهي ٿو. نون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تجربن سان گڏ..... جيڪي رياضي دانن لاءِ اڻ ڇاتل آهن. جيڪي ماڻهو جامد ۽ غير لچڪدار پيشيور هوندا آهن اهي نہ تہ ڪڏهن ڪا شيءِ ڳولي سگهندا آهن نہ ئي ايجاد ڪري سگهندا آهن. اهي هميشہ اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ هوندا آهن. جيڪو منزل تائين ٻار واري ذهن رکندڙ آئوٽ سائيڊر جيان هلندا آهن. رڳو هڪ ٻار ئي ايجاد ڪندڙ هوندو آهي. پوڙهو هڪ ماهر هوندو آهي ۽ ماهر ايجاد ڪندڙ ناهي هوندو. اهو ساڳو ڪم بار بار ڪندو آهي. هو ان کي وڌيڪ مڪمل تہ بنائي ڇڏيندو پر نئون نہ..... ڪو بہ پيشيور علم ۾ نئون اضافو نہ ٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ هو تمام گهڻو ڇاڻي ٿو. هو نئين کي نہ ٿو ڏسي سگهي. هو هميشہ نئين کان غافل هوندو آهي. پيشي ور هميشہ قدامت پسند هوندو آهي. اهو انقلابي ناهي هوندو. نہ ئي اُهي ٿي سگهن ٿا. ان جي هستي ڳري هوندي آهي.

جڏهن بہ ائين ٿيندو آهي تہ ڪو سائنسدان شاعريءَ جو رخ ڪري.... ڪو شاعر رياضي جو رخ ڪري يا ڪو ڪاروباري ماڻهو مصوري ڏانهن مائل ٿي وڃي تہ ڪو مصور سنياسي بنجي پوي تہ ڪا نئين شيءِ جنم وٺندي آهي.

ڪنهن نئين شيءِ کي جنم ڏيڻ باسعادت هوندو آهي. ٻي صورت ۾ توهان جو روزمره جو ڪم بي ڪيف ۽ بي رنگ ٿي ويندو آهي..... ماڻهو ڪنهن مشين جيان ڪم نہ ٿو ڪري سگهي..... هو مشيني انداز ۾ هميشہ هڪ شيءِ پيدا نہ ٿو ڪندو رهي هڪ ئي روٽين جو اڻ ختم ٿيندڙ سلسلو ورجائيندي جيڪڏهن هو ائين ڪندو ٿو رهي تہ پوءِ هو مرده ٿي ويندو. پنهنجي موت کان تمام گهڻو اڳ هو بس رڳو ايترو ڄاڻندو تہ هو موت اچڻ تائين زنده رهيو.

جيڪڏهن توهان ڪنهن انساني مشين جيان ڪم ڪندا رهو تہ هميشہ خطرو موجود هوندو آهي تہ توهان جي جاءِ تي ڪا ٻي انسان جهڙي مشين اچي والاريندي ۽ توهان سڪون ۾ نہ ٿا رهي سگهو..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ جيڪو ڪجهہ بہ توهان ڪري سگهو ٿا اهو ڪنهن مشين جي ذريعي اچا وڌيڪ بهتر طريقي سان ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي باري ۾ پيشگوئي نہ ٿي ڪري سگهجي..... پيشگوئي جي قابل نہ هجڻ هميشہ عدم تحفظ جو سرچشمو رهيو آهي. ڪا زال ڪنهن ناقابل پيشگوئي مڙس سان سڪون سان گڏ نہ ٿي رهي سگهي. جنهن وٽ وقت هو پيشگوئي جي قابل ناهي هوندو ان وقت ان سان گڏ رهڻ مشڪل هوندو آهي. ڪو بہ ماڻهو ڪنهن اڻ قابل پيشگوئي ماڻهوءَ سان گڏ پرسڪون نہ ٿو رهي سگهي. پر ياد رکو تہ رڳو ۽ رڳو هڪ ناقابل پيشگوئي ماڻهو ئي خوشيءَ کي محسوس ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سيني کان جدا محسوس ڪرڻ تي قادر هوندو آهي..... زندگي خود ناقابل پيشگوئي..... ناقابل انتظام آهي. زندگي ائين هميشہ پل کان پل تائين اٽڪاتل ڏانهن سفر ۾ آهي..... اها اٽڪاتل ڏانهن وسعت آهي..... نہ ان کان گهٽ نہ ان کان وڌ.....!

جيڪڏهن توهان وسيع آهيو جيئن خود زندگي آهي تہ پوءِ لازمي طور تي پنهنجي هر پاسي ۾ زنده آهيو. يعني تہ جسماني، ذهني، جذباتي، روحاني..... تڏهن توهان ڪامليت سان جيئو ٿا. تڏهن ڪائي ورهاست ڪو ياڳو ناهي هوندو. توهان جي توانائي جڻ هڪ کان ٻئي ۽ ٻئي کان ٽئين پاسي ڏانهن روان دوان هوندي آهي. توهان جي توانائي جي سامهون ڪا رڪاوٽ ناهي هوندي اها ڪنهن هڪ پاسي ڏانهن رڳو ناهي چڪبي. اها ڪنهن وهندڙ درياءَ جيان هوندي آهي.

تڏهن ئي توهان تازا دم ۽ پرسڪون هوندا آهيو. جڏهن بہ توهان پنهنجي خاص ڪم جي شعبي ڏانهن موٽندا آهيو تہ توهان ان ۾ هڪ نئين انداز سان هڪ نئين تازگي سان رسائي حاصل ڪيو ٿا. جيڪا رڳو ۽ رڳو مختلف پاسن ۾ پرسڪون رهڻ سان حاصل ٿيندي آهي.

جيستائين مان سمجهي سگهيو آهيان تہ مسئلو گهٽي ذهني ڪم جو ناهي پر بين پاسن تي ڪم تمام ٿورو صفا ناهي..... خاص ڪري جذباتي پاسي ڏانهن. عقل جذبن جي ذريعي متوازن ٿئي ٿو. جيڪڏهن توهان ڪو منطقي ڪم ڪري سگهو ٿا تہ لڙڪ نہ ٿا وهائي سگهو. تہ پوءِ ڏک ۽ تڪليفون توهان جي نصيب ۾ آهن ۽ جيڪڏهن توهان رڳو ۽ رڳو دليل بازي ڪري سگهو ٿا ۽ ٽهڪ نہ ٿا ڏئي سگهو تہ توهان ڏکن کي دعوت پيا ڏيو..... مصيبت کي گهرو پيا..... پر جڏهن بہ ڪو


Scanned by CamScanner

اهڙو ماڻهو ظاهر ٿيندو آهي، جنهن جي زندگي وهندڙ درياءَ جيان هوندي آهي ته ان کي سمجهڻ ڏکيو هوندو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته ان کي ڪنهن به هڪ خاني ۾ نه ٿو رکي سگهجي.

زندگي لايعني ناهي هوندي، معنيٰ کي ٻن طريقن سان سمجهي سگهجي ٿو. اهڙي معنيٰ هوندي آهي، جيڪا ڏوراهين هوندي آهي. توهان کي ان تائين پهچ حاصل ڪرڻي هوندي آهي..... اها خارجي هوندي آهي. زندگي ان معنيٰ ۾ بامعنيٰ ناهي هوندي..... ۽ اهو سٺو آهي جو زندگي ان معنيٰ ۾ بامعنيٰ ناهي چاڪاڻ ته تڏهن زندگي ڪنهن ڏوراهين منزل تائين پهچ جو نالو هجي ها. تڏهن زندگي پنهنجو آزادانو حسن وڃائي ويهي ها. اها رڳو رستو هجي ها. حقيقي شيءِ ايندڙ سياڻي هجي ها.

معنيٰ جو هڪ ٻيو درجو به هوندو آهي. داخلي جوهر..... زندگي ان معنيٰ ۾ حيرتناڪ حد تائين بامعنيٰ آهي..... معنيٰ الڳ ناهي هوندي ڪنهن ٻي جاءِ تي ناهي هوندي..... معنيٰ ته خود جيئڻ ۾ هوندي آهي.

توهان نه ٿا پڇي سگهو ته ڇا محبت ۾ ڪا معنيٰ هوندي آهي؟ پر توهان ڄاڻو ٿا ته محبت بذات خود بامعنيٰ آهي. اها ڪنهن مقصد جو وسيلو ناهي هوندي توهان نه ٿا پڇي سگهو ته ڇا گلاب جي خوبصورتي بامعنيٰ آهي؟ خوبصورتي بذات خود ڪافي هوندي آهي. اها ڪنهن به پاسي وٺي ناهي ويندي اها پنهنجي معنيٰ جي پاڻ مالڪ هوندي آهي.

هستيءَ ۾ هر اها شيءِ جيڪا حقيقت ۾ قابل قدر آهي، اها هميشه داخلي طور تي بامعنيٰ هوندي آهي ۽ زندگي هستيءَ جو متبادل آهي..... زندگي معنيٰ رکي ٿي، جيڪڏهن توهان لفظ ”زندگي“ کي لفظ ”جيئڻ“ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ته توهان ان کي وڌيڪ سؤلائي سان سمجهي سگهو ٿا..... جيئڻ جي معنيٰ هوندي آهي..... هر هر پل..... ان جو سبب هيءُ آهي ته جيئڻ ڪو مري ويلن جهڙي زندگي ناهي هوندي لفظ ”زندگي“ ته مئل آهي..... سمورا رسمي (نالا) مئل هوندا آهن..... پر زبان ته مئل ماڻهن ئي ناهي آهي. هڪ ڏينهن نئون ماڻهو ڪا اهڙي زبان تخليق ڪندو جنهن ۾ رڳو عمل هوندو. ان جو سبب هيءُ آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اها هستي کان مليل هوندي.... هوڏانهن هستي ۾ ڪو "اسم" ڪونهي. ڇا توهان "زندگي" کي ڏٺو آهي؟ ڇا توهان ڪٿي "زندگي" سان مليا آهيو؟ جنهن سان ٻه توهان ملو ٿا.... تجربو ڪيو ٿا.... اهو جيئڻ هوندو آهي.

چانهه جون سرڪيون پرڻ، صبح جي سير تي وڃڻ.... پنهنجو ڪم ڪرڻ.... اُهي ننڍي ڪان ننڍيون سرگرميون توهان جي جيئڻ کي تشڪيل ڪن ٿيون.... ۽ جيئڻ جو هر حصو.... هر پل.... بامعنيٰ هوندو آهي. توهان کي بس اتي رهڻو پوندو. ٻي صورت ۾ ڪير معنيٰ جو تجربو ڪندو؟

ماڻهو چانهه پي رهيا آهن پر اُهي اُتي ڪڏهن ٻه ناهن هوندا. انهن جو ذهن سموري دنيا ۾ ڦري رهيو هوندو آهي. ماڻهو محبت ڪندا آهن پر اُهي اُتي ناهن هوندا. هيءَ ڏاڍي عجيب دنيا اسان ماڻهن ٺاهي آهي. هڪ خوابگاهه ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار ماڻهو هوندا آهن.... اڳ ۾ ٿي خوابگاهه ننڍي آهي. ٻن ماڻهن جي جاءِ مشڪل سان هوندي آهي ۽ بستري ۾ چار ماڻهو آهن. يا وري ان کان ٻه وڌيڪ.... اُهي ٻه ماڻهو جيڪي محبت ڪندا آهن، اُهي اتي ناهن هوندا. مرد ڪنهن هالي ووڊ جي اداڪاره جي باري ۾ سوچي رهيو هوندو آهي. عورت باڪسر محمد علي جي باري ۾ سوچي رهي هوندي آهي. بس اتي چار ماڻهو هوندا آهن. ڪير ڪنهن سان محبت ڪري رهيو آهي؟ اهي ٻئي ماڻهو ته بس محبت جا اشارا آهن.... اُهي موجود ناهن. محبت جا مڙئي اشارا.... ۽ تڏهن پڇندا آهن: "ڇا زندگي ۾ ڪا معنيٰ آهي؟"

توهان پنهنجي عدم موجودگي ۾ هر پل وڃائجي رهيا آهيو. هارائي رهيا آهيو.

جڏهن مان شاگرد هئس ته منهنجي اسڪول جو پرنسپل مستقل طور پريشان رهندو هو. مان اسڪول کان غير حاضر رهندو هئس. منهنجو خاندان پريشان هو. مون اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو پر اسڪول ويندو ڪونه هئس. زندگي ڏاڍي تيز هئي ۽ ڪوڙ شيون رستي ۾ هونديون هيون. اسڪول اندازن هڪ ميل پري هو منهنجي گهر کان.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هڪ ڏينهن پرنسپل مون کي سڏ ڪيو ۽ چيائين:
”تون اڪثر غير حاضر رهندو آهين؟“
مون چيو ”توهان غلط ٿا چئو؟“
هن چيو ”ڇا مطلب؟“
مون چيو ”مان هميشه حاضر هوندو آهيان، جتي ڪٿي به هوندو آهيان..... غير حاضر رهڻ منهنجي زندگيءَ جو اسلوب ناهي. ۽ ٻيو مان ڪري به ڇا ٿو سگهان؟..... منهنجي گهر ۽ اسڪول جي وچ ۾ هڪ ميل جو مفاصلو آهي..... گهٽيءَ ۾ شعبدي باز جادو جا ڪرتب ڏيکاري رهيو هو ۽ مان اتي حاضر هئس..... اُهو هتان جي استادن کان وڌيڪ دلچسپ هو. ۽ مون ان کان گهڻو ڪجهه سکيو. هتان جي پيٽ ۾..... چاڪاڻ ته هتان جو استاد جيڪو ڪجهه چوندو اهو ته مان ڪتابن ۾ پڙهي سگهان ٿو. پر مان ان جادوگر سان ڪڏهن وري ملي نه سگهندس. ۽ هن ايترا خوبصورت شعبده ڏيکاريا جڏهن هن کيل ختم ڪيو ته مان ساڻس گڏ هن جي جهوپڙيءَ تائين شهر کان ٻاهر هليو ويس. هن مون کان سوال ڪيو "پٽ! تون مون سان گڏ ڇو آيو آهين؟“ مون چيو "تون پوڙهو ٿي ويو آهين. ڇا تون نه ٿو چاهين ته جڏهن تون نه هجين پوءِ به تنهنجا شعبده زنده هجن؟“ هن چيو "تنهنجي ڳالهه ۾ وزن آهي؟“ تون اندر اچ..... ڪيترن ئي ماڻهن کي مون شعبده سيکارڻ لاءِ چيو آهي پر ان طريقي سان نه.....“

بس مان انهيءَ شعبدي گر سان گڏ رهيس..... هيءُ زندگي توهان جي رسمي اسڪول کان وڏو اسڪول آهي..... ان ڪري مان حاضر هوندو آهيان..... مهرباني فرماءِ پنهنجا لفظ واپس وٺو.....“

ها سچ ماڻهو جتي نظر ايندا آهن، اتي هوندا ڪونهن..... ان جي ڪري اُهي زندگيءَ جي معنيٰ کي وڃائي رهيا آهن..... بس ڪنهن ننڍي عمل ۾ حاضر رهو..... ان جي ڪا اهميت ڪانهي ته زندگي ۾ توهان کي وڏا ڪم ڪرڻا آهن. دنيا جو فاتح ٿيڻو پوندو. چنڊ تي وڃڻو پوندو..... يا ايورسٽ جي چوٽيءَ تي چڙهڻو پوندو. اها ڳالهه اهميت نه ٿي رکي ته توهان ڪيو ڇا ٿا؟ جتي به هجو..... ۽ جيڪو ڪجهه به ڪري رهيا هجو..... يا ڪجهه نه ڪري رهيا هجو..... حاضر رهو..... زندگيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

معنيٰ آشڪار ٿي پوندي اها حيرتناڪ حد تائين رحمت سان ڀريل آهي. پر ڪٿي ٻئي هنڌ ان کي نہ ڳوليو..... ڪنهن چرچ يا مندر..... يا ڪنهن صحيفي ۾..... توهان ان کي اتي نہ ڏسندؤ..... ايستائين جو جيڪڏهن توهان خدا سان ملندؤ تہ پوءِ بہ چئڻ حاضر نہ هوندؤ..... اهو شڪر آهي جو خدا اُتي ڪونهي نہ تہ سمورن مذهبن جي صوفين کان شرمنده هجي ها. ڇاڪاڻ تہ انهن مان ڪوبہ هڪ موجود پل ۾ حاضر ڪونهي هوندو نہ اُهي زندگيءَ کي سچائي جي انتظار ۾ گذاري رهيا هوندا آهن..... ۽ اڄ ائين ئي گذري ويندو آهي ۽ سچائي ڪڏهن بہ ناهي ايندو..... نيٺ موت اچي پهچندو آهي..... پر سچائي نہ ٿو اچي.

زندگي اڄ آهي! سچائي رڳو موت آهي. بس جڏهن بہ توهان موت سان ملندا آهيو تہ زبردست جهٽڪو لڳندو آهي. زندگي هلي وئي آهي ۽ توهان ان جي ڪا معنيٰ حاصل ڪرڻ جا اهل ناهيو رهيا..... ۽ هاڻ ڪو ايندڙ سچائي ڪونهي..... ۽ توهان تہ ايندڙ صبح ۾ معنيٰ ڳولڻ جا عادي آهيو. پر توهان کي سچائي جي باري ۾ سبق ڏنو ويو آهي..... تربيت ڪئي وئي آهي.

جيڪڏهن توهان مون کي سمجهي رهيا آهيو تہ مان چاهيان ٿو توهان هميشہ اتي حاضر رهو جتي جنهن پل ۾ موجود آهيو..... بس مڪمل طور تي حاضر رهو..... هر ننڍو عمل توهان جي حاضري جي ڪري روشن ٿي ويندو..... ۽ توهان ڄاڻي وٺندؤ تہ توهان جي سموري زندگي روشنين جو ڪاروان بنجي وئي آهي..... اها ئي معنيٰ آهي. موت ايندو آهي ۽ هليو ويندو آهي. پر ڪاروان هلندو رهندو آهي.

ٻن شين جي باري ۾ ڪافي عرصي کان مغالطو رهندو اچي ٿو. ذهن جو ساڪن ۽ سامت هجڻ ۽ ذهن کان عاري هجڻ..... اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو موجود آهن..... جيڪي سوچيندا آهن تہ اُهي ٻئي هم معنيٰ آهن..... اهي هم معنيٰ نظر اچن ٿا پر حقيقت ۾ اُهي هڪ ٻئي کان ايترو جدا آهن، جيترو بہ شيون ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن ٻنهي کي ملائڻ جو ڪو طريقو ڪونهي.

فرق تمام نازڪ قسم جو آهي. هڪ ماڻهو جيڪو پنهنجي ذهن کي ساڪت ۽ سامت رکي ٿو ۽ اهو ماڻهو جيڪو لاذهن آهي. بظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٻاهران هڪ جهڙا نظر ايندا آهن. ان جو سبب هيءُ هوندو آهي، جيڪو ماٺهو پنهنجي ذهن کي ساڪت رکندو آهي اهو بہ خاموش هوندو آهي. ان جي ماٺار پٺيان ڪوڙ سارو گوڙ ۽ شور لڪل هوندو آهي پر هو ان کي پردي کان ٻاهر نڪرڻ ناهي ڏيندو. مضبوط گرفت ۾ رکندو آهي.

لاذهن ماڻهو وٽ قابو ۾ رکڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي هوندو. اهو تہ بس خالص ماٺ هوندو آهي. ڪجهہ بہ اندر ۾ دٻايل ناهي هوندو..... بس رڳو هڪ خالص خالي آسمان.....!

سطح ڏاڍي فريب ڪار هوندي آهي..... انسان کي ظاهر جي حوالي سان ڏاڍو چوڪس هجڻ گهرجي..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ ٻاهر کان ٻئي هڪجهڙا لڳندا آهن..... ٻئي ماٺ هوندا آهن..... مسئلو پيدا نہ ٿئي ها جيڪڏهن ساڪت ۽ سامت ذهن جي حاصلات سؤلي نہ هجي ها. ان جي حاصلات صفا سؤلي آهي. پر لاذهني جي حاصلات سؤلي ناهي. اها سستي ناهي هوندي. اهو تہ دنيا جو سڀ کان عظيم خزانو آهي.

ذهن ماٺ رهڻ جو ناٽڪ ڪري سگهي ٿو. اهو سوچڻ ۽ جذبن کان عاري هجڻ جو ناٽڪ ڪري سگهي ٿو پر انهن کي نہ رڳو دٻايو ويو آهي مڪمل طور تي اهي زنده آهن ڪنهن بہ پل جهمپ ڏئي ٻاهر اچڻ لاءِ تيار آهن. نام نهاد مذهبن ۽ انهن جا صوفي ذهن کي ساڪت ۽ سامت ڪرڻ جي غلط فهمي ۾ مبتلا آهن. جيڪڏهن توهان ماٺ رهو ٿا ۽ پنهنجي خيالن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو ٿا..... جذبن کي پرڙ نہ ٿا ڏيو..... پنهنجي اندر ۾ ڪا چرپر پيدا ٿيڻ نہ ٿا ڏيو. آهستي آهستي اها توهان جي عادت بنجي ويندي اهو دنيا ۾ سڀ کان وڏو دوکو آهي. جيڪو توهان پنهنجو پاڻ کي ڏئي سگهو ٿا. ان جو سبب هيءُ آهي تہ هر شيءِ جيئن جو تيئن رهندي آهي. ڪجهہ بہ ناهي تبديل ٿيندو ۽ بظاهر ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ توهان "مرڪز" قلب ماهيت مان گذري چڪا آهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

باب ستون

# عورت، جنس ۽ مذهب

نام نهاد عظيم مردن، جوليئس سيزر، سڪندر، نيپولين وغيره..... جي پٺيان يقيني طور هڪ عورت هئي. اُهي ان قول کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

عورت هڪ خاص الخاص صفت هوندي آهي ۽ اها هيءَ ته هوءَ ننڍين ننڍين ڳالهين سان خوش ٿي ويندي آهي، جيئن ته هوءَ عورت آهي، ان لاءِ ان جي تخليق ڪرڻ جي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ ان کي ٻارن کي جڻڻ جي صلاحيت فطري طور ڏني وئي آهي..... هوءَ فطري طور تي هڪ خالق بڻجي وئي آهي..... حياتياتي طور تي..... هوڏانهن مرد سنڌيڻو محسوس ڪندو آهي. هو ٻار پيدا ڪرڻ تي قادر ناهي. خالي ڪک جهڙي ڪا شيءِ اندر ۾ زخم لڳائيندي آهي ڏک پهچندو آهي.

هو عورت جي سامهون خاص طور تي ان عورت جي سامهون جنهن سان هو محبت ڪندو آهي..... اهو ثابت ڪرڻ جي خواهش رکندو آهي ته "مان ٻه تخليق ڪري سگهان ٿو،ء ته مان فتح ڪري سگهان ٿو....." "ته دنيا کي اهو ڏيکاري سگهان ٿو ته مان ناڪاره ۽ فضول ناهيان. رڳو ضميمو ناهيان."

.....ته "مان ٻه دنيا ۾ ان جي خوبصورتيءَ ۾ ان جي قوت ۾..... ان جي فن ۾..... ان جي موسيقيءَ ۾، ان جي رقص ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ ڪجهه رکان ٿو..... مان ان کي ثابت ڪري ڏيکاريندس!"

هر مرد جي اندر ۾ ڪجهه ثابت ڪري ڏيکارڻ جي هڪ لاشعوري بي تاب تمنا هوندي آهي.

جنهن پل ڪو مرد ڪنهن عورت جي محبت جي جام ۾ گرفتار هوندو آهي، ان پل هيءُ مسئلو نهايت اهميت اختيار ڪري ويندو آهي. هو پنهنجو پاڻ کي ثابت ڪرڻ..... سڃاڻڻ شروع ڪندو آهي..... وڌ کان وڌ دولت ڪمائي صدر يا وزيراعظم بڻجي دنيا کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

اهو ئي سبب آهي جو مرد عورت تي سؤلائي سان قبضو حاصل ڪري وٺي ٿو. پر حقيقت ۾ معاملو صفا ان جي ابتڙ آهي. عورت ڪيترن ئي حوالن سان برتر آهي...... ۽ جيئن ته مرد احساس ڪمتريءَ جو شڪار هوندو آهي، ان لاءِ عورت تي هو قبضو ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تڏهن ئي هو پنهنجي ڪمتريءَ ڪان ٿورو نجات حاصل ڪري سگهي ٿو. مرد سموري انساني تاريخ دؤران غالب رهيو آهي. ان هر ممڪن طريقي سان عورت جي ڳچيءَ ۾ غلامي جو طوق وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هو ڪاميابي حاصل ناهي ڪري سگهيو. ظاهري طور تي سطح تي ته ائين ٿو نظر اچي ڄڻ هو ڪامياب رهيو آهي. پر هر هڪ مڙس چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته جنهن پل هو گهر ۾ داخل ٿيندو آهي دير تائين ائين ناهي رهندو. جنهن جي هو گهر ڪان ٻاهر اداڪاري ڪندو رهندو آهي. هو بس هڪ ڪتو بنجي ويندو آهي. پنهنجو پڇ پنهنجي ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ لڪائي. جڏهن هو گهر ڪان ٻاهر هوندو آهي ته ڄڻ آسماني بجلي جيان هوندو آهي. جڏهن هو گهر موٽندو آهي ته سندس سموري هوا نڪري چڪي هوندي آهي. هو ڏڪندو ڏڄندو گهر ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ جنهن اخبار کي سڄو ڏينهن پڙهندو رهيو آهي ان کي ٻيهر چٽڻ شروع ڪندو آهي رڳو انهيءَ ڊپ کان ته ڪٿي عورت سان مهاڏو نه اٽڪجي وڃي. اخبار ته رڳو هڪ بهانو..... هڪ پردو هوندو آهي. ايستائين جو ذرڙي عورت، عظيم ترين باڪسر محمد علي دي گريٽ کي چٽيءَ جو ڪير ياد ڏياري سگهي ٿي.

هڪ ڏينهن اڪبر بادشاهه جي نوَ رتنن مان هڪ رتن بيربل، بادشاهه کي چيو:

”جيستائين منهنجي علم جو تعلق آهي سڀ مرد عورتن ڪان مغلوب آهن. پل پوءِ هو اداڪاري ڪندي ظاهر ڪجهه به ڪن.“

اڪبر ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين: ”توکي اها ڳالهه ثابت ڪرڻي پوندي. زماني ۾ ضرور ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا. جيڪي عورتن ڪان ڊڄل نه هوندا. تنهنجو بيان سڀني مردن تي عام طور لاڳو ٿئي ٿو. ان لاءِ مان توکي پنهنجا خوبصورت گهوڙا ڏيان ٿو تون سموري گاديءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

شهر جو چڪر هڻ. پاڻ سان گڏ ٻه ڪڪڙيون ٻه ڪٽي وڃجان. جيڪڏهن توکي ڪو اهڙو مرد ملي جيڪو زن مريد هجي ان کي ڪڪڙ ڏجانءِ ۽ جي توکي ڪو مرد ملي تہ ان کي ٻنهي گهوڙن اڇي يا ڪاري مان هڪ گهوڙو چونڊ ڪري کڻڻ جي اجازت ڏجانءِ اهي ٻئي گهوڙا مون وٽ موجود سيني گهوڙن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ قيمتي آهن.....“

انهيءَ زماني ۾ گهوڙا ڏاڍا قيمتي هوندا هئا.

بيربل دهلي شهر جو چڪر هنيو ۽ جتي بہ ويو تہ هن کي سوڪڙيءَ ۾ سامهون واري کي ڪڪڙ ئي ڏيڻي پئي رڳو هڪ جاءِ تي هن کي ٿورو مشڪل پيش آئي...... هڪ نهايت ئي صحت مند مرد مليو. بيربل ان کان اڳ اهڙو صحتمند مرد ڏٺو ئي ڪونہ هو..... هو اس ۾ ويٺو هو ۽ پنهنجي جسم تي مالش ڪري رهيو هو. بيربل هن کان پڇيو:

"ڇا تون زن مريد مڙس آهين؟“

هن بيربل کي پنهنجو جسم ڏيکاريندي چيو "ٿورو منهنجو هٿ تہ پڪڙي ڏس. مان توکي جواب ڏيان ٿو.“

هن بيربل جو هٿ ايترو تہ زور سان دٻايو جو هن کان رڙ نڪري وئي.

پهلوان چيو: ”مون کان وري اهڙو سوال پڇندي“

بيربل توبهہ ڪئي. بيربل ڏٺو تہ گهر ۾ اندر هڪ نازڪ نفيس عورت ماني پچائي رهي هئي. بيربل سوال ڪيو تہ: "تنهنجي زال ڪٿي آهي؟“

پهلوان چيو ”اندر ماني پئي پچائي. منهنجي زال کي ڏسي تون پاڻ فيصلو ڪر تہ ڪير غالب هوندو.“

ظاهر ۾ مرد ۽ عورت جو بدن ڏسي بيربل چيو هوندو تہ تون بيشڪ زن مريد ناهين ۽ پهلوان کي چيائين هيءُ ٻہ گهوڙا آهن. انهن مان هڪ گهوڙو اڪبر بادشاهہ طرفان تحفي ۾ قبول ڪر..... توکي ڪهڙو گهوڙو ڪپي اڇو يا ڪارو.....

پهلوان همراهہ اندر ماني پچائيندڙ زال ڏانهن ڏٺو ۽ ان کان پڇيائين. ”ڪهڙو گهوڙو کڻون ڪارو يا اڇو؟“ عورت چيو ”اڇو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ان تي بيربل چيو "هاڻ گهوڙو نه پر توکي ڪڪڙ تحفي ۾ ڏئي سگهجي ٿو. ٿي سگهي ٿو تون جسماني طاقت جو مالڪ هجين پر ان مان اهو ثابت نه ٿو ٿئي ته تون زن مريد ناهين."

عورت نفسياتي گرفت رکي ٿي.

دنيا جي امير ترين صنعتڪارن مان هڪ صنعتڪار اينڊريو ڪارنيگي کان ان جي زندگي جي آخري ڏينهن تي پڇيو ويو "تو ايتري دولت ڪيئن ڪمائي. ان جو راز ڪهڙو آهي؟"

هن چيو: "اهڙو ڪو راز ڪونهي. مان ته بس ايتري ڪوشش ڪري رهيو هئس ته ڏسان ايتري دولت ڪمائي سگهان ٿو. جنهن کي منهنجي زال خرچ ڪرڻ کان قاصر رهي هجي پر مان ناڪام ٿي ويس ۽ هوءَ ڪامياب ٿي وئي."

توهان مون کان پڇو ٿا:

هر نام نهاد عظيم ماڻهوءَ جي پٺيان..... جوليئس سيزر، نپولين ايستائين جو سقراط جهڙي عظيم ماڻهو پٺيان به هڪ عورت هئي.

ها اهو سچ آهي..... نام نهاد عظيم مردن جي حوالي سان اها ڳالهه سچ آهي ڇاڪاڻ ته انهن صرف ۽ صرف پنهنجي زالن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ عظيم بنجڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سقراط جهڙن حقيقتن عظيم مردن لاءِ اها ڳالهه بلڪل سچ آهي. هڪ نوجوان سقراط کان سوال ڪيو: "مان شادي بابت سوچيان پيو توهان جو ڇا خيال آهي..... ڪهڙي صلاح آهي؟"

هن سقراط ۽ ان جي زال زين ٽپ جي باري ۾ سمورا قصا ٻڌا هئا. هوءَ ضرور هڪ خطرناڪ عورت رهي هوندي. هوءَ سقراط کي ماريندي هئي. هڪ ڀيري ته هن سقراط جي مٿان ٿهڪندڙ پاڻي هاري ڇڏيو هو. هوءَ چانهه تيار ڪرڻ لاءِ پاڻي اُباري رهي هئي. هن کي سقراط تي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هن اهو ئي ٿهڪندڙ پاڻي سقراط مٿان هاري ڇڏيو. سقراط هڪ بدصورت مرد هو..... ڏاڍو خراب ان ۾ ڏسڻ جي لائق ڪا شيءِ ڪانه هئي. زين ٽپ هن کي وڌيڪ بدصورت بنائي ڇڏيو هو. سموري زندگي هن جي چهري جو اڌ حصو سڙيل رهيو ۽ اهو نوجوان سقراط کان صلاح وٺڻ آيو هو "توهان کي ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ تجربو هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سموري ايٿنز ۾ توهان جي ۽ توهان جي زال جون ڪهاڻيون مشهور آهن. ۽ توهان سڀ کان وڌيڪ عقلمند ماڻهو آهيو. ڊيلفي جي هاتفو توهان کي سڀ کان وڌيڪ عقلمند انسان تسليم ڪيو آهي. سو مان توهان کان پڇڻ آيو آهيان تہ..... مان مونجهاري ۾ آهيان..... مون کي شادي ڪرڻ گهرجي يا نہ.....؟“

"توکي شادي ڪرڻ گهرجي؟ء

نوجوان کي ان جواب تي اعتبار نہ آيو هو. هو ان جواب لاءِ متوقع نہ هو.

هن چيو: "ڇا توهان زين ٽپ جهڙي زال جو تجربو رکندي بہ اهڙي صلاح ڏيو؟“

سقراط چيو: "جيڪڏهن تنهنجي زال سٺي هوندي تہ اها توکي زندگيءَ ۾ ڪامياب بنائي ڇڏيندي، اها تنهنجي اندر ۾ زبردست خواهشون پيري ڇڏيندي ۽ تون نوجوان آهين، توکي زبردست خواهشن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن تنهنجي زال منهنجي زال جهڙي هوندي تہ تون فلسفي بنجي پوندي.... منهنجي زال مون کي غير متاثر رهڻ جو فن سکڻ ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. چاهي ڪجهہ بہ ٿي وڃي ڪاميابي يا ناڪامي، مصيبت يا خوشي..... منهنجي لاءِ سڀ هڪ ٿي آهي. هن مون کي مرڪزي بنائي ڇڏيو آهي. توکي ڪنهن بہ حال ۾ نقصان ناهي.

حقيقت ۾ ان ڳالهہ ۾ هڪ امڪان آهي..... هڪ امڪان..... تہ ٻڌ جي گيان حاصل ڪرڻ ۾ شيوڌرا آهي..... هن جي زال..... ٿي سگهي ٿو ائين ئي ٻين عظيم ماڻهن دنيا جي ڏکن کان بچڻ لاءِ پنهنجي اندر ۾ ئي پناهہ ورتي هجي.

زال، عورت، حقيقت ۾ توهان جي سڀ کان ويجهي دنيا هوندي آهي. ان هر طرف کان توهان کي گهيري رکيو هوندو آهي. هر ڪنڊ..... هر رخ..... بس توهان جهڙا نام نهاد عظيم مرد بہ عورتن جي احسان هيٺ دٻيل آهن..... پل ڪٽي اهي هن ڳالهہ کي تسليم نہ ڪندا هجن ۽ اها ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي. مون کان ڪوڙيرا پڇيو ويو آهي عورت ڇو گياني ناهي بڻجندي، ان جو سبب هيءُ آهي تہ ڪو مرد ڪنهن عورت کي ان انتها تائين وني وڃڻ جي اهليت نہ ٿو رکي! هو عورت سان ناتو


Scanned by CamScanner

رکڻ لاءِ ڪجهه به نه ٿو ڪري. اهو رڳو مرد جو سنڌيڪيٽو آهي..... هو عورت کي ان حد تائين نه ٿو آڻي سگهي..... وڌيڪ اهو ته عورتون هميشه مرڪزي هونديون آهن. مرد مرڪزي ناهي هوندو، هو ته هوا جيان هوندو آهي. جڏهن ته هن کي زمين تي رهڻ جي ضرورت آهي..... مرڪز تيڻ جي ضرورت آهي.

شيلا ۽ جارج پنهنجي هني مون جي پهرئين رات فرانس ۾ هڪ قديم شهر ۾ گذاري رهيا هئا. شيلا انهيءَ حسين رات جي سحر ۾ وڌيڪ جادو پرڻ لاءِ تجويز ڏني ته ان رات جڏهن پوڙهو چوڪيدار رات جي هر ڪلاڪ جي وقت گهڙيال جو گهنڊ وڄائي ته اسان ان مهل "محبت" ڪنداسين. جارج انهيءَ تجويز کي مرڪنديءَ خوشيءَ سان قبول ڪيو.

پر اڃان چار ڪلاڪ مس گذريا هئا جو جارج سگريٽ خريد ڪرڻ جي بهاني سان ٻاهر نڪري آيو ۽ چوڪيدار جي مناري وٽ پهتو: "بڏ اي پوڙها! ٿورو مون سان تعاون ڪر. مهرباني ڪري سموري رات تون هڪ ڪلاڪ بجاءِ ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ وقت جو گهنڊ وڄائي."

پوڙهي چوڪيدار چيو "مون کي توهان سان تعاون ڪري خوشي ٿي ها پر مان ائين نه ٿو ڪري سگهان."

جارج چيو: "مان توکي پئسا ڏيندس مڙئي تون مهرباني ڪر."

پوڙهي جواب ڏنو: "ائين نه ٿو ٿي سگهي جناب! هڪ خوبصورت نوجوان ڇوڪري مون کي اڳ ۾ئي رشوت ڏئي وئي آهي ته مان هر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪلاڪ جو گهنڊ وڄايان."

جيڪڏهن توهان ڪنهن عورت جي ساراهه ڪندڙ ماڻهو آهيو ته يقينن توهان عورت جي هٿان بيوقوف بنجي ويندؤ. ان جو سبب هيءُ آهي ته ساراهه غير حقيقي هوندي آهي. ساراهه هميشه ڪجهه مفاصلي کان ممڪن هوندي آهي، جيترو توهان ويجهو ويندؤ اوتروئي بيوقوف نظر ايندؤ ۽ جڏهن توهان عورت جي پڪڙ ۾ اچي وڃو ته صفا بيوقوف بنجڻ توهان جو مقدر ٿي ويندو آهي. مان ڪنهن به عورت جي تعريف ناهيان ڪندو. مان رومانوي ناهيان. مان تمام گهڻو حقيقت پسند آهيان، مان عورتن يا مردن جي باري ۾ جيڪو ڪجهه چوندو آهيان اهو حقيقت هوندو آهي. مان ڪڏهن به افساني ناهيان ڳالهائيندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

توهان مون کان پڇيو آهي تہ ان جو راز ڪهڙو آهي؟

هيڏانهن منهنجي زندگي ۾ تہ ڪو راز ڪونهي.... يا وري توهان ان کي ڪليل راز چئي سگهو ٿا. مون وٽ ڪجهہ بہ لڪل ناهي. مان مٺ جيان ناهيان جيئندو. پر کليل هٿ جيان رهندو آهيان. مون وٽ ڪجهہ بہ لڪل ناهي. ڪا بہ شيءِ مخفي ناهي. ڪا شيءِ راز ناهي. سڀ ڪجهہ سادو آهي ۽ هموار آهي. کليل راز هيءُ آهي تہ توهان آزاد رهي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان پنهنجي چوڌاري ڪوڙ ساريون عورتون گڏ ڪري وٺو. ان وقت اهي هڪ ٻئي ۾ گم ٿي وينديون. اُهي توهان کي مطلق اڪيلو ڇڏي ڏينديون..... حقيقت ۾ اُهي توهان جي باري ۾ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏينديون. انهن جو رشڪ ٿي انهن لاءِ ڪوڙ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي عورتن کان آزاد رهڻ چاهي ٿو تہ ان لاءِ اهو ئي واحد رستو آهي. اهو ئي منهنجو کليل راز آهي (اوپن سيڪريٽ آهي) ۽ اُهي سڀ مون سان رڳو ان سادي سبب جي ڪري محبت ڪن ٿيون جو نہ تہ مان ڪنهن هڪ جي ملڪيت آهيان نہ ئي ڪا منهنجي ملڪيت آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن عورت کي ملڪيت ۾ رکو ٿا تہ مسئلو پيدا ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن توهان ڪنهن عورت جي ملڪيت ۾ هوندؤ تڏهن بہ مسئلو پيدا ٿي پوندو. مان ڪنهن کي بہ ملڪيت ۾ ناهيان رکندو..... مان تہ بس پنهنجو ڪم ڪندو رهندو آهيان..... جيڪو ڪجهہ بہ ناهي..... ۽ مان عورتن کي پنهنجي چوڌير رکندو آهيان ۽ انهن جا ايترا مسئلا آهن جو اُهي مون کي وساري سگهن ٿيون!

مان عورتن کي ايتري گهٽي تعداد ۾ رڳو ان ڪري سنياسي بنائي رهيو آهيان تہ اُهي مردن جي پيٽ ۾ وڏيڪ رقص ڪري سگهن ٿيون. وڌيڪ محبت ڪري سگهن ٿيون ۽ وڌيڪ هنگامو برپا ڪري سگهن ٿيون. مرد جو جهڪاءُ آسمان ڏانهن وڌيڪ هوندو آهي ۽ عورت جون پاڙون زمين ۾ هونديون آهن.

جيڪڏهن عورت سموري دنيا جي انچارج هجي تہ دنيا مان ڪوڙ ساريون احمقاڻيون شيون ختم ٿي وڃن. مثال طور: جنگيون ختم ٿي وينديون. پر دنيا ۾ وڌيڪ خوبصورت ڪپڙا هوندا..... فيشن هوندو.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ماڊلنگ هوندي پر هٿيار، ايٽم بم، هائيڊروجن بم وغيره ختم ٿي ويندا. ڪا بہ عورت بارود ۽ هٿيارن سان دلچسپي نہ ٿي رکي. هيرو شيما ۽ ناگاساڪي جهڙا واقعا بيهر نہ ٿي سگهندا. صليبي جنگيون ختم ٿي ويون مذهبي جنگيون ختم ٿي وڃن..... جنگ دنيا مان گم ٿي ويندي

اهي ڪپڙن، ڪاسميٽڪس ۽ خوبصورتيءَ ۾ وڌيڪ دلچسپي رکن ٿيون ۽ اُهي دلچسپيون سٺيون هونديون آهن..... اُهي توهان کي وڌيڪ وقت تائين زنده رکن ٿيون. مرد جون دلچسپيون ڏاڍيون خطرناڪ هونديون آهن. سياست، مذهب، معيشيت ۽ اهي ڳالهيون، وڏ ڪان وڏ الميا پيدا ڪندڙ آهن. ڪنهن بئي جي پيٽ ۾ انسانيت جي نانءُ تي وڌيڪ الميا پيدا ٿيا آهن..... ٽن هزار سالن ۾ پنج هزار جنگيون ٿي چڪيون آهن ۽ اجا ڪيتريون لڳنديون ٽن جو ڪاٿو ان مان لڳائي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# محبت! دل ۾ دکندڙ آڳ

رومي چيو هو ”مان سڙڻ چاهيان ٿو........“

آخر ھيءَ ٻرڻ........ سڙڻ ڇا آھي؟“

شمس چيو هو ”مان باھہ آهيان“

ڇا توهان شمس ۽ روميءَ جي لفظن جملن تي تبصرو ڪندؤ؟

توهان هڪ خطرناڪ سوال پڇيو آهي، ان جو سبب ھيءَ آهي تہ انهيءَ سڙڻ جو توهان جي گيان سان ڪو تعلق ناهي، گيان جي راھہ ۾ سڙڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

پر جيئن تہ توهان مولانا جلال الدين رومي سان محبت ڪيو ٿا ۽ مان بہ ڪيان ٿو ........ پر توهان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ رومي محبت جو ماڻهو آهي، اهو ڄاڻڻ هو پوندو تہ صوفي ازم رڳو هڪ خدا جي مفروضي تي دارومدار رکندو آهي. اهو خدا جي مفروضي کان آزاد ناهي ۽ خاص ڪري صوفي ازم ۾ تہ خدا جو تصور هڪ عورت جهڙو آهي، محبت انهن جو طريقو آهي........ خدا سان جيترو ڪامليت سان ٿي سگهي محبت ڪيو. هاڻ توهان هڪ ناممڪن مفروضي سان محبت ڪري رهيا آهيو ۽ ڪامليت جو حڪم آهي تہ توهان کي اهڙي قسم جي سڙڻ جو احساس ٿيندو. تمام گهڻو شدت سان جڏهن تہ محبت ڪرڻ وارو ٿوري حد تائين محسوس ڪندو آهي.

محبت ڪرڻ وارا پنهنجي دلين ۾ هڪ خاص قسم جي آڳ محسوس ڪندا آهن........ محبوب سان وصل جي گهڙي، تمنا گهري، خواهش انهيءَ آڳ کي جنم ڏيندي آهي. خدا جي محبت توهان جي اندر ۾ هڪ عظيم باھہ کي روشن ڪندي آهي. توهان جو محبوب مفروضو جو هوندو آهي، توهان کي روئڻو ۽ رڙيون ڪرڻيون پونديون ۽ توهان کي تپسيا تہ ڪرڻي پوندي ۽ توهان کي فاقا ڪاٽڻا پوندا ۽ توهان جو ذهن محبوب کي مسلسل ياد تہ ڪندؤ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ذهن ۾ اها صلاحيت هوندي آهي تہ اهو ڪنهن بہ شيءِ جو تصور ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي هپناٽائيز ڪري سگهي ٿو ڏکي تپسيا کان پوءِ توهان خدا جو مشاهدو بہ ڪري سگهو ٿا. بس رڳو توهان کي تصور ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. اها توهان جي ذهن جي ضمني پيداوار اهائي پروڊڪٽ هوندي آهي، اها توهان کي تمام گهڻو خوشي مسرور ڪري ڇڏيندو. توهان خوشيءَ ۾ رقص ڪرڻ لڳندؤ مان صوفين سان گڏ رهيو آهيان ۽ مان انهن سان محبت ڪيان ٿو پر اهي پڌ بنجڻ کان بس رڳو هڪ قدم جي مفاصلي تي آهن....... انهن جي شاعري خوبصورت آهي....... ان کي خوبصورت هجڻ گهرجي....... ان جو سبب هيءَ آهي تہ اها انهن وٽ محبت جي تخليق هوندي آهي....... انهن جو تجربو ....... انهن جي واردات.......انهن جي پنهنجي ذهن جي تخليق ڪيل پاڇو هوندو آهي....... صوفي ازم ۾ ذهن ايتري قدر ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي ويندو آهي جو توهان محبوب جي سڪ ۽ اڪير ۾ چريا ٿي ويندا آهيو. محبوب کان جدائي جا ڏينهن ....... فراق جون گهڙيون سڙڻ جو احساس پيدا ڪندا آهن.

ڌيان جي رستي ۾يا زين جي راهہ ۾ ڪا بہ باهہ ناهي هوندي جلڻ جو احساس ناهي هوندو. ان جو سبب هيءَ آهي تہ ان ۾ ڪو مفروضو ناهي هوندو. خدا ناهي هوندو....... ۽ هيءَ مسئلو محبت جو ناهي، زين تہ تمام گهڻو محبت ڪندڙ هوندو اهي. پر اهو محبت عملي طور تي ناهي ڪندو اها ان جي ادراڪ ۽ اُن....... بصيرت جي ضمني پيداوار بنجي ويندي آهي، هو تہ بس پنهنجي پڌ هجڻ جو ادراڪ رکندا آهن. ٻئي جو تہ هتي ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي .......هوندو. خدا ڪٿي آسمانن ۾ هو تہ بس پنهنجي مرڪز تائين پهچ حاصل ڪندو آهي، اتي پهچي هو پنهنجي محبت ۾ فنا ٿي ويندا آهن، هن جي محبت هن جي گيان کانپوءِ ظاهر ٿيندي آهي، اها گيان جي حصول جو ذريعو ناهي هوندي پر صوفين لاءِ محبت وسيلو هوندو آهي....... اها ذهن جو جزوئي رهي ٿي.

زين جي راهہ ۾ سموري ڪوشش، ڪاوش ۽ محنت ذهن کان متاهون بنجڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي، بي ذهني جي حاصلات لاءِ ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ويندي آهي. سمورن تصورن کان مکمل طور تي خالي ٿيڻ لاءِ ڪٺي ويندي آهي ۽ ان ۾ محبت به شامل آهي. زين ته خالي پڻ جي راهه آهي........ نه خدا........ نه محبت........ ڪا به شيءِ روا ناهي هوندي. بس رڳو هڪ خالص ڪرم........جنهن ۾ توهان پاڻ به گم ٿي ويندا آهيو.

ڪير هوندو آهي آڳ ۽ ان جي لهس کي محسوس ڪرڻ وارو؟

ڪير هوندو آهي باهه ۾ سڙڻ ۽ پچڻ وارو؟

انهيءَ ڪري مان صوفين سان محبت ڪرڻ جي باوجود اهو ٿو چاهيان. ته توهان صوفي ازم کان زين ڏانهن هليا اچو........ صوفي ته رڳو تخيل ۽ تصور ۾ ٿا رهن........ اهي نٿا ڄاڻن ته بي ذهني جي حالت ڇا آهي........ ۽ جيئن ته اهي بي ذهني جي حالت کي نٿا ڄاڻن........ ان ڪري انهن جون شخصيتون ڪيڏيون به خوبصورت هجن، اهي گيان جي لاءِ بند هوندا آهن........ ياد رکو تمام گهڻو بند هجڻ به گياني نه هجڻ هوندو آهي.

رڳو ٻه مذهب ئي اهڙا آهن جيڪي فرضي ناهن........ ٻڌمت ۽ تائومت........ زين انهن ٻنهي جي ميلاپ مان ٿهيو آهي ۽ اهڙي پيدائش، پنهنجي پيدا ڪندڙ کان وڌيڪ بهتر هوندي آهي، هتي ٻڌ ۽ لائوتزو جو ميلاپ آهي، انهيءَ ميلاپ مان پيدا ٿيو آهي زين. هي ٻڌمت ناهي، نه ئي تائومت آهي، پر هن جي پنهنجي الڳ انفراديت آهي، هن ٻڌ جي عطا ڪيل هر خوبي ۽ لائو تزو جي بخشيل رفعت ۽ بلندي موجود آهي.

هي سڀ کان اعليٰ ۽ بلند چوٽي آهي جتي انسان پهچي ٿو.

هندومت هڪ افراتفري آهي ٽي ڪروڙ ڪجهه لک ديوتا........ توهان ڪهڙي توقع رکو ٿا؟ هندومت هڪ فلسفيانه ، متنازعه، مفروضاتي مذهب آهن، هتي ته ٻڌ جي عظمت ۽ بلندين تائين پهچ جو به اهل ناهي.

ٻڌ پيدا ٿيل ته هندو هو پر هن انهيءَ افراتفريءَ خلاف بغاوت ڪري ڇڏي، يقين ڪرڻ بجاءِ اڪيلو ڳولا ۾ نڪري پيو. هتي ڳالهه سڀ کان وڌيڪ ياد رکڻ جي قابل آهي، جيڪو مذهب يقين کان شروع ٿئي ٿو اها توهان کي خودنوعيت( آٽوهائپاٽڪ) جو تجربو ئي ڏيندو. رڳو تائومت ۽ ٻڌمت ئي يقين کان شروع نه ٿا ٿين، انهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سموري ڪوشش اها هوندي آهي ته توهان کي پاڻ پنهنجي اندر ۾ داخل ٿيڻ گهرجي ۽ سواءِ تصور ڪرڻ جي ته توهان اتي ڇا حاصل ڪرڻ وڃي رهيا آهيون....... بس ڪشاده ٿي وڃو....... مهيا ٿي وڃو....... سواءِ ڪنهن تعصب جي....... سواءِ ڪنهن فلسفي ۽ صحيفي جي ....... بس هلندا رهو....... وسيع دل سان گڏ ماٺ ٿي ويندؤ....... هڪ خيال به سراسر نه رهيو هجي....... تائو ۽ ٻڌ موجب خدا به هڪ خيال آهي ۽ جڏهن ڪوبه خيال ناهي هوندو ته توهان شعور جي بلنديءَ جي ايورسٽ تي پهچي ويندا آهيو ۽ ان سطح تي پهچي توهان ڇاڻي وٺندا آهيو ته هر جاندار هستيءَ ۾ خدا بنجڻ جو امڪان آهي. ٻڌ چيو هو ته ”جنهن پل مون کي گيان حاصل ٿيو هو....... مان حيران رهجي ويوهئس. سموري جي سموري هستي گيان آهي پر ماڻهن کي انهيءَ جو ادراڪ ڪونهي ڪو هر ماڻهو پنهنجي اندر ۾ هڪ گيان رکي ٿو پر هوان کي ڏسي نه ٿو سگهي.“

ٻڌ پنهنجي گذريل جنمن جا تجربا بيان ڪيا آهن. جڏهن پاڻ اڃا گياني نه هو ۽ رڳو ڳولائو هو....... متلاشي هو هن هڪ اهڙو ماڻهو جي باري ۾ ٻڌو جيڪو گيان حاصل ڪري چڪو هو....... هوان سان ملڻ ويو....... هن کي ڪا خبر نه هئي ته گيان هوندو ڇا آهي؟ ۽ هو انهيءَ جي حق ۾ يا مخالفت ۾ ڪوبه خيال نه رکندو هو. پر جيئن ئي پاڻ ان ماڻهوءَ جي ويجهو ٿيو ته هن ڏٺو پاڻ جهڪي رهيو آهي ۽ ان همراهه جا پير ڇهي رهيو آهي، هو پاڻ حيران رهجي ويو هن دل ۾ ته اهڙو ڪوبه خيال نه ڪيو هو پر پوءِ ان جا پير ڪيئن ڇهي ورتائين. اها پهرين حيرت هئي، پهريون انڪشاف هو....... جڏهن هو اتي بيٺو ته ٻي حيرت پهرين حيرت کان به ٻي حيرت وڏيڪ هئي، .......جو ان گياني همراهه هن جا پير ڇهيا هئا....... ٻڌ ان همراهه کي چيو ”هيءَ توهان ڇا پيا ڪريو توهان ته گياني آهيو اهو ته صحيح آهي مان تنهنجا پير ڇهيا پر تون ڇو ٿو منهنجي پيرن تي پوين؟“ اهو همراهه کلڻ لڳو ۽ چيائين" ڪجهه عرصو اڳ تائين مون گيان حاصل نه ڪيو هو....... هاڻ مون گيان حاصل ڪيو آهي....... ۽ هن وقت بي شڪ تون گيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سو انهن جو مرشد آيو..... اهو ان علائقي ۾ هر سال هڪ يا ٻن مهينن لاءِ ان جاءِ تي ايندو هو. هو هڪ تمام پيارو..... ڏاڍو خوشبودار..... ۽ روشن چهري وارو ماڻهو هو. هو نچندو ۽ ڳائيندو هو ۽ ساز به وڄائيندو هو. جڏهن هو منهنجي گهر آيو ته مون اندران دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ مريدن کي چيم، "توهان هاڻ گم ٿي وڃو ۽ ٽن ڏينهن ڪانپوءِ وري اچجو اوستائين هن کي مون وٽ ڇڏي ڏيو....."

مرشد چيو. "تون ڇا ٿو چاهين؟"

مون هن کي چيو. "ٽن ڏينهن تائين تون نه نچ، نه ڳا". نه ساز وڄاءِ ۽ پنهنجي محبوب خدا جي باري ۾ ڪجهه نه سوچ."

هن چيو "ان ۾ تنهنجو ڪو مقصد به آهي؟"

مون هن کي چيو. "مقصد ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ظاهر ٿيندو..... رڳو ٽن ڏينهن لاءِ تون نارمل ٿي وڃ..... في الحال تون ائبنارمل آهين."

هن چيو "تون عجيب ماڻهو آهين. مان ڀلا ڪيئن ائبنارمل آهيان؟"

مون چيو "فرضي خدا جي تصور کي ترڪ ڪر..... ڇا تو خدا کي ڏٺو آهي؟"

هن جواب ڏنو "مان خدا کي هر جاءِ تي، هر ماڳ ۾ ڏسان ٿو."

مون هن کان پڇيو "ائين ڪڏهن کان ٿيڻ شروع ٿيو هو؟"

هن ٻڌايو "خدا کي هر شيءِ ۾ ڏسڻ لاءِ مون ويهه سال محنت ڪئي آهي. پر نيٺ مان هن کي ڏسڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان."

مون هن کي چيو "ان لاءِ ته مان چوان ٿو ته ٽن ڏينهن تائين تون ڪجهه نه ڪر..... جيڪو ڪجهه تون روزانو ڪندو اچين پيو..... هيءَ ٽي ڏينهن موڪل ملهاءِ..... خدا کي هر جاءِ تي ڏسڻ ڇڏي ڏي"

ٻئي ڏينهن صبح جو حد ٿي وئي..... همراهه ڏاڍو ڪاوڙ ۾ هو مون کي چيائين: "ڇڏ هاڻ مون کي اجازت ڏي..... تو منهنجي ويهه سالن جي محنت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. مون جيڪا بصيرت حاصل ڪئي هئي. هر شيءِ ۾ خدا کي ٿي ڏٺم سا هڪ رات ۾ هلي وئي ۽ اڄ صبح کان مان ڪنهن به جاءِ تي خدا کي نه ٿو ڏسان."

مون چيو "هڪ خدا جنهن کي تون ويهه سالن کان ڏسندو پيو اچين رڳو هڪ رات ۾ گم ٿي ويو..... انهيءَ ۾ آخر ڪهڙي خوبي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪهڙي ڪيفيت هئي..... ڇا تون اهو نہ ٿو ڏسي سگهين تہ اهو تہ هڪ مفروضو آهي. جنهن کي تو پاڻ ناهي ورتو آهي ۽ اهڙي پروگرامنگ لاءِ ويهہ سالن جي ضرورت ناهي هوندي اهڙي پروگرامنگ تہ ڪلاڪن ۾ ٿي سگهي ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ کي رڳو ست ڏينهن تائين مسلسل هپناٽائيز ڪجي..... ۽ اهو ٻڌايو وڃي تہ هو خدا کي هر جاءِ تي، هر ماڻهوءَ ۾ ڏسندو..... تہ اهو تمام گهڻو خوش ۽ پيار ڪرڻ وارو بنجي ويندو، رڳو ست ڏينهن ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڪمپيوٽر پروگرامنگ ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو خدا کي ڏسڻ لڳندو. پر اهو رستو سچ جو ناهي. اهو بلڪل صحيح آهي تہ رومي جي شاعريءَ مان لطف اندوز ٿي سگهجي ٿو..... صوفين جي خوبصورت ڪهاڻين مان لطف اندوز ٿي سگهجي ٿو..... مان بہ انهيءَ مان لطف ماڻي چڪو آهيان پر مان توهان کي خبردار ٿو ڪيان..... انهن ۾ گم نہ ٿي وڃو. اهي رڳو ذهن جا ڪرتب آهن. خود تنويمي جي حڪمت عملي آهي.

مون ڇيو هو نہ تہ توهان هڪ خطرناڪ سوال پڇي رهيا آهيو. مان توهان جي احساسن ۽ توهان جي محبت کي ڪو نقصان نہ پهچائيندس پر مون کي سچ بيان ڪرڻو آهي. پوءِ ڀل ان سان ڪنهن جا احساس مرجهائجن يا ڪنهن کي ڌڪ پهچي. پر ڪڏهن نہ ڪڏهن توهان منهنجا شڪرگذار ٿيندؤ. صوفي ازم ڪجهہ بہ ناهي. توهان سٺي شاعري تہ جتي ڪٿي حاصل ڪري سگهو ٿا..... جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ ڪنهن صوفيءَ کي مون وٽ وٺي اچو مان هڪ ڪلاڪ ۾ ان جي تجربن جو سمورو پول کولي رکندس. اُهي ائبنارمل ماڻهو هوندا آهن..... پنهنجو پاڻ کي هپناٽائيز ڪيل. سچي ڳالهہ تہ اها آهي ان منزل تي پهچي توهان پاڻ کي ننڊ کان آجو ڪري سگهو ٿا تنويم جي عمل مان نجات حاصل ڪيو. ان جو سبب هيءَ آهي تہ سماج اڳ ۾ئي توهان کي هپناٽائيز ڪري چڪو آهي..... هڪ هندو سوچيندو آهي ڪرشن خدا آهي پر ان ڳالهہ تي ناهي سوچيندو تہ ڪرشن مختلف ماڻهن جي سورنهن هزار عورتن کي اغوا ڪيو هو. هن رڳو هڪ عورت سان شادي ڪئي هئي پر سورنهن هزار عورتون..... ڪا بہ حسين عورت هن جا سپاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پڪڙي ايندا هئا ۽ جي هو اشارو ڪندو هو ته ان کي محل ۾ اندر موڪليو ويندو هو. ڪرشن عورتن سان اهڙو ورتاءُ ڪندو هو ڄڻ اُهي جانور هجن ۽ هو ڪڏهن به اهو نه سوچيندو هو ته انهن جا ٻار آهن..... مڙس آهن..... خاندان آهي. انهن جي سموري خانداني زندگي کي تباهه ڪري ڇڏيندو هو..... هن سورنهن هزار عورتن سان ڇا ڪيو هوندو؟ هو ڪو ڏڪو ته هو ڪونه..... ايستائين جو هڪ ڏڪو به سورنهن هزار..... هيءُ هڪ رڪارڊ آهي پر ڪو به هندو انهيءَ نقطي تي نه ڳالهائيندو.

رام هندوئن جو خدا آهي پر ڪو به اهو سوال ناهي اٿاريندو ته هن هڪ غريب اڇوت کي قتل ڪري ڇڏيو هو رڳو اُن لاءِ ته هن ڪنهن کي ويد پڙهندي ٻڌي ورتو هو. هندو سماج ۾ پنج هزار سالن کان ذات پات جي فرق وارو سماج قائم آهي. انهيءَ ۾ اڇوتن کي، شودرن کي آخري درجو ڏنو ويو آهي. انهن کي اها اجازت ڪانهي ته اُهي مذهبي صحيفن کي پڙهي يا ٻڌي سگهن. انهن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي اجازت ناهي هوندي..... شودرن کي ته شهرن ۾ رهڻ جي به اجازت ناهي هوندي. انهن کي شهر جي ٻاهران ئي رهڻو پوندو آهي. اُهي شهر جا سمورا گندا ڪم ڪندا آهن ۽ سڀ کان مفلس ترين غريبي ۽ لاچاري واري زندگي گذاريندا آهن..... انهن کان سمورو شرف، وقار ۽ انسانيت ڦرجي چڪي آهي ۽ ان نوجوان ته ڪا شيءِ پڙهي نه هئي هن ته رڳو هڪ برهمڻ کي رگ ويد پڙهندي ٻڌو هو..... تجسس جي ڪري هو لڪ ڇپ ۾ وڻن جي پوين ٻڌي رهيو هو ۽ پڪڙجي پيو. هن کي رام ڏانهن وٺي ويا..... رام پنهنجي پوئلڳن کي چيو "شيهو ڳاريو وجي ۽ هن جي ٻنهي ڪنن ۾ اهو وڌو وڃي، ڇاڪاڻ ته هن ويدن کي ٻڌو آهي جيڪي هن لاءِ ممنوع آهن." اهو نوجوان مري ويو. جڏهن توهان ڪنهن جي ڪنن ۾ ٽهڪندڙ شيهو وجهو ٿا ته پوءِ ان جي زنده رهڻ جي توقع ڪيئن ٿا ڪيو. اهو ته اُن وقت تڏي تي ئي مري ويو ۽ ڪو به هندو ان حوالي سان سوال نه ٿو اُٿاري. ايستائين جو مهاتما گانڌيءَ جهڙا ماڻهو به بس رام جو نالو وٺندا رهن ٿا ته اهو خدا آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سموري دنيا ۾ اها ئي ڪيفيت آهي. هر مذهب ۾ مون هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏٺو آهي سواءِ زين مذهب جي ڪنهن به مذهب ڪي ايترو خالص ناهي ڏٺو ۽ هن انسانيت خلاف ڪو هڪ به جرم ناهي ڪيو. هن وڏيڪ حسن، وڏيڪ وقار، وڏيڪ مراقبو عطا ڪيو آهي. سموري ڳالهه هيءَ آهي ته توهان پاڻ کان ڏار خدا کي ڏسي ورتو آهي پر توهان کان اڳ به لکين ماڻهن ان کي حاصل ڪري ورتو آهي.

توهان هڪ ميڙ ۾ هوندؤ..... ۽ جڏهن توهان پيڳوان سان ملندؤ ته توهان ڇا ڪندؤ؟! ملڻ ۾ ته ڪجهه به ناهي رکيو..... توهان شرمنده نظر ايندؤ ۽ ڀڳوان به شرمنده ٿيندو.

هاڻ ڪا اهڙي حرڪت نه ڪيو. ڀڳوان لاءِ شرمندگي تخليق نه ڪيو..... ڪو به ڀڳوان وجود نه ٿو رکي..... وجود آهي ته بس اُلوهيت جو وجود آهي..... اُلوهيت توهان کي گهيري رکيو آهي..... اسان سڀ هڪ سمنڊ ۾ گم آهيون.

هڪ پراڻي ڪهاڻي آهي ته:

هڪ نوجوان فلسفياڻو ذهن رکندڙ مڇيءَ ٻي مڇيءَ کان سوال ڪيو "اسان سمنڊ جي باري ۾ تمام گهڻو ٻڌو آهي. ڪٿي آهي سمنڊ مان ان کي ڏسڻ چاهيان ٿي. ان سان ملڻ چاهيان ٿي ۽ اتي موجود سيني نوجوان مڇين نهڪار ۾ ڪلها لوڏيندي چيو: "اسان کي خبر ناهي ته ڪهڙو هوندو آهي سمنڊ..... اسان ته هن جي باري ۾ ٻڌو آهي پر اسان نه ٿيون ڄاڻون ته سمنڊ ڪهڙو ٿيندو آهي."

اوچتو هڪ پوڙهي مڇي آئي اها سوال ڪندڙ نوجوان مڇيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي وئي ۽ هن کي ٻڌايائين ته: "ڪٿي به ڪو ٻيو سمنڊ ڪونهي. اسان سڀ سمنڊ جي اندر موجود آهيون. اسان هن ۾ پيدا ٿيون آهيون..... اسان هن ۾ مرنداسين. بس اهو ئي سمنڊ آهي."

"مان توهان کي چوان ٿو اسان لاءِ به اهو ئي سچ آهي. اسان تي به اها ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي. اسان اُلوهيت ۾ پيدا ٿيون ٿا. اسان اُلوهيت ۾


Scanned by CamScanner

رهون ٿا. اسان اُلوهيت ۾ مرون ٿا. رڳو هڪ ڳالهه ذهن ۾ ياد رکڻ جهڙي آهي ته توهان کي ان تجربي مان يا ته ننڍاڪڻي حالت ۾ گذرڻو پوندو يا وري سجاڳيءَ جي حالت ۾.

مراقبو توهان کي آگاهه ۽ بيدار ڪرڻ جو واحد رستو آهي ۽ جڏهن توهان هڪ ڀيرو مڪمل ۽ آگاهه ٿي وڃو ٿا ته هر طرف اُلوهيت جو سمنڊ آهي. خود زندگي ۽ شعور به اُلوهي آهي. اها سيني صورتن ۾ ظاهر ٿيندي آهي..... گلابن ۽ ڪنول جي گلن ۾..... پکين ۾ ۽ وڻ ٻوٽن ۾ جتي ڪٿي به زندگي آهي ٻيو ڪجهه به ناهي سواءِ اُلوهيت جي اسان سچ ته اُلوهيت جي سمنڊ ۾ زنده آهيون. بس ڪٿي به ڪا ڳولا نه ڪيو. بس رڳو پنهنجي اندر ۾ نهاريو ڇاڪاڻ ته اهو سڀ ڪان ويجهو ماڳ آهي، جتي توهان سيڪجهه پسي سگهو ٿا.

صوفي ازم خوبصورت آهي پر اهو ڪامل، مڪمل جواب ناهي ۽ توهان کي صوفي ازم تي نه بيهي وڃڻ گهرجي..... شروعات صوفي ازم کان ڪيو ۽ اختتام..... پڇاڙي زين تي ڪيو ۽ اها هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه آهي ته زين جي بلندين سبب توهان صوفي ازم کي صحيح طريقي سان سمجهڻ جي قابل ٿيندؤ. بنسبت صوفين جي حلقي ۾ رهڻ جي. ٿورڙو فاصلو گهربل هوندو آهي ۽ زين اهو فاصلو عطا ڪري ٿو. انهيءَ فاصلي تان بيهي توهان سمورن مذهبن کي ڏسي سگهو ٿا. اسان ظاهر ۾ مختلف هوندا آهيون، پر مرڪز ۾ ته اسان هڪ آهيون. مان انهيءَ کي ٻڌ واردات (بطحا ايڪسپيئرينس) چوندو آهيان.

جيستائين توهان ٻڌ نه ٿا بنجو..... ۽ ياد رکو ته زبان جي غربت سبب لفظ نه ملڻ سبب مون کي هتي چوڻو ٿو پوي ته، "جيستائين توهان بنجو نه ٿا....." توهان ته اڳ ۾ آهيو. بس مون کي رڳو اهو چوڻو آهي ته جيستائين توهان ان حقيقت کي قبول نه ٿا ڪيو جيستائين توهان اهو ڪجهه ياد نه ٿا ڪيو جيڪو توهان وساري ڇڏيو آهي.

هر ٻار پنهنجي معصوميت جو مالڪ هوندو آهي ۽ ٻار ان ڪري وڪري ويندو آهي جو استاد، والدين، مذهبي ماڻهو هن جي اندر ۾ تمام گهڻو علم، ڄاڻ اوتي ڇڏيندا آهن. جلد ئي ٻار جي معصوميت ڳئونءَ جي ڇيڻي سان ڍڪجي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مراقبي جو مقصد آهي سماج توهان تي جيڪا ڌوڙ ۽ دز چمائي ڇڏي آهي انهيءَ کي ڇنڊي ڇڏجي ۽ انهيءَ معصوم پڻ فطرت کي ڳولي لهجي، جيڪا جنم وقت توهان گڏ آندي آهي. جنهن ڏينهن توهان پنهنجي پيدائشي پڻ فطرت کي حاصل ڪري وٺندؤ انهيءَ ڏينهن دائرو مڪمل ٿي ويندو. توهان ٻيهر معصوم ٿي ويندؤ.

سقراط پنهنجي آخري ڏينهن ۾ چيو هو ته: "جڏهن مان نوجوان هئس ته مان سوچيندو هئس ته مان گهڻو ڪجهه ڄاڻان ٿو. ٿورو پوڙهو ٿيس ته سوچڻ لڳس مان سڀڪجهه ڄاڻان نه ٿو پر هاڻ جڏهن صفا پوڙهو ٿيو آهيان ۽ منهنجو شعور تيز ٿيو آهي ته مون کي اوچتو ادراڪ ٿيو آهي ته مان ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان."

اها هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي ته يونان جتي ڊيلفي جو مندر هوندو هو. جيڪو هاڻ کنڊر بڻجي چڪو آهي ڊيلفي جي مندر جي هاتف سقراط کي سموري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏاهو انسان قرار ڏنو هو. جيڪي ماڻهو سقراط کي چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا سي تياريءَ سان هن جي چوڌاري گڏ ٿي ويا ۽ هن کي ٻڌايائون ته. "هاتف توکي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ڏاهو انسان قرار ڏنو آهي."

سقراط چيو "ڀيريون ڀيرو هاتف کان غلطي ٿي آهي. مان ته ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان."

اُهي ماڻهو ڏاڍو پريشان ٿيا ۽ واپس ڊيلف جي مندر پهتا ۽ هاتف کي چيائون ته: "تون چوين ٿو ته دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ڏاهو انسان سقراط آهي ۽ هو پاڻ چوي ٿو ته مان ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان."

هاتف جواب ڏنو: "ان لاءِ ته هو دنيا جو سڀ کان ڏاهو انسان آهي..... هو ٻيهر ٻار بڻجي چڪو آهي..... ۽ پنهنجي اصل گهر ۾ واپس پهچي چڪو آهي."

حقيقت هيءَ آهي ته صوفي جنهن کي دل چون ٿا اهو ته بس رڳو دماغ جو هڪ جزو آهي. ذهن تمام گهڻين صلاحيتن جو مالڪ آهي سوچڻ، محسوس ڪرڻ، تصور ڪرڻ، خواب ڏسڻ، پاڻ کي هپناٽائيز ڪرڻ..... اُهي سڀ ذهن جون خاصيتون آهن. حقيقتن دل نالي ڪا شيءِ ڪانهي. سڀ ڪجهه ذهن ئي ڪندو آهي


Scanned by CamScanner

اسان انهيءَ روايتي ورهاست ۾ اهي ناتا جنهن جي هيٺ تصور ۽ احساس ۽ جذبات ۽ محسوسات دل ڏانهن منسوب آهن. حقيقت ۾ دل ته رڳو هڪ پمپنگ اسٽيشن آهي.... سڀڪجهه جيڪو توهان سوچيو ٿا، محسوس ڪيو ٿا ذهن جي حدن ۾ اچي ٿو. توهان جو ذهن ست هزار مرڪزن تي ٻڌل هوندو آهي ۽ اهوئي هر شيءِ کي ڪنٽرول ڪندو آهي.

صوفي ازم هڪ خوبصورت تخيل آهي. زين جو تخيل سان ڪو واسطو ڪونهي. هر شيءِ کي خالي ڪرڻو آهي..... روميءَ جو نالو هڪ لحاظ کان خوبصورت آهي پر فارسيءَ ۾ نه انگلش ۾: رومي معنيٰ خالي- روم..... (ڪمرو) يا ته فرنيچر سان پُريل هوندو آهي يا سواءِ فرنيچر جي هوندو آهي. رڳو هڪ روم..... هڪ خالي ڪمرو سموري خلا تي ٻڌل هوندو آهي..... خالص هستي جو.

مون کان ڪنهن سوال ڪيو.

"مان ڪير آهيان."

مان..... مان، مان ڪهڙو مطلب آهي. ڇا انهيءَ جو مطلب زندگيءَ جو جوهر آهي؟ مون جواب ڏنو "مان ڪير آهيان، حقيقت ۾ اهو ڪو سوال ئي ڪونهي، ان جو سبب هيءُ آهي ته ان جو ڪو جواب ئي ڪونهي. اهو ناقابل جواب آهي. اهو ته هڪ وسيلو آهي. سوال ناهي. اهو ته هڪ منتر جي طور تي استعمال ٿيندو آهي. جڏهن توهان داخلي طور تي مسلسل پڇندا رهو ٿا..... "مان ڪير آهيان؟..... مان ڪير آهيان.....؟" ته توهان ڪنهن جواب جا منتظر ناهيو هوندا. توهان جو ذهن ڪوڙ سارا جواب فراهم ڪندو. اهي سموري جا سمورا رد ڪرڻا پوندا. توهان جو ذهن چوندو "تون زندگيءَ جو جوهر آهين. تون ابدي روح آهين. تون اُلوهي آهين" وغيره..... وغيره..... پر انهن سمورن جوابن کي رد ڪرڻو پوندو ۽ جڏهن توهان سمورن جوابن کي رد ڪري ڇڏيندؤ ته آهستي آهستي سوال به ختم ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ اوچتو هڪ معجزو ظاهر ٿيندو آهي. جڏهن سوال به نه رهي ته پوءِ توهان حقيقت کان واقف ٿي وڃو ٿا پر اها واقفيت جواب ناهي هوندي اهو ته بس هڪ وجودي تجربو آهي..... ان جي باري ۾ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. پل لفظ ڪهڙا به هجن پر جواب غلط ايندو. وضاحت ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تشريح ممڪن ڪانهي. ايستائين جو هيءَ اصطلاح "زندگيءَ جو جوهر" به اڻپوري آهي. ايستائين جو لفظ "خدا" به اڻپورو آهي. ان جي بيان ڪرڻ لاءِ ڪا به شيءِ ڪافي ناهي. هن جي عين فطرت ئي ناقابل اظهار ۽ بيان آهي. پر توهان ڄاڻو ٿا..... ائين ڄاڻو ٿا جيئن ڪو ٻچ اهو ڄاڻي ٿو ته ڪيئن وڏو ويجهڻو آهي.....

ياد رکو! علم هوا ۾ تلوار هلائڻ برابر آهي جڏهن ته واقفيت، آگهي..... سڌي سنئين پهچ ۽ رسائي آهي..... پر جنهن پل توهان هستيءَ جي اندر ۾ سڌو سنئون لهو ٿا ته توهان هڪ الڳ وجود جي طور تي برقرار نه ٿا رهو. جڏهن عالم باقي ناهي رهندو تڏهن ئي حقيقي ڄاڻ ۽ علم جي معرفت حاصل ٿيندي آهي..... واقفيت..... آگهي ڪنهن شيءِ جي باري ۾ حاصل نه ٿي ٿئي..... توهان بذات خود پاڻ آگهي آهيو.

سو مان نه ٿو چئي سگهان ته سوال "مان ڪير آهيان" مان ڪهڙي مراد آهي؟ ان جو مطلب ڪجهه به ناهي! اهو ته رڳو اڻ ڄاتل ڏانهن وڃڻ جو ذريعو آهي. ان تائين پهچ جو سؤلو رستو آهي پر اهو سڀ ذهن لاءِ ناهي..... اها ته اهڙي تلوار آهي جيڪا ذهن جي پاڙن کي ڪٽي ڇڏي ٿي ۽ رڳو لاذهن (نو مائينڊ) جي ماڻار تي وڃي پڄي ٿي. ان ماڻار ۾ نه ته ڪو سوال هوندو آهي. نه جواب..... نه عالم نه علم..... بس رڳو ۽ رڳو آگهي وڃي بچندي آهي..... صرف ۽ صرف تجربو.

اهو ئي سبب آهي جو صوفين کي انهيءَ کي بيان ڪرڻ ۾ ڏکاين کي منهن ڏيڻو پيو آهي. انهن مان ڪوڙ اهو ڄاڻن ٿا ته خاموشي وڏي ڪم جي آهي، جنهن ڪري انهن ماڻار کي اختيار ڪيو..... انهن اهو سمجهيو ته توهان جيڪو ڪجهه ڳالهائيندؤ سو بيڪار آهي. جنهن وقت توهان ڪا تشريح ڪيو ٿا ان وقت اها شيءِ غلط ٿي وڃي ٿي..... اُهي جن وضاحت ڪئي آهي..... بيان ڪيو آهي..... انهن مشترڪ طور تي بيان ڪبو آهي، يعني اهو ته "اسان جي ڳالهه کي آخري ۽ حتمي نه سمجهيو وڃي."

لائوتزو جو چوڻ آهي ته "جيڪڏهن هڪ پيرو تائو بيان ٿي وڃي ته اهو حقيقي تائو نه ٿو رهي. جنهن پل توهان ان جي باري ۾ ڪجهه چئو


Scanned by CamScanner

ٿا توهان ان کان انڪار ڪري ڇڏيو ٿا..... توهان هن کي ۽ پاڻ کي دوکو ڏيو ٿا. اها هڪ اهڙي آگهي آهي جيڪا ناقابل بيان ۽ ترسيل آهي.

"مان ڪير آهيان؟" انهن سمورن جوابن لاءِ جن کي ذهن جوڙي ٿو تلوار جو ڪم ڪندو آهي.

زين جا پيروڪار چوندا اهو "ڪولن" نشاني آهي. ٻين نشانين جيان، هتي نشانيون ڪوڙ آهن. زين ماسٽر چوي ٿو..... "پٽ پنهنجو اصل چهرو ڳول." شاگرد چوي ٿو..... "ڪهڙو چهرو؟"

"اهو چهرو جيڪو تون پنهنجي والدين جي پيدا ڪرڻ کان اڳ رکندو هئين."

پوءِ شاگرد انهيءَ تي مراقبو شروع ڪري ٿو. "هن جو اصل چهرو ڪهڙو آهي؟" ۽ فطري طور تي هن کي انهن سمورن چهرن جو انڪار ڪرڻو آهي جيڪي پيدائش کان پوءِ هن ڏنا آهن. جڏهن هو سمورا چهرا رد ڪري چڪو هوندو ته وٽس رهڳو وڃي خلا..... خالي پڻ بچندو ۽ انهيءَ خلا..... انهيءَ خالي پڻ ۾ هو پنهنجو اصل چهرو ڏسي وٺي ٿو.

اڄ جو ماڻهو سوال ڪري ٿو ته، "مان محسوس ٿو ڪيان ته زندگي ڏاڍي بي ڪيف آهي..... مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

مان چوان ٿو: ڪجهه به نه. توهان اڳ ۾ ئي گهڻو ڪجهه ڪري چڪا آهيو. توهان پاڻ زندگيءَ کي بي ڪيف بنايو آهي..... ته ڪجهه حاصل ڪيو..... زندگي ته مستيءَ جو رقص آهي ۽ توهان ان کي بي ڪيفيءَ ۾ گهٽائي ڇڏيو آهي. توهان ته هڪ معجزو ڪري ڇڏيو؟ توهان ڪرڻ ڇا ٿا چاهيو؟ توهان ان کان ڪو وڌو ڪم ته ڪري نه ٿا سگهو؟

زندگي ۽ بي ڪيف.....؟

توهان زندگي کي نظرانداز ڪرڻ جي حيرتناڪ صلاحيتن جا مالڪ آهيو.

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ليڪچر ۾ مون توهان کي ٻڌايو هو ته جهالت جو مطلب آهي نظرانداز ڪرڻ جي صلاحيت..... توهان ضرور پکين..... وڻن، گلن..... ماڻهن کي نظرانداز ڪري چڪا آهيو..... ٻي صورت ۾ زندگي ايتري خوبصورت آهي، ايتري خوبصورت آهي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڳوڙهي نظر سان ان کي ڏسو تہ توهان جا ٿڪ ئي بند نہ ٿين..... توهان کلندا ئي رهندؤ..... گهٽ ۾ گهٽ اندر ئي اندر ۾.....!

"زندگي بي ڪيف ناهي. پر ذهن بي ڪيف آهي....." اسان هڪ اهڙو ذهن تخليق ٿا ڪيون..... اهڙو مضبوط ذهن..... چڻ ديوار چين اسان جي آسپاس موجود آهي، جيڪا زندگيءَ کي اسان جي اندر ۾ داخل ٿيڻ نہ ٿي ڏئي. ائين اسان جو زندگيءَ سان رابطو ٽٽي ويندو آهي..... اسان الڳ ٿلڳ خول ۾ بند..... سواءِ دريءَ ۽ در، جي ٿي ويندا آهيون. قيدخاني جي ديوار جي پٺيان رهندي..... توهان صبح جي سج کي نہ ٿا ڏسو..... توهان اڏامندڙ پکين کي نہ ٿا ڏسو..... توهان رات جي وقت ۾ آسمان جي تارن کي نہ ٿا ڏسو..... توهان جيئڻ سوچڻ ٿا شروع ڪيو تہ زندگي بي ڪيف آهي..... توهان جي سوچ غلط آهي. توهان غلط جاءِ تي آهيو. توهان غلط سياق ۽ سباق ۾ جيءُ رهيا آهيو.

توهان ضرور مذهبي ماڻهو آهيو. ان جو سبب هيءُ آهي تہ زندگي کي بي ڪيف بنائڻ لاءِ انسان کي مذهبي ٽيڏو پوندو آهي. ماڻهوءَ کي وڏو عالم ۽ ڄاڻو ٽيڏو پوندو آهي. ماڻهوءَ کي عيسائيت، اسلام..... هندومت ڄاڻڻو پوندو آهي. ماڻهوءَ کي قرآن، ويد ۽ بائيبل مان گهڻو ڪجهہ سکڻو پوندو آهي. توهان ضرور وڏا ڏاها ۽ گهڻي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو آهيو..... هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو تمام گهڻي ڄاڻ رکي ٿو. گهڻو علم رکي ٿو..... پنهنجي آسپاس لفظن جي اهڙي پڪي پٽ بيهاري ڇڏيندو آهي..... بي معنيٰ لفظ..... کوکلا لفظ..... جنهن ڪري هو زندگيءَ کي ڏسڻ جو اهل ناهي هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# علم زندگي جي رڪاوٽ آهي

پنهنجي علم کي هڪ پاسي ڦٽو ڪيو! پوءِ ڏسو خالي اکين سان..... ۽ زندگي تہ هڪ مستقل حيرت آهي..... ۽ مان ڪنهن اُلوهي زندگيءَ جي باري ۾ نہ پيو ڳالهايان..... عام زندگي ئي ايتري قدر غير معمولي آهي، ننڍين ننڍين واقعن ۾ توهان خدا کي ڏسي سگهندؤ..... هڪ ٻار جي مرڪ، مور جي رقص..... ڪنهن مست جي ساز..... ها پر توهان تڏهن نہ ڏسي سگهندؤ جي توهان جي اکين تي علم جا ڪوپا چڙهيل هوندا. دنيا جو سڀ کان غريب ماڻهو اهو آهي، جيڪو علم جي حجاب ۾ رهي ٿو.

مفلس ترين اهي ماڻهو آهن، جيڪي ذهن جي وسيلي زنده آهن. امير ترين ماڻهو اهي آهن، جيڪي لاذهن آهن..... اندر جي درياءَ کي ڪولي ڇڏين ٿا ۽ زندگيءَ تائين لاذهن جي ذريعي پهچ حاصل ڪن ٿا. هيءُ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو تجربو ناهي..... حقيقت ۾ ماڻهن جي حالت اهڙي آهي، انهن کي ڪنهن طرف کان بہ حيرت نہ ٿي ملي..... ۽ ڪائنات ۾ تہ هر پل حيرتون ئي حيرتون آهن. ان جو سبب هيءُ آهي تہ زندگي ڪڏهن بہ هڪجهڙي ناهي هوندي اها هر وقت تبديل ٿيندي رهي ٿي ۽ اها اهڙا موڙ مڙندي آهي جن جي ڪا پيشگوئي نہ ٿي ڪري سگهجي. توهان هن جي حيرتن کان پلا ڪيئن ٿا متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي سگهو ۽ غير متاثر ٿيڻ جو واحد طريقو آهي تہ توهان ماضيءَ سان چنبڙيل رهو. پنهنجي تجربي سان پنهنجي علم سان..... پنهنجي يادن سان..... پنهنجي ذهن سان چنبڙيل رهو. ائين توهان ڪجهہ نہ ٿا ڏسي سگهو جيڪو ٿئي ٿو ۽ توهان حال کي وڃائيندا ٿا وڃو.

حال کي وڃائڻ سبب توهان بي ڪيف زندگيءَ ۾ جيئو ٿا. حال ۾ رهو توهان حيران رهجي ويندؤ. هيڏانهن تہ بي ڪيفي ناهي. ڪنهن ٻار جيان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪيو..... ٻيهر ٻار بنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وڃو. اهو ئي تہ بس مراقبو آهي..... ٻيهر ٻار ٻنجي پئو..... ٻيهر جنم وٺو. ٻيهر معصوم ٿي وڃو. ڪو علم ڪا ڄاڻ نہ هجي. ماسٽر جو چوڻ آهي تہ: "نہ ڄاڻڻ ئي سڀ کان وڏي آگهي آهي."

ها توهان زندگيءَ کان تمام گهڻو ٻي گانہ ۽ اجنبي ٿي چڪا آهيو. ان لاءِ تہ بي ڪيف آهيو. توهان دوستي ۽ آشنائي کي وساري چڪا آهيو. توهان پُل ناهيو..... علم تہ هڪ ديوار جيان هوندو آهي، جڏهن معصوميت هڪ پُل جو ڪردار ادا ڪندي آهي.

ائين نہ چئو جڻ توهان کو وڏي ڄاڻ، وڏو علم رکو ٿا. توهان تہ حقيقت ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻو..... جنهن پل توهان حقيقي آگهي حاصل ڪيو ٿا بي ڪيفي ختم ٿي ويندي آهي. آگهي هڪ اهڙو ايڊوينچر آهي جو بي ڪيفي موجود ئي نہ ٿي رهي سگهي. ها علم سان گڏ اها رهي سگهي ٿي. آگهي سان گڏ اها موجود نہ ٿي رهي.

"مون کي ياد ڪرائڻ ڏيو: مان ڪنهن بہ اُلوهي علم جي باري ۾ نہ ٿو ڳالهايان مان تہ بس هن زندگيءَ جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. بس ٿورڙي شفافيت سان پنهنجي آسپاس نهاريو تہ زندگي ولولہ انگيز آهي.

شهر جي وچ ۾ هڪ اسٽور جي دريءَ تي وڏن اکرن ۾ لکيل آهي، "آمريڪي شيون خريد ڪيو." ۽ بلڪل هيٺان وري ننڍڙن اکرن ۾ لکيل هو "ميڊ اِن جاپان" بس ائين ٿورو هوشياريءَ سان..... ٿورو غور سان آسپاس ڏسڻ شروع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

## محبت ۽ حوس ـ بي خواهش زندگي

ٻڌ چيو آهي ته: "هڪ پيري جو ذڪر آهي ته هڪ همراهه پنهنجي جذبن تي قابو پائڻ ۾ ناڪامي کان پوءِ سوچيو هو پاڻ کي سزا ڏئي ۽ پنهنجا هٿ پير ڪٽرائي ڇڏي ٻڌ انهيءَ کي چيو: "پاڻ کي تباهه ڪرڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي غلط سوچن ۽ خراب خيالن کي برباد ڪر."

ذهن آقا آهي. جيڪڏهن آقا پاڻ پرسڪون هوندو ته خادم پنهنجو پاڻ ان جي پيروي ڪندا..... جيڪڏهن توهان جي ذهن جي ڦرهيءَ تان خراب خيال متجي نه سگهيا آهن ته پوءِ پنهنجا هٿ پير ڪٽائڻ ۾ ڪهڙو فائدو.

پوءِ وري ٻڌ گاٿا مان هيءَ سٽون پڙهيون:

"جذبا ارادن مان پيدا ٿيندا آهن. ارادو سوچ ۽ تخيل مان جنم وٺن ٿا. جذهن ۽ئي پرسڪون هوندا ته نه حوس هوندي نه ئي تناسخ؟"

ان کان پوءِ وري ٻڌ چيو:

"جذبن مان پريشانيون جنم وٺن ٿيون ۽ پريشانيءَ مان خوف جنم وٺي ٿو..... جذبن کان پري ٿيو پوءِ نه خوف هوندو نه ئي پريشاني هوندي....

ماڻهو مصيبت ۾ آهي ۽ ماڻهو صدين کان مصيبت ۾ آهي. توهان مشڪل سان ئي ڪو اهڙو انسان ڏسندؤ جيڪو مصيبت زده نه هجي. اهو ايترو ڏکيو آهي جو ممڪن نه ٿو لڳي ان لاءِ ٻڌن تي ڪڏهن يقين ناهي ڪيو ويو. ماڻهو يقين نه ٿا ڪن ته اُهي موجود هوندا هئا..... ماڻهو پنهنجي مصيبتن ڪري ان ڳالهه تي ويساهه نه ٿا ڪن. مصيبت گهٽي آهي. وري ماڻهو انهيءَ کي ايترو وڏاءِ چڙهاءِ ڇڏيو آهي جو..... هو ڏسن ٿا ته ان کان فرار ممڪن ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٻڌن جو ضرور ضرور خيال ڪرڻ گهرجي..... ماڻهو سوچن ٿا..... ٻڌ انسانيت جو خواب آهن. ان لاءِ سگمنڊ فرائيڊ چوي ٿو ته: ٻڌ خواهش جي آسودگي هوندا آهن..... ماڻهو ائين چاهي ٿو. ماڻهو مصيبت کان بچڻ چاهي ٿو. ماڻهو ٻُنيپيرتا, سڪون ۽ قرار جو خواهشمند آهي پر اهي ڪيس ملن نه ٿا فرائيڊ چوي ٿو ته: "ڪا اميد ڪانهي..... ائين نه ٿو ٿي سگهي..... ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه شين جي نطرت ۾ آهي ئي ڪانه. ماڻهو ڪڏهن به خوش نه ٿو رهي سگهي.

فرائيڊ ڪي تمام توجهه سان ٻڌڻ گهرجي. ان ڪي ائين رد نه ٿو ڪري سگهجي. هو انتهائي اثرانگيز دماغ هو..... ۽ جڏهن هو اهو چوي ٿو ته..... ان ڪي سؤلائي سان رد نه ٿو ڪري سگهجي. جڏهن هو چوي ٿو ته خوشيءَ جي اميد ڪرڻ اجائي آهي ته اها بامعنيٰ ڳالهه آهي.

انساني مصيبت جي ان ذاتي مشاهدي ان نتيجي تي پهچايو آهي. اهو نتيجو فلسفين وارو نتيجو آهي. فرائيڊ مايوسي پسند يا قنوطيت پسند ناهي. پر هزارين ماڻهن جو مشاهدو ۽ انهن جي اندر ۾ ڏسڻ کان پوءِ هن اهو چيو ته "مصيبت ۽ انسان لازم ۽ ملزوم آهن." ماڻهو وڌ کان وڌ سهوليت آسائش ۾ رهي سگهي ٿو پر سرمستي ۽ سرور جو جهان ناممڪن آهي.

ان ڪري ﻳﻼ فرائيڊ ڪيئن ٿو يقين ڪري سگهي ته ڪو ٻڌ به دنيا ۾ رهيو آهي.

اهڙي قسم جو سڪون ته هڪ خواب مثل آهي. انسانيت ٻڌ جا خواب ڏسي رهي آهي.

بي ڪيفي (بوريت) ڪي توهان پاڻ دعوت ڏني آهي ۽ بي ڪيفي ئي ته مصيبت هوندي آهي. توهان ان لاءِ بي ڪيفيءَ ڪي دعوت ڏني آهي ڇاڪاڻ ته توهان ورجاءَ ڪي ورجائڻ جي دعوت ڏني آهي. مثال طور توهان وينا هئو ۽ شام جو پهريون تارو توهان ڪي نظر آيو ۽ توهان ان ڪي ڏسي رهيا هئا ۽ اها شام ڏاڍي پرسڪون هئي ۽ اها شام ڏاڍي ٺڌي هئي. پکي پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽي رهيا هئا ۽ ماٺار هئي. شام موسيقي سان ڀرپور هئي ۽ توهان انهيءَ سان هم آهنگ هئو. بس تاري کي ظاهر ٿيندو ڏسي توهان خوبصورتي ڪي محسوس ڪري رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هئا..... هاڻ توهان ڪنهن شئي جو مزو چکي ورتو هو..... توهان ان کي ڪنهن خزاني جيان سنڀاليندؤ ۽ اهو خزانو ئي توهان کي مصيبت زده بنائي ڇڏيندو.

توهان انهيءَ جي بار بار حاصلات لاءِ خواهش ڪندي مري ويندؤ..... بيتاب تمنا انهيءَ مصيبت کي جنم ڏيندي ۽ ياد رکو اها توهان جي بيتاب تمنا ورجائڻ جي نه ٿي سگهي..... ان جو سبب هيءُ آهي ته اها رڳو انهيءَ لاءِ ظاهر ٿي هئي جو توهان جي اندر ۾ ان لاءِ بيتاب تمنا نه هئي. توهان بس اتي ويٺا هئا ۽ ان ڳالهه کان بي خبر هيئو ته ڇا ظاهر ٿيڻ وارو آهي. اهو سڀڪجهه واقع ٿيو هڪ معصوميت جي حالت ۾..... اها ظاهر ٿي هئي هڪ معصوميت جي حالت ۾..... اها ظاهر ٿي هئي عدم توقع جي حالت ۾..... اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو هو جو توهان انتظار نه ڪري رهيا هئو.

انهيءَ سلسلي ۾ بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته توهان منتظر نه هيئو..... توهان طلب نه ڪئي هئي..... حقيقت ۾ توهان خواهش نه ڪئي هئي..... توهان ته بس اتي هيئو. اوچتو توهان کي آگاهي ملي...... پهريون تارو ۽ ان جي حسن کان توهان آگاهه ٿيئو. توهان اهو نه سوچي رهيا هئو ته اها ئي خوشي آهي..... هن ڳالهه کي به ياد رکجو..... اها پوءِ به ايندي..... اهو ته انڪشاف آهي..... اوچتو..... ان پل بس توهان ته اوچتو موجود هيئو..... نه ئي خوش..... نه ڏکارا..... ڪجهه به ته نه هو..... ان وقت توهان لاءِ لفظ بي معنيٰ هئا. هستي ايترو وسيع هئي جو ڪو به لفظ ان حوالي سان بامعنيٰ نه هو.

پر پوءِ اهو منظر گذري ويو ۽ هڪ ياد باقي رهجي وئي ۽ توهان بار بار چئو ٿا: "اهو ڪيڏو نه خوبصورت هو..... ڪيترو خوبصورت! ڪيترو اُلوهي! هاڻي هر شام اهو منظر ڏسڻ جي خواهش ايرندي آهي..... ٻئي ڏينهن ٿي توهان ٻيهر انتظار ڪري رهيا هوندا آهيو پر هاڻ سموري صورتحال تبديل ٿي چڪي آهي. توهان ان جو انتظار ڪري رهيا آهيو. توهان ان جي راهه ڏسي رهيا آهيو..... توهان پراڻو تجربو ورجائڻ جا خواهشمند آهيو پر هاڻ ڪجهه نئون نئون آهي. جيڪو گذريل تجربي ۾ ڪونه هو..... بس اهو توهان کي اجازت نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڏيندو. توهان تمام گهڻي انتظار ۾ آهيو. توهان پرسڪون ناهيو..... توهان ڇڪتاڻ ۾ آهيو..... توهان کي اهو خوف ويڙهي ويو آهي ڪٿي توهان پهريون تارو وڃائي ڇڏيو توهان فڪرمند آهيو. توهان کي فڪر آهي..... ائين ٻيهر ٿيندو..... نه ائين ناهي ٿيڻ وارو.

پهرئين ته اهو ممڪن ناهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته توهان معصوميت وڃائي چڪا آهيو. اها اڻ تجربيڪاريءَ جي حالت وڃائي چڪا آهيو جنهن ۾ ياد ڪو وجود نه ٿي رکي..... جتي ڪو ماضي نه هو نه ئي مستقبل هو.

ٻيون ته..... پر جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن تي اهو ورجائجي به ويو ته بي ڪيف هوندو. ڇاڪاڻ ته توهان ان کان اڳ ئي آشنا آهيو. حسن، ڪشش هميشه نئين ۾ هوندي آهي. اها ڪڏهن به پراڻي ۾ ناهي هوندي حسن تازي ۾ هوندو آهي..... اهو ڪڏهن به مردي ۾ ناهي هوندو. حسن جو تعلق اصل آهي ڪاري ڪاپي سان نه. حسن تڏهن ئي هوندو آهي جڏهن تجربو پهريون ڀيرو ٿئي..... ٻيون ڀيرو نه، جيڪڏهن هاڻ ائين ٿئي به تو ته اها خوشي نه هوندي اهو سيڪنڊ هئنڊ تجربو هوندو ۽ ياد رکو خدا ڪڏهن به سيڪنڊ هئنڊ ناهي هوندو..... خدا هميشه تازو هوندو آهي.

اهو ڄاڻڻ لاءِ ته خدا شام جي حسن ۾ آهي يا اڏامندڙ پکيءَ ۾ حسن آهي. توهان کي مڪمل طور تي معصوم ٿيڻو پوندو. ماضي کي مڪمل طور تي وسارڻو پوندو ۽ مستقبل کي خلل اندازيءَ جي اجازت نه ڏيڻي پوندي تڏهن ئي رڳو تڏهن حسن هوندو آهي ۽ سعادت هوندي آهي. برڪت هوندي آهي، خوشي ۽ رحمت هوندي آهي. جڏهن هڪ ڀيرو توهان ڪنهن شيءِ جو تجربو ڪري ورتو ته ان جي طلب ڪرڻ لڳو ٿا. ان پل توهان اهو نه ٿا ڄاڻو ته اها خوشي آهي. اها رڳو سابقا هوندي آهي. جڏهن تجربو گذري چڪو هوندو آهي ته وڏيڪ ڪجهه به ناهي رهندو. تڏهن ئي ذهن سامهون اچي ٿو ۽ ان جو انتظار ڪرڻ لڳندو آهي. "ها اهو خوبصورت هو..... ڏاڍو خوبصورت" جڏهن تجربو پاڻ موجود هو ته ذهن موجود نه هو. خوشي ان وقت موجود هوندي آهي جڏهن ذهن موجود ناهي هوندو. ۽ جڏهن به ذهن ايندو آهي ته خوشي وڌيڪ ناهي رهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ذهن آقا آهي..... جيڪڏهن آقا پرسڪون هوندو ته رعايا به پرسڪون هوندي.

جڏهن ذهن پرسڪون هوندو آهي ته اهو لاذهن (نومائينڊ) بنجي ويندو آهي. لاذهن ۽ پرسڪون ذهن جو مفهوم ساڳيو آهي. انهيءَ مان به مختلف شيون مراد ناهن. هڪ پرسڪون ذهن، ٽڏو ذهن ئي لاذهن هوندو آهي.....

ان جو بنيادي سبب هيءُ آهي ته ذهن ته بخار آهي، ذهن ته مسلسل انديشگي آهي..... وهم آهي، ڇڪتاڻ آهي، بيماري آهي..... ها ذهن بيماري آهي. جڏهن بيماري گم ٿي ويندي آهي ۽ توهان لاذهني جي حالت ۾ ڪم ڪيو ٿا تڏهن ئي جسم ان جي پيروي ڪري ٿو.

جسم ته هڪ پيروڪار آهي، جيڪڏهن توهان ذهن رکو ٿا ته جسم ذهن جي پيروي ڪندو آهي. جيڪڏهن توهان لاذهن آهيو ته جسم لاذهن جي پيروي ڪندو آهي. پر جسم سان ويڙهاند شروع نه ڪجو بيوقوف نه ٿجو!

جيڪڏهن توهان جو ذهن خراب جذبن کان پاڪ نه هوندو ته پنهنجا هٿ پير ڪترائي توهان ڪي ڇا ملندو..... ۽ ان کان پوءِ ٻڌ ڳاٿا پڙهي هئي. "جذبا ارادن مان پيدا ٿيندا آهن ۽ ارادو خيال مان ۽ تخيل مان پيدا ٿيندو آهي. جڏهن ٻئي پرسڪون هوندا آهن ته نه ئي شهوت هوندي نه ئي تناسخ."

ٻڌ چوي ٿو: "مون کان اڳ ۾ به لکين ٻڌ گذريا هوندا ۽ مون کان پوءِ به لکين ٻڌ ايندا."

مذهبن جي دنيا ۾ اها ڳالهه صفا نئين آهي.

مهاوير چوي ٿو ته: "مون کان اڳ ۾ لڳو ٽيويهه تيرٿ آنڪر گذريا آهن ۽ مون کان پوءِ ڪو به آتڪر نه ايندو."

عيسيٰ جو چوڻ آهي ته: "مان خدا جو واحد فرزند آهيان."

ٻڌ گهڻا آهن...... ٻڌ پاڻ چوي ٿو: "مون کان اڳ ۾ لکين ٻڌ گذريا آهن ۽ مرڻ کان پوءِ به لکين ٻڌ ايندا."

اهو سچ جي وڏيڪ ويجهو آهي. عيسيٰ چوي ٿو "مان خدا جو واحد فرزند آهيان." اهو بيان يعني لڳي ٿو. اهو جنونيت کي فروغ ڏئي


Scanned by CamScanner

تو. انهيءَ سبب ڪري عيسائي اهو تصور ڪندا آهن ته اسان اعليٰ ۽ برتر آهيون. ان تصور جو بنياد اهو آهي ته اُهي خدا جا واحد فرزند آهن. انهيءَ تصور سبب برتري انا جنم وٺي ٿي.

هندو چون ٿا ته هتي رڳو چوويهه اوتار آهن. ان کان اڳ ۾ انهن جو تصور هو ته اوتار رڳو ڏهه آهن. پوءِ انهن ان ۾ تورو واڌارو ڪيو..... ان جو سبب هيءُ آهي ته جين دعويٰ ڪندا هئا ته انهن جا اوتار چوويهه آهن. ان لاءِ زبردست مقابلو پيدا ٿي ويو. جڏهن تيرٿ آنڪر چوويهه آهن. پڌمت چوويهه آهن ته ڏهه اوتار رکڻ کل جهڙي ڳالهه هئي...... سو هندوئن ان ڳالهه کي وسعت ڏني ۽ انهن ڏهه اوتارن جو تصور ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن به دعويٰ ڪئي ته انهن جا به چوويهه اوتار آهن. پر مهاوير بابت انهن جو خيال ڇا آهي؟ آدي ناٿ جي باري ۾ انهن جو خيال ڇا آهي؟ انهن کي اوتارن ۾ شامل ناهي ڪيو ويو.

پڌ سين کي پاڻ سان شامل ڪري ٿو. هو حيرتناڪ شامل ڪندڙ آهي ۽ هو ڪا به برتري نه ٿو جوڙي. هو چوندو آهي ته مون کان اڳ ۾ لکين پڌ گذريا آهن ۽ پوءِ به لکين پڌ ايندا. دنيا ڪڏهن به پڌن کان خالي ناهي رهي...... ۽ ائين هن کي هجڻ به گهرجي..... ڇاڪاڻ ته پڌ هجڻ رڳو پنهنجي فطرت کان واقف ٿيڻ آهي. ان ۾ ٻي ڪا خاص ڳالهه ناهي. اها خاص ان ڪري ٿي نظر اچي جو توهان ان جي ڪڏهن ڪوشش ناهي ڪئي. ٻي صورت ۾ اهو توهان جو پنهنجو خزانو آهي. رڳو ان جي دعويٰ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان جي خوبصورتي ٿي ته تورو ڏيان ڏيو پڌ پاڻ لاءِ ڪنهن خاص شيءِ جي دعويٰ ناهي ڪئي.

تورو انهيءَ دعويٰ جي خوبصورتي تي غور ته ڪيو "هو چوي ٿو انهن لکن ۾ مان به هڪ آهيان" مان ڪو خاص ناهيان. ڪنهن حقيقي مذهبي شخصيت کي ائين هئڻ گهرجي ڪو خاص..... صفا عام..... جڏهن لکين پڌ آهن ته پوءِ توهان خاص ڪيئن ٿيو؟ توهان خاص ان وقت هجو ها جڏهن تعداد محدود هجي ها.

ان حوالي سان جهيڙو تمام گهڻو آهي جڏهن مهاوير چوي ٿو ته هو چوويهن مان هڪ آهي ته اٺ ٻيا به دعويٰ ڪن ٿا ته اُهي به انهن چوويهن ۾ شامل آهن. اتي مسئلو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪو به هڪ هئي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ميڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ ڪنهن کي به صحيح يا سچو ثابت ڪرڻ جو ڪو طريقو ڪونه هو. توهان ڪيئن ٿا ثابت ڪري سگهو ته حقيقي تيرٿ آنڪر ڪير آهي؟

ڪجهه ماڻهن گائوشالڪ کي چونڊي ورتو ۽ ان جي پيروي ڪرڻ لڳا ڪجهه ماڻهن مهاوير کي چونڊي ورتو ۽ ان جي پيروي ڪرڻ لڳا..... ڪجهه ماڻهن وري ڪنهن ٻئي کي چونڊي ورتو..... توهان ڪيئن ٿا فيصلو ڪري سگهو؟ عيسائي چون ٿا ته عيسيٰ خدا جو واحد فرزند آهي..... جڏهن ته يهودين ان کي صليب تي چاڙهي ڇڏيو..... توهان ڪيئن ٿا فيصلو ڪري سگهو؟ هو سوچن ٿا ته پاڻ ڪوڙا هئا.

جڏهن ته يهودي به هڪ مسيح جو انتظار ڪري رهيا آهن..... هو صدين کان رضا جا منتظر آهن..... پر اُهي ڪنهن کي به صحيح بنجڻ نه ٿا ڏين..... ان جو سبب هيءُ آهي ته پوءِ هو ڪنهن جو انتظار ڪندا؟ هو اميد..... ۽ اميد..... ۽ اميد جي سهاري تي جيئڻ پيا انهن ايترو ته انتظار ڪيو آهي جو هاڻ انتظار يهودين جي عادت ٿي ويو آهي..... ان لاءِ هاڻ هو ڪنهن کي به اجازت نه ٿا ڏئي سگهن ته اهو مسيح ٿئي..... عيسيٰ دعويٰ ڪئي ۽ ان کانپوءِ ٻين به دعويٰ ڪئي..... پر جيڪو به اها دعويٰ ڪري ٿو ته مان مسيح آهيان، ان کي برباد ڪيو وڃي ٿو..... ان کي ڪوڙو قرار ڏنو وڃي ٿو.

يقينن مسيح کي اچڻو آهي پر هو ڪنهن کي به دعويٰ ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏي..... صدين جو انتظار..... ۽ هو انتظار جي نشي جا عادي بنجي ويا آهن. هاڻ هو انتظار ڪندا..... ڀل ڪٿي خدا هيٺ لهي اچي..... هو ان کي صليب تي چاڙهي ڇڏيندا. ان جو سبب هيءُ آهي جو هو چوندا ته..... توکي ڪير ٿو چاهي؟ اسان ته انتظار ڪرڻ سان محبت ٿا ڪيون..... اسان ته پنهنجي اميدن سهاري زنده آهيون" يهودي بس انتظار ڪري رهيا آهن.

پر هر ماڻهو ڪوشش ڪندو آهي يهودي سوچيندا آهن ته اهي چونڊ نسل آهن. هو سوچين ٿا ته خدا کين خاص طور تي چونڊيو آهي. هندو سوچين ٿا ته اُهي چونڊ نيندا آهن. جين سوچن ٿا ته اهي چونڊ ماڻهو آهن ها پر ٻڌ عام آهي..... ٻڌ چوي ٿو لکين اڻ ڳڻيا ٻڌ گذريا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

غير معمولي پڻ جي دعويٰ ڪرڻ ٿي معمولي پٺو آهي..... ۽ جڏهن دعويٰ ڪيو ٿا تہ توهان ٿي اعليٰ ۽ برتر آهيو تہ انهيءَ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ توهان احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهيو.

ان تصور کي اوليت ڇو؟ مهاوير سوچي ٿو تہ اهو آخري آهي. عيسيٰ سوچي ٿو تہ هو آخري آهي..... توهان ان مان ڪهڙي مراد ٿا وٺو..... انهيءَ سان توهان ارتقا کي روڪيو ٿا. نواڻ کي روڪيو ٿا..... نئين تصور جي تخليق جو رستو بند ڪيو ٿا. توهان سمورا دروازا بند ڪيو ٿا. توهان هڪ گهٽن..... هڪ بنا ي خاني کي رواج ڏيو ٿا..... تہ جيئن ڪو بہ ماڻهو توهان جي عقيدن کي نہ ڇيڙي پر ٻڌ سمورا دروازا کليا رکي ٿو. هو چوي ٿو تہ..... هن کان اڳ توڙي پوءِ ٻڌ آيا آهن. ايندا رهندا.

ياد رکو!

جذبا ارادن مان پيدا ٿيندا آهن. ارادو سوچ ۽ خيال مان جنم وٺي ٿو ۽ جڏهن ٻئي پرسڪون هوندا آهن تہ شهوت هوندي آهي نہ ئي تناسخ.

ارادي جو مطلب آهي انا..... ارادي جو مطلب آهي هستيءَ سان ويڙهاند..... جڏهن بہ ڪڏهن توهان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي وهڪري جي ابتڙ وهندي ڏسو ٿا..... توهان چئو ٿا "هيءُ اعليٰ قوت ارادي رکندڙ ماڻهو آهي." قوت ارادي مان توهان جو ڪهڙو مفهوم آهي؟ هر ارادو خدا جي خلاف هوندو آهي. توهان ان سان وڙهو ٿا. توهان اهو ڪجهہ ڪيو ٿا جيڪو شين جي فطرت ۾ ناهي..... توهان زبردستي ڪجهہ ڪرڻ چاهيندا آهيو. جيڪڏهن توهان فطرت سان ويڙهاند ۾ آهيو تہ تڏهن ئي توهان ارادو رکو ٿا.

ڪوڙ سارا ماڻهو مون وٽ ايندا آهن ۽ مون کي چوندا آهن اوشو! اسان کي وڏيڪ قوت ارادي جي حاصلات ۾ مدد ڪر..... ڇو؟ ڇا مان توهان جو دشمن آهيان..... ڇا مون کي وڏيڪ ڇريو ٿيڻ ۾ توهان جي مدد ڪرڻ گهرجي! قوت ارادي! پر اولهہ ۾ قوت ارادي جي وڏي اهميت آهي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ سمورو اولهہ سوچي ٿو تہ مضبوط انا جو مالڪ هجڻ لازمي آهي. توهان کي قوت ارادي جو مالڪ هجڻ گهرجي. توهان کي قوت ارادي‌ءَ کي پروان چڙهائڻ گهرجي..... ان موضوع تي هزارين ڪتاب بازار ۾ موجود آهن تہ قوت ارادي کي ڪيئن وڌائجي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۽ اهي ڪتاب وڪرو بہ ٿين ٿا. ان جو سبب هيءُ آهي تہ ماڻهن جي خواهش اها هوندي آهي تہ انهن جي انا وڏ ڪان وڏ طاقت حاصل ڪري. ٻڌ چوي ٿو: "جذبا ارادن مان پيدا ٿيندا آهن..... خواهشون ارادن مان جنم وٺنديون آهن."

"مان" انا توهان جي ذهن جي پاڙ آهي. توهان جو سمورو ذهن "مان" جي چوڌاري ڦري ٿو.

"ارادو خيال ۽ سوچ مان پيدا ٿيندو آهي." سوچ ماضيءَ مان ايندي آهي. خيالن جو مطلب آهي مستقبل جي سرگرمي. جيڪو ڪجهہ بہ توهان تجربو ڪيو ٿا..... سوچيو ٿا..... سکو ٿا..... اها توهان جي انا هوندي آهي ۽ جيڪو توهان مستقبل ۾ تجربو ڪرڻ جا خواهشمند هوندا آهيو مستقبل ۾ جنهن جا مالڪ ٿيڻ چاهيندا آهيو اهو توهان جو ارادو هوندو آهي..... اهو هڪ ئي مظهر/لقاءَ جا ٻہ پاسا آهن.

"جڏهن ٻئي پرسڪون هوندا آهن....." جڏهن سوچون وڏيڪ ناهن هونديون تہ ان جو مطلب هوندو آهي تہ هاڻ ماضي وڏيڪ ناهي رهيو ۽ جڏهن خيال، منصوبا، خراب نہ هوندا آهن تہ مستقبل ناهي هوندو.....

"جڏهن ٻئي پرسڪون هوندا آهن تہ نہ شهوت رهندي آهي نہ تناسخ." ٻڌ چوي ٿو تہ ائين سموري شهوت پسندي گم ٿي وڃي ٿي، اهڙيءَ طرح حياتي لاءِ حرص..... ۽ حواسن جي تجربي لاءِ حوس ناهي رهندي. ياد رکو! شهوت پسندي جي گم ٿيڻ سان اهو مطلب ناهي تہ توهان جي حساسيت گم ٿي ويندي آهي..... ان ڪان پوءِ تہ توهان حيرتناڪ حد تائين حساس ٿي ويندا آهيو..... شهوت پسند ماڻهو حساس ناهي هوندو. هڪ شهوت پسند ماڻهو تمام گهٽو وحشي هوندو آهي. تمام گهٽو ڇٽ هوندو آهي. جهنگلي هوندو آهي..... هڪ حساس ماڻهو نهايت ئي ارتقا يافتا..... اعليٰ ارتقا يافتا..... ۽ ڏاڍو نرم دل هوندو آهي..... ۽ حساس ماڻهو تي اُلوهي برسات وسندي رهندي آهي. هو ان الوهيت کي ڪنهن اسفنج جيان جذب ڪندو ويندو آهي..... هو حساس جو هوندو آهي.

شهوت پرست انسان هميشہ ڪنهن شيءِ کان پوءِ ان جي حاصلات لاءِ سرگرم هوندو آهي..... دولت، طاقت..... اقتدار..... قدر ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

منزلت..... حساس ماڻهو تہ بس ”حال“ ۾ زنده هوندو آهي، هو ميسر ۽ موجود حسن مان لطف اندوز ٿيندو آهي. جڏهن سياڻي ايندو تہ سياڻي ڏنو ويندو. عيسيٰ جو اهو ئي مطلب هو تہ ”ايندڙ سياڻي جي باري ۾ نہ سوچيو.“ اهو سڀ ڪجهہ عيسيٰ پنهنجي ساٿارين کي لالہ جا گل ڏيکاريندي چيو هو تہ ”ڏسو! هيءُ گل ڪيترو نہ خوبصورت آهن! ۽ هيءُ ان لاءِ ڪا ڪوشش ناهن ڪندا. هيءُ تہ بس هتي آهن. هنن کي اهو فڪر ئي ڪونهي تہ سياڻي ڇا ٿيڻو آهي؟“

حساس ماڻهو گلن جيان هوندو آهي. هستيءَ لاءِ ڪشادو..... ان مان مزو ماڻيندڙ..... هو حيرتناڪ انداز ۾ هستيءَ مان لطف اندوز ٿيندو آهي..... پر ڪجهہ بہ ڳوليندو ناهي..... هن جي ڳولا ختم ٿي چڪي آهي. هو ڪنهن بہ شيءِ جو پيڇو نہ ٿو ڪري حساسيت مالڪ ماڻهو جتي بہ هوندو آهي، اتي ئي رهندو آهي ۽ خدا ان کي ڳولي وٺندو آهي ۽ شهوت پسند ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن پيو پٽڪندو آهي. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن. هو تہ بس پيڇو ڪندو رهندو آهي ۽ سموري عمل جو حسن اهو آهي تہ توهان خوشيءَ جي پويان پويان رهندا آهيو ۽ اها توهان کي ناهي ملندي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ توهان ان جي بابت ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻو..... توهان تہ خوشيءَ جي شڪل کان بہ واقف ناهيو..... ايستائين جو جيڪڏهن توهان جي اوچتو اها سامهون اچي وڃي تہ توهان کي سڃاڻڻ جي اهليت بہ نہ ٿا رکو..... جيڪو ماڻهو حساس هوندو آهي..... اهو تہ بس جتي هوندو آهي اتي هوندو آهي ۽ خوشي ان وٽ پاڻ هلي ايندي آهي ۽ رحمت ان تائين پهچي ويندي آهي، خدا انهن وٽ پاڻ اچي ٿو.....

اهو تصور ان لاءِ ايرندو آهي ڇاڪاڻ تہ ٻڌ تمام گهٽ تمام ناياب ٿيندا آهن. اهي ڪو قانون ناهي ماڻهو ايتري گهٽي مصيبت ۾ ڇو آهن؟ ۽ معجزو وري اهو آهي تہ هر ماڻهو خوش رهڻ ٿو چاهي؟ توهان ڪو بہ ماڻهو اهڙو نہ ڏسندؤ جيڪو ڏکيو رهڻ چاهيندو هجي. ان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تحريڪ ڏئي ٿي..... ۽ ائين توهان وڃائڻ شروع ڪندا آهيو. خوشيءَ کي تخليق نہ ٿو ڪري سگهجي..... خوشي کي رڳو ۽ رڳو ڏسي سگهجي ٿو. اها تہ اڳ ۾ موجود هوندي آهي. ٺيڪ هن پل توهان خوش ٿي سگهو ٿا..... بي انتها خوش.....!

ٻڌ سان بہ ائين ٿيو هو. هو بادشاهہ جو پٽ هو. هن وٽ سڀڪجھ هو پر خوشي ڪانہ هئي. هو وڌ کان وڌ ڏڪارو ٿيندو ويو..... جيترو گهڻو توهان وٽ هوندو آهي اوترو گهڻا توهان ناخوش هوندا آهيو. اها آهي هڪ امير ماڻهو جي مصيبت..... اڄڪلهہ آمريڪا ۽ يورپ ۾ اهو ئي ٿئي پيو. جيترو وڌيڪ اهي امير ٿي رهيا آهن اوترو گهڻو خوشين کان پري ٿي رهيا آهن..... مستقبل کان خوفزده آهن تہ الائي ڇا ٿيندو؟ غريب ماڻهو هميشہ يقين سان پريل هوندو آهي. هن کي گهر ناهڻو آهي. ٻارن جو مستقبل ٺاهڻو..... پئسو محنت سان ڪمائڻو آهي. هن وٽ ڪوڙ سارين اميدون هونديون آهن..... انهن اميدن جي سهاري تي هو مصروف هوندا آهن انهن وٽ هڪ چڱي اميد هوندي آهي.

جڏهن تہ امير ماڻهو ڏکن ۾ هوندو آهي ۽ هن وٽ ڪا اميد بہ ڪانهي هوندي هن جي مصيبت ٻيڻي ٿي ويندي آهي. توهان ڪنهن امير ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڪو غريب دنيا ۾ نہ ٿا ڏسي سگهو. هو ٻڌو غريب هوندو آهي. هو مستقبل جا منصوبا ٺاهيندو رهندو آهي ۽ هو اهو بہ ڄاڻي ٿو تہ ڪيس مستقبل ڪجھ بہ نہ ڏيندو..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ جيڪا ڪجھ هن جي ضرورت آهي. هو ان کي حاصل ڪري چڪو آهي..... هو پريشان ٿي ويندو آهي..... هن جو ذهن وڌ کان وڌ انديشگي / فڪر سان منهن مقابل ٿي ويندو آهي..... هو ذهني اذيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي..... ٻڌ سان بہ اهو ئي ٿيو هو.

هو امير ماڻهو هو..... جيڪو ڪجھ هن کي حاصل ڪرڻو هو سو وٽس موجود هو. ان جي باوجود هو تمام گهڻو ناخوش ۽ ڏکايل هو. هڪ ڏينهن هو محل مان نڪري آيو. سمورا خزانا خوبصورت زال..... نئون ڄاول ٻار..... سڀڪجھ ڇڏي آيو..... هو فرار ٿي آيو آسائش ڀري زندگي کان هو فقير بنجي ويو. هن خوشيءَ جي ڳولا شروع ڪري ڏني..... هو ڪيڏي مهل ڪنهن گروءَ وٽ..... ڪيڏي مهل ٻئي گرو وٽ ويو. هن هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪنهن ڪان پڇيو تہ خوش رهڻ لاءِ ڇا ڪجي؟..... دنيا ۾ تہ هڪ هزار هڪ ماڻهو موجود هئا. ڪيس صلاحون ڏيڻ وارا..... ۽ هو جيترو انهن جي صلاحن تي عمل ڪندو ويو اوترو منجهندو ويو.

ڪنهن همراهہ چيو "هٺ يوگا ڪر....." هو هٺ يوگي بنجي ويو. هن يوگا جي آسڻن جي مشق ڪئي ۽ انتهائي حد تائين..... پر ان مان ڪيس ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو..... ٿي سگهي ٿو يوگا جي ورزش ذريعي توهان سٺو بدن..... جسم تہ حاصل ڪري وٺو پر ان جي ذريعي توهان خوش نہ ٿا رهي سگهو. رڳو هڪ بهتر جسم..... وڏيڪ صحتمند بدن توهان کي حاصل ٿيو پر ان سان توهان جي زندگي تي ڪو گهڻو فرق نہ ٿو پوي..... جيتري گهٽي توهان جسماني طاقت حاصل ڪيو ٿا اها توهان کي وڌيڪ ڏکن ۾ مبتلا ڪندي آهي.

توهان طاقت ذريعي ڪري بہ ڇا ٿا سگهو؟ جيڪڏهن توهان وٽ تمام گهڻا دوست آهن تہ ان سان بہ توهان ڇا ٿا ڪري سگهو؟.....

جنهن ڪري پڏ سموري يوگا ترڪ ڪري ڇڏي ان کان پوءِ هو بين استادن ڏانهن ويو. راج يوگين وٽ. جيڪي ڪنهن بہ قسم جي جسماني آسڻ جي تربيت نہ ڏيندا هئا پر منتر..... جاپ..... مراقبو سيکاريندا هئا. هن اهو سڀ بہ ڪري ڏٺو پر ڪجهہ بہ نہ ٿيو. هو حقيقي ڳولا ۾ هو..... جڏهن توهان حقيقي ڳولا ۾ هوندا آهيو تہ پوءِ ڪا بہ شيءِ توهان جي ڪم ناهي ايندي ۽ ڪو بہ ٻيو رستو ناهي هوندو. ميڊياڪر (وچولي سطح جا ماڻهو) اُتي ڪتي رستي ۾ ويهي رهندا آهن..... اُهي حقيقي ڳولائو ناهن هوندا. حقيقي ڳولائو اهو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ڳولا ۾ آخري حد تائين ويندو آهي ۽ ان نتيجي تي پهچندو آهي تہ ڳولا بڪواس آهي. ڳولا بہ ڇڻ پنهنجي جاءِ تي خواهش هوندي آهي..... اها خواهش تہ هڪ ڏينهن هن کي قبول ڪيو ويندو.

نيٺ هڪ ڏينهن هن پنهنجو محل ڇڏي ڏنو. گهر ٻار ڇڏي ڏنو. ڇهہ سالن جي روحاني ڳولا بعد روحاني ڳولا کي بہ ڇڏي ڏنو. مادي ڳولا تہ هن اڳ ۾ ئي ڇڏي ڏني هئي. هاڻ هن روحاني ڳولا بہ ڇڏي ڏني..... هيءُ دنيا تہ هن اڳ ۾ ترڪ ڪري ڇڏي هئي. هاڻ هن ٻي دنيا کي بہ ڇڏي ڏنو. هن جيئڻ ئي خواهشن مان مڪمل طور تي ڇوٽڪارو حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪيو. ٺيڪ ان پل ڪيس پنهنجي مراد حاصل ٿي وئي..... جڏهن هن مڪمل طور تي خواهش مان نجات حاصل ڪئي..... جڏهن هو مڪمل طور تي اميدون ڇڏي ويٺو تڏهن مستقبل ۾ گم ٿي ويو..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ مستقبل توهان جي اميدن جي ڪري وجود پذير ٿيندو آهي. مستقبل توهان جي حوس جو جزو آهي. مستقبل وقت جو ڪو جزو ناهي هوندو. وقت تہ هميشہ حال ۾ هوندو آهي. وقت نہ تہ ڪڏهن ماضي هوندو آهي، نہ ڪڏهن مستقبل ۾ هوندو آهي. وقت هميشہ حال ۾ هوندو آهي. "هاڻ" لامحدود هوندو آهي. وقت نہ ڪٿان اچي ٿو نہ ڪيڏانهن وڃي ٿو. هو تہ شروع کان آهي ۽ موجود رهندو. اها توهان جي حوس هوندي آهي. توهان جي خواهش هوندي آهي. توهان جي اميد هوندي آهي تہ ڪنهن طريقي سان توهان خوش ٿيو.

گوتم ٻڌ سموريون خواهشون تياڳي ڇڏيون. سموريون اميدون پري ڪري ڇڏيون. هو گوتم سڌارت کان هٽي ڪري ٻڌ بنجي ويو. هو شروع ۾ ئي ٻڌ هو پر هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو رهيو..... هو تہ پاڻ پنهنجي اندر ۾ موجود هو..... هيءُ ڪائنات اها ئي آهي بابرڪت ۽ سعد آهي..... سچ آهي تہ اُلوهي آهي..... انسان مصيبت زده آهي..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ ماڻهو پنهنجي خواهش جي حوالي سان بنيادي سچ کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو. انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ کان پوءِ هن ڳالهہ کي سمجهڻ سؤلو ٿي پوندو.

هڪ همراهہ جذبن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ سوچيو تہ هو پنهنجا هٿ پير وڍي ڇڏي پر ٻڌ ان کي ائين ڪرڻ کان روڪيو.....

ٻڌ جي لاءِ هيءُ ڳالهہ عام آهي تہ هو جسم جي خلاف هو..... اها وڏي غلط فهمي آهي.

ٻڌ ڪڏهن بہ جسم جو مخالف ناهي رهيو..... ها باقي هو ڪڏهن جسم لاءِ زنده ناهي رهيو..... هن جو هيءُ قول واضح آهي تہ:

"جسم کي ڏوهہ نہ ڏيو پر خيالن کي جذبن کي پاڪ ڪيو."

اڪثر ماڻهو سوچيندا آهن تہ انهن جي مصيبت جو سبب هيءُ جسم آهي..... ماڻهن جو خيال آهي تہ جسم ۾ شهوت هوندي آهي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جنهن ڪري جسم لالچي هوندو آهي. جسم جي ڪري انسان دوست جو طلبگار رهي ٿو..... اهو به جسم جي ڪري آهي جو ڪنهن سان ناتا جوڙڻ لاءِ ماڻهو بي چين رهي ٿو..... ماڻهو سوچين ٿا جسم جي ڪري سموريون تڪليفون ۽ ڏک نازل ٿين ٿا..... سو ڇو نه هن جسم کي تباهه ڪجي..... ڇو نه خودڪشي ڪري ڇڏجي. ڪيترائي اهڙا فرقا موجود آهن. جيڪي آپگهات پرست آهن. خودڪشي جي تبليغ ڪن ٿا. جيڪي اهو چون ٿا ته "هن جسم کي ترڪ ڪرڻو پوندو..... جيڪڏهن توهان گهڻا بهادر آهيو ته هڪ ئي جهمپ ۾ هن جسم مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو..... جيڪڏهن توهان جرئتمند ناهيو. پوءِ آهستي آهستي قسطن ۾ هن جسم کي ختم ڪيو. جسم مان نجات حاصل ڪيو."

سموري دنيا ۾ اهڙا فرقا موجود آهن جيڪي فاقه ڪشي جي تبليغ ڪن ٿا. ڪجهه وقت لاءِ..... هڪ مهيني لاءِ..... فاقه ڪشي مددگار ثابت ٿيندي آهي. صحت بخش ثابت ٿيندي..... صفائي جو..... تطهير جو عمل ثابت ٿي سگهي ٿي. پر وڌن وڌن ۽ گهڻن فاقن سبب جسم تباهه ٿي وڃي ٿو پر اهڙا فرقا موجود آهن. ٻڌ جي دؤر ۾ جين فرقي جا ماڻهو فاقا ڪشي جي جنون ۾ مبتلا هئا.

فاقا ڪيو..... هڪ مهينو..... ٻه مهينا، ٽي مهينا..... جيڪڏهن انهيءَ فاقي ۾ توهان مري ويئو ته توهان اعليٰ ترين اخلاق تائين پهچ حاصل ڪري ورتو.

فاقه ڪشيءَ جو اهو نظريو ايتريون گهريون پاڙون ڇو هٽي سگهيو؟

خوراڪ ۽ جنس انسان جا ٻه جنون نظر اچن ٿا..... ۽ جيڪي ماڻهو سوچن ٿا "مصيبت مان نجات آخر ڪيئن حاصل ڪجي؟" اهي اهو ٿا سوچين ته اهي ٻه شيون سندن مصيبت جو سبب آهن جڏهن ته معاملوان جي ابتڙ آهي.

توهان غلط فهميءَ ۾ نتيجي کي سبب ۽ سبب کي نتيجو سمجهي ورتو آهي..... ۽ اهو منطقي طور تي نظر اچي ٿو!

ذهن ته منطقي هوندو آهي. حقيقت ۾ توهان جو ذهن جنسي آهي. پر جڏهن توهان جو جسم ان جي پيروي ڪندو آهي اوڏي مهل توهان کي خبر پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ياد رکو! توهان جي اندر ۾ ڪنهن به خيال جي جنم وٺڻ جا ٽي مرحلا هوندا آهن. پهريون خيال، لفظن کان سواءِ هوندو آهي. اهو اڃا تصور ۾ ناهي آيو هوندو. جيڪڏهن اتي جو اتي ان کي توهان قابو ڪري وٺندؤ ته توهان ان مان نجات حاصل ڪري سگهو ٿا.

ٻيون مرحلو هوندو آهي، جڏهن هو لفظن جي شڪل وٺڻ لڳندو آهي. جڏهن اهو ڪا شڪل وٺي چڪو هوندو آهي توهان جي اندر ۾ هڪ خيال اڀرندو آهي..... ماڻهو ايترو ته ننڍاڪڙان هوندا آهن جو انهن کي ٻئي مرحلي تي خبر پوندي آهي. جڏهن اهو خيال باقاعده ڪا شيءِ بنجي چڪو هوندو آهي. پهرئين جڏهن اهو خيال خام جسم ۾ داخل ٿي چڪو هوندو آهي ۽ جسم انهيءَ جو گهرجائو بنجي چڪو هوندو آهي تڏهن توهان واقف ٿيو ٿا سادي ڳالهه اها آهي ته ان مان توهان جي جهالت ظاهر ٿئي ٿي.

ان ڪري ٿي ٻڌ جو چوڻ آهي ته توهان مصيبت ماريل زندگيءَ مان جي نجات چاهيو ٿا، ڇوٽڪارو چاهيو ٿا ته پوءِ توهان کي وڏ کان وڏ ڄاڻ، آگهي حاصل ڪرڻي پوندي..... جيتري گهٽي توهان ڄاڻ/ آگهي رکو ٿا ايتري گهرائي ۾ توهان شين جا سبب سمجهي سگهو ٿا. جيتري گهٽي توهان سبب جي واقفيت حاصل ڪيو ٿا، اوترو وڌيڪ توهان کي ڇوٽڪاري/ نجات جي صلاحيت حاصل ٿئي ٿي.

جيڪڏهن توهان خواهش تي ان وقت گرفت ڪري وٺو جڏهن اها توهان جي شعور ۾ داخل نه ٿي ٿئي ۽ اها رڳو لفظن کانسواءِ هڪ احساس ٿئي آهي. شعور تائين پهچڻ کان اڳ خواهش کي لاشعور ۾ روڪڻ سؤلو ۽ سادو آهي.

اهو ائين آهي جيئن ننڍڙو ٻج تمام سؤلائي سان اڃلائي سگهجي ٿو. ان ۾ ڪا ڏکيائي ڪانهي. پر جڏهن ٻج جي پاڙ لڳي ويندي آهي ۽ اهو هڪ عظيم وڻ بنجي ويندو آهي ته ان کي پاڙ مان اکيڙڻ ڏکيو هوندو آهي. سڀ کان پهرئين ڪو خيال توهان جي داخلي مرڪز ۾ ڦٽندو آهي پوءِ ذهن ۾ داخل ٿيندو آهي ان کانپوءِ هو جسم ۾ داخل ٿئي ٿو..... توهان ان کي رڳو محسوس ڪري سگهو ٿا. جڏهن هيءُ جسم ۾ داخل ٿئي ٿو..... پر ان کان به وڌيڪ ننڍاڪڙا ماڻهو آهن جيڪي ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪڏهن به محسوس ناهن ڪري سگهندا. جڏهن اهو دنيا ۾ وجود پذير ٿي ويجي ٿو ان ڪانپوءِ ان کي محسوس ڪن ٿا.

مثال طور ڪاوڙ پهرئين توهان جي انتهائي مرڪز ۾ هوندي آهي. لفظن ڪانسواءِ غير واضح..... پوءِ اها خيال بنجي ويجي ٿي. پوءِ اها توهان جي بدن ۾ داخل ٿئي ٿي. ايڊرينا سين يا ٻيا زهر توهان جي رت ۾ شامل ٿي ٿا وڃن ۽ پوءِ توهان ڪنهن کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سان وڙهڻ لاءِ..... تيار ٿي ويندا آهيو. ان وقت توهان چريا ٿي چڪا هوندا آهيو..... پر توهان کي ڪا خبر ناهي هوندي.

ڇا توهان ڪيترائي ڀيرا هن ڳالهه جو مشاهدو ناهي ڪيو؟ جڏهن توهان ڪنهن ماڻهوءَ کي ماري چڪا هوندا آهيو..... پنهنجي ٻارن کي..... پنهنجي ڪنهن دوست کي..... پنهنجي زال کي..... ته پوءِ اوچتو توهان کي آگاهي حاصل ٿيندي آهي ۽ توهان چوندا آهيو: "مون هيءَ ڇا ڪري ڇڏيو؟ مان ته ائين ڪرڻ نه پيو چاهيان. منهنجي نه چاهڻ جي باوجود ائين ڇو ٿي ويو؟" سادي ڳالهه ان مان ئي توهان جي جهالت ظاهر ٿئي ٿي.

اندر گهرائي ۾ لهوءِ ڪنهن به شيءِ جي ڦٽڻ کان اڳ ان کي قابو ۾ آڻي ڇڏيو ۽ تڏهن اهو صفا سؤلو هوندو..... بلڪل ائين جيئن توهان ڪنهن ٻج کي سؤلائي سان تباهه ڪري سگهو ٿا. پر ڪنهن وڻ کي پاڙان اکيڙڻ ڏکيو هوندو آهي ۽ جڏهن وڻ هزارين ٻج هوا ۾ اڏاري ڇڏي تو تڏهن ته هو توهان جي قابوءَ کان صفا ٻاهر هوندو آهي. هوائون ٻج کي تمام ڏوراهين زمينن تائين کڻي وڃن ٿيون ۽ اهو ڄاڻڻ ڏکيو آهي ته ٻج ڪٿي ڪٿي ڪريو آهي. هاڻ وڻ هڪ ناهي رهيو. هن پنهنجي وجود جا ڪوڙ سارا امڪان تخليق ڪري ورتا آهن. ڪوڙ سارن ٻنين ۾ هن جو ثاني موجود آهي. ٻڌ چئي ٿو ته: "جسم کي تباهه ڪرڻ سان ڪجهه حاصل نه ٿيندو. اڪيون توهان کي ڪنهن حسين عورت يا مرد جو خواهشمند بنائين ٿيون پر پنهنجي اکين کي انڌو ڪرڻ سان ڪجهه حاصل نه ٿيندو.

جيڪڏهن توهان ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏيو ٿا ته اهو هٿ ناهي هوندو جيڪو ڪنهن کي قتل ڪندو آهي..... قاتل ته توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جو ذهن هوندو آهي. قاتل تہ توهان پاڻ آهيو..... جيڪڏهن توهان اهو هٿ ڪٽي ڇڏيو، جنهن سان ڪنهن کي توهان قتل ڪري ڇڏيو آهي تہ عدالت توهان کي ان ڪري معافي نہ ڏيندي تہ توهان قاتل هٿ کي پنهنجي جسم کان ڪٽي ڌار ڪري ڇڏيو آهي. مئجسٽريٽ کي اهو نہ ٿا چئي سگهو تہ "قاتل مان نہ پر منهنجو هٿ هو."

هڪ ڀيري هڪ عدالت ۾ ائين ٿيو هو. هڪ همراهہ اهو ئي دليل ڏنو هو تہ "اهو منهنجو هٿ آهي، جنهن قتل جو ڏوهہ ڪيو آهي." مئجسٽريٽ بہ ڏاڍو چالاڪ ۽ تيز هو..... ان چيو "تون منطقي طور تي ٺيڪ پيو چوين..... تو قتل جو ڏوهہ ناهي ڪيو..... قتل تنهنجي هٿ ڪيو آهي..... سو تنهنجا هٿ جيل ۾ رهندا..... تون گهر وڃين سگهين ٿو..... پر هٿ نہ ٿا وڃي سگهن." يڪدم هٿن ۾ هٿڪڙيون لڳايون ويون. همراهہ بيٺو رهيو تہ مئجسٽريٽ ان کي چيو "هاڻ تون گهر ڇو نہ ٿو وڃين."

همراهہ چوڻ لڳو: "مان هٿن کان سواءِ گهر ڪيئن وڃان؟"

مئجسٽريٽ چيو "جڏهن تون هٿن کانسواءِ گهر نہ ٿو وڃي سگهين تہ هٿ تو کانسواءِ ڀلا ڪو عمل ڪيئن ٿا ڪري سگهن. توهان ٻئي تہ گڏ گڏ آهيو..... ۽ حقيقت ۾ هٿ تہ تنهنجا غلام آهن..... تون آقا آهين....."

سو ياد رکو! "توهان ڪنهن ڏوهہ لاءِ وڃي رهيا هجو يا عبادت لاءِ ڪنهن عبادت گهر ڏانهن جسم نهايت ئي فرمانبردار آهي. توهان جي پيروي ڪندو آهي پاڇي جيان..... پر جسم ڪنهن بہ عمل جو پاڻ ذميوار ناهي هوندو."

جسم لاءِ هڪ ڳالهہ سمجهڻي پوندي. جسم دنيا ۾ منفرد شيءِ آهي. ڪا بہ شيءِ هن جو مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي. اها هڪ منفرد صورتحال آهي. جسم اهڙي شيءِ آهي، جنهن سان توهان ٻنهي رخن کي ڏسي سگهو ٿا. خارجي طور تي بہ ۽ داخلي طور تي بہ. جيڪڏهن توهان پٿر کي ڏسو ٿا تہ خارجي طور تي ڏسو ٿا. جيڪڏهن چنڊ کي ڏسو ٿا تہ خارجي طور تي ڏسو ٿا. پنهنجي جسم کانسواءِ هر شيءِ توهان خارجي طور ڏسو ٿا. پر توهان جو جسم واحد اهڙي شيءِ آهي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪي توهان خارجي توڙي داخلي طور ڏسي سگهو ٿا. ان ڪري جسم ته اندر جو دروازو آهي. جسم ته داخلي سير سفر لاءِ هڪ دروازو آهي..... پوءِ ڀلا ان جي خلاف ڪيئن هوندو؟ ۽ توهان ڀڻ جو جسم به ڏسي سگهو ٿا. بيحد پروقار ۽ شاندار..... بيحد خوبصورت..... ته پوءِ هو ڪيئن ٿو ان جي خلاف ٿي سگهي؟ ٻڌ جا مجسما ڏسو..... هو يقينن پنهنجي جسم سان پيار ڪندو هو. هن جو جسم ڪنهن گل جيان آهي. هو پنهنجي جسم سان محبت ڪندو هو. ان لاءِ ڪو به ٻڌ جسم جي خلاف نه ٿو ٿي سگهي.

ٻڌ جي سموري ڪوشش اها هئي ته هو توهان کي ان ڳالهه کان واقف ڪري ته جيڪو ڪجهه به دنيا ۾ توهان ڪندا آهيو ان جو ذميوار توهان جو ذهن آهي..... جيڪڏهن توهان ڏکايل آهيو تڪليف ۾ آهيو ان جو مطلب اهو آهي ته توهان جو ذهن غلط انداز ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان خوش آهيو ته ان جو مطلب آهي توهان جو ذهن صحيح طور تي ڪم پيو ڪري.

خوشي ڪجهه به ناهي سواءِ ذهن جي صحيح انداز ۾ ڪم ڪرڻ جي. جيڪڏهن ذهن ڪائنات سان هم آهنگ هوندو ته توهان خوش هوندؤ..... ذهن جڏهن فطرت جي خلاف ويندو آهي. فطرت جي قانون جي..... جنهن کي ٻڌ ڌرما جو نالو ڏنو آهي..... ان جي خلاف ويندو آهي جڏهن ذهن تائو جي خلاف ويندو آهي. جڏهن ذهن وقت جي وهڪري جي خلاف ويندو آهي. جڏهن ذهن ابتي رخ تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن مسئلا پيدا ٿيندا آهن. تڏهن ڏک جنم وٺندا آهن..... جڏهن ذهن وهڪري ۾ ڪنهن ڪاٺ جيان وهندو ويندو آهي پاڻي ڪيڏانهن به وڃي ڪاني ان سان گڏ ترندي رهندي آهي تڏهن انسان خوش هوندو آهي..... ۽ نيٺ اهو هڪ ڏينهن مطلق تائين پهچ حاصل ڪري وٺي ٿو..... هيڏانهن ڪنهن ڪوشش جي ضرورت ناهي هوندي..... سواءِ ڪوشش جي اهو ظاهر ٿي پوندو آهي سو ٻڌ جو چوڻ آهي ته بنيادي سوال جسم جو ناهي..... نه ئي مسئلو روح جو آهي. روح جا ته ڪي مسئلا ناهن هوندا ۽ جسم جا به ڪي مسئلا ناهن هوندا. مسئلو ته انهن ٻنهي جي وچ تي ڪٿي آهي، اهو ذهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جيڪو جسم ۽ روح کي جوڙي ٿو..... اهو ئي تہ سمورو مسئلو آهي. اهو ذهن جيڪو معلوم کي نامعلوم سان ملائي ٿو. اڻ ڏٺل کي ڏٺل سان جوڙي ٿو. بي صورت کي صورت سان ملائي ٿو..... اها پل ئي تہ واحد مسئلو آهي. جيڪڏهن توهان ذهن جي مسئلي کي حل ڪري ورتو تہ جڻ اصل ماڳ تي پهچي ويؤ. ذهن مسئلو آهي. اسان ذهن کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڇا ٿا ڪري سگهون.....؟ اسان هڪ سٺي ڪارڪردگي واري ذهن کي ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟

جيڪڏهن مان توهان کي هدايت ڏيان تہ خوش ٿيڻ لاءِ بي خواهش هجڻ گهرجي تہ يڪدم توهان جي ذهن ۾ هڪ خواهش ابرندي تہ بي خواهش ڪيئن ٿو ٿي سگهجي؟ ان لاءِ توهان جي ذهن ۾ اٿڪلون، ٽيڪنيڪس ۽ اشارا جنم وٺڻ شروع ڪندا ۽ توهان ڳولا شروع ڪندؤ تہ "ڪيئن ٿو بي خواهش رهي سگهجي؟" هاڻ بي خواهش هجڻ ئي هڪ خواهش بنجي ويو آهي. جيڪڏهن مان چوان ٿو ذهن هڪ مسئلو آهي تہ يڪدم توهان سوال ڪندؤ تہ "ان مسئلي کي آخر ڪيئن حل ڪجي؟"..... ان مان نجات، ان مان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪجي؟" پر جيڪو ماڻهو اهو سوال ڪري ٿو اهو بذات خود ذهن هوندو آهي..... ۽ جيڪو ماڻهو ڪوشش ڪندو اهو بذات خود ذهن هوندو آهي. توهان ڪٿي ڪجھ بہ ڪيو پر ڪڏهن بہ ذهن جي حدن کان ٻاهر نہ ٿا نڪري سگهو. توهان جو سوال جڻ تہ غير متعلق آهي. "تہ پوءِ آخر اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" اسان کي رڳو ذهن جي فطرت کي سمجهڻ گهرجي ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪرڻ گهرجي؟ رڳو پنهنجي ذهن جي عظيم بصيرت ئي اها سيڪجھ آهي جيڪو اسان کي گهربل آهي. تورومون کي اهو واضح ڪرڻ ڏيو.....

ٻڌ چوي ٿو تہ خواهش ڪيو ۽ توهان مصيبت زده هوندؤ! اوچتو هڪ خواهش ابري ٿي بي خواهش ڪيئن ٿجي؟ ان جو سبب هيءُ آهي تہ اسان خوش ٿيڻ جا خواهشمند هوندا آهيون ۽ اسان ڏکايل نہ ٿا بنجڻ چاهيون ۽ جڏهن بہ ڪا خواهش ابرندي آهي نئين مصيبت ظاهر ٿيندي آهي. جڏهن ٻڌ چوي ٿو خواهش مصيبتن کي جنم ڏيندي آهي ان جو مطلب بس اهو ئي هوندو آهي تہ غور سان ڏسو تہ خواهش جنم ڇو


Scanned by CamScanner

تي وٺي؟ ڪيئن تي اها ڏک ۽ تڪليف کي جنم ڏئي ٿي؟ رڳو مشاهدو ڪيو..... ڏسندا رهو هر خواهش پاڻ سان گڏ هڪ ڏک..... هڪ تڪليف وٺي ايندي آهي توهان رستي تان گذرو پيا. توهان پرسان گذرندڙ هڪ ڪار کي ڏسو ٿا..... هڪ چمڪو ٿئي ٿو ۽ هڪ خواهش ظاهر ٿيندي آهي ڪاش اها منهنجي ڪار هجي ها! هاڻ توهان ڏک ۾ پئجي ويئو رڳو هڪ پل اڳ تائين توهان مڪمل طور تي ٺيڪ هيو. ڪا تڪليف ڪو ڏک توهان وٽ نہ هو. هيڏانهن هيءَ ڪار گذري تہ ڏک..... تڪليف توهان وٽ هلي آئي. ٻڌ جو چوڻ آهي "ڏسندا رهو."

رڳو هڪ پل اڳ تائين توهان خوشگوار موڊ ۾ جهونگاريندا صبح جي سير تي وڃي رهيا هئا ۽ هر شيءِ حسين هئي. پکي ڳائي رهيا هئا. وڻ سرسبز ۽ شاداب هئا. صبح جي ٿڌڙي هير هلي رهي هئي. سج وٽندڙ هو. هر شيءِ خوبصورت هئي. توهان هڪ شاعراڻي ماحول ۾ هئا. جيڪو جوش ۽ جذبن سان ڀريل هو. ۽ توهان انهيءَ حسين ماحول جو هڪ جزو هئا. هر شيءِ بس ائين ئي هئي، جيئن ان کي هجڻ گهربو هو..... پر اوچتو توهان جي پرسان هڪ ڪار لنگهي.....!

ائين بہ ڪونهي تہ ڪار جو مالڪ توهان کي پريشان ڪرڻ آيو هو..... ٿي سگهي ٿو هن کي توهان جي خبر بہ نہ هجي. هن توهان لاءِ ڪا تڪليف پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي..... ان تي نہ ڪاوڙجو. ائين ڪونهي تہ ڪار توهان جي اندر ۾ ڪا مصيبت پيدا ڪئي آهي. ان جو سبب هيءُ آهي تہ ڪار توهان لاءِ ڀلا ڇو ڏک يا مصيبت پيدا ڪندي..... اها تہ توهان جي خواهش هئي..... جنهن توهان لاءِ ڏک ۽ تڪليف کي جنم ڏنو آهي.

ڪار کي ڏسندي ئي توهان جي اندر ۾ هڪ خواهش ابري ٿي. "مون کي هن ڪار جو مالڪ هجڻ گهرجي." ۽ يڪدم سمورو ماحول منجهي وڃي ٿو..... پکين جون لاتيون، صبح جي هير، وڻن جي ساوڪ ۽ خوبصورتي سڀ توهان جي آڏو گم ٿي ٿا وڃن. هر شئي اونداهي ۽ ڌنڌلي ٿي وڃي ٿي. هاڻ توهان خواهش سان لبريز آهيو. توهان دونهين سان گهيريل آهيو. توهان زندگيءَ سان ناتو وڃائي ويٺا آهيو..... توهان جو ماحول سان رابطو ڪٽجي ويو آهي..... فوري طور تي.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رڳو خواهش جي هڪ جهلڪ ۽ توهان حسن کان، سچ کان..... خوشيءَ کان..... لڪين ميل پري ٿا هليا وڃو.

بس ڏسندا رهو..... ٻڌ چوي ٿو ڏسندا رهو..... روڊ جي ڪناري تي وڃي ويهو. ڏسو ڇا ڇا پيو رونما ٿئي؟ رڳو ننڍڙي هڪ خواهش اڀرندي آهي ۽ توهان جهنم ۾ وڃي ڪرو ٿا. جڏهن ته ان کان اڳ توهان جنت ۾ هئا. توهان چوويهه ڪلاڪن ۾ ڪيترائي ڀيرا جنت کان جهنم ڏانهن وڃو ٿا..... ڇاڪاڻ ته توهان ڏسو نه ٿا.

بس ڏسندا رهو ته ڪيئن خواهش ساڻ جهنم ڪٽي اچي ٿي..... خواهش ڪيئن جهنم هوندي آهي. ۽ ائين نه پڇو ته بي خواهشيءَ جي ڪيفيت ڪيئن حاصل ٿيندي؟ ان سوال جي ڪا ضرورت ڪانهي. جيڪڏهن توهان خواهش جي فطرت تي غور ڪيو ته محسوس ڪندؤ ته اها مصيبت ساڻ ڪٽي اچي ٿي ۽ عين آگاهي/ ڄاڻ خواهش کي ترڪ ڪرڻ جو سبب بنجي ٿي.

بس ڏسندا رهو. جيڪڏهن خواهش ترڪ نه ٿي ٿئي ته ان جو مطلب آهي توهان ۾ اڃا بصيرت ڪافي ڳوڙهي ۽ گهري ناهي ٿي. بس پاڻ ۾..... پنهنجي بصيرت ۾ گهرائپ پيدا ڪيو.

ياد رکو! آگهي ئي بي خواهش هجڻ جي ڪيفيت آهي.

خواهش جي آگهي بي خواهش هجڻ جي حالت کي ساڻ ڪٽي اچي ٿي ۽ اها چاٻي ڪوڙ سارا تالا کولڻ جي ڪم اچي ٿي. جيڪڏهن توهان لالچي آهيو ته اهو نه پڇو ته لالچ مان ڪيئن ڇوٽڪارو ملندو..... ان جو سبب هيءُ آهي ته اها وري لالچ تي پوندي، هڪ ٻئي نالي سان..... هڪ ٻئي روپ ذريعي. توهان صوفين، مهاتمائن جي باري ۾ ٻڌو هوندو توهان آسماني صحيفا پڙهيا هوندا ۽ ڄاتو هوندو ته لالچي ماڻهو جهنم ۾ ويندو. ان کان پوءِ ئي لالچ اڀرندي آهي جنت ۾ وڃڻ جي ۽ صحيفن جو چوڻ آهي ته جنت ۾ هر شيءِ حسين هوندي..... خوبصورت هوندي..... خوشيون ڏيندڙ هوندي، اتان کان لالچ اڀري ٿي. وري توهان سوال ڪيو ٿا ته لالچ مان ڪيئن ٿو ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي..... ڇاڪاڻ ته توهان ۾ هڪ نئين لالچ پيدا ٿي چڪي آهي. جنت کي ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهجي؟ جنت ۾ داخلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪيئن ممڪن آهي؟ هميشہ جي لاءِ ابد تائين. جيئن ماڻهو سدائين لاءِ مستي ۽ خوشي ماڻي سگهي.

اها وري هڪ نئين لالچ آهي.

اهو ڪو طريقو ناهي. پڻ جو طريقو هن دنيا تي ايندڙ سڀ کان سٺو طريقو آهي. پڻ جو طريقو نهايت انقلابي ۽ مؤثر طريقو آهي. هو چوي ٿو تہ "لالچ کي ڏسو"

بس لالچ کي ڏسو ۽ ائين ڏسو تہ اها ڇا آهي؟ ۽ اها توهان لاءِ ڪيئن تہ ڏکن ۽ تڪليفن کي جنم ڏئي. انهيءَ کي ڏسڻ سان توهان جي اندر ۾ هڪ روشني ايرڻ شروع ٿيندي، توهان جي اندر جي چٽنگ چمڪڻ لڳندي ۽ لالچ اونداهين ۾ گم ٿي ويندي

ائين ئي تشدد جو معاملو هوندو آهي. ڪاوڙ بہ ائين ئي آهي. ملڪيت پسندي جو بہ اهو ئي معاملو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو توهان کي ڏکارو ۽ تڪليف زده بڻائي ٿو ان جو بہ اهو ئي معاملو آهي.

بهرحال توهان هڪ بي ڪيف زندگي گذاري رهيا هوندا آهيو پر انهيءَ بي ڪيفي (بوريت) جو ذميوار توهان کان سواءِ ٻيو ڪير بہ ناهي هوندو.

هڪ ڳالهہ ياد رکو تہ توهان رڳو خدا کي نہ پيا ڳوليو پر خدا بہ توهان کي ڳولي رهيو آهي..... ۽ معاملو ائين آهي تہ هو ايندو آهي ۽ توهان جي دروازي تي دستڪ ڏيندو آهي پر توهان ڪڏهن بہ اتي ناهيو هوندا. توهان ڪنهن ٻئي هنڌ نڪتل هوندا آهيو. هو توهان جي دروازي تي مستقل دستڪ ڏئي رهيو هوندو آهي پر توهان ان کي اتي ملندا ناهيو..... ان جو سبب هيءُ آهي تہ دروازو تہ "حال" ۾ هوندو آهي. جڏهن تہ توهان يا تہ مستقبل ۾ هوندا آهيو يا ماضيءَ ۾.

جذبا پريشانيءَ کي جنم ڏيندا آهن ۽ پريشانيءَ مان خوف جنم وٺندو آهي. جذبن کان پريرا ٿيو تہ خوف ۽ پريشاني ختم ٿي ويندي انهيءَ تي غور ڪيو..... هيءُ فلسفو ناهي پر زندگي جي حقيقت آهي. پڻ ڪو فلسفي نہ هو. نہ ئي هو مابعدالطبعيات دان هو..... بلڪل بہ نہ..... هو تہ فقط زندگيءَ جي حقيقتن جو سائنسدان هو. هو رڳو حقيقت جي حوالي سان ڳالهائيندو هو. توهان کي هن تي ايمان آڻڻ جي ضرورت ڪانهي. توهان کي تہ بس ڏسڻو آهي..... ۽ توهان هن جو سچ حاصل ڪري وٺندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هو چوي ٿو تہ: "جذبن مان پريشاني جنم وٺندي آهي......" جذهن بہ ڪا خواهش اڀرندي آهي، پريشاني بہ ظاهر ٿيندي آهي تہ ان کي ڪيئن حاصل ڪجي؟ ڪيئن ان تائين پهچ حاصل ڪجي؟ ان جي حاصلات ڪيئن ممڪن آهي؟ توهان پريشان ٿي وڃو ٿا..... جڏهن توهان پريشان هوندا آهيو تہ ان جا هڪ هزار هڪ متبادل هوندا آهن. تڏهن وڏيڪ پريشاني اڀرندي آهي تہ ان تائين پهچڻ جو صحيح ۽ متبادل رستو ڪهڙو آهي؟ ڪهڙو رستو صحيح هوندو؟ تڏهن ئي خوف جنم وٺندو آهي تہ ڇا توهان ان تائين پهچ جا اهل آهيو؟ دنيا ۾ ڇتاپيتي ڪندڙ تمام گهڻا آهن ۽ تمام گهڻن ماڻهن ڪوششون ڪيون آهن ۽ ناڪام ٿيا آهن. ڏسو سڪندر کي، چنگيز خان کي، نادر شاهہ کي..... ۽ ٻين ڪوڙ سارن ماڻهن ڪوششون ڪيون آهن پر ناڪام رهيا آهن. انهن تمام گهڻي طاقت هٿ ڪئي. سخت محنت ڪئي پر اهي ناڪام رهيا..... ان جي ڪهڙي ضمانت آهي تہ توهان ڪامياب ٿيندؤ؟ تڏهن ئي خوف ظاهر ٿيندو آهي.

هيءَ سڀ زندگيءَ جون ساريون حقيقتون آهن.

"جذبا پريشانين کي جنم ڏين ٿا..... پريشاني خوف کي جنم ڏئي ٿي..... جذبن کان پرپرا ٿيو نہ تہ ڪو خوف رهندو..... نہ ڪا پريشاني رهندي"

پر ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ رڳو جذبن کي پاڻ سان رکندا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ هو پريشانين ۽ خوف کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿا حاصل ڪري سگهن.

اُهي مون وٽ ايندا آهن..... تمام گهڻا ماڻهو ايندا آهن..... ۽ اُهي ٿورڙي ذهني سڪون جا گهرجائو هوندا آهن. اُهي پنهنجي پريشانين کان نجات جو طريقو ڳولين ٿا..... اُهي ڪو منتر چاهين ٿا..... ڪا سستي شيءِ چاهين ٿا..... بس اُهي خواهشون ئي ڪري سگهن ٿا. اُهي پنهنجي جذبن جو پيڇو ئي ڪندا رهن ٿا..... ۽ پوءِ بہ پريشان آهن. مون وٽ هڪ سياستدان ايندو هو ۽ هميشہ چوندو هو تہ: "اوشو ڪجهہ بہ ٿئي..... منهنجي ذهني سڪون لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪيو."

مان چوندو هئس: "هڪ سياستدان جي حيثيت ۾ توکي اهڙي طلب تہ نہ ڪرڻ گهرجي..... اها ڳالهہ هڪ سياستدان سان ٺهي نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي..... ذهني سڪون؟ اهو جيڪڏهن هڪ سياستدان مٿان وارد ٿي سگهي، تہ پوءِ ڇا صوفي احمق آهن؟ اهي ڇا پيا ڪن؟ تہ پوءِ انهن کي پنهنجي خواهش ترڪ ڇو نہ ڪرڻ گهرجي؟

"خواهشون ڇڪتاڻ پيدا ڪن ٿيون..... پريشاني کي وڌائن ٿيون ۽ توکي پنهنجي سياست کي ڇڏڻو پوندو."

هو چوندو هو تہ "توهان جي ڳالهہ صحيح آهي پر في الحال تہ مان ائين نہ تو ڪري سگهان."

پوءِ مان ان کي چوندو هئس تہ:

"تہ پوءِ تون پنهنجي پريشانين ۾ گم رهہ. انهن کي قبول ڪري وٺ..... تون اهو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين جيڪو ناممڪن آهي. تون ڪيڪ کائڻ بہ چاهين ٿو ۽ ان کي بچائي رکڻ بہ چاهين ٿو."

پوءِ هن مهارشي مهيش يوڳي ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو..... ڪيترن ئي ڏينهن تائين ٻيهر نہ آيو. هڪ ڏينهن اوچتو هڪ ٽرين ۾ اسان جي ملاقات ٿي وئي. مون هن کان پڇيو "تون ڪيترن ئي ڏينهن کان مون وٽ نہ پيو اچين ۽.

هن چيو: "توهان وٽ اچڻ جو ڪهڙو فائدو..... توهان تہ چئو ٿا سياست ڇڏي ڏي. توهان کان مهيش يوڳي وڌيڪ بهتر آهي. هو چوي ٿو تہ تون چاهي ڪير بہ هجين مان توکي وڌيڪ ڪارگر بڻائي ڇڏيندس..... تون هڪ سياستدان آهين؟ تون وڌيڪ بهتر سياستدان ٿي سگهين ٿو بس..... ٽي ايم ڪر."

هاڻ ٺيڪ آهي. بلڪل ٺيڪ آهي..... توهان کي ڪا شيءِ تبديل ناهي ڪرڻي بس رڳو ڪجهہ بيوقوفاڻيون ڳالهيون جو ورجاءُ ڪرڻو آهي..... بلہ..... بلہ..... بلہ..... ۽ بس. ويهہ منٽن تائين توهان کي ان کي ورجائڻو آهي ۽ چاهي توهان ڪٿي بہ هجو. توهان جي ان سان بهتر ڪارڪردگي يقيني آهي. ايستائين جو چور..... اسمگلر بہ ٽي ايم ڪري رهيا آهن..... اهڙيءَ طرح سياستدان بہ ٽي ايم ڪري رهيا آهن. اسمگلر سوچي ٿو هو ڪو ٽي ايم ڪندو آهي تہ ڪڏهن بہ گرفتار نہ ٿيندو ۽ وڌيڪ ڪارگر بڻجي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مراقبو ايترو سستو ناهي. مراقبو توهان جي هستيءَ جو مڪمل قلب ماهيت (ٽرانسفارميشن) آهي. ۽ ان لاءِ عظيم فهم و ادراڪ ۽ اعليٰ تر ذهانت گهربل آهي.

ٻڌ جا سوتر ان لاءِ آهن جيڪو حقيقتن ذهين آهي ۽ جيڪو حقيقتن ان مصيبت مان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪا انهن پنهنجي مٿان سوار ڪري رکي آهي. هيءَ رڳو انهن لاءِ جيڪي ڏکن ۽ تڪليفن جي ڦاهي مان پاڻ ڇڏائڻ چاهين ٿا هر حال ۾.....! اهو سڀ توهان تي آهي. سموري ڳالهه جو دارومدار توهان مٿان آهي..... توهان ئي ان کي جنم ڏنو آهي. هڪ ڀيرو اها ڳالهه سمجهي وڃو ته توهان ان کي ڪيئن جنم ڏنو آهي. اها ختم ٿي ويندي. ان جو سبب هيءَ آهي ته توهان ان کي وڌيڪ جنم ڏيڻ جي قابل نه رهندؤ.

مساڪيت پسندن سادگي واري زندگي کي تشددانه زندگيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهي سوچين ٿا ته جيترو وڌيڪ توهان پنهنجي جسم کي عذاب پهچائيندؤ اوترا وڌيڪ توهان روحاني بنجو ٿا. جسم کي ڏک، تڪليف ۽ ايذاءَ پهچائي ئي ماڻهو روحاني ٿي سگهي ٿو. اهو نظريو آهي مساڪيت پسندن جو..... انهن جي آهي اها سوچ.

جسم کي ايذاءَ پهچائڻ روحانيت ناهي. اهو ايذاءَ ته تشدد آهي. چاهي توهان ٻين کي ايذاءَ پهچايو يا پنهنجو پاڻ کي..... اهو تشدد آهي ۽ تشدد ڪڏهن به مذهب نه ٿو ٿي سگهي. ڪنهن ٻئي جي جسم کي ايذاءَ پهچائڻ ۾ خود پاڻ پنهنجي بدن کي تڪليف ڏيڻ ۾ ڪو فرق؟ ٻئي تي تشدد ڪيو..... يا پنهنجي جسم تي..... پر جسم به توهان لاءِ "ٻيو" آهي. بس توهان جو بدن توهان کي ڪجهه ويجهو آهي ۽ ٻئي جو جسم توهان کان ٿورو پري هوندو آهي ۽ بس. جيئن ته توهان کي پنهنجو بدن وڌيڪ ويجهو آهي ان ڪري ان کي ايذاءَ پهچائڻ توهان لاءِ سؤلو آهي. توهان ان تي تشدد ڪرڻ تي قادر هوندا آهيو..... ماڻهو هزارين سالن کان پنهنجي جسمن تي انهيءَ ڪوڙي تصور هيٺ تشدد ڪندا آيا آهن ته اُلوهيت تائين پهچ جو اهو ئي طريقو آهي.

ٻهريون سوال هيءَ آهي ته هستي توهان کي جسم ڇو عطا ڪيو آهي؟ اهو ان لاءِ توهان کي عطا ناهي ڪيو ويو ته توهان پنهنجي جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي تشدد ڪيو پر ان جي ابتڙ اهو توهان ڪي حساسيت ۽ حواسن سان گڏ مهيا ڪيو ويو آهي ته جيئن توهان ان مان لطف اندوز ٿيو نه ان لاءِ ته ان تي تشدد ڪيو.

هن توهان کي ايترو حساس ان لاءِ ناهيو آهي ته جيئن توهان وٽ حساسيت جي وسيلي آگهي عرفان پروان چڙهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي جسم تي تشدد ڪندؤ ته ان سان توهان بي حس بنجي ويندؤ. جيڪڏهن توهان ڪنڊن جي مٿان سمهڻ شروع ڪيو ته آهستي آهستي توهان بي حس ٿي ويندؤ. جسم ڪي بي حس ڪرڻو ئي پوندو نه ته توهان ڪنڊن جي تڪليف مسلسل ڪيئن برداشت ڪري سگهندؤ؟

جسم ان انداز سان مرده ٿي ويندو جو هو پنهنجي حساسيت وڃائي ڇڏيندو. جيڪڏهن توهان ٻرندڙ سج هيٺان مسلسل بيٺا هجو ته جسم آهستي آهستي بي حس ٿي سج جي تپش کي محسوس ڪرڻ ڇڏيندو جيڪڏهن توهان مسلسل هماليا جي برف پوش چوٽين تي رهندو ته آهستي آهستي توهان جو جسم ٿڌ جي احساس کي محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. اهو جسم هڪ مرده جسم ۾ تبديل ٿي ويندو.

حقيقت ۾ توهان کي هڪ مذهبي انسان ۾ تبديل ٿيڻ لاءِ "وڌيڪ" حساسيت جي ضرورت آهي گهٽ جي نه. ان جو سبب هيءُ آهي ته جيترو توهان وڌيڪ حساس ٿيندؤ اوترو وڌيڪ توهان اُلوهي هستي کي هر جاءِ تي ڏسڻ جا اهل بنجندؤ. حساسيت کي اک ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي. رسائي ۾ بدلجڻ گهرجي. جڏهن توهان مڪمل طور تي حساس ٿي ويندؤ ته صبا جو هلڪو جهونڪو به توهان کي ڇهي گذرندو ۽ توهان کي سڪون عطا ڪندو..... ايستائين جو هوا سان ڏڪندڙ هڪ ننڍڙو پن به توهان جي حساسيت جي ڪري هڪ غير معمولي مظهر ۾ تبديل ٿي ويندو. توهان هڪ ململ ڪن ڪر ڏانهن به ڏسندؤ ته اهو ڪوهه نور ۾ تبديل ٿي ويندو. ان جو انحصار توهان جي حساسيت تي آهي. جيڪڏهن توهان وڌيڪ حساس آهيو ته زندگي وڏي وڃي ٿي. جيڪڏهن توهان گهٽ حساس آهيو ته زندگي گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن توهان حساس ڪان سواءِ صفا ڪاٺ جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پر انهيءَ ڪوشش ۾ ٿوهانَ جا حواس سخت ٿي ويندا..... ڪنهن به شيءِ جي ڪوشش توهان کي سخت ٿاهي ڇڏي ٿي نرم گداز..... لچڪ گم ٿي ويندي آهي. تڏهن توهان ڪنهن بار جيان لچڪدار نه ٿا هجو. تڏهن توهان ڪنهن پوڙهي ماڻهو جيان غير لچڪدار بنجي ويندؤ. لائوتزو جو چوڻ آهي ته: "غير لچڪدار هجڻ موت آهي. لچڪدار هجڻ زندگي آهي." هڪ سادي زندگي پوڪيل غربت جي زندگي ناهي هوندي غربت کي پنهنجو مقصد نه بنايو. ان کي پوکيو ته رڳو ايترو سمجهو ته توهان جو ذهن ۽ جسم جيترو سادو ۽ وزن کان آجو هوندو اوترو ئي توهان اصل هستيءَ کي ويجهو ٿيو ٿا ۽ جيترو توهان گهٽ حساس هجو ٿا توهان هستيءَ کان تمام گهڻا پراهان هليا وڃو ٿا. جيترو وڌيڪ حساس هجو ٿا اوترو ئي ويجهو ۽ وڌيڪ ويجهو اچي وڃو ٿا. هڪ ڏينهن اهڙو ايندو آهي جو توهان عين پنهنجي وجود جي پاڙن تائين حساس ٿي وڃو ٿا ۽ اتي توهان نه هوندا آهيو پر رڳو حساسيت هوندي آهي. توهان ڪجهه به ناهيو هوندا رڳو آگهي هوندي آهي. تڏهن هر شيءِ خوبصورت ٿي ويندي آهي. هر هڪ شيءِ زنده ٿي ويندي آهي. ڪا به شيءِ مرده نه ٿي رهي. هر هڪ شيءِ شعورياب ٿي ويندي آهي. ڪا شيءِ زنده ناهي هوندي ڪا شيءِ مرده ناهي هوندي، هر هڪ شيءِ شعورياب هوندي آهي. ڪا به شيءِ بي شعور ناهي هوندي.

توهان جي حساسيت سبب دنيا تبديل ٿي ويندي آهي. ان آخري پل ۾ جڏهن توهان جي حساسيت پنهنجي تڪميل تي پهچي ٿي..... پنهنجي عروج تي پهچي ٿي..... ته دنيا گم ٿي وڃي ٿي..... بس اُلوهي هستي موجود هوندي آهي. حقيقت ته اها آهي ته اُلوهي هستي کي ناهي حاصل ڪرڻو..... حاصل ڪرڻو ته حساسيت کي آهي. ايترو مڪمل حساس ٿي وڃو جو پنيان ڪجهه به نه آهي ته اوچتو اُلوهي هستي موجود ٿي پوندي. اها ته هميشه کان اتي موجود هوندي آهي..... بس فرق اهو آهي ته توهان حساس ناهيو هوندا.

منهنجي خيال ۾ ته سادي زندگي بس سادي زندگي هوندي آهي..... آگهي جي زندگي. توهان کي نه ته ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ رهڻ جي ضرورت آهي، نه توهان کي اگهاڙپ اختيار ڪرڻ جي ضرورت..... توهان بس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

زندگي ۾ رهي سگهو ٿا. آگهي سان گڏ..... غربت گهٽ نه ايندي پر آگهي گهٽ ايندي. توهان غربت کي پنهنجو پاڻ تي جبري طور طاري ڪري سگهو ٿا. توهان گنده رهي سگهو ٿا. پر انهيءَ سان توهان کي ڪا مدد نه ملندي. وڏيڪ حساس، وڏيڪ ساده ٿي وڃو. سلجهيل ٿي وڃو ۽ جڏهن مان اهو ٿو چوان ته "ٿي وڃو" ته منهنجو مطلب اهو ناهي ته "ڪوشش ڪيو" منهنجو مطلب هوندو آهي ته ڄاڻو..... سمجهو..... واقف ٿيو. اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪيو ته جڏهن به توهان ساده هوندا آهيو ته شيون خوبصورت ٿيڻ لڳنديون آهن. جڏهن به توهان پيچيده ٿيندا آهيو ته شيون مسئلو پيدا ڪندڙ بڻجي پونديون آهن. توهان حل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڳجهارتون جوڙڻ لڳندا آهيو ۽ پوءِ وري هر شيءِ اُلجهي ويندي آهي.

ضرورتن جي پورائي سان گڏ سادي زندگي گذاريو..... خواهشن کانسواءِ توهان کي غذا جي ضرورت آهي. توهان کي ڪپڙن جي ضرورت آهي. توهان کي گهر جي ضرورت آهي..... ۽ بس..... توهان کي ڪنهن ماڻهو جي ضرورت آهي، جنهن سان محبت ڪيو..... توهان کي ڪنهن ماڻهو جي ضرورت آهي، جيڪو توهان سان محبت ڪري..... محبت، خوراڪ..... رهائش..... سادگي.

ماڻهوءَ کي ذڪيائي ڪهڙي آهي؟ ذڪيائي اها آهي جو هو سوچيندو آهي ته مزو وٺڻ لاءِ ان کان اڳ ڪجهه خاص شرطن جو پورائو ضروري آهي..... اها ئي ذڪيائي آهي. زندگيءَ مان حقيقت ۾ لطف وٺڻ لاءِ ڪنهن به شرط پوري ڪرڻ جي ضرورت ناهي اهو ته هڪ غير مشروط سڏ آهي پر انسان سوچيندو آهي ته پهرئين ڪجهه خاص شرطن کي پورو ڪرڻو پوندو. تڏهن ئي اها زندگي لطف اندوز ٿي سگهندي اها سوچ پيچيده ذهن جي آهي. ساده ذهن محسوس ڪندو آهي ته انسان کي جيڪو ڪجهه ميسر ۽ موجود آهي ان مان مزو ماڻڻو آهي. لطف اندوز ٿيڻ لاءِ ڪنهن شرط جو پورائو ضروري ڪونهي..... ۽ موجود پل ۾ جيترو توهان مزو ماڻيندؤ اوترو ئي وڌيڪ اينڊڙلمحو توهان کي لطف اندوز ڪندو.....

ياد رکو! اهليت پروان چڙهندي آهي. جيترو وڌيڪ اها ٿيندي اوترو اها بلند ٿيندي اها لامحدود هوندي آهي ۽ جڏهن توهان لطف


Scanned by CamScanner

اندوز ٿيڻ جي لامحدوديت تي پهچندؤ تہ توهان خدا کي ڳولي وٺو ٿا. خدا ڪو اهڙو ماڻهو ناهي جيڪو ڪٿي ويٺو آهي ۽ توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي. خدا ڪو شخص ناهي. اهو ڪو ٽارگيٽ/ نشان ناهي. اهو بس هلندڙ پل ۾ موجود آهي. اهو ئي زندگي مان لطف اندوز ٿيڻ جو طريقو آهي. خدا سواءِ ڪنهن سبب جي رحمت ياب هجڻ جو رجحان آهي. توهان سواءِ ڪنهن سبب جي ڏکايل آهيو. مصيبت زده آهيو..... اها ئي ذهن جي پيچيدگي آهي. هڪ سادو ماڻهو چاڻي ٿو تہ خوشي زندگيءَ جي فطرت آهي. خوش ٿيڻ لاءِ توهان کي ڪنهن سبب جي ضرورت ڪانهي. توهان سادي طور تي خوش ٿي سگهو ٿا ۽ ان جو سبب هيءُ آهي تہ توهان زنده هوندا آهيو..... زندگي خوشي آهي. زندگي رحمت آهي. پر اها رڳو سادي انسان لاءِ ممڪن هوندي آهي. هڪ اهڙو انسان جيڪو شين کي وڏائي ٿو. اهو هميشہ سوچي ٿو انهن شين سبب هو خوش ٿيندو. محل..... مال دولت..... مشينون..... هو سوچيندو آهي تہ انهن شين سبب هو گهٽيون خوشيون ماڻيندو. مسئلو دولت ناهي. مسئلو دولت کي ڳوليندڙ ماڻهن جي رجحان جو آهي. رجحان هيءُ آهي تہ: "جيستائين مان اهي سموريون شيون حاصل نہ ڪري وٺندس خوش نہ ٿيندس." اهڙو ماڻهو هميشہ ناخوش ئي رهندو آهي..... هڪ سادو ماڻهو چاڻي ٿو تہ زندگي ايتري سادي آهي جو نہ چاهي هن وٽ ڪجهہ نہ هجي هو خوش رهي سگهي ٿو.

هن کي ڪنهن بہ شيءِ جي خاطر زندگي جي ڪنهن بہ عمل کي معطل ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

سادگي جو مطلب آهي پنهنجي ضرورتن تي پورو لهو. خواهشون چرياڻپ هونديون آهن. ضرورتون فطري هونديون آهن. خوراڪ، رهائش، محبت..... پنهنجي زندگي جي سموري جي سموري توانائي کي بس ضرورتن تائين ڪٽي اچو. توهان خوش رهندؤ..... ۽ هڪ خوش انسان ئي مذهب هوندو آهي. هڪ ناخوش ماڻهو غير مذهب هوندو آهي..... ٿي سگهي ٿو ڪو عبادت ڪندو هجي. ٿي سگهي ٿو هو مندر يا ڪنهن عبادت گهر ۾ ويندو هجي..... پر ان جو ڪو لڳ لاڳاپو ناهي ڪو ناخوش ماڻهو پيلا دل سان ڪيئن ٿو عبادت ڪري سگهي. هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

عبادت ۾ داخلي طور تي هڪ گهري شيطانيت هوندي هڪ گهري بي اطميناني هوندي. عبادت تہ ممنونيت ۽ شڪرگذاري هوندي آهي شڪوه ۽ شڪايت نہ.

بس ياد رکو! جيترو توهان ملڪيت ڏانهن لاڙو رکندڙ هوندا آهيو اوترو توهان خوش گهٽ هوندؤ.....! جيترو گهٽ خوش هوندا آهيو اُلوهي هستي..... عبادت کان..... شڪر گذاريءَ کان اوترو ئي ڏوراهان ۽ پري هوندا آهيو.

ساده ٿي وڃو. ضرورتن سان گڏ جيئو. خواهشن کي وساري ڇڏيو. اُهي تہ ذهن جو فينٽسيون آهن. ڍنڍ ۾ ڪُـن جيان. اهي رڳو توهان کي پريشان ڪن ٿيون..... اُهي ڪڏهن بہ توهان کي اطمينان ۽ سڪون ڏانهن نہ ڪٺي اينديون.

لاذهني جي ڪيفيت ساڪن ۽ سامت هجڻ جي بلڪل مختلف هوندي آهي..... اهو تہ ذهن کان فاصلي تي هجڻ آهي. اهو توهان جي ۽ ذهن جي وچ ۾ فاصلو پيدا ڪندو آهي. ذهن ڪنهن ڏورانهين تاري ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. لکين نوري سالن جي فاصلي تي واقع ڪنهن تاري جيان. ۽ توهان رڳو هڪ تماشائي بنجي ويندا آهيو. جيستائين ذهن ساڪت ۽ سامت هوندو آهي تہ توهان ڪنٽرولر هوندا آهيو ۽ جڏهن ذهن هوندو ئي ناهي تہ توهان ڏسڻ وارا بنجي ويندا آهيو. اهي ٻئي نمايان فرق آهن.

جڏهن توهان ڪنهن شيءِ کي ڪنٽرول ڪري رهيا هوندا آهيو تہ توهان ٽينشن جا شڪار ٿي ويندا آهيو توهان ٽينشن کان پري ناهيو هوندا ڇاڪاڻ تہ جنهن شيءِ کي ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي اها توهان جي خلاف بغاوت لاءِ ڪوشش ۾ هوندي آهي جنهن کي غلام بنايو ويندو آهي اهو آزادي جي جدوجهد ڪندو آهي. توهان جو ذهن دير يا سوير ڦاٽي پوندو. ضبط ۽ دٻائڻ ۽ قابو ڪرڻ جو عمل ڌرم سيڪاريو آهي ۽ مذهب جي ڪوڙي تعليم سبب انسان هڪ انچ بہ ارتقا ناهي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سگهيو..... اهو جهنگلي آهي، ڪنهن به پل ماڻهو هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن انهن کي پاڻ وڃائڻ ۾ هڪ پل به نه لڳندو. اهي مڪمل طور تي وساري ڇڏيندا آهن ته پاڻ ڪي انسان آهن. ۽ انهن کان ان کان وڌيڪ بهتر ڪا شيءِ متوقع به ناهي. بس ڪجهه ئي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي انهيءَ قابو پائڻ جي فريب کان بچيل آهن ۽ يقين رکن ٿا ته انهن کي لاذهنيت حاصل ڪرڻي آهي.

لاذهن جي حاصلات جو عمل بلڪل مختلف هوندو آهي. مان انهيءَ کي حتمي ڪيميا جو نالو ڏيان ٿو ۽ اهو هڪ ئي عامل تي ٻڌل آهي..... جيڪو آهي، ڏسڻ.

گوتم ٻڌ هڪ وستيءَ مان گذري رهيو هو ته هڪ مک آئي ۽ ان جي پيشانيءَ تي ويهي رهي. هو پنهنجي ساٿي آنند سان ڳالهائي رهيو هو هن پنهنجي ڳالهه جاري رکي ۽ مک کي اڏائڻ لاءِ هٿ کي چرپر ڏني ته اوچتو هن کي اهو ادراڪ ٿيو ته هٿ جي اها حرڪت لاشعوري هئي مشيني هئي، جيئن ته هو شعوري طور تي آنند سان ڳالهائي رهيو هو ان لاءِ هٿ مک ڏانهن لاشعوري طور تي وڌيو هو هو ماٺ تي ويو. جڏهن ته ان وقت مک اتي ڪانه هئي هن ٻيهر هٿ کي شعوري طور چرپر ۾ آندو.

آنند چيو "هيءُ توهان ڇا پيا ڪيو؟ مک ته اڏري وئي."

گوتم ٻڌ چيو "مک ته اڏري وئي..... پر مان هڪ گناهه ڪري چڪو آهيان، جو مون هن کي لاشعوري طور تي اڏاريو آهي."

لفظ "گناهه" کي صحيح مفهوم ۾ رڳو گوتم ٻڌ ئي ادا ڪيو آهي. لفظ گناهه جي اصليت جيڪا آهي ان جو مطلب آهي وسارڻ، فراموش ڪرڻ، غير آگاهه هجڻ، شين کي مشيني طور استعمال ڪرڻ..... ۽ اسان جي سموري جي سموري زندگي تقريبن مشيني هوندي آهي اسان صبح کان وٺي شام تائين ڪم ڪندا آهيون پر روبوٽن جيان.....

جيڪو ماڻهو لاذهن جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ جو خواهشمند آهي ان کي رڳو هڪ شيءِ سکڻي پوندي..... رڳو هڪ قدم ۽ سفر مڪمل ٿي ويندو آهي. اهو هڪ قدم هيءُ آهي ته هر ڪم کي ڏسي وائسي ڪريو. توهان کي پنهنجي هٿ کي ڏسندي حرڪت ڏيڻي آهي توهان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پنهنجون اکيون ڏسندي کولڻيون آهن توهان کي هلڻو آهي قدم کڻڻو آهي سجاڳيءَ سان آگاهه ٿي ڪري، توهان کي کاڌو پيئڻو آهي يا ڪو ٻيو عمل ڪرڻو آهي پنهنجو پاڻ تي مشيني پڻ سوار ٿيڻ نه ڏيو. ڪو به ڪم مڪينيڪل انداز ۾ نه ڪيو. مرڪز ۾ پهچڻ جو قلب ماهيت حاصل ڪرڻ جو اهو ئي هڪڙو ڪيميائي راز آهي.

جيڪو ماڻهو هر ڪم مڪمل طور تي شعور سان گڏ ڪندو آهي اهو هڪ چمڪندڙ مظهر/ لقاءُ بنجي پوندو آهي. اهو مجسمئہ نور هوندو آهي..... ان جي سموري جي سموري زندگي خوشبوئن ۽ گلن سان پريل هوندي آهي. مشيني ماڻهو ڊارڪ هولز ۾ جيئندو آهي غليظ ڪڏن ۾ رهندو آهي. اهو نه ٿو ڄاڻي ته هيءَ دنيا ته نور آهي. هو دنيا ۾ ڪنهن انڌي جيان هوندو آهي. ڏسندڙ ماڻهو حقيقت ۾ اهو ماڻهو آهي جيڪو شعور جون اکيون رکي ٿو.

ٿورو پنهنجي ڏسڻ، مشاهدي ڪرڻ جي عمل ڏانهن ته نظر وجهو. اهو لامحدود آهي اڻ کٽ آهي. نه ان جو ڪو آغاز آهي نه انجام..... هيءُ صورت کان عاري هوندو آهي.

ذهن جو اهو ئي مطلق، ساڪت، سامت هجڻ ئي عين لاذهن آهي. اهو قابو پائڻ ناهي هوندو اهو ضبط ڪرڻ ناهي هوندو. اهو ائين ناهي هوندو ته توهان پنهنجو سمورو وزن ذهن تي وجهندا آهيو..... نه..... هيءَ ته اتي بس هوندو ئي ڪونهي، گهر خالي هوندو آهي نه ته ڪو قابو پائيندڙ هوندو آهي نه قابو ۾ اچڻ وارو. قابو پائڻ جا سمورا فڪر ڏسڻ ۾ تحليل ٿي ويندا آهن..... اهو ڏسڻ ڏاڍو وسيع هوندو آهي. جڏهن به توهان ان جو هڪ ڀيرو ٿورو به مزو چکي ورتو ته اهو ڪائنات جي سرحدن تائين ڦهلجندو ويندو آهي.

جڏهن به پراڻي عادت اوچتو اپري ته ان کي دٻائڻ لاءِ پنهنجو ذهن استعمال ڪيو اهڙي وقت ۾ بلڪل ائين هوندو آهي جڻ ڀرندڙ چلهي مٿان برف جو ٽڪڙو ڪري رهيو آهي.

اها توهان کي ياد ڪرائي ٿي توهان ڏسڻ جي رستي تي سفر ڪري رهيا هئا. ڪڏهن عادتون تازيون ٿي سگهن ٿيون پر فڪرمند نه ٿيو اهي ڀرندڙ ڳاڙهي چلهي مٿان برف جي ڳرڻ جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لفظن ۾ ڪنهن پيغام جي پهچ لاءِ واحد رستو ذهن ئي آهي. اهو اڪيلو موجود مڪينزم آهي پر منهنجو ذهن مڪمل طور تي خاموش آهي. اتي ڪابه ذهني سرگرمي ناهي. مان نه سوچي رهيو آهيان نه مان ڇا چوندس. مان نٿو سوچيان ته مان ڇا چئي چڪو آهيان. مان ته بس ڳالهائي رهيو آهيا. ذهن کي استعمال ڪرڻ کان سواءِ

اهو ائين آهي جيئن توهان جبلن ۾ ويندا آهيو ۽ وڏا سڏ ڪندا آهيو ۽ جبل پڙاڏن سان گونجي پوندو آهي ۽ ان وقت جبل ڪابه ذهني سرگرمي ناهن ڪري رهيا هوندا. اهي ته بس گونجندا آهن. اهو هڪ انوکو تجربو هوندو آهي، جڏهن توهان ذهن کي ڪنهن ذهني سرگرمي کانسواءِ استعمال ڪرڻ تي قادر ٿي وڃو............ذهن کي ذهن کان سواءِ استعمال ڪرڻ جي هميشه فعال پر غير موجود.

مان پنهنجي ننڍپڻ کان، ماڻ سان محبت ڪندو آيو آهيان جيتري قدر ممڪن هوندو آهي مان خاموش ويٺو هوندو آهيان. فطري طور تي منهنجي خاندان وارا سوچيندا هئا ته مان بيڪار ۽ ناڪارا ٿي ويندس......... اهي صحيح هئا.مان سچ ناڪارا نڪتس، پر مان انهيءَ تي نادم يا شرمندا ناهيان.

ڪڏهن اهڙو مرحلو به آيو جو مان گهر ۾ چپ ويٺو آهيان ۽ منهنجي ماءُ مون وٽ اچي چوندي هئي، "سموري گهر ۾ ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو آهي ئي ڪونه.مون کي ڪنهن جي ضرورت هئي جو بازار مان سبزي وٺي اچي." مان بلڪل ان جي سامهون هوندو هئس ۽ چوندو هئس " جيڪڏهن مون ڪنهن کي ڏٺو ته ان کي چئي ٿو ڇڏيان."

اهو گهروارن تسليم ڪري ڇڏيو ته منهنجي موجودگي جو مطلب ڪجهه به ناهي، پل پوءِ مان اتي هجان يا نه هجان. مان ڪابه اهميت نه رکندو هئس، انهن هڪ ٻه ڀيرا مونکي سرگرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوءِ محسوس ڪيائون ته اهو ئي بهتر آهي ته هن کي هن جي حال تي ڇڏي ڏجي ۽ هن جي ڪابه پرواهه نه ڪجي.اهو ان لاءِ به ٿيو جو انهن هڪ ٻه ڀيرا مونکي ڀاڄي آڻڻ لاءِ چيو مان بازار ويو هئس ۽ موٽي اچي چوندو هئس مون کان ڀاڄي وٺڻ وسري وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پوءِ منهنجي ماءُ چوندي هئي. ان ۾ ڏوهہ تنهنجو ناهي، ڏوهہ اسانجو آهي جو توکي بازار موڪليوسين پر تون ويو ڪيڏانهن هئين مان چوندو هئس، جيئن ئي مان گهر کان ٻاهر نڪتس هڪ ٻڌ جو وڻ هو اهڙي قسم جو وڻ جنهن جي هيٺان گوتم ٻڌ کي گيان مليو ۽ مان اتي ويهي رهيس.

منهنجي مائٽن ڪافي مايوسيءَ کان پوءِ اهو سوچيو بهتر اهو آهي تہ هن کي پريشان نہ ڪجي ۽ ان کانپوءِ مان ڏاڍو خوش ٿيس تہ انهن ان حقيقت کي تسليم ڪري ورتو هو تہ جڻ مان اتي موجود هوندي بہ ناموجود هئس ۽ ان ڳالهہ مونکي حيرت ناڪ آزادي عطا ڪئي. ڪوبہ ماڻهو هاڻ مون ڏانهن ڪنهن بہ شيءِ جي توقع نہ ڪندو هو.

جڏهن بہ ڪو ماڻهو توهان مان ڪنهن شيءِ جي توقع نہ رکي تہ توهان هڪ عظيم ماڻار ۾ پهچي ويجو ٿا..........دنيا اهو تسليم ڪري وٺندي آهي تہ هاڻ هتي توهان لاءِ ڪابہ توقع ناهي رهي ۽ جڏهن بہ مان دير سان گهر ايندو هئس تہ مونکي مختلف جاين تي ڳوليو ويندو هو ۽ منهنجي جاءِ پناهہ هوندي هئي ٻڌ جو وڻ. اهي منهنجي ڳولا ٻڌ جي وڻ جي هيٺان کان شروع ڪندا هئا. .........جڏهن تہ هاڻ مون وڻ جي مٿان ويهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. اهي هيٺ ايندا هئا. هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڦيرائي چوندا هئا."هي هتي ڏسڻ ۾ تہ نہ پيو اچي."

مان پاڻ بہ ڇاڻندو هئس ۽ چوندو هئس "ها اهو سچ آهي مان هتي ناهيان"

پر وري مونکي جلد ئي ڳولي لڌائون. هڪ ڏينهن ڪنهن مونکي وڻ تي چڙهندي ڏسي ورتو ۽ ان کين ٻڌايو"هو تہ توهان کي دوکو ڏيندو رهي ٿو هو تہ هميشہ اتي ئي هوندو آهي ۽ گهڻو وقت تہ وڻ جي مٿان ويٺو هوندو آهي."

ان کان پوءِ مان ٿورو اڳتي وڌي ويس. ڪجهہ مفاصلي تي مسلمانن جو قبرستان هوندو هو.........ماڻهو عام طور تي قبرستانن ڏانهن ناهن ويندا. هر ماڻهوءَ کي زندگي ۾ هڪ ڀيرو قبرستان ڏانهن ضرور وڃڻو آهي پر ان هڪ پل کان اڳ ۾ ڪوبہ قبرستان وڃڻ پسند نہ ٿو ڪري ۽ قبرستان کان وڌيڪ ماٺ پري ڪابہ جاءِ ناهي ڇاڪاڻ تہ مردا ڳالهائيندا ناهن. اهي ڪوبہ هنگامو ناهن ڪڙو ڪندا. اهي غير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# محبت مستقل ناهي هوندي

محبت واحد ڌرم آهي، واحد ديوتا آهي، واحد اسرار آهي، جنهن کي جيئڻ گهرجي، جنهن کي سمجهڻ گهرجي.

جڏهن توهان محبت کي سمجهي وٺندؤ تہ دنيا جا سمورا راز سمجهي ويندؤ!

هيءَ ڪا ڳجهارت ناهي. هيءَ ايترو سادو آهي جيترو توهان جي دل جي ڌڙڪن، جيترو توهان جو ساهہ کڻڻ..... اها توهان سان گڏ ايندي آهي. سماج جي ڏنل ناهي هوندي ۽ اهو ئي نقطو آهي جنهن تي مان زور ڏيڻ جو خواهان آهيان. محبت پيدائشي طور تي توهان سان گڏ ايندي آهي..... پر ائين پروان چڙهڻ ڪانسواءِ رهندي آهي جيئن هر شيءِ غير ترقي يافتہ هوندي آهي. پر ٻار کي تہ واڌ ويجهہ ڪرڻي آهي.

سماج انهيءَ خلا جو فائدو وٺندو آهي ٻار جي محبت پروان چڙهڻ ۾ وقت وٺندي آهي ان لاءِ سماج ٻار جي ذهن ۾ محبت جي باري ۾ ڪوڙا تصور ڏيڻ شروع ڪندو آهي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ توهان لفظ "محبت" کي ڳولڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهيو. پر توهان گند سان ايترو تہ ڍڪجي چڪا هوندا آهيو تہ ان ڳالهہ جي ڪا گهٽي اميد ناهي هوندي تہ توهان ان کي حاصل ڪري سگهندؤ ۽ ڪوڙ کان نجات حاصل ڪري وٺندؤ.

مثال طور هر ٻار کي هر جاءِ تي هڪ هزار هڪ طريقن سان اهو ٻڌايو ويندو آهي تہ محبت ابدي هوندي آهي. جڏهن هڪ ڀيرو ڪنهن سان توهان محبت ڪيو تہ پوءِ هميشہ ان سان محبت ڪندا رهو. جيڪڏهن توهان ڪنهن سان محبت ڪيو ٿا ۽ پوءِ محسوس ڪيو ٿا تہ توهان کي محبت ڪانهي..... اهو نهايت خطرناڪ تصور آهي. اهو توهان کي هڪ مستقل محبت جو تصور ڏئي رهيو آهي. زندگيءَ ۾ ڪا بہ شيءِ مستقل ناهي هوندي گل صبح جي وقت ٽڙندا آهن ۽ شام جو مرجهائجي ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

جي محبت ڪجهه بلوغت حاصل ڪري ورتي ۽ جڏهن توهان وري پوڙها ٿي ويئو ته محبت جو ذائقو ڪجهه مختلف هوندو آهي. محبت تبديليءَ مان گذرندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن محبت کي تبديل ٿيڻ لاءِ رڳو هڪ موقعو گهربل هوندو آهي. هڪ صحتمند سماج ۾ ائين ممڪن هوندو..... پوءِ به توهان جو ڪنهن سان ڪو ناتو متاثر نه ٿيندو. هڪ سماج ۾ اهو ممڪن آهي ته زندگي ۾ ڪيترائي ڀيرا توهان پنهنجو محبوب تبديل ڪري سگهو. ان ۾ ڪو حرج ڪونهي حقيقت ۾ زندگي ۾ ڪيترائي ڀيرا محبوب تبديل ڪرڻ سبب توهان مالامال ٿي ويندؤ. جيڪڏهن سموري دنيا محبت جي تبديلي کي سمجهي وٺي. مان جيڪو سمجهائڻ چاهيان ٿو ته سموري دنيا مالامال ٿي ويندي، پر هڪ غلط تصور سموري امڪان کي تباهه ڪري چڪو آهي. جنهن پل توهان جي ساٿي رڳو ڪنهن ٻئي طرف ڏسي ٿي ۽ ان جي اکين ۾ ڪا ڪشش نظر اچي ٿي ته توهان کي عجيب لڳندو آهي..... توهان کي هيءَ ڳالهه سمجهڻي پوندي ته جڏهن مرد فلمي اداڪارائن ۾ دلچسپي وٺي سگهي ٿو رستي ويندي ڪا عورت هن کي وڻي سگهي ٿي ته پوءِ توهان پنهنجي ساٿياڻيءَ کان ڇو ٿا اهو چاهيو ته هوءَ ڪنهن ۾ دلچسپي نه وٺي. سواءِ توهان جي..... توهان انسان جي نفسيات کي نه ٿا سمجهو..... جيڪڏهن ڪو مرد/عورت مووي وارن يا رستي ويندڙ عورت/مرد ۾ دلچسپي نه وٺندا ته پوءِ توهان ۾ هن لاءِ ڪهڙي ڪشش رهندي مرد جي عورتن ۾ دلچسپي ۽ عورتن جي مرد ۾ دلچسپي..... اها ئي ته ضمانت آهي ته توهان جي محبت هميشه..... مسلسل جاري رهندي.....!

اسان بلڪل ان جي ابتڙ ڪري رهيا آهيون. مرد ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ان جي زال ڪنهن ٻئي مرد ۾ دلچسپي نه وٺي ۽ هو رڳو پاڻ ئي سندس توجهه جو مرڪز رهن ۽ عورت به اهو ئي چاهيندي آهي ته مرد جو سمورو ارتڪاز هن ڏانهن رهي. هڪ ماڻهو ڏانهن توجهه توهان کي چرپائپ ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

هڪ هلڪي ڦلڪي زندگيءَ لاءِ خوشين ڀري زندگيءَ لاءِ لچڪدار هجڻ جي ضرورت آهي. توهان کي ذهن ۾ رکڻو پوندو ته آزادي سڀ کان قيمتي شيءِ آهي. جيڪڏهن محبت توهان کي آزادي نه ٿي ڏئي ته اها محبت ناهي هوندي آزادي هڪ ماپو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪنهن به شيءِ کي روڪي نه ٿو سگهجي. اڄ صبح جو مان توهان سان محبت ڪيان ٿو..... ڪير ٿو ڄاڻي ته ايندڙ صبح ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ پر توهان محبت کي روڪڻ پسند ڪندؤ. جهڙي اڄ صبح آهي اهڙي سياڻي به هجي. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ سان توهان چنبڙيل آهيو ان کي روڪيو ٿا ته توهان مرده آهيو ايندڙ ڏينهن لاءِ ڪير به ڪجهه به نه ٿو چئي سگهي..... اڻ ڄاتل غير متوقع. توهان رڳو تڏهن ئي توقع رکي سگهو ٿا جڏهن شيون مستقل هجن. جڏهن ڪا شيءِ مستقل ئي ناهي ته پوءِ توقع ڇا جي؟ جڏهن هتي ڪا توقع ئي ناهي. ڇاڪاڻ ته شيون تبديل ٿي رهيون آهن توقع پريشاني پيدا ڪري ٿي، جي توهان وٽ ڪا توقع ئي نه هوندي ته پريشاني نه هوندي. توهان ان لاءِ توقع رکندا آهيو جو توهان سوچيندا آهيو ته شيون مستقل آهن، ڪا به شئي مستقل ناهي.

اسان هڪ دريا ۾ ٻئي ڀيرو لهون ٿا ۽ نه به لهون ٿا.

رڳو ظاهر ساڳيو هوندو آهي..... درياءَ جو به ۽ توهان جو به.

توهان هڪ ئي درياءَ ۾ ٻه ڀيرا نه ٿا لهي سگهو.

ان جو سبب هيءُ آهي ته درياءَ ڪڏهن به ساڳيو نه هوندو ۽ توهان ڪڏهن به ٻيهر ساڳيا نه هوندا. اهو ئي سبب آهي جو هر لمحو هر پل منفرد هوندو آهي. ڪنهن ماڻ ماپي ڪانَ مٿانهون، اهو نه ڪڏهن رهيو آهي نه ڪڏهن ايندو.

جيڪڏهن توهان هڪ چنبڙندڙ ۽ ملڪيت پسند ذهن رکو ٿا ۽ ڪا شئي مستقل طور ڳولي رهيا آهيو ته توهان تازگي وڃائي ويهندو. ٿورو سوچيو جيڪڏهن توهان هڪ مستقل ذات رکو ٿا ته اها ذات پٿر جهڙي هوندي پر ايستائين جو جبل به فنا ٿيندا رهن ٿا. پر ذات ڪنهن گل جهڙي نه هوندي جيڪڏهن توهان هڪ مستقل ذات رکو ٿا ۽ شيون جيڪڏهن هڪ مستقل ذات رکن ٿيون ته پوءِ سموري هستي هڪ بي ڪيفي (بوريت) جو شڪار ٿيندي خوشين جو ميلو نه ٿي سگهندو.

خوشي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن هر پل ڪا نئين شيءِ ڪٿي اچي. جيڪڏهن هر پل توهان تائين اڻ ڄاتل جهان ڪان ڪا شيءِ آئي ٿي جيڪڏهن هر پل اڻ ڄاتل کي ڄاتل ۾ تبديل ڪري ٿو ته هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خوشي، هڪ مسرت توهان جي منتظر هوندي ۽ تڏهن زندگي اڻ ڇاتل ڏانهن مسلسل سفر هوندي ڪا به شئي توهان کي پريشان نه ٿي ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته توهان ڪا توقع ئي نه ٿا رکي سگهو.

دنيا ۾ ايتري گهڻي پريشاني ڇو آهي؟..... ان جو سبب هي ئي آهي ته هر ماڻهو استقلال (پرميننس) چاهي ٿو. پر ثبات شين جي فطرت ۾ آهي ئي ڪونه. ان حوالي سان ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي. توهان کي اڳتي وڌڻو پوندو ۽ بقا جي تصور کي ترڪ ڪرڻو پوندو. لوس پٽرن جيان نه ٿيو پر گلن جهڙا نازڪ ۽ نفيس بڻجو. توهان جو "برهما" رڳو هڪ پٿر آهي. هيگل ۽ شنڪر جو "مطلق، هڪ لوس پٿر آهي پر ٻڌ جو "نرواڻ" هراقليطس جو "فهم" هڪ نازڪ گل جيان آهي تبديل ٿيندڙ تغير آشنا ان مان لطف اندوز ٿيو جيستائين اهو آهي ۽ وڌيڪ جي طلب نه ڪيو.

توهان محبت ڪري رهيا آهيو..... خوشي ملهايو جيستائين اتي موجود آهيو ڪو به مستقل انتظام ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. نه ته توهان سمورو وقت انتظام ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندو ۽ جڏهن انتظام ٿي چڪو هوندو ته محبت جو گل به مرجهائجي چڪو هوندو ۽ جڏهن توهان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ تيار هوندو ته وقت نڪري چڪو هوندو ۽ ڪو به ماڻهو گذريل وقت کي واپس نه ٿو آڻي سگهي. هوڏانهن ڪا به واپسي ڪانهي. درياءَ ته بس اڳتي ئي اڳتي وڌندو رهي ٿو.

ٿورو غور ته ڪيو هندو ۽ جين مذهب وارا "موڪش" جي تصور جا مالڪ آهن يعني شعور جي اها حالت جنهن ۾ ڪا به شيءِ تبديل ناهي ٿيندي. رڳو هڪ پل لاءِ سوچيو ڪا شيءِ تبديل نه ٿي ٿئي ۽ ماڻهو گيان حاصل ڪري وٺن ٿا. جين ۽ هندوئن موجب اهي ان مطلق طور تي مستقل موڪش ۾ رهن ٿا. ڪا به شيءِ تبديل نه ٿي ٿئي بهر حال اها هڪ مطلق بي ڪيفي (بوريت) هوندي توهان ان ۾ بهتري پيدا نه ٿا ڪري سگهو. اها مطلق آئسوليٽ هوندي. توهان ان کان وڌيڪ بي ڪيفي پيدا ڪرڻ واري شئي جو سوچي به نه ٿا سگهو..... نه..... هيراقليطس، ٻڌ ۽ لائوتزو وٽ ته هستي پٿر جهڙي نه پر روح جهڙي تبديل ٿيندڙ هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪيو.......... ڪميون هر شيءِ جي ايتري گهٽي تعداد ۾ پيدا ڪندو جو ڪوبہ ماڻهو ڪنهن شيءِ جو ذخيرو ڪرڻ بابت سوچي بہ نہ سگهندو.........ان جو سبب ڪهڙو هوندو؟ ان جو سبب هي هوندو تہ هر وقت هر شيءِ تازي موجود هوندي.

پئسي کي سماج مان ختم ڪرڻو پوندو.

ڪميون پئسي جي ضرورت ناهي..........توهان جون ضرورتون سماج کي پوريون ڪرڻيون پونديون. سمورن ماڻهن کي سماجي پيداوار ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻو پوندو. هر ماڻهوءَ کي سماج کي امير بڻائڻو پوندو..........ان حقيقت کي مڃيندي تہ هڪ اڌ ماڻهو ڪاهل، سست هوندا پر ان ۾ ڪو حرج ڪونهي!

هر خاندان ۾ توهان کي هڪ نہ هڪ ماڻهو سست ملندو ڪو شاعر هوندو آهي، ڪو مصور هوندو آهي، ڪو بانسري وڄائيندو آهي.......... پر توهان انهن سان محبت ڪندا آهيو..........ڪاهلن جي هڪ خاص تعداد کي قبول ڪيو ويندو. حقيقت ۾ اهڙو سماج جنهن ۾ ڪاهل ماڻهو نہ هجن انهن ٻين سماجن کان گهٽ امير هوندو جنهن ۾ اهڙي سستي جا مالڪ ماڻهو موجود هجن. جيڪي مراقبي ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهن. اهڙا ماڻهو جيڪي ڪجهہ نہ ڪن رڳو گٽار وڄائيندا رهن، جڏهن تہ ٻيا محنت ۾ رت ۽ پگهر وهائي رهيا هجن. ٿورو انساني همدردي جي ضرورت آهي، اهڙا ماڻهو بہ بي فائده ناهن هوندا. ٿي سگهي ٿو اهي شين کي پيدا ڪندڙ نہ هجن پر اهي هڪ مسرور ۽ خوشگوار ماحول پيدا ڪري رهيا هوندا آهن. انهن جو حصو بہ باطني ۽ اهم هوندو آهي.

شين جي متاسنا واري سماج ۾ پئسي جي اهميت بلڪل ختم ٿي ويندي ڏوهہ گهٽجي ويندا، جيئن ئي مذهب گم ٿي ويندا اهي پنهنجي جبلي وهمن ۽ اخلاقيات سبب زنا، چوري، هم جنس پرستي جا ڏوهہ ڪن ٿا پوءِ سماج ۾ ايڊز ۽ ڪينسر جهڙا لاعلاج مرض جنم وٺن ٿا پر جيڪڏهن هر بار حيات جي احترام سان گڏ واڌ ويجهہ حاصل ڪري..........هن جي دل ۾ وڻن جو..........جانورن جو..........قدرتي ماحول جو احترام هجي..........تہ ڇا اهڙو بار ڪڏهن انسان جي لاءِ نقصانڪار بڻجي سگهي ٿو؟ ڇا ممڪن آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جيڪڏهن زندگي خوشحال ۽ رقص موسيقي سان ڀرپور هجي ته ڇا توهان تصور ڪري سگهو ٿا ته ڪو ماڻهو آپگهات جي خواهش ڪندو..........؟ نوي سيڪڙو ڏوهه پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندا. رڳو ڏهه سيڪڙو ڏوهاري هوندا جيڪي جينياتي (جينيٽيڪل) هوندا، جن کي علاج جي ضرورت هوندي پوءِ جيلن جي، قيدخانن جي، موت جي سزا ڏيندڙ جلادن جي ضرورت نه هوندي اهو سڀ ته غلط آهي، غير انساني آهي، چريائپ آهي.

نئون ڪميون، نئون سماج، نئون انسان ڪنهن قانون کانسواءِ برقرار رهي سگهي ٿو..........محبت ڪرڻ جو قانون هوندو، مفاهمت ان جو نظام هوندو.

هر مشڪل حالت ۾ سائنس ان جي آخري ڪوشش هوندي.

زمين ۾ سموري فضا تباهه ۽ برباد ٿي رهي آهي پر زندگي الڳ ٿلڳ جزيره جيان برقرار نه رهندي آهي، نه ئي ڪو انسان جزيرو آهي، هر شيءِ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي.

توهان ٻه لفظ ٻڌا هوندا..........آڏار ۽ آزادي.......... ٻئي لفظ غير حقيقي آهن، حقيقت هيءَ آهي ته گڏيل آڌار..........اسان سڀ هڪ ٻئي تي تمام گهڻو آڌار رکون ٿا..........هڪ ٻئي کان سواءِ نه ٿا رهي سگهون. نه رڳو انسان ٻئي انسان سان لاڳاپيل آهي پر قومون قومن سان ۽ وڻن ٽوڙي جانورن سان به ماڻهو لاڳاپيل آهي. مناسب ماحول کانسواءِ زندگي زنده نه ٿي رهي سگهي. هر..........هر شيءِ هڪ ٻئي تي آڌار رکي ٿي..........!ڪا به شيءِ پنهنجي ماحول کان الڳ ناهي، نه ته توهان وڻن کانسواءِ رهي سگهو ٿا نه ئي وڻ توهان کانسواءِ رهي سگهن ٿا.

پر هاڻ انتهائي دير ٿي چڪي آهي، ماڻهو وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيلن ۽ وڻن جو صفايو ڪري رهيو آهي، ماحولياتي گدلاڻ اوزون تهه کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

ڏينهون ڏينهن گرمي پد وڌي رهيو آهي، هماليا جي جبلن تان برف تيزيءَ سان ڳرڻ شروع ڪيو آهي. انساني آبادي ايترو ته وڌي وئي آهي جو هاڻ دنيا ۾ پاڻيءَ تان به جنگيون لڳڻ جو امڪان آهي، دنيا جا اڌ کان وڌيڪ سائنسدان رڳو جنگي مواد ۽ انساني تباهه جو بارود تيار ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

دنيا ۾ ڏهه ملين ماڻهو ايڊز جو شڪار آهن..........جن جو ڪو علاج ممڪن ڪونهي. حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي ته انسان پاڻ پنهنجي تباهيءَ جو ايترو ته سامان پيدا ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻ موت هر طرف کان زمين تي وارد ٿي رهيو آهي. منهنجو مقصد هيءَ آهي ته زمين عالمي تباهيءَ جو شڪار ٿي رهي آهي. جڏهن ته هر ملڪ پنهنجي طور تي زمين کي تباهيءَ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. مان ڌرتيءَ کي تباهي کان بچائڻ هڪ وڏو چئلينج سمجهان ٿو..........جيئن ته انسان جو مسئلو عالمي آهي. ماڻهو جا مسئلا قومي يا علاقائي نه پر عالمي آهن..........ان ڪري هاڻ هيءَ موقعو آهي جو قومي ۽ ملڪي سرحدون ختم ٿيڻ گهرجن ۽ سموري دنيا ۾ هڪ عالمي حڪومت قائم ٿيڻ گهرجي. اهڙي عالمي حڪومت جنهن جو آئين محنت هجي..........جنهن جو قانون محبت هجي..........جتي رڳو ۽ رڳو محبت جي حڪمراني هجي.

جيڪو ماڻهو به منافق سماج ۾ پروان چڙهيو آهي، اهو ڇڻ مڪمل جمود جو شڪار آهي، محبت سماج کان وڃائجي وئي آهي. گل مرجهائجي ويا آهن..........پکين ڳائڻ ڇڏي ڏنو آهي..........ستارا اُجهامي ويا آهن..........منافق سماج توهان کي پنهنجو اصل چهرو لڪائڻ جي تربيت ڏئي ٿو. ان جي سموري تربيت اها آهي ته نقاب پائي ڇڏيو..........اهڙا نقاب جيڪي ماڻهن کي پسند اچن..........اهڙا نقاب جن جي ماڻهو تعريف ۽ ساراهه ڪن.......... سماج توهان جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهاري ٿو ته هميشه بين ماڻهن جي تصورن تي هلڻ سکو.

محبت منافق ناهي هوندي..........اها بين ماڻهن جي تصورن مطابق هلڻ ۽ ٺهڻ وارن ماڻهن جي دلين ۾ آکيرو ناهي جوڙيندي.......... انهن جي وجود جو ساز ۽ سر ناهي بنجندي..........!

لکين هزارين سالن کان اسان جي زندگي جو مڪمل سانچو تال ميل (ايڊجسٽمينٽ) جو رهيو آهي. مفاهمت..........سمجهوتن (ڪمپرومائيز) جو رهيو آهي، پر ناهه.......... مفاهمت ڪنهن سان؟ هڪ گهٽائيءَ سان.......... هجوم سان..........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جنهن ۾ هرڪو ڪمپرومائيز ڪري رهيو آهي. جتي ڪوبہ حقيقت کي منهن نہ ٿو ڏئي، هرڪو سچ کان لڪي رهيو آهي. هرڪو حقيقت کان خوفزده آهي، ڇاڪاڻ تہ صفا شروعات کان ان کي ڀڄايو ويو آهي تہ توکي پنهنجو پاڻ برقرار رکڻ وارو طريقو قبول نہ ڪيو ويندو، سماج کي فرد جي انفراديت قبول ناهي هوندي

توهان کي مهذب ٿيڻو پوندو، ان جو مطلب آهي سمورن تصورن، تڪلفن، ادب، آداب سان گڏ جيئڻو پوندو، توهان کي سماج ۾ هلندڙ ڊرامي جو اداڪار ٿيڻو پوندو.......... بهترين اداڪاري ڪرڻي پوندي.......... ڪڏهن بہ پنهنجي حقيقت کي ظاهر نہ ڪوي، ڪڏهن بہ عريان.......... ظاهر نہ ٿيو، پنهنجو پاڻ کي لڪايو،ٻهرين ٻين کان "آخر ۾ پنهنجو پاڻ کان بہ لڪو، پاڻ کي جبرن اهڙي اونداهہ ۾ .......... اهڙي تاريڪي ۾ ڪٽي وڃو جو توهان پنهنجي پاڻ کي بہ ڳولهي نہ سگهو تہ آخر توهان ڇا آهيو؟

انهي ستر پوشي کي رڳو پنهنجو ذاتي مسئلو نہ سمجهو پر اهو اسان جو سماجي مسئلو بہ آهي.اسان ٻين جي تصورن موجب پاڻ کي تبديل ڪري رهيا آهيون" پنهنجي شخصيت مٿان ليپو ڏئي رهيا آهيون.......... مسلسل بهروپ اختيار ڪري رهيا آهيون، رڳو ان ڪري تہ صدين کان انسان انهن تصورن مطابق جيئندو اچي ٿو."

جيترو ڏگهو عرصو ڪو تصور موجود هوندو آهي، اوترو اهو قابل قدر بنجي ويندو آهي.......... جيترو گهڻو هو ڳري سڙي ويندو آهي.......... جيترو گهڻو هو مرده ٿي ويندو آهي، اوترو وڌيڪ هو احترام جي قابل بنجي ويندو آهي.

انهن مروج تصورن خلاف ڳالهائڻ، عمل ڪرڻ بغاوت هوندي آهي.......... توهان جا والدين، توهان جا استاد.......... توهان جا مذهبي پيشوا.......... هر ماڻهو.......... توهان کي اهو ئي ڀڄائيندو رهيو آهي.

"پاڻ کي اهميت نہ ڏيو........ پاڻ کي پري رکو........ ڪامل منافق بنجي وڃو........ توهان جي زندگي ڪامياب زندگي بنجي ويندي "

مختصر هيءَ تہ خواهشن جي گهٽائي، ڪاميابيءَ جي تمنا..... انا جي تسڪين لاءِ توهان کي خاص ڍانچي ۾ بند ڪيو ويو وڃي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪليل جهان ۽ نڪري اچو.... پوءِ پل اتين ڪرڻ سموري دنيا جي خلاف بيو نہ هجي.... پنهنجي حقيقي زندگي پنهنجي صحيح سوچ.... ۽ پنهنجي حقيقي وجود مان لطف اندوز ٿيو سچ سان مهاڏو نہ اٽڪايو حقيقت کي تسليم ڪيو محبت ئي سچو ڌرم آهي بغاوت ئي حقيقي راهہ آهي

منهنجي نظر ۾ بغاوت ۽ محبت.... اهو ئي ڌرم آهي

هي! سمورا پوپ، بادشاهہ، رائيون.... صدر.... جيڪڏهن توهان انهن جي اندر کان واقف هجو تہ ڪڏهن بہ انهن کان ايوارڊ وصول نہ ڪيو.... توهان ان کي پنهنجي تذليل سمجهو توهان کي رڳو هڪ لاشخص / نوبادي بڻجڻو آهي. پوءِ توهان دنيا کان پنهنجو پاڻ کان.... فطرت کان آسوده ۽ مطمئن رهندؤ مڪمل معصوميت سان زندگيءَ جو مزو ۽ لطف ماڻي سگهندؤ. مڪمل باغي بڻجي وڃو. مڪمل محبت ڪندڙ بڻجي وڃو. پنهنجي انفراديت ۾ گم ٿي وڃو. ٻين کان بي نياز ٿي وڃو.... رڳو محبت جي حڪمراني قبول ڪندڙ بڻجي پئو.... اهڙا باغي جيڪي محبت کانسواءِ باقي هر قانون کان باغي هوندا آهن.....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned by CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book